آخري پنا

آتم ڪٿا

هري موٽواڻي "سنڌي"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آخري پنا

(انساني رشتن جو دستاويز)

هري موٽواڻي "سنڌي"

سنڌي ساهت گهر- حيدرآباد، سنڌ.

١٩٩٧ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمورا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: آخري پنا
موضوع: آتم ڪهاڻي
ليکڪ: هري موٽواڻي "سنڌي"
ڇاپو پهريون: جنوري ١٩٩٧ع (هند ۾)
ڇاپو ٻيو: (سنڌ ۾ پهريون- ڊسمبر ١٩٩٧ع)
ڪيليگرافي: موهن لال مکواڻا
ٽائيٽل ڊزائين: موتي لال
ڪمپوزنگ: ناز ڪمپيوٽر اڪيڊمي،
آفيس نمبر 18، سيڪنڊ فلور،
شيلٽر ڪينٽ شاپنگ مال
ڪينٽونمينٽ، حيدرآباد، سنڌ.
فون: 784350

قيمت: =/100
(هڪ سؤ روپيا فقط)

سنڌي ساهت گهر، ڪتاب نمبر (103)

Aakhri Panna (An Autobiography)

By: Hari Motwani 'Sindhi'.
1st. Edition: January. 1997 (India)
2nd. Edition: Dec. 1997 (Sindh)
Published by: Naz Sanai.
Sindhi Sahat Ghar
Office No. 18, Second Floor Shelter Cantt.
Shopping Mall, Cantonment, Hyderabad Sindh.
Book No. 103,
Price Per Copy: Rs. 100/=

آرپيان ٿو —
ٽن شهرن :

لاڙڪاڻي
هردوار
۽
بمبئيءَ کي

جن جو منهنجي زندگيءَ سان
اٽوٽ ناتو جڙيل آهي.

هري موٽواڻي ’سنڌي‘

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فهرست

منهنجو همدم - منهنجو دوست (مهاڳ) ـــ وشنو ڀاٽيا

باب پهريون ـــ زندگي - زندگي .....

باب ٻيون ـــ ڪرم ڪيتر ......

باب ٽيون ـــ ادب جي راهه ۾ ......

باب چوٿون ـــ سنڌ منهنجو وطن ......

باب پنجون ـــ آخري پنا ......

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻہ اکر

آسان جو هَري موٽواڻي ’سنڌي‘. جنهن کي اسان سنڌ سان بي پناهہ محبت ۽ پيار ڪرڻ واري حوالي سان سڃاڻندا آهيون. اُن جا ناول. ڪهاڻيون. سفرناما ۽ ڪونج رسالو پڙهي اُن جي خيالن ۽ سوچن کان واقف ٿيندا رهيا آهيون. هن جي سنڌ ۾ اچڻ تي. اسان اُن جي دل ۾ سنڌ ۽ سنڌين، ان جي ٻولي ۽ ادب سان محبتَ وارا جذبا. اکين سان ڏسي ۽ پسي سگهيا آهيون. اهو اسان جو هري، جنهن جو تخلص ’سنڌي‘ آهي، جنهن جي سڃاڻپ سنڌي آهي، اُهو پنهنجي هِن آتم ڪٿا ۾ اسان اڳيان انتهائي چٽائيءَ سان بيٺل آهي، جنهن جي هر پهلو، هر انداز ۽ زندگي جي هر ڪنيل صحيح ۽ غلط وک کي اسين ڏسي ۽ پڙهي سگهون ٿا.

آتم ڪٿائون هونئن بہ دلچسپ موضوع آهي. جنهن کي ماڻهو وڏي سوچ ۽ گهرائيءَ سان پڙهندو آهي ۽ اُن مان ڪي نتيجا اخذ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. آتم ڪٿائن مان هو ڪي واٽون جوڙڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، سچ تہ هڪڙي سُٺي آتم ڪٿا، هر پڙهندڙ لاءِ آسيس جو سبب بنجي سگهي ٿي ۽ هيءَ آتم ڪٿا تہ اڃا بہ وڌيڪ اثرائتي آهي جو اُها هڪڙي اهڙي ماڻهو جي ڪهاڻي آهي، جنهن پنهنجي آتم ڪٿا کي ’انساني رشتن جو دستاويز‘ سڏي، اُن ۾ انهن رشتن بابت مشاهدن کي اهڙي تہ انداز ۾ تحرير ڪيو آهي جو ڪٿي ڪٿي ماڻهو انهن رشتن جي ٽٽڻ تي پاڻ ٽُٽي ٿو پوي، ڪٿي وري ڪي رشتا ماڻهوءَ جي حوصلن ۽ ارادن کي اَڃا بہ وڌيڪ مضبوط ڪري ٿا ڇڏين. جو تہ هيءَ آتم ڪٿا خوڌ هڪڙي اڏول ماڻهوءَ جي آتم ڪٿا آهي. جنهن زندگيءَ ۾. پنهنجن هٿان ڪيترا دفعا دوکا ۽ دولاب رَسندي بہ پاڻ کي ڪڏهن بہ بي حوصلو نہ ڪيو آهي ۽ زندگيءَ جي هر موڙ تي ناڪامين ۽ نامرادين ڪري دلشڪستو ٿيڻ نہ گهريو آهي ۽ هُن ڪٺن ۽ گنڀير حالتن جو، ڏاڍي مڙسيءَ سان مقابلو ڪيو آهي. عجب ۽ ارمان تہ اُن تي ٿئي ٿو تہ انساني رشتن ۾ سڀ کان وڌيڪ ويساهہ رکندڙ. بار بار انهن رشتن هٿان ڏنگجي ٿو. ڦٽجي ۽ زخمجي ٿو ان هوندي بہ هو نا اُميد ناهي. نہ انساني رشتن مان، نہ انسانيت مان. هو هر سٽ ۾، هر جملي ۾ پُراميد آهي.

وشنو ڀاٽيا ڪتاب جي مهاڳ ۾ ’اُن بابت ڪيتريون ڳالهيون ڪري، هريءَ جو قد ڪاٺ، اسان اڳيان اڃا بہ وڏائي ڇڏيو آهي ۽ ان جي ڪيترين ئي خوبين ۽ خصلتن کان اسان کي واقف ڪيو آهي، جن ڳالهين ۾. اسان جو هري پاڻ شايد ميان مٺو نہ بنجي سگهي ها ۽ اسين ان جي ڪيترين ئي ڳالهين کان ڄاڻ نہ وٺي سگهون ها.

سچي آتم ڪٿا جنهن انداز ۾ لکيل آهي اسين ان کي پڙهڻ دوران ڪٿي بہ ورچي نہ ٿا ويهون ۽ اُن کي پڙهي پورو ڪرڻ ڪانسواءِ. اُن کي اڌ ۾ نہ ٿا ڇڏيون. هُن جي سچي آتم ڪٿا ۾ ’سنڌ‘ ۽ ’مذو‘ نمايان آهن ۽ ٻنهي کي هُن چاهيو آهي. ٻنهي کي سچي زندگي پيار ڪيو آهي ۽ اُن پيار جا ڪيترائي لمحا. ڪيترائي منظر. اُن جون ڪيتريون ئي سوچون ۽

خيال. اسان جون اکيون پڇائي تا ڇڏين.

هيءَ آتم ڪٿا هڪ ماڻهوءَ جي آتم ڪهاڻي هوندي به. هڪ قوم. هڪ ٻولي ۽ ان جي سڄي ساهت جي ڪهاڻي آهي ۽ اسين ڪيترين نين ڳالهيون پڙهي سگهون ٿا. هڪ ماڻهوءَ جي ان سڄي سفر جي ڪهاڻي آهي. انهن سمورن ڏکن ۽ ڏاڪڻن جي ڪهاڻي آهي. جيڪي هن کي پنهنجي سفر دوران پلئه پيا.

هري لکي ٿو ته:

"زندگيءَ ۾ الائي ته ڪيترين ياترائون ڪرڻيون ٿيون پون. هڪڙيون ياترائون ٻاهر جون آهن. ٻيون ياترائون من-اندر جون آهن. ٻئي وسيع دنيائون آهن. نه اندرينءَ دنيا جو سفر ٿو پورو ٿئي ۽ نه ٻاهرين دنيا جو. ٻاهرين دنيا ته وري به سامهون هجي ٿي. ڏسي سگهجي ٿي ليڪن اندرين دنيا ڄاڻڻ لاءِ من-منٿ ڪجي ٿو. امرت ۽ وس جو ڀيد ڪجي ٿو. ليڪن اسين لوڪ امرت جي ڀرم ۾ وش.پاڻ ٿي ڪندا رهيا آهيون. وهه جا ڍڪ ٿي پريندا رهيا آهيون!

جيترين گهڻيون ياترائون اوترين ئي گهڻيون ڀوڳنائون. ياترا دوران سواءِ ياتنا جي ٻيو ڪجهه به نه ٿو پڙپئي. سرير جون ياتنائون. برداشت ڪري به وڃن ليڪن من جون ياتنائون پيچي پوري ڇڪنا چور ڪري ڇڏينديون آهن. فرد انهن کان بچڻ چاهي ٿو. پڇڻ چاهي ٿو ۽ اُن لاءِ نوان نوان.پناهه گهر ڳولي ٿو. ڇوٽڪاري جون واٽون ۽ واهون تلاشي ٿو...

ڪڏون اسان پاڻ ئي پنهنجي هٿن سان کوٽيون آهن. واهون ۽ واٽون اسان پاڻ ئي. بندي ڇڏيون آهن. انهن راهن ۾ گم اسان پاڻ ئي بينا آهيون انهن ڪڏن ۾ اسان پاڻ کي. پاڻ ئي پوريو آهي. ماڻهو صرف فاتحا پڙهندا آهن شرڌا نجليون ڏيندا آهن...

حد نظر تائين هي سماڌيون ڪنهنجيون آهن؟ اهي ڪهڙا شخص هئا جي هنن سماڌين اندر شامل آهن؟ اهي انسان ڪهڙي درجي. ڪهڙي پدوي وارا هئا؟ سماج ۾ انهن جو ڪهڙو مرتبو هو؟

۽ هن ڪتاب ۾. انهن سمورين ٻاهرين ۽ اندرين ياترائن جو ذڪر ڪيل آهي جيڪي ماڻهوءَ کي ڇڪنا چور ڪري ڇڏينديون آهن. اُن هوندي به ڏسبو ته اسان جو هري عزم ۽ حوصلي سان موجود آهي.

۽ اسين ان مان ان جي درجي. پدويءَ جو اندازو لڳائي سگهون ٿا ۽ اسان کي ڪنهن کان به سوال نه ڪرڻو پوندو ته هريءَ جو اسان جي سماج ۾ ڪهڙو مرتبو آهي-؟

٢٨- نومبر ١٩٩٧ع

ناز سنائي

آفيس آفيس نمبر 18، سيڪنڊ فلور،
شيلٽر ڪينٽ شاپنگ مال ڪينٽونمينٽ، حيدرآباد ، سنڌ.
فون: 784350

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجو همدم — منهنجو دوست هري مونواڻي

هري مونواڻي يعنيٰ هڪ بي ترتيب، بي بندوبست، غير انتظامي شخص. ڪڏهن هو ڇا ڪري وهندو، تنهن باري ۾ اڳڪٿي نٿي ڪري سگهجي. ڪيس به ڄاڻ نه هوندي آهي ته هو ڇا ڪندو. بلڊنگ جون ڏاڪڻيون لهندو، الهاسنگر وڃڻ لاءِ ٽئڪسيءَ ۾ وهندو، ٺاڪر چاولا جي گهر پهچي ويندو. ٺاڪر چاولا وٽ نه پهتو ته شيام جئسنگهاڻيءَ وٽ پهچندو. شيام وٽ به نه پهچي ته رام جوهراڻيءَ وٽ پهچندو. ڪيس ڄاڻ نه هوندي آهي ته هو ڪنهن وٽ ويندو. هِن هُن سان ملي رات جو الين بجي الهاسنگر جي ياد ايندس. گاڏيءَ ۾ ويهي رهندو. پريس ۾ پهچڻ بدران ننڊ جهُڪاٽيءَ وٽ پهچندو. واپس موٽندو ته گاڏيءَ ۾ ننڊ ڪندو ايندو. وي. ٽي. اِسٽيشن تي پهچي به نه لهندو. گاڏي واپس وڃڻ لڳندي تڏهن ٽڪڙ ۾ لهندو. هلندي چلندي ننڊ ڪري وٺندو.

صبوح جو پنجين بجي اٿي دُڪان تي ويندو آهي. يعنيٰ هُن جو ڏينهن ويهن ڪلاڪن کان ايڪويهن ڪلاڪن جو هوندو آهي. منهنجي راءِ ۾ هو چوويهه ئي ڪلاڪ جاڳندو آهي. اِها ڳالهه پڪ سان اِنڪري ٿو چوان جو سيمينارن ۾ ننڊون ڪندي ڪنهن دوست ڇا ڳالهايو، ڇا نه ڳالهايو، ڪيس سموري ڄاڻ هوندي آهي. ننڊ ۾ شخص کي اِهو سڀ ڪيئن ياد هوندو؟ يعنيٰ هنجي ننڊ به هڪ مڪر آهي ته جاڳ به هِڪ مڪر وانگر آهي.

پر هري مونواڻي ڍونگي نه آهي، پاکنڊي به نه آهي. حد کان وڌيڪ سچيار، حد کان وڌيڪ ايماندار، حد کان وڌيڪ ڏکلو آهي. سندس ننڍپڻ هردوار ۾ گذريو. اُتي ساڌن ۽ سنتن جي سنگ ۾ رهيو. اُنهن جي ساڌنا جو هُنر سکي آيو. بي باڪ ايترو جو کهڙي به وڏي ماڻهوءَ جي پڳ لاهي پٽ ۾ ڦٽي ڪندو. سچ چوڻ ۾ دوست ڏُشمن جو ڀيد نه ڪندو. نه وقت جو خيال رکندو ۽ نه جڳهه جو. اِن سچ چوڻ جي ڪري هُن ڪيترا دوست، ڪيترا همدرد وڃايا آهن. 'سچ ٿا مرد چون، ڪنهنکي وڻي نه وڻي' چوڻي هري مونواڻيءَ لاءِ ئي لهي آهي. ڪاٺي کي هِڪ اک وارو چوڻ بدران وچ بزار ۾ کيس ڪاڻو چئي ڏيندو. حد کان وڌيڪ اِيماندار اِن ڪري آهي جو ڪنهن شخص جا ٽڪس به ڦِيا نکرندا ته اُهي پهچائڻ لاءِ ويهه روپيا خرچ ڪندو. دوستن جون بي اِيمانيون برداشت نه ڪري سگهندو آهي. اُن تان کيس چڙ لڳندي آهي. خاص ڪري ساهتڪ بي اِيمانين تي هو وڌيڪ خار کائيندو آهي. جڏهن هريءَ ڪوِتا شروع ڪئي هئي تڏهن هو انگريري ڀنگه مٿن هو ۽ هاڻ هو انگريري اولڊ مٿن آهي. ڪوِتا ڏريمي هُن ترقي پسنديءَ جي هِڪ هٿي توڙي. ڪلپنا، راجن، گني، لعل ۽ شڳن جي شخصيتن کي اُڀاريو. 'نظرياتي ڪشمڪش' اُنجو نتيجو آهي.

هري موٽواڻيءَ جي فقط وناشڪاري منورتي ڪانهي، رچناتمڪ به آهي. نئين ساهتيہ جي اِستاپنا، اُنجي وِڪاس، اُنجي تسليميءَ ۾ هري موٽواڻيءَ جو وڏو يوگدان آهي. پر اڄُ جڏهن چند نون اديبن جي گينگ اِزم ۽ مافيا ڏسي ٿو تہ سڀ کان اول هري موٽواڻي ئي اُن خلاف آواز بلند ڪري ٿو.

هري موٽواڻيءَ کي پنهنجو تخلص ’سنڌي‘ رکڻ بدران ’ڪوُنج‘ ئي رکڻ گهرجي. ڪونج جيان ئي هُن جا پير زمين تي ٽڪندا ڪونهن. هوُ اڻ ڇاتل آڪاش جي نين نين منزلن کي طئہ ڪندو رهندو آهي.

هري مونواڻي ۽ ڪونج نہ هجي ها تہ اڄُ ساهتيہ ۾ ايشور چندر، وشنو ڀاٽيہ، آنند کيماڻي، هريش واسواڻي، شيام جئسنگهاڻي، برجموهن، موهن ديپ، ناري پدم ۽ ٻيا ڪيترا نوان ليکڪ نہ هجن ها.

ورهاڱي بعد هيترن سالن ۾ ڪيترن پبلشرن سنڌي ساهتيہ جي ناليءَ ۾ فليٽ ۽ آفيسون ٺاهيون پر هري موٽواڻي سنڌي ساهتيہ مان هڪ لنگوٽي بہ خريد ڪري نہ سگهيو آهي. ڪيس ڀرڻ وارا ڪپڙا بہ سنڌ وارا ئي موڪليندا آهن. وقت تي اهڙا بہ موقعا آيا آهن جو هُن اخبارن ۽ ڪتابن جا بنڊل ڪُلهن تي ڍويا آهن. ڇا لاءِ؟ فقط مانسڪ سُک لاءِ!

اڄُ جا ٧٥ سيڪڙو سنڌي ليکڪ سُکيا سَتابا آهن. پر اُهي ڪونج جو چندو نہ ڀريندا آهن ۽ نہ ئي ڪو سنڌي ڪتاب خريد ڪندا آهن. ڪيترا ليکڪ مندرن ۽ ڪلبن ۾ چندو ڏيندا آهن پر ڪوُنج يا ٻين مخزنن جو چندو ڀرڻ گهٽتائي سمجهندا آهن. ڏکئي هريءَ جو منُ ڏکي ٿيندو آهي پر پوءِ بہ ڪوُنج مفت ۾ موڪلڻ بند ڪونہ ڪندو آهي.

هري موٽواڻي ون مئن اِنسٽيٽيوٽ يا اِنڊسٽري آهي جيڪو سنڌي ساهتيہ جو اُتپادن ڪري ٿو. سنڌين جي ساهتيہ ۾ رُچي نہ هئڻ سبب اُن اُتپادن جي کپت ڪانهي. تنهن هوندي بہ هريءَ هڪ سوُ کان مٿي ساهتڪ ڪتاب ڇپايا آهن. هيل تائين ساهتيہ اڪاڊميءَ جن ليکڪن کي اِنعام ڏنا آهن اُن مان گهڻا ڪتاب هري موٽواڻيءَ جا ڇپايل آهن. بمبئيءَ ۾ ساهتيہ اڪاڊميءَ جو اِنعام حاصل ڪندڙ ليکڪن کي هڪ هڪ لک رُپين جي پينشن ’مهاراشٽر گَورو پُرسڪار‘ ڏنو ويو، تِن مان ڪنهن بہ هِڪ ليکڪ اڱيان وڏي هري موٽواڻيءَ کي هِڪُ هزار بہ ڪوُنج ھلائڻ لاءِ نہ ڏنو. ڪوُنج ۾ ڇپجي ڪيترا ليکڪ ادب ۽ زندگيءَ ۾ اِستاپت ٿيا آهن. مثال ڏيندس تہ ڪيترا ليکڪ هرٽِ ٿيندا.

هري موٽواڻيءَ کي ڪيترن ليکڪن ايڪسپلائيٽ ڪيو آهي، ڪندا رهيا آهن، ڪندا رهن ٿا. اي يا بي کي ڪتاب ڇپائڻو آهي تہ اُن لاءِ پريس جا ڌِڪا هري کائيندو، پروُف هري ڏسندو، بائينڊر وٽ هري ويندو، رام لعلچندائيءَ

هري موٽواڻي — فوٽو آلبم

1

١٤ ورهين جي عمر ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

2

منهنجو ونش :
(١) پٽَ - پرسو — پرڪاش — چندر.
(٢) پنج پوٽا پوٽيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com





3

قدرشناسي — اِنعام.

(۱) مدر ٽريسا هٿان، (۲) يو. آر. آننت مورتيءَ هٿان، (۳) پرمود

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



4

منهنجا همدم - منهنجا رهبر ....

(۱) شرت چندر، (۲) سگن آهوجا، (۳) ديوداس موٽواڻي، (۴) جيوت چاولا

۽ ماڻي (۵) سيتا سندو بوري ۽ : پروفيسر رام پنجواڻي، ارجن شاد، موهن

جنداڻي ۽ ماهتاب محبوب.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

5

آجھو ناول جو سنڌونگر ۾ ايشور آنچل هٿان مهورت. بمبئيءَ ۾
سنڌونگر جي پرسڌ اديبن ۽ ساهتيه پريمين جي موجودگيءَ ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١) ڪلا پرڪاش ۽ سندس پرچي جو وموچن ڪندڙ ڪيرت ٻاٻاڻي ۽ مهمان سمپادڪا : پارو چاولا. (٢) ڀاڳيارا پڪي جو مهورت ڪندي هري همٿاڻي.
ايم - ڪمل ۽ ڊاڪٽر ارجن شاد جو سنمان ڪندي مان .....
ٻيا آهن : گوبند مالهي، رام تولاڻي ۽ موهن ڪيسواڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آديبن پاران سنمان ۽ ڀاڪيون،
اديب پاڻ سڃاڻي، پاڻ لهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



8

اديب دوستن جون دلبريون ....
اديب پاڻ لهي، پاڻ سڃاڻن ....

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



سنڌ جي سڃاڻپ :
(۱) موهن جي دڙي تي.
(۲) سائين جي. ايم. سيد سان، (۳) مخدوم طالب المولى سان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجو جنم آستان :
(۱) نوان تڪ (۲) ـ منهنجو گهر ـ (۳) منهنجو اِسڪول ,
(۴) سنڌ ـ منهنجي اَمڙ..

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُهي سنڌ جا ڇاوا — جن دل ۾ ڇايون ڏنيون:
اِمداد علي ٽالپر. جميل الزمان. بشير اَحمد خان لغاري.
غلام نبي مغل ۽ ڊاڪٽر تنوير عباسي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

12

برهمڻ آباد ۾. بابا سان تاجل بيوس. محمد اِبراهيم جويو سان.
عبدالله جيسر سان. خان محمد پنهور سان ۽ نور آلدين سرڪيءَ
سان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

13

هند ۽ سنڌ جي اديبن سان.

....

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



- سنڌ جي اديبن سان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

15

ماهتاب محبوب - قرب پريو ڪٽنب...
ڪراچي ايئر پورٽ تي سواگت ۽ گهر ۾ داعوت ....

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١) سنڌوءَ جي ڪناري ؛ وليرام ولڀ، پشپا ۽ گوُريءَ سان .

(٢) آدي گل سان سٺي موڊ ۾. نور الهديٰ شاه ۽ گل ٽالپر - ٻن آديبائن سان .

(٣) [illegible] ڪراچي ايئر پورٽ تي گل [illegible]

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان ٻڌائڻ هري لهرائيندو، ڪِتاب جي ڊليوري هري پهچائيندو. ٽرانسپورٽ جو خرچ بہ هري ڀريندو. ڪو بہ ڪانٽس ائين نہ پڇندو تہ تنهنجو مُعجورو يا محنتاڻو گهڻو ٿيو؟

سنڌي ساهتيہ ۽ دوستن جي چنتا هُنجي زندگيءَ کي بي ترتيب ٿي ٻڌايو آهي. ڪيس شڪ جي نند شمهڻ نہ ڏني آهي. هينئر جڏهن سندس رٽاير ٿيڻ جي عمر آهي، هُن پنهنجي پيريءَ جو ڪوبہ توشو نہ لاهيو آهي. پر گذريل چند سالن ۾ ابو، اجهو ۽ پاٽيارا ڀڪي ناول لکي، هُن مقبوليت حاصل ڪئي آهي. سندس ساهتيہ تي اُردو ليکڪن جو سنسڪار آهي. پر هُن اُردو ليکڪن جو نقل نہ ڪيو آهي. اِظهار ۾ ڪٿي ڪٿي اُردو ليکڪن واري اِسٽائيل پکڙڻ چاهي آهي. هو زندگيءَ جي مڪتب جو شاگرد آهي. زندگيءَ جي ڀڪاءَ مان هُن انيڪ جي جيتريَ بہ پونجي هٿ ڪئي آهي، اُن کي سرجڻ ذريعي لُٽائي رهيو آهي. زندگيءَ کيس بي ترتيبي ۽ ساهتيہ کيس ترتيبي بخشي آهي. چاڪاڻ تہ ساهت پنهنجو پاڻ ۾ هڪ اِنتظام آهي ۽ اُنجو پنهنجو وڌان آهي. سرجڻ جو اِهو وڌان هري مونواڻيءَ کي پالڪن ۾ پيارو بڻائي ٿو. سادي شُپڪ ٻولي پالڪن جي من ۽ ذهن تي گهرو اثر ڇڏي ٿي. سندس ناولن جي لوڪپريتا اِن مان ظاهر آهي جو ڪوُنج ۾ ناولن جي ساراهہ جا انيڪ خط ڇپيل آهن جي ڪِن ليکڪن وانگر هريءَ چئہ چاءِ ڪري ڪونہ لکايا آهن. اُهي وٽس پاڻ مُرادو آيا آهن.

پاڻ کي پروجيڪٽ ڪرڻ جي منورتي هري مونواڻيءَ ۾ هجي ها تہ پنهنجي پئٽرن ۽ شائقن جي آڌار تي ڪافي ناڻو ۽ ناموُس حاصل ڪري سگهي ها. پر هُن پنهنجي خون پسيني جي ڪمائي ساهت شايع ڪرڻ ۾ سيڙائي آهي جنهنجو وياج بہ کيس ڪونہ ملندو.

جلا وطنيءَ ۾ پنهنجي وطن سنڌ لاءِ سندس حُبَ ماڙُئيءَ وانگر آهي. پنهنجن ماڙُئڙن لاءِ وٽس معصوم پيار آهي. ہ ٽي دفعا سنڌ جي ڏيارت پڻ ڪري آيو آهي. سنڌ ۽ سنڌين لاءِ سندس پيار ديوانگيءَ جي حد تائين آهي. سنڌ جي ڏيارت بعد هُن پنهنجو تخلص ’سنڌي‘ رکايو. مان مذاق ۾ کيس چوندو آهيان تہ اڌ صدي گذرڻ بعد کيس احساس ٿيو آهي تہ هوُ سنڌي آهي. پر هريءَ جو دليل آهي تہ مڪي مديني جي حج ڪرڻ بعد مُسلمانَ پاڻ کي حاجي سڏائيندا آهن تہ سنڌ جي ذيارت ڪرڻ بعد مان پاڻ کي ’سنڌي‘ چو نٿو سڏائي سگهان؟ سنڌ مان ڪو ليڪ پارت ۾ گهمڻ ايندو آهي تہ هري مونواڻيءَ جون هيون سب مشغوليون مهمل ٿي ويندين آهن. سندس خاطرداريءَ ۾، گهمائڻ ڦيرائڻ ۾، ڏينهن رات لڳو رهندو آهي.

هري مونواڻيءَ مون تي گهڻا ئي احسان ڪيا آهن جنهن لاءِ مان سندس احسانمند رهندس. اُنجو بدلو ڪهڙي جنم ۾ چڪائي سگهندس، چئي نٿو سگهان. سچي دوست جي هڪ پرڀاشا اِها به آهي ته اوکيءَ ويل دوست جي مدد ڪرڻ. اِها مدد هريءَ نه فقط منهنجي ڪئي آهي پر گهڻن ئي دوستن جي ڪئي آهي. ڪيترا دوست ڪن لاءِ احسان فراموش، دغاباز ۽ پنيءَ ۾ ڇُرو هڻڻ وارا ثابت ٿيا آهن.

دوستن مٿان حد کان وڌيڪ وشواس رکڻ سبب ڪيس ڀرين ڀريس وڪڻڻي پيئي هئي. ڪن 'هوجمالو' فلم ناهي جيڪا مِس ائڊوينچر ثابت ٿي. اُن لاءِ ڪن بزار مان قرض کنيو ۽ وياج سوڌو رقم چُڪائي ڏني. اُن لاءِ کيس مونر وڪڻڻي پيئي. گهر وارن جو ناراضپو ڪڻڻو پيو. ۽ سندس پارٽنر قرض جي جوابداري کڻڻ بجاءِ لنڊن ڀڄي ويو.

سنڌي ساهت جي انڌي شوق ۾ ڪن ڪيترو وڃايو آهي تنهنجو حساب ڪتاب وٽس به ڪونهي. هجيس ها ته شايد آپگهات ڪري ها. پر ڪن جي دِل مظبوط آهي. دوستن جي بي وفاين کي هو اُدار دل سان معاف ڪندو آهي.

منهنجو سالن جا سال اِهو نيم رهيو هو ته خالي وقت ۾ هري مونواڻيءَ جي دُڪان تي وڃي وهندو هوس. ساڍي نوين بجي رات جو دُڪان بند ڪرڻ بعد هريءَ جو چنو چالو ٿيندو هو - پيل پُوريءَ کان پنچم پورين تائين. اوڳرايون ڏيندا پاڻيا باغ ۾ وڃي وهندا هئاسين. اُتي ويهي ادب تي بحث مباحثو ڪندا هئاسين ۽ ساڳئي وقت هري تيل مالش به ڪرائيندو هو. اُن بعد هري گهر وڃڻ لاءِ بس يا ٽئڪسي پڪڙيندو هو ۽ مان لوڪل ٽرين!

ڪوُنج جي شخصيت پرچن جي سنڌي ساهتيه ۾ الڳ جڳهه آهي. هريءَ منهنجي پرتيا کي سڃاتو ۽ اُنکي اُڀاريو هو. جڏهن بمبئيءَ ۾ ٻم ڌڙاڪا ٿيا هئا ۽ بمبئي جلي رهي هئي تڏهن ڪن منهنجو شخصيت پرچو ظاهر ڪيو ۽ ساهتڪ بي ايمانن جي پِڱ تي ڇَمات هنئي جيڪي منهنجي ساهتڪ حاصلاتن کي نظر انداز ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.

هري مونواڻيءَ لاءِ مون وٽ ايترو مواد آهي جو هِن تي ڪتاب لکي سگهان ٿو. اڳتي هلي ڪڏهن ضرور لکندس.

هِڪ سڌانت آهي. بي ترتيبيءَ جي به هِڪ ترتيب ٿيندي آهي. بي بندوبستگيءَ جو به هِڪُ بندوبست آهي. ميڊنيس جو به هِڪُ ميٿڊ ٿيندو آهي. هري مونواڻي اُنجو نالو آهي. جنهن شخص پنهنجي ديوانگيءَ ۽ بي ترتيبيءَ ۾ سنڌي ساهت، ليکڪن، دوستن ۽ مائٽن کي ڏنو ئي ڏنو آهي ۽ موٽ ۾ ڪجهه به ڪونه طلبيو آهي — اُهو هرِي مونواڻي آهي .....! — وشنو ڀاٽيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب پهريون

زندگي — زندگي ......

مان انترياامي نہ آهيان. علم نجوِ کان ٻڻ اڻ ڄاڻ آهيان. اِنڪري مونکي اِها ڄاڻ ڪانہ هئي تہ وڏي هوندي منهنجي زندگي ڪهڙو رخ وٺندي، ڪهڙي رستي گامزن ٿيندي.

هڪ راهہ هوندي آهي سڌي سنواٽي، ليڪ وانگر، جنهنتي هلبو وڃبو آهي. اُن راهہ ۾ ٻہواٽا، ٽِرواٽا ۽ چؤواٽا ايندا آهن جن تي رُڪبو آهي، سوچبو آهي؛ سوچي، پوءِ هڪ راهہ تہ اڳتي وڌبو آهي. اُها راهہ ڪٿي وڃي ختم ٿيندي، اڳواٽ خبر نہ هوندي آهي.

زندگي ريلوي جي سارٽي نہ آهي جنهن ۾ ڄاڻايل هوندو آهي تہ فلاڻي ٽرين ڪيڏانهن ويندي؛ اڳيان ڪهڙيون اِسٽيشنون، ڪهڙيون جنڪشنون اچڻيون آهن ۽ سندس آخري منزل ڪهڙِي آهي.

جنم ڏيڻ بعد، جنم ڏيندڙ صرف مائٽ رهجي ويندا آهن. جيستائين ٻار پينگهي ۾ آهي، مائٽن جي سپرد آهي، سندس سنڀال هيٺ آهي. جئن ئي هو ٻانبڙا پائڻ لڳي ٿو، مائٽن سان سندس ناتو ٽٽي وڃي ٿو. جو تہ ٻانبڙا پائيندي هو ڇا ڪندو، ڇتَ تان ڇا ڪٽي وات ۾ وجهندو، ڪير ٽٽو ڄاڻي. اڳواٽ ڪير ڪجهہ ٻہ ڄاڻي ٽٽو سگهي تہ هيءَ ٻانبڙا پائيندڙ ناسمجهہ ٻالڪ ڇا ڪرڻ وارو هو، ڇا ڪٽي ڪائڻ وارو هو، ڪيڏانهن رخ رکڻ وارو هو - ائين جئن هارجي پوڻ ڪانپوءِ پتو نہ هوندو آهي تہ پاڻي ڪهڙيءَ وات وهي ويندو.

اُن اوسٽا کان ئي ٻارُ پاڻ وهيٺو ٿيڻ لڳي ٿو. ٻانبڙا پائيندي گهر جي ڪمرن ۽ پڌرن کان وٺي، ننڍين وڏين گهٽين، سڙڪن ۽ شاهراهن تان ڊوڙون پائيندو، ڪرندو، اٿندو، وري ڊوڙڻ شروع ڪري ٿو، آخري ڇوڙ تائين پهچڻ لاءِ ڊوڙندو ئي رهي ٿو.

بوند پل تہ ندي بڻجي وڃي ليڪن سندس وِسَرجن ساگر ۾ ئي ٿيڻو آهي. اِهو جيون جو سچ آهي، پڪارت آهي، آدي ستيہ جيڪو. هر پراڻيءَ سان لاڳو آهي. آد ۽ انت. شروعات ۽ پڄاڙي. جنم ۽ مرتيو. اِهو لڳاتار سلسلو آهي، سفر آهي، منزل طرف ياترا آهي، جيڪا هرڪنهنکي ڪرڻي آهي. البت ڪو ڪو ياتري اهڙو هوندو آهي جيڪو ياترا دؤران، راهہ ۾ پنهنجا ڪي نشان ڇڏي ويندو آهي جي حد نشان بڻجي ويندا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان مگر انهن مان نہ آهيان. مان اهڙي خوشفهميءَ جو شڪار نہ آهيان. مان صرف مان آهيان. مان جتي بہ آهيان، جيڪي بہ آهيان، پنهنجي سڃاڻپ سان آهيان، پنهنجي وجود سان آهيان.

مان جڏهن پنهنجي ماضيءَ تي نظر وجهان ٿو تہ مونکي اهڙو ڪجهہ بہ نظر نٿو اچي جيڪو اهميت ڀريو هجي؛ ڪو اهڙو ملندو هجي تہ اڳتي هلي مونکي انوکو ڪارنامو ڪرڻو آهي، ڪي ڪارج سڌ ڪرڻا اٿم.

ڪارج ڪيترن ئي پرڪارن جا ٿين ٿا. وڏي سوچي آهي انهن جي. پڌائڻ ممڪن ئي نہ آهي. جو تہ اُن فهرست مان اوهان لاءِ يا ڪنهن لاءِ بہ، چونڊ ممڪن ئي نہ آهي. منهنجي نسبت ۾ تہ ممڪن ئي نہ هئي.

جنم ڪٿي، مرتيو ڪٿي، اِهو جا اُن سوچيءَ ۾ جاٿايل هوندو آهي؟ اُهو منهنجي سارٿيءَ ۾ تہ اصل جاٿايل نہ هو. مان اُنهن خوشنصيب شخصن مان نہ آهيان جو مرڻ پڄاڻان پنهنجي جنم ڀوميءَ جي مٽيءَ سان ملي هڪ ٿي وڃڻ جي سڌ ڪريان ۽ اُها پوري ٿي وڃي.

پرڌان منتري لعل بهادر شاستريءَ جو تاشقند ۾ ديهانت ٿيو تہ سندس مرتڪ سرير ڀارت آندو ويو. رفيع احمد قدوائي وفات ڪئي تہ سندس ڪفن دفن سندس ڳوٺ ۾ ٿيو. منهنجي مرتيو بعد جا منهنجو مڙهہ لاڙڪاڻي نيو ويندو؟ اهڙي اِجازت ملندي؟ ناممڪن! موهن ڪلپنا جي چاهنا هئي تہ سندس هاليون سنڌوءَ ۾ پرواهہ ڪيون وڃن، ممڪن ئي نہ سگهيو. هرڪو سنڌي ڪاڪي لعلچند جڳتياڻيءَ جيان خوشنصيب نہ آهي جنهنجي آخرين اِڇا پوري ڪئي وڃي ۽ سندس هالين کي سنڌوءَ جي گود نصيب ٿئي ....!

شاعر - نارائڻ شيام لکيو آهي :

گنگا جمنا امرت

ليڪن ٿڃ تہ سنڌو آهي.

ليڪن اُڄ جي اِنسان کي ماءُ جي ٿڃ جي ضرورت ئي ڪٿي رهي آهي. هن جو ڄياپو تہ فيڊر تي ئي آهي!

مان لاڙڪاڻي ۾ ڄائو آهيان جنهن شهر لاءِ ڪيئي چوڻيون مشهور آهن. ليڪن منهنجا ابا ڏاڏا اصل خيرپور ميرس جي لقمان جا رهواسي هئا. شايد اِن کان بہ اڳ ڪنهن ڳوٺ ۾ رهندا هئا جنهنجو نالو 'نارا' هو جنهن پنيان پنهنجي نک نارا رکي هئائون جا هتي ڀارت ۾ بہ قائم رکي هئائون.

مون جڏهن سنڌ جي اوائلي تاريخ - 'سنڌ ۽ مسلمانن جي فتح کان اڳ،'

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهي ته ٽيرس ۾ پنهنجي ويس. اپار خوشي ٿيم جو ته منهنجو شجرو سنڌ جي مشهور 'هاڪڙو ندي' سان وڃي ٿي مليو جنهنکي 'ناراندي' پڻ ڪوليو ويندو هو. اُها ناراندي سنڌ ۽ راجستان جي وچ ۾ باروڊر سمجهي ويندي هئي. اُن سمي راجستان کي گرجر چيو ويندو هو. جنهن ڪان گرجر قوم مشهور هئي. سڪندر اعظم جي ڪاهه وقت پڻ 'نارا' ئي لکيو ويو آهي جنهنجو نقشو ساڳيءَ تاريخ ۾ صفحي ١٥٠ تي ڏنو ويو آهي. نارانديءَ پنيان 'ناراڪوٽ' لهيو جيڪو اڄ تائين سنڌ جي خيرپور رياست ۾ موجود آهي. ۽ جيئن ته اِهو مڃيو ويو آهي ته دنيا جون تهذيبون نديون ۽ واهن جي ڪنارن تي ئي اُسريون آهن تيئن اسين نارانديءَ ڪناري اُسريا سون ۽ نارا چوائڻ لڳاسون، جيئن برهمڻ آباد وٽان وهندڙ لوهاڻا نديءَ پنيان لوهاڻا مشهور ٿيا، ته منهنجي لاءِ اِها حقيقت فخر جو باعث آهي جنهن تي مان واجبي طور فخر ولي سگهان ٿو.

مان ته اجا اِن ڪان به اڳتي جو پيو سوچيان. سوچيان ٿو ڪٿي منهنجا ڏڏڪا موهن جي دڙي جا رهواسي ته نه هئا جڏهن اُهو شهر جي روپ ۾ اُسريل هو. آخر اُن وقت اُتي به ته ڪي سنڌي لوڪ ئي رهندا هئا! چوندا آهن ته مٽيءَ ۽ رتُ جي ڇڪ ٿيندي آهي. مان جڏهن به 'موهن جو دڙو' جو ذڪر ٻڌان يا اُن بابت ڪجهه پڙهان ته رڳون رباب ٻڌجيو پون. عجيب سُرَ پيا گونجڻ لڳن. ورهاڱي ڪان چاليهن سالن بعد، ١٩٨٦ع ۾، جڏهن پنهنجي جنم آستان ويس ۽ منهنجو ميزبان مون کي 'موهن جو دڙو' گهمائڻ ولي ويو ته اُمالڪ رتُ ۾ اُڀرڪا اچڻ لڳا. رڳون ڇڪجڻ لڳيون. دل ۾ آيم، پنهنجن پرکن جي پٽيءَ سان ملڻ لاءِ، مٽيءَ ۾ ليٽڙيون پايان، ديوارن تي چڙهي ويهان، شڪل ڪوهن ۾ ٽپي پوان. اِئين ته نه ڪيم ليڪن مٽيءَ جا ٻڪ ڀري، رومال ۾ ضرور ٻڌم. اُن وقت لڳو هوم ڄڻ صدين پڇاڻان پنهنجن پرکن سان مليو هوس، ساڀيا ۾ نه، اُنهن جي پوتر پٽيءَ سان ...

اُها مٽي ساهه سان سانڍي رکي اٿم.

ڪراچي ايئر پورٽ تي جڏهن هڪ ڪسٽم آفيسر پڇيو ته هن رومال ۾ ڇا آهي ته مون رومال سوگهو جهليندي چيو، 'هن رومال ۾ منهنجو ماضي ٻڌل آهي!'

ڪسٽم آفيسر منهنجو جواب ٻڌي منجهي پيو. پرولي سلي نه سگهيو ته چيائين، 'مون توهان جو مطلب نه سمجهيو. صاف صاف ٻڌايو نه ته رومال کولي ڏيکاريو.'

هن جي لهجي مان پروڙي ورتم ته هو سنڌي هو. تنهن ڪري سنڌيءَ ۾ چيم، 'پوتار، هن رومال ۾ منهنجن ابن ڏاڏن جي پوتر مٽي ٻڌل آهي،

هن ڌرتيءَ جي مٽي، جيڪا آءٌ پنهنجن پونيرن لاءِ ڀارت کنيو پيو وڃان!'

سنڌي آفيسر منهنجي ڳالهه ٻڌي، منهنجو منهن تڪڻ لڳو.

مون اُن سنڌيءَ کي وڌيڪ تپرس ۾ وجهندي ٻڌايو، 'ادا، مان سنڌو ڀوميءَ جي پوتر مٽيءَ ۽ پاڻيءَ .سان گڏ، هن ديش جا سورهن وڻن جا ٻوٽا به کنيو پيو وڃان جي آءٌ ڀارت جي الڳ الڳ شهرن ۾ پوکائيندس جيئن اُهي اُسري، وڏا درخت بڻجي، سنڌين مٿان ڇانو ڪندا رهن ۽ سنڌي لوڪ اُنهن جي ڇايا هيٺ ويهي، سنڌ کي ياد ڪندا رهن!'

اُن سنڌي ڪسٽم آفيسر منهنجي ڳالهه ٻڌي، منهنجو هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهلي چيو، 'توهان کي مڃيم، توهان جون ڳالهيون ٻڌي، توهان لاءِ عزت وڌي ويئي. هڪ طرف ماڻهو هتان سون ۽ سڪو ميوو کڻي وڃن ۽ ٻئي طرف توهين آهيو جو هتان جي مٽي ۽ وڻن جا ٻوٽا کنيو پيا وڃو. توهان کي مڃيم، ڪاڪا، توهان کي آفرين .هجي!'

اُنهن ٻوٽن مان ٻه ٻوٽا سيتا سنڌو ڀون ۾، پروفيسر رام پنجواڻي جي هٿن سان پوکايم؛ ٻه ٻوٽا سنڌو سرڪل، سنڌونگر ۾ پوکيا ويا جي اشوڪ ڪشوراڻيءَ سنسڪرت جا سلوڪ اُچاريندي، پوتر وايومنڊل ۾، موهن ڪلپنا ۽ نند ڇڳاڻيءَ جي حاضريءَ ۾ پوکيا. ٻه پوڌا پوني جي ساڌو واسواڻي مشن جي وانڪا ۾، دادا جشن واسواڻيءَ پنهنجن شڀ هٿن سان پوکيا. اُن وقت هنن جيڪي محسوس ڪيو، اُهي اُمنگ هڪ پني تي لکي مونکي ڏنائون جي هوبهو، هتي پيش ڪريان ٿو:

شڪر گذار آهيان،

لکه بار شڪر گذار: حيدرآباد (سنڌ) جي پوتر ڀوميءَ جا سُندر ورکه موڪليا اٿو! اِهي ورکه هٿ پوکيا ويا آهن. ۽ ائين پيو سمجهان ته هاڻ هيءَ پوني جي پڇ ڀُومي ۽ سنڌ جي درويشن ۽ فقيرن جي ڀُومي ٻئي هڪ ٿي ويئون! آهيون ته اصل ۾ هڪ، فقط ٻڌڻ ۾ ٻه آهيون!

نياز ۽ نمسڪار:

داس

جشن واسواڻي

٨٦-٩-٢١

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي ڏاڏي موٽومل کي ٻه ڀائر هئا. سندس هڪ ڀاءُ ڪوئيٽيءَ ۾ رهندو هو جتي زلزلي جو ٻڪ ٿي ويو. ٻئي ڀائر گڏجي لقمان ۾ جنڊيءَ جي ڪم جو ڪارخانو هلائيندا هئا. خيرپور رياست جنڊيءَ جي فرنيچر ڪان اڄ سوڌو مشهور آهي. مال ڏيساورن تائين ويندو آهي. خيرپور ميرس جون ٻيون مشهور ۽ معروف چيزون هيون کارڪون ۽ دارون! سنڌ ۾ گهٽي ۾ گهٽيون ڪجيون خيرپور ميرس ۾ آهن. اسان کي کارڪن جي ڀري ٻڌي ڏني هئائون جڏهن نند جويري ۽ نند چڱاڻيءَ سان گڏجي ٻيو دفعو ١٩٨٧ع ۾، سنڌ ياترا ٿي ويو هوس.

خيرپور جو دارون پنهنجي نالي سان هو. فوٽن ڀيل رنگارنگي دارون ڪُٽِ جي تسرين ۾ پيتو ويندو هو. خيرپور رياست جي رهاڪو ڏاسومل ڏُٻي پنهنجي هڪ يادگيريءَ ۾ لکيو آهي : دارونءَ جي گُتي وارا تسريون ڀري رکندا هئا. جيئن ئي ٽرين اسٽيشن تي بيهندي هئي، دارونءَ پياڪ مسافر ڊوڙندا، گتي تي پهچي، دارونءَ جي تسري خالي ڪري، واپس ڊوڙندا، ٽرين پڪڙيندا هئا. ٽرين پنج-ست منٽ وڌيڪ بيهندي هئي جنهن لاءِ گارڊ ۽ ڊرائيور کي مفت جي چڪڙي پيئڻ لاءِ ملندي هئي.

منهنجو ڏاڏو، جيئن مون ٻڌو، من مؤجي شخص هو. سندس هم-عمر ميرن سان دوستي هئي. اُنهن جي صحبت ۾ گهڻو وقت گذاريندو هو. ڪارخاني تي ويهڻ بجاءِ، ميرن سان شغل پيو ڪندو هو. ڪڏهن محفل مجلس ته ڪڏهن ساڻن گڏجي سير شڪار تي ويندو هو. اِن ڳالهه تان هڪ ڏينهن ڀاءُ سان جهيڙو ٿي پيس. گهر مان ڀڄي وڃي لاڙڪاڻي نڪتو. لاڙڪاڻو — ساهه سيپاٽو، ڏاڍو وڻي ويس. خيرپور موٽي اچي ڀاءُ کي چيائين، ’مونکي منهنجو حصو ڀتي ڏي، مان هميشه لاءِ لقمان ڇڏي، لاڙڪاڻي هليو ٿو وڃان.‘

ڀاڻس هڏڪي ڏيئي چيس، ’ڇا جو حصو ڀتي! ڪارخانو هلايو مون، ڪمايو مون، تو ته صرف وڃايو آهي. مان توکي ڪوڏي به ڪانه ڏيندس!‘

ڏاڏي گهڻو ئي سمجهايس ته هن ملڪيت ۾ منهنجو به حصو آهي پر ڀاڻس باز نه آيو. پوءِ هو پنهنجن سنگتين ميرن وٽ داٻهي ٿي ويو. ميرن سندس ڀاءُ کي پاڻ وٽ گهرائي چيو، ’ابا، خير چاهين ته پنهنجي ڀاءُ کي حق حلال جو حصو ڏي نه ته اسين توکان سڀ ڪجهه ڦري، تنهنجي ڀاءُ کي ڏيئي ڇڏينداسون!‘

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙيءَ طرح ڏاڏي کي پنهنجو حق مليو ۽ هو پنهنجو ٻہر ولي، لقمان ڇڏي، لاڙڪاڻي وجي مقيم ٿيو. ليڪن اُن ملڪيت جي جهيڙي ٻنهي ڀائرن جي وچ ۾ ايترو ويڇو وجهي ڇڏيو جو باوجود لقمان ايندي ويندي، ٻنهي ڀائرن وچ ۾ ڪڏهن بہ ڪلنبي سمپ نہ آيو، خود مان پاڻ ننڍي هوندي وڏي چاچي ۽ پيءُ سان گڏجي، ٻہ دفعا لقمان ويو هوس ۽ ٽيون دفعو ورهاڱي بعد، ١٩٨٧ع ۾ ويس جتي خيرپور ۾ ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جي گهر ٽڪيل هئاسون.

اسان جي اُن ڏاڏي ڀاءُ جو اولاد بمبئي ۾ رهي ٿو، ليڪن جڏهن بہ، ڪڏهن، پاڻ ۾ گڏجون، تہ ائين گڏجون ڄڻ پاڻ ۾ ڪجهہ نہ لڳون!

ڏاڏي کي چار پٽ ۽ هڪ ڌيءُ هئي جيڪا سکر ۾ پرڻيل هئي. اسين سؤٽ ڇيلي چنڊ يا ٻئي ڪنهن موقعي تي سکر ويندا هئاسين تہ پڦيءَ وٽ ئي ٽڪندا هئاسين. اسان جو پڦات، اسان کي ساڌ ٻيلو گهمائڻ ولي ويندو هو. ٻيڙيءَ ۾ سنڌو درياهہ اُڪرندي، اُن جي لهرن ۾ اسان جا من پڻ هندوري جيان لڏندا هئا. سنڌوءَ مان ڄل جون لپون ڀري هڪ ٻئي کي هڻندا هئاسين. پري کان ڇوهٽ دروازن واري سکر بئراج ڏسڻ ۾ ايندي هئي. اسان روهڙيءَ واري، زنجيرن تي بيٺل پل بہ ڏٺي هئي جيئن هردوار جي رشيڪيش ۾ گنگا مٿان بنا پيل پاون واري، زنجيرن سان پختي ٻڌل پل آهي جنهنکي ’لڇمڻ جهولا‘ چوندا آهن.

منهنجي پيءُ ڏامراهن مان شادي ڪئي هئي. ننڍي هوندي جڏهن مونو هو تہ سندس نالو پنجوُ هو. پوءِ جڏهن فوجي خالصن سان دوستي ٿيس تہ پاڻ بہ خالصو بڻيو ۽ نالو رکايائين نارائڻ سنگهہ. هو صرف نالي جوئي خالصو نہ هو، سچو ۽ صِدقي خالصو هو. گرونانڪ ۾ وڏي شرڌا هئس. اڻ پڙهيل هو پر سکمني ۽ جپ صاحب برزبان هئس. ڪارڪتن ۾ گرونانڪ جو جنم دن ڌام ڌوم سان ملهائيندو هو. منهنجو جنم پڻ ڪارڪتن ۾ ٿيو هو. اِها گرو بابا جي ڪرپا سمجهندو هو.

بابا سيني ڀائرن ۾ ننڍو هو اِن ڪري انگلي هو. اسڪول مان ڀڄي ويندو هو. تنهن ڪري ڪورو ڪاغذ هو. خالصا پنٿ سان جو نينهن هوس تہ ٽنهي ڀائرن جي هڪ هڪ پٽ کي ۽ اسان ٻنهي ڀائرن کي خالصو بڻايو هئائين. منهنجو نالو هري سنگهہ هو. خالصن جيان وڏا وار هوندا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئا جن جون امان به چوئيون ڪري ٻڌي ڇڏيندي هئي. ليڪن منهنجا سؤٽ جيئن جيئن وڏا ٿيندا ويا، سندن پيئر، پنهنجن پٽن کي مونو ٻڌائيندا ويا: بابا ڪاوڙجندو هو پر ڪجهه ڪري نه سگهندو هو. وڏ ۾ وڏ ڪجهه ڏينهن رلو رهندو هو ۽ ڪنهن سان به نه ڳالهيندو هو. ليڪن جڏهن منهنجا وار ڪٽايا ويا تڏهن وڏو هنگامو ڪڙو ڪيائين. امان سان ڏاڍو وڙهيو. رسي ويهي رهيو. گهر ڇڏي ٻاجي وڃڻ جي ڌمڪي به ڏنائين. پر پوء جيئن وير لهي وڃڻ بعد سمنڊ شانت ٿي ويندو آهي، بابا به شانت ٿي ويو. اهين ڏينهن مان ڏاڍو ياد آيوسانس. مان ڊپ وچان سندس منهن تي ئي نٽي چڙهيس. مونکي ڳولهي، وڏا وڏا ٻاڪر پاتائين. چميون ڏنائين. رايل ٽاڪيز ۾ اڳيان ويهاري، نورجهان جو اسٽيج شو ڏيکاريائين. ننڍپڻ کان ئي بابا مونکي ڏاڍو پيائيندو هو. بزار ويندو هو ته مونکي ڪلهن تي ويهاري وٺي ويندو هو. آسو، منهنجو ننڍو ڀاء، سڄو وقت امان سان چنبڙيو رهندو هو. رات جو امان اسان کي آکاڻي ٻڌائيندي هئي. اُهي آکاڻيون امان اهڙي ڍنگ سان ٻڌائيندي هئي جو انهن جا ڪردار راجائون ۽ راڻيون، شهزادا ۽ شهزاديون، پريون ۽ جن، جيئرا جاڳندا سامهون اچي ويندا هئا. اسين اڪ به نه ڇنڀي سگهندا هئاسين. بابا وري صبح جو سويل اُٿي، سڪمنيء جو پاٺ ڪري، گراموفون تي سئگل، پنڪج ڪنوررام ۽ جيوني ٻائيء جا رڪارڊ وڄائيندو هو. اُن وقت اسين سندس ٻئي پٽ، سندس هنج ۾ هوندا هئاسين.

ننڍپڻ جا اُهي ڏينهن مون کان مُور نه وسرندا. اُهي منهنجي هن آتم ڪٿا ۾ هميشه لاء دُرج رهندا.

منهنجو ننڍپڻ نهايت روچڪ رهيو آهي. مان جڏهن اڃان تمام ننڍڙو هوس ته ٻن ڪٽنبن مونکي گود وٺڻ چاهيو هو. هڪ هو ديوان ڪانسنگ جو ڪٽنب جيڪو اسان جي پاڙي-نوانتڪ ۾ رهندو هو. ۽ ٻيو هو منهنجو نانو شيوارام جيڪو هردوار ۾ ڪپڙي جو ڪاروبار ڪندو هو. سندس زال بينگالڻ هئي، اُها چري ٿي پيئي هئي، ۽ اُن مان ڪيس اولاد نه ٿيو هو. ديوان ڪانسنگ کي به ڏيئر هيون ليڪن پٽ جو اولاد نه هو. اِن ڪري هنن مون کي گود وٺڻ پئي چاهيو.

ديوان ڪانسنگ جي ڏيئرن جا نالا گومي ۽ گل هئا. گوميء بابا

کي پنهنجو ڏرم جو پاءُ ڪيو هو. هن بابا تي زور رکيو ته هو مونکي، ڪين گود ۾ ڏين. ليڪن منهنجيءَ ماءُ، منهنجي جمڻ تي، مون کي، ناني کي ڏيڻ جو وچن ڏنو هو جنهن تي هوءَ قائم هئي. ليڪن جيسٽائين ڏيوان ڪانسنگ جي بدلي ڪراچيءَ نه ٿي هئي، منهنجي پالنا سندن ئي گهر ۾ ٿي — پلن وانگر. هو مونکي پلن جيان پيار ڪندا هئا. گوميءَ ماءُ هنج ۾ ويهاري، مانيءَ جون گراهيون لاهي کارائيندي هئي. سڄو ڏينهن ننڍڙيءَ گل سان پيو رانديون ڪندو هوس. گل لاءِ ٽقيتي سائيڪل آئي ته اُها هن بجاءِ مون پئي هلائي. گل روئي ته امي چويس : گل، پٽ، هو تنهنجو ڀاءُ آهي نه. تون ترس، هو توکي به وارو ڏيندو. پر هوءَ روئڻ بند نه ڪندي هئي. مان پوءِ کيس وارو ڏيندو هوس. گوميءَ جي شاديءَ ۾ مان به بابا سان گڏ ڪراچيءَ ويو هوس. گوميءَ بابا کي لکيو هو ته مون کي به شاديءَ ۾ ولي اچي. تڏهن مان پهريون دفعو ڪراچيءَ ويو هوس. گوميءَ جي شادي پروفيسر چيتن ماڙيوالا سان ٿي هئي جنهن سان اڳتي هلي، بمبئي ۾، وڏيڪ ويجهائي ٿي ۽ توڙ تائين ناتو هلندو آيو.

اسڪول ۾ مان ڏاڍو شرارتي هوس. حسابن ڪانسواءِ ٻين ڪمن ۾ ڏڏ هوس. ڪلاس ۾ دوست صرف ٻه هئا - برج ۽ نند، باقي سڀ حريف هئا. ٻئي سهڻا هئا. ٻئي ڪامورا ٻار هئا. برج تمام هوشيار هو. ڪلاس جو مانيٽر به هو ئي هو. ليڪن هو ايترو شرميلو ۽ حليم هو جو جڏهن مانيٽر جون جوابداريون نباهڻيون هونديون هئس ته مونکي سڏ ڪندو هو. مون کان ڪلاس جا ٻيا ڇوڪرا ڪَنَ هڻندا هئا.

اُن وقت مان ٽئين درجي ۾ هوس ۽ اڇا مونو نه ٻڌيو هوس. اُنهن ڏينهن اسڪول جي خرچي ٽي پايون هئي جيڪا چوٿين درجي ۾ وڌي چار پايون ٿي هئي. ليڪن ٽن پاين ۾ به چڱوئي ٽول ملي ويندو هو.

هڪ ڏينهن خرچي ۾ سهڻي برج جو ڳل پٽيو هوم ته اُهو ڳاڙهو ٿي ويو هو. ڪاوڙجي پيو هو. ٻه ڏينهن رٺو رهيو. هڪ ڏينهن هن ڳل-پٽ جو بدلو ورتو جڏهن هو ڪلاس جو مانيٽر هو ۽ مون مستي ويلي ڪئي. مون جڏهن سندس چتاءُ بعد به شرارت بند نه ڪئي ته منهنجي سامهون اچي، مونکي چمات هڻي ڪڍيائين. سڄو ڪلاس ڏڇي ويو. ڪين پڪ ٿي ويئي ته هينئر برج جو خير نه هو، هو مون هٿان ضرور مار کائيندو.

ليڪن مون هن ڏانهن آڱر به نه کنئي. پوءِ به هو ايترو ڊنل هو جو به ڏينهن اسڪول ئي نه آيو. مان جڏهن سندس گهر ويس تڏهن هن جو ڊپ لٿو ۽ اسڪول آيو.

برج مون کي لکڻ پڙهڻ ۾ ڏاڍي مدد ڪئي. مشق لکڻ کان وٺي، بيتن ياد ڪرڻ تائين، ڪيترين ڳالهين ذهن نشين ڪرايائين. مشق لکڻ لاءِ هو ڪاري مس کي سنهي ڪپڙي ۾ ڇاڻي، صاف ڇڻندو هو. پوءِ اکر چمڪندا هئا. ڪلڪ گهڙڻ به هن ئي سيکاري. جڏهن سندن بدلي ٿي شهر ٿي ۽ هو لاڙڪاڻو ڇڏي هليا ويا ته مان برج ڪانسواءِ موڳو ٿي پيس. اڄ به جڏهن هن جا نقش ذهن ۾ ڦري ايندا آهن ته اُنهن اسڪولي ڏينهن ۾ موٽي ويندو آهيان.

برج بعد ڪلاس ۾ نند سان دوستي وڌي ويئي. هن جو پيءُ لاڙڪاڻي جي جانورن جي اسپتال جو ڊاڪٽر هو. اسپتال جي حاطي اندرئي ڪين ڪواٽر مليل هو. مان هن جي گهر ايندو ويندو هوس. اسپتال نون تڪن جي ڇيڙي وٽ ۽ پوليس ٿاڻي جي ويجهو هئي. اُهو نند، وڏو ٿي، نند بدلائي وڪيل بڻيو ۽ بمبئيءَ جي فورٽ ايراضيءَ ۾ ڪڏهن گڏجي ويندو هو ته بيهي ڳالهيون ڪندا هئاسين. سندس ڪلهن تي ڪارو جهبو ۽ هٿن ۾ بريف ڪيسن جو ٿهو هوندو هو. افسوس، نندپڻ جو منهنجو اُهو دوست ۽ سهپاڻي، ڪجهه سال اڳ، ننڍيءَ عمر ۾ ئي هيءُ جهان ڇڏي هليو ويو. سندس وڏو ڀاءُ، جيڪو پڻ وڪيل آهي، ڪڏهن ڪڏهن رستي هلندي ڏسبو آهي جنهنکي ڏسي نند ياد اچي ويندو آهي.

هڪ ٻيو هم ڪلاسي، نانڪ آهوجا، منهنجي پيٽوئيءَ هرجس آهوجا جو ڇاڇو ٿئي ۽ اسان جي دوستي اڄان تائين قائم آهي.

چوٿين درجي ۾ آيس ته مان مونو ٿي ڇڪو هوس. اسان جي ڪلاس ۾ هڪ نئون ماستر بدلي ٿي آيو هو. ڏاڍو سهڻو جوان هو. ٻيا ماستر اڇي سٿڻ ۽ قميص پائيندا هئا ليڪن هيءُ نئون ماستر پينٽ ۽ قميص پائيندو هو. هو آيو ته هن سان گڏ هڪ ڇوڪري به اسان واري ڪلاس ۾ اچي ويٺي. هوءَ ماستر جي مائٽياڻي هئي ۽ ساڻس گڏ ٻئي شهر مان آئي هئي. هوءَ به چوٿون درجو پڙهندي هئي تنهن ڪري ماستر کيس اسان جي ڪلاس ۾ ويهاريو هو. ڇوڪري هئڻ سبب، کيس پهرينءَ بينچ

تي ويهارِيو ويو هو   جتي نند ۽ موتي ويلا هئا. مون ڪان اِهو سٺو نہ ويو. مون سوچيو هن کي پليئن بينچ تي، منهنجي پرسان ويهڻ گهرجي . يا مان پهرين؛ بينچ تي هن جي پرسان ويلو هجان .....! ليڪن اِهي هئي ڳالهيون ممڪن نہ هيون. نند ۽ موتي هوشيار شاگرد هئڻ سبب پهرين؛ بينچ تي ويهندا هئا ۽ مان ڪچو ۽ ڪيچلو هئڻ سبب، سڀني جي پليان، پوئين؛ بينچ تي ويهاريو ويو هوس. ليڪن مان پنهنجي؛ پرِ ۾ خوش هوس تہ مان ڪلاس جي هڪ ئي نندي ڇڪري؛ جي ويجهو ويلو هوس جتان گهورڙين کان ٽول وٺي سگهندو هوس.

اُنهن ڏينهن   سنڌ ۾ گڏيل تعليم جو رواج نہ هو. ڇوڪرين لاءِ الڳ اسڪول هئا. هيءُ پهريون دفعو هو جڏهن ڪا ڇوڪري، ڇوڪرن جي ڪلاس ۾ اچي ويلي هئي. چوٿون درجو پڙهندڙ شاگردن جي عمر ئي ڪيتري؟ وڌ ۾ وڌ يارهن سال! ليڪن اِن عمر تائين پهچندي منهنجي ٽن ڇوڪرين سان سڃاڻپ ٿي هئي. هڪ ڳل هئي جنهن سان ننڍپڻ ۾ رانديون ڪيم، ٻي اندرا هئي، منهنجي نندي ڀيڻ، جنهنکي سڄو ڏينهن هنج ۾ کڻي گهمائيندو هوس ۽ ٽين هئي مدو، جيڪا مون کي هردوار ۾ ملي هئي جڏهن مان ناني وٽ رهيل هوس.

مان شروع ۾ چئي آيو آهيان تہ مان انترِيامي نہ آهيان. نجومي بہ نہ آهيان جو اڳوات خبر پئجي سگهي تہ زندگيءَ جي راهہ تي هلندي هلندي ڪهڙي رخ ويندس، راهہ ۾ ڪنهن ڪنهن سان مڪاميلو ٿيندم .....

جيئن تہ ناني مونکي گود ۾ ورتو هو ۽ مان اڪثر هردوار ويندو رهندو هوس تہ اِن سبب منهنجو تعليمي اڀياس جاري رهي نہ سگهيو هو. سوچيان ٿو جيڪڏهن مان ديوان ڪانسنگ جي پناري پيو هجان ها ۽ ڪراچيءَ ۾ رهندو هجان ها تہ اڄ الائي ڪهڙي اوج تي هجان ها. گهٽ ۾ گهٽ ڪاليجي تعليم تہ ضرور پرائي هجيم ها. ليڪن اڳوات لهي ڪير پائي؟ ڪنهن پاتي آهي لهي؟ ناشدني! گهڻا سال پوءِ، ورهاڱي بعد، مان جڏهن ڪلياڻ ڪئمپ ۾ اچي رهيس تہ بابا هڏايو ڳل جي ممي مونکي ڏاڍو ياد ڪندي آهي. ديوان ڪانسنگ ڪراچيءَ ۾ سرڳواس ٿيو هو ۽ ورهاڱي بعد سندس پريوار ڪلياڻ ڪئمپ ۾ اچي ٿانئيڪو ٿيو هو.

هڪ ڏينهن مان ساڻن ملڻ ويس. ڳل جي ٻي نور مميءَ سنيهہ وچان ڀاڪر پائي ٻي شمار مليون ڏنيون. ڳل ڀيڻ مشڪي ڪيڪار ڪئي. هن

مونکي نارنگي چلي، ڦاڪون ڦاڪون ڪري، پليٽ ۾ رکي ڏنيون هيون.

گل سان سندس شاديءَ بعد به مليو هوس. سندس گهوٽ منهنجي ڏاڍي عزت ڪئي هئي. هو سنڌي اديب گوپال لکر جو وڏو ڀاءُ هو. ليڪن حياتيءَ هن سان وفا نه ڪئي. هو ننڍيءَ ڄمار ۾ ئي راهه زباني ولي هليو ويو. اُن بعد گل وڌوا جي زندگي گذارڻ لڳي. نه، مون ۾ ساڻس ملڻ جي همت ڪانه هئي .... مان برداشت نه ڪري سگهان ها ....!

پروفيسر چيتن ماڙيوالا مون سان وڏا وڙ ڪيا. بابا سان ملڻ دڪان تي به ايندو هو. جڏهن سندس ديهانت ٿيو ته مان مارڪي تي ويو هوس. گوميءَ سان پڻ مليو هوس. هن بابا لاءِ پڇيو هو. مون ڪيس ٻڌايو هو ته بابا جي چوڻ تي ئي مان آيو هوس. ۽ پوءِ هوءَ هميشه لاءِ پنهنجيءَ ڌيءَ وٽ آميريڪا هلي وئي. هينئر سندس پٽ جيلانند ماڙيوالا ڪڏهن ڪڏهن گڏجي ويندو آهي ته مان ڪيس سنڌ جون ۽ سندس ماءُ پيءُ جون ڪيتريون ڳالهيون ٻڌائيندو آهيان ....

انن سالن جو هوس تڏهن ماءُ سان گڏ پهريون دفعو هردوار ويو هوس. اُتي مون کي هڪ اهڙي پاٺشالا ۾ موڪليو ويو جيڪا هڪ استري پنهنجي گهر ۾ هلائيندي هئي. هوءَ پرنٽيل هئي پر ڪيس پنهنجو اولاد ڪونه هو. ٻارن سان موهه سبب هن پتيءَ جي موڪل سان گهر ۾ ئي پاٺشالا شروع ڪئي هئي جنهن ۾ ننڍا ننڍا ٻار پڙهڻ ايندا هئا جيئن اڄ ڪالهه ڪي.جي. پڙهڻ ويندا آهن. اهڙيءَ طرح هن جو ممتا جو موهه پورن ٿي رهيو هو. اُنهن ٻارن ۾ مذو به هئي. هوءَ اسان جي پاڙي جي ئي هئي. شروع ۾ هڪ نوڪر مونکي ڇڏي ويندو هو ۽ ولي ويندو هو. پوءِ مان ۽ مذو گڏجي اچڻ وڃڻ لڳاسين. اچڻ وقت ته اسين سڌو پاٺشالا ايندا هئاسين ليڪن وڃڻ وقت سڌو گهر نه ويندا هئاسين. رستي ۾ وڙهندا جهڳڙندا، رُسندا پرچندا، رانديون ڪندا، پوءِ گهر پهچندا هئاسين. ڪڏهن وري گنگا گهاٽ وٽ ويهي ٻارن جو منهن يا جٽيا پائڻ ڏسندا هئاسين. ڪيترا ٻوناٽا اُتي ويلل ناين کان پنهنجو مٿو ڪوڙائيندا هئا. جيئن ناريل جا سمورا ٻج نه لاهي ٿورا بچائيا آهن تيئن مٿو ڪوڙائڻ وقت ٿورا وار بچائيندا هئا جنهنکي مرداني چوٽي چئبو آهي جنهن مان پتو پوندو آهي ته هيءُ

هندو آهي. جڻيو ۽ چوٽي هندن جي سڃاڻپ آهي. يوپيءَ ۽ سائوٿ ۾ اڄ به ڪيترا مرد چوٽي رکائيندا آهن. جڻيي پائڻ کانسواءِ ته هندوءَ جي شادي به نه ٿي سگهندي آهي، بلاشڪ ته ويڙهيءَ وقت ئي جڻيو پائين!

مڌوءَ جي ماءُ گذاري ويئي هئي. ڏيءُ جو خيال ڪندي پڻس ٻي شادي ڪانه ڪئي هئي. هوءَ ڪڏهن پڦيءَ وٽ دهليءَ وڃي رهندي هئي ته ڪڏهن پيءُ وٽ هردوار ۾. هوءَ به مون وانگر ٻن گهرن ۾ ورهايل هئي — هڪ گهر هردوار، ٻيو گهر دهلي. منهنجو هڪ گهر لاڙڪاڻي، ٻيو گهر هردوار ....

مڌو مون سان گڏجي منهنجي گهر هلندي هئي ته امان کيس پيار ڪندي هئي. کيس ٽول کارائيندي هئي. ڇيستائين اسان جي گهر، اسان جي پيڻ پئدا ڪانه ٿي هئي، ٻه ٽي سال پوءِ آئي، تنهن ڪري به شايد امان مڌوءَ کي وڌيڪ پيار ڪندي هئي. هوءَ اسان ٻنهي ٻارن کي ڪڏهن ڪڏهن شام جو هرڪي پؤڙين تي گهمائڻ ولي ويندي هئي. آرتي ڏيکاري، واپس ورڻ وقت، سپاش گهاٽ تان ملتانيءَ جي ڪلفي فلودو ولي کارائيندي هئي. ڪڏهن وري ٽهري هائوس مان سنڌي حلوائيءَ جا گرم گرم گلاب جمون ولي ڏيندي هئي.

اُن زماني ۾ ڏاڍي سستائي هئي ....

جنهن سال مان چوٿين درجي ۾ هوس ۽ ڪلاس جي نئين ماستر جي هڪ مائٽياڻي اسان جي ڪلاس ۾، پهرينءَ بينچ تي نند ۽ موتيءَ سان گڏ ويلي هئي، منهنجي نند ڦلل هئي. مون ڪنهن طرح اُن پهرينءَ بينچ تائين پهچڻ پي چاهيو. اُن جو هڪ ئي اُپاءُ هو — امتحان ۾ پاس ٿيڻ ۾ پهريون نمبر حاصل ڪرڻ.

جيئن اڄ ڪالهه اسڪولن ۾ پرليمنري امتحان ٿيندا آهن جنهن مان خبر پوندي آهي ته ودرياٿي ڪهڙي سبجيڪٽ ۾ هوشيار، ڪهڙي سبجيڪٽ ۾ ڪمزور آهي ته جيئن هو اُن تي هوم ورڪ ڪري سگهي يا ٽيوشن ولي هوشيار ٿئي. پڪي ۽ فائينل اِمتحان کان اڳ اِهي پرليمنري امتحان پاس ڪرڻ ضروري آهن.

اِن ساڳيءَ طرح، اسان جي اُن چوٿون درجو پڙهائيندڙ ماستر کي، اُن زماني ۾ خبر ناهي اِهو عقل ڪٿان آيو جو هن هر مهني ڪلاس جي شاگردن کان امتحان وٺڻ شروع ڪيا. مهني جي پوئينءَ تاريخ تي اِمتحان وٺي، امتحان جون ڪاپيون پنهنجي گهر کڻي ويندو هو. ڪاپيون جاچي، مارڪون ڏيئي، پهرينءَ تاريخ ڪلاس ۾ اچي نتيجو ٻڌائيندو هو. ۽ پوءِ نئين سِرِ، نمبروار، شاگردن کي بينچن تي ويهاريندو هو. اُن ماهوار امتحان ۾ سخت چٽاڀيٽي ٿيندي هئي. شاگرد پهرين نمبرن ۾ اچڻ لاءِ خوب محنت ڪندا هئا. ليڪن نند ۽ موتيءَ کان ڪوبه کٽي نه سگهيو هو. ۽ مان ته هوس ئي سيني کان پوئتي، پنهنجيءَ ۾ پورو. منهنجو پهرينءَ بينچ تائين پهچڻ لڳ ڀڳ ناممڪن هو. ليڪن اُن دفعي مون همت جو سندرو ٻڌو ۽ اڻ تارو هوندي گهيڙ ۾ گهري پيس.

اُن امتحان لاءِ زور شور سان تياريون ڪرڻ لڳس. يارن دوستن سان رانديون ڪرڻ بند ڪيم. سئنيمائن ٻاهران چڪر هڻڻ ڇڏي ڏنم. برج وارا سيڪاريل نسخا ڪم آڻيندي مس کي سنهي ڪپڙي ۾ ڇاڻيم. ڪلڪ کي سٺي نموني گهڙيم جيئن مشق سٺي لکي سگهان. تاريخ جا سبق به ياد ڪيم. پر بيت ياد ئي نه ٿين. وسريو وسريو وڃن. ٻه بيت ڏاڍا ڏکيا هئا. ٻي ڏينهن سانده گهر جي ڪڏ تي ويهي، اُس ۾ پگهر وهائيندي، اُهي بيت ياد ڪيم.

مون تي جيڪڏهن پهرينءَ بينچ تائين پهچڻ جي ڌُن سوار نه هجي ها ته مان پٺيئن بينچ تي خوش هوس. پٺيان ويهڻ ۾ جيڪا آزادي هئي اُها اڳيان ويهڻ ۾ بلڪل ڪانه هئي. اڳيان هر وقت ماستر جي نگاهن سامهون رهڻو ٿي پيو جڏهن ته پٺيان پنهنجي بادشاهي هئي.

ليڪن هينئر اِئين نه هلندو. مون کي ڪيئن به ڪري پهرينءَ بينچ تائين پهچڻو هو. منهنجي منزل پهرين بينچ هئي. منهنجي نظر رام وانگر مڇيءَ جي اُن اک تي هئي جنهن تي تير چلڻو هو. رام کي سيتا حاصل ڪرڻي هئي ۽ مونکي پهرينءَ بينچ تي ويٺل هن وينجهار وٽ پهچڻو هو جنهنجو نالو پشپا هوا

مهني جو پويون ڏينهن ڇنڇر هو. مان ڏڙڪندڙ دل سان اسڪول ويس. مان يڌ جي پوري تياري ڪري آيو هوس. مونکي ڪيئن به هيءَ لڙائي کٽڻي هئي. اسڪول پهچي مان بلڪل ماٺ رهيس. ڪابه شرارت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کاٺ کيم. کنهن سان بہ جهيڙو نہ کيم. مان جڻ اِنهن اِسمن کان ئي غير واقف هوس. خوشحال، ڪلاس ۾ منهنجو حريف، مونکي مات ڏسي عجب کائڻ لڳو. چيڙائڻ جي مراد سان، وارن ۾ گهڻو تيل لڳائي اچڻ تي، مون تي چٿرون ڪرڻ لڳو. پر مان چڙان ئي ڇو ٿو؟ ڇا جي چڙ .... کهڙي چڙا مان ڇا ڄاڻان چڙ ۽ هڙ مان؟ ڇو تہ منهنجو چڙڻ معنيٰ جهيڙوا ليکن اڄ مان جهيڙي جي موڊ ۾ بلڪل نہ هوس. خوشحال کي نظرانداز ڪري، مان ڪلاس اندر هليو ويس.

امتحان پورو ٿيو. ڪاپيون ماستر پاڻ وٽ سوگهيون ڪيون. موڪل ملي تہ مان سڌو گهر آيس. گهر اچي خبر پيئي تہ امان سان گڏ مان بہ ناناڻي وڃي رهيو هوس. مامي مٺري کي پهريون پٽ ڄائو هو، امان کي گهرايو ويو هو ....

اُن کي چئبو اٿو نيئتي يعنيٰ پرالبڌ ا سپني ۾ بہ ڪين سوچيو هوم تہ مونکي اوچتو ناناڻي وڃڻو پوندو. ۽ هيءُ جو هيترا انسلا ٻڌم، محنت ڪري امتحان ڏنم ۽ سوچيو هوم تہ سومر ڏينهن جڏهن فاتح سولجر جيان اسڪول ويندس تہ ڪلاس جا دوست مونکي سورمو سمجهي، منهنجو سواگت ڪندا ۽ سيتا جيان پشپا مون کي ورمالها پهرائيندي! پر ٿيو ڇا؟ نتيجو کهڙو نڪتو؟ مان اچانڪ امان سان گڏجي ڏامراهن وڃي رهيو هوس!

ناناڻي هونءَ تہ مونکي سڀ ڀائيندا هئا ليڪن مامو مٺرو سڀني کان وڌيڪ ڀائيندو هو. امان سندس شادي ڪرائي هئي ۽ ماميءَ کي ٺپي ٺاهي گهرڏياڻي بڻايو هو. هينئر ڪين پهريون ڀار ڄائو هو ۽ اُن ششوءَ جي پرورش لاءِ امان پهچي ويئي هئي.

امان اُن نئين ڄاول ٻالڪ ۽ سندس ماءُ جي ديکڀال ۾ لڳي ويئي ۽ مان مامي مٺري جي حوالي ٿي ويس. مامو مونکي ڳوٺ جي ٻنين ۽ باغن ۾ گهمائڻ ولي ويندو هو. ٻنين وچهر هڪ ڍنڍ هئي جنهن ۾ ٻهه، پبڻ ۽ ڪنول جا گل ٽڙيل هوندا هئا. مامو مٺرو اُن ڍنڍ اندر گهڙي ويندو هو ۽ اُن مان ٻهه، پبڻ ۽ ڪنول جا گل پٽي ايندو هو. هڪ ڏينهن هو مونکي ڍنڍ جي ڪناري بيهاري پاڻ ڍنڍ ۾ گهڙي ويو تہ پٺيان، منهنجي پرسان، هڪ ٻر مان چلڪمرو نانگ نڪري آيو. مون نانگ کي ڏسي رڙيون ڪيون تہ مامي کان اڳ هڪ هاريءَ، جيڪو گاهہ جي ڀري مٿي تي رکي اُتان لنگهي رهيو هو، ڀري اُڇلائي نانگ جي سامهون اچي ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن هڪ چپ ڪٽي نانگ کي چٽي ڇڏيو. مامي ڏنڊ ڪان ٻاهر اچي اُن هاريءَ کي وڏا ٻاڪر پاتا. مان اچا تائين ڏنل هوس. موٽڻ وقت مامو مون کي پنهنجن مضبوط ڪلهن تي ويهاري وٺي آيو.

اِهو واقعو مون ’پاٽيارا پکي‘ ناول ۾ ڇليو آهي. افسوس جو منهنجو اُهو دلاور مامو تازو ئي، ١٩٩٥ع ۾، هردوار ۾ گذاري ويو جنهن ڪان ٻه - ٽي سال اڳ مامي گذاري ويئي هئي. منهنجا وڏا ماما شوقتراءِ ۽ سترام ٻڻ هردوار ۾ ئي گذر ڪري ويا آهن جن جو ذڪر هن جيونيءَ ۾ اڳتي ايندو.

مان جڏهن ناناڻن مان موٽيس ۽ ڏڙڪندڙ دل سان اسڪول ويس ته مونکي خوشخبري ٻڌائي ويئي. مان امتحان ۾ پاس ٿيو هوس ۽ گهڻي ۾ گهڻيون مارڪون کڻي ڪلاس ۾ پهريون نمبر آيو هوس. اِها خبر، منهنجي حريف، خوشحال ٻڌائي جنهن وقت مان ڪلاس اندر داخل ٿي رهيو هوس. ليڪن منهنجي خوشي ڪافور ٿي ويئي جڏهن ٻڌم ته جنهن لاءِ هيءَ جنگ جوٽي هيم، قلعو فتح ڪيو هوم، اُها، هيلن آف ٽراءِ، پشپا، پنهنجي ڳوٺ هلي ويئي هئي! اُها هيلن - پشپا، جنهنجون اکيون وڏيون، ويڪريون ۽ ڪاريون هيون، جيڪا ٻه چوٿيون ڪري ڪلاس ۾ ايندي هئي، منهنجي لاءِ هڪ سپنو، هڪ ياد بڻجي رهجي ويئي .....

چوٿون درجو پئي پڙهيم ته هڪ ڏينهن ڪو شخص پنهنجا جهونا ڪتاب دڪان تي وڪڻي ويو. اُنهن مان مون ٽي چار سنڌي ڪتاب چونڊي ڪنيا. اُنهن مان هڪ ڪتاب ’ديواندر جاسوس‘ مونکي ڏاڍو وڻيو. اُهو جاسوسي ناول بيحد روچڪ ۽ رومانچڪاري هو. اُتان مونکي جاسوسي ناول پڙهڻ جي چوس پيئي. مان رام منڊليءَ جو ميمبر بڻيس، جتان ناول وٺي ايندو هوس. اُن بعد شيوا منڊليءَ جو ميمبر ٿيس جتي ڪتاب وڌيڪ هئا. ورهاڱي تائين مان اُن شيوا منڊليءَ جو ميمبر هوس. جاسوسي ڪتاب پڙهي پورا ڪيم ته اُن بعد وڏن قصن جو وارو آيو. ممتاز دمساز، حاتم طائي، سند باد جهازي ۽ ٻيا ڪيترا قصا پڙهي پورا ڪيم. جاسوسي ناولن جا شرلاڪ هومز، بلئڪ جاسوس ۽ اميلياڪارٽر وڻندا هئا. ڊاڪن مان آرسين لوپن ۽ بدمعاشن مان رائمرڪيو کي پسند ڪندو هوس. رائمرڪيو خطرناڪ ۽ آرسين لوپن چالاڪ ۽ قلڙت ڊاڪو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجو وڏو مامو سترام حيدرآباد ۾ رهندو هو. سهڻو قداور جوان هو. هڪ دفعي ڳوٺ مان لاڙڪاڻي پئي آياسين ته رائيس ڪئنال وٽان لنگهندي، لاريءَ جي ڇت تان ڪئنال ۾ ٽپي پيو ۽ لاٽ پئي، پري نڪري ويو هو. اُن مامي سترام مون کي هڪ ناول ڏئي چيو ته مان جاسوسي ناولن ۽ قصن پڙهڻ بدران هن ناول جهڙا پنگتي ڪتاب پڙهان. هن مونکي جيڪو ناول پڙهڻ لاءِ ڏنو، اُهو ڄڳت آڏوانيءَ جو ترجمو ڪيل ۽ ڇپايل ’آخرين التجا‘ هو جنهنجو ليکڪ شرت چندر چٽرجي هو. مون اُهو ناول هڪ دفعو نه، الائي ڪيترا دفعا پڙهيو. اُن ناول پڙهڻ بعد منهنجو جاسوسي ناولن ۽ وڏن قصن سان ناتو ٽٽو ۽ پنگتي ناولن سان رشتو جڙيو، جيڪو اڄا تائين جڙيل آهي ۽ سفر جاري آهي .....

زندگيءَ ۾ الائي ته ڪيتريون ياترائون ڪرڻيون ٿيون پون. هڪڙيون ياترائون ٻاهر جون آهن، ٻيون ياترائون من - اندر جون آهن. ٻئي وسيع دنيائون آهن. نه اندرينءَ دنيا جو سفر ڪو پورو ٿئي ۽ نه ٻاهرين دنيا جو. ٻاهرين دنيا ته وري به سامهون هجي ٿي، ڏسي سگهجي ٿي ليڪن اندرين دنيا ڄاڻڻ لاءِ من — منٿن ڪجي ٿو، امرت ۽ وش جو ڀيد ڪجي ٿو، ليڪن اسين لوڪ، امرت جي ڀرم ۾ وش پان ئي ڪندا رهيا آهيون. وِهُه جا ڍُڪُ ئي پيئندا رهيا آهيون!

جيتريون گهٽيون ياترائون اوتريون ئي گهٽيون ڀوڳنائون. ياترا دؤران سواءِ ياتنا جي ٻيو ڪجهه به ڪو پڙپي. سرير جون ياتنائون ته برداشت ڪري به وڃجن ليڪن من جون ياتنائون ڀڃي ڀوري چڪناچور ڪري ڇڏينديون آهن. فرد اُنهن کان بچڻ چاهي ٿو، ڀڄڻ چاهي ٿو ۽ اُن لاءِ نوان نوان پناهه گهر ڳولهي ٿو، ڇوٽڪاري جون واٽون ۽ واهون تلاشي ٿو .....

ڪڏهن آسان پاڻ ئي پنهنجن هٿن سان کوٽيون آهن. واهون ۽ واٽون اسان پاڻ ئي، پاڻ تي بندي ڇڏيون آهن. اُنهن راهن ۾ گم اسان پاڻ ئي ٿيا آهيون. اُنهن ڪڏن ۾ اسان پاڻ کي، پاڻ ئي پوريو آهي. ماڻهو صرف فاتحا پڙهندا آهن. شرڌانجليون ڏيندا آهن ....

حد نظر تائين هيءَ سماڌيون ڪنهنجون آهن؟ اُهي ڪهڙا شخص هئا جي هنن سماڌين اندر سُتل آهن؟ اُهي انسان ڪهڙي درجي، ڪهڙي پدويءَ وارا هئا؟ سماج ۾ انهن جو ڪهڙو مرتبو هو ....؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اِنهن سوالن جو جا هڪ ئي جواب آهي تہ جنهن جهڙو ڪرم ڪيو تنهن تهڙو پد پراپت ڪيوا ۽ گيتا بہ ائين ئي چوي ٿي تہ توهان کي صرف ڪرم ڪرڻو آهي، ڦل جي اِڇا رکڻي نہ آهي ......!

ليڪن منهنجو هڪ گهڻائي دوست، گربخش موٽوائي، جيڪو واپاري هئڻ سان گڏ دوراندِيش ۽ هڏيمان پڻ آهي، اُهو هن ڪرم ڪانڊ جو ورودي آهي. هن جو چوڻ آهي تہ اسان ڀارتواسين، خاص طور هندن، گيتا جي اِن سکيا تي عمل ڪري ڪافي نقصان سلو اهي. هزارن سالن جي تاريخ ٻڌائي ٿي تہ اسان ڀارتواسين ڪنهنتي بہ حملو نہ ڪيو آهي. هين ڏارين اسان تي لڳاتار حملا ڪيا، اسان جو سرمايو لٽي ڪٽي ويا. هنن اسانجو سانسڪرتڪ ورثو تباهہ ڪيو ۽ اسين چپ چاپ، ڪرم ۾ وشواس رکي، ڏسندا رهياسين، ڏسندا رهيا آهيون.

هن هڪ هيو مثال ڏنو. ورهاڱي بعد اسين سنڌي هندو ڀارت ۾ ڪٽو ڪٽو ٿي وياسين. اسان جي زمين اسان کان کسي ويئي. اسان جي سامهون چنوتي هئي تہ اسين بي پاڙا، هن زمين ۾ پنهنجون پاڙون پختيون ڪپائي ڏيکاريون، پنهنجن پيرن تي بيهي ڏيکاريون، هڪ مالها ۾ پوئجي ڏيکاريون. اسان اُها چنوتي قبول ڪئي. اڄ اسين سنڌي نہ صرف پنهنجن پيرن تي پختا بيٺا آهيون، بلڪ هين کي بہ سهارو ڏيئي رهيا آهيون. جيڪڏهن اسين ڪرم ۾ وشواس رکي ويهي رهون ها تہ اڄ اسان جي هٿن ۾ ڪشڪول هجي ها ۽ اسين فٽ پاٿ تي هجون ها! ۽ ايندڙ ايڪويهين صديءَ ۾ تہ اسان کي اڃا گهڻو ڪجهہ ڪرڻو آهي. ڀارتواسين کي ذهن نشين ڪرائڻو آهي تہ نئين وگيانڪ ٽيڪنالاجيءَ سامهون ڪرمڪانڊ کي ڪا معنيٰ ڪانهي. اِن نشي کان ڪين ساوڌان ڪرڻو آهي. سجاڳ ڪرڻو آهي. ايندڙ صديءَ ۾ اسان کي تمام گهڻو ڪرم ڪرڻو آهي. 'همٿي مردان، مددي خدا' کي ساڪار ڪري ڏيکارڻو آهي ....!

١٩٤٢ع جي ٩ آگسٽ تي جڏهن مهاتما گانڌيءَ انگريزن کي 'ڀارت ڇڏي وڃو' جي للڪار ڪئي تہ مان اُن وقت هردوار ۾ هوس. عمر ٻارهن تيرهن ورهيہ هئي ۽ اسڪول ۾ هندي پڻ پڙهيم. مان سنڌ ۾ گرمکي سکيو هوس تنهن ڪري هندي جلد پِڪ اپ ڪري ورتم. تڏهن بہ مون هنديءَ جو ڪو امتحان پاس نہ ڪيو جيئن چوٿون درجو سنڌي پڙهندي

ٻہ اُن جو امتحان ڏئي نہ سگهيس ڇو تہ مان هردوار موڪليو ويو هوس. اهڙيءَ طرح منهنجي تعليم اڌوري ئي رهندي آئي — هندي ٻہ تہ سنڌي پڻ. انگريزي تہ تڏهن پڙهي سگهان ها جڏهن چوٿو درجو پاس ڪيو هجيم ها ۽ وڌيڪ پڙهائي جاري رکي سگهان ها ....

منهنجي اِن تعليمي ڪوتاهيءَ مونکي ڏاڍو پوڇايو آهي. خاص طور تڏهن، جڏهن مون ساهتڪ ڪيتر ۾ پرويش ڪيو تہ اُتي پاڻ کي اڻ پڙهيل ۽ جاهل سمجهيم! پوءِ ٻہ ٿانو ٽوڪ هٽي چوندو هو: هيترو پڙهيو آهين تہ ٻہ عقل نہ آيو اٿيئي ....!

هڪ دفعي بنگلور کان بمبئيءَ پئي موٽيس تہ جهاز ۾ سوار هڪ مارواڙي نوجوان پڇيو، 'ڇا توهين ليکڪ آهيو؟'

مون ڏانهس نهاري، مشڪندي چيو، 'تو ڪيئن سمجهيو تہ مان ليکڪ آهيان؟'

هو ٿورو کليو. چيائين، 'توهان جي پوشاڪ ۽ شڪل شبيهہ مان لڳم تہ توهين پڪ ئي پڪ ليکڪ آهيو.'

'اخبار پڙهندو آهين؟'

منهنجو سوال ٻڌي هو عجب ۾ پئجي ويو. سندس سوال سان اخبار جو ڪهڙو واسطو هو؟ پوءِ ٻہ وراڻيائين، 'هندي ۽ انگريزي ٻئي اخبارون پڙهندو آهيان.'

مون هلڪو مشڪندي چيو، 'اڄ جي انگريزي اخبارن ۾ منهنجو فوٽو ۽ احوال ڇپيل اٿيئي. مون کي ساهتيہ اڪاڊميءَ جو انعام مليو آهي، منهنجي ناول تي ....'

هو ڏاڍو خوش ٿيو. چيائين، 'تنهنجي معنيٰ تہ منهنجو انومان صحيح هو؟'

'سورهن آنہ صحيح.'

هن مون سان هٿ ملائي، واڌايون ڏيندي چيو، 'توهان ڪڏهن ان شخص بابت ضرور لکو جنهنکي سندس مائٽن ٻئي ڪنهن ڏارئي شخص کي گود ۾ ڏئي ڇڏيو هجي. اُن جي پيڙا ۽ ويدنا تي ضرور لکجو جيڪا هو اُتي پوڳيندو ۽ برداشت ڪندو آهي. هن جي اُنهن احساسن تي لکو جن کي هر روز نهوڙيو ويندو آهي.' هن جو گلو پرجي آيو هو. هو وڌيڪ ڪجهہ چئي نہ سگهيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون محسوس ڪيو اسين ٻئي هڪ ئي ٻيڙيءَ ۾ سوار هئاسين. ٻنهي لوڏا ۽ ڌوڏا کاڌا هئا. من ڪچا ٿيا هئا. ليڪن شڪر جو ٻڏڻ کان بچي ويا هئاسين ...

مڏو ميونسپل جي ڇوڪرين واري اسڪول ۾ پڙهڻ ويندي هئي. اڇو يونيفارم پائيندي هئي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ٻه چوٽيون به ڪري ويندي هئي. هينئر هوءَ ٿوري وڏي ٿي هئي ۽ وٽندڙ لڳندي هئي. اسين شام جو روز گهمڻ ويندا هئاسين. ڪڏهن دل ٿيندي هئي ته پان کائيندا هئاسين. پان کائڻ بعد مڏوءَ جا ننڍڙا سنهڙا چپ ڳاڙها ٿي ويندا هئا.
'ڀارت ڇڏي وڃو' جو نعرو هر هنڌ گونجيو هو. هردوار ۾ پڻ اُن جو پڙاڏو ٿيو هو. ڪانگريسي نوجوانن ڪافي ڀڃ ڊاهه ڪئي هئي. پوسٽ آفيس ۽ ڪن ٻين سرڪاري عمارتن کي ڪافي نقصان پهچايو هئائون. شهر بند هو ۽ گورکا ريجيمينٽ جا فوجي جوان گشت لڳائي رهيا هئا. اسان جي ويجهو بجلي گهر هو جنهن ٻاهران فوجي پهرو هو. مون ۽ مڏوءَ گڏجي اُنهن فوجين کي ڏاڍو تنگ ڪيو. ڪڏهن پاٽي پٺي مٽان وڌوسون ته ڪڏهن پٿر پٺي اُڇلاياسون. پهرين ته هنن ٻار سمجهي ٿورو ڏيکاريو پر جڏهن اسين باز نه آياسين ته هنن پنهنجون رائفلون سڌيون ڪيون.
اسين ڀڄي وڃي گهر لڪاسون.
اهڙي وقت، جڏهن شهر بند هو ۽ گهٽين ۾ فوجي پهرو هو، ناني آڌيش ڏنو ته ڪيڻ به ڪري مان هن لاءِ سگريٽن جو پئڪيٽ وٺي اچان! سگريٽ جي ٻاڙ ڪانئس برداشت ڪانه پئي ٿي. ليڪن سوال هو ته سگريٽ آڻجن ڪٿان ۽ ڪيئن؟ اوچتو ياد آيو ته گهر جي پليان، گهٽيءَ جي ڪنڊ وٽ، پان ٻيڙيءَ جو هڪ دڪان هو جنهنجو پوڙهو مالڪ رهندو به دڪان اندر ئي هو. دڪان کي پوئتان هڪ ننڍڙو دروازو به هو. هو اُتان ئي اچ وڃ ڪندو هو.
ناني کان پئسا وٺي، مڏوءَ کي ساڻ ڪري، باندرن وانگر ڀتيون ٽپندا، هيٺ مٿي لهندا چڙهندا، نيٺ وڃي اُن دڪان جي پليان پهتاسون. دڪان جو پوين در ڪليل هو. اسين جهٽ پٽ اندر گهڙي وياسين. هن پوڙهي سگريءَ تي دال پئي رڌي. مشڪل ڪري پڇيائين، 'اڙي ڪير آهيو، ڇا کپيوَ؟'

مون ٽڙ ٽڪڙ ۾ چيو، ’چاچا، هيءُ وٺ پئسا، اسان کي هڪ پئڪيٽ پاسنگ شو سگريٽ ۽ ٻه پان ٻڌي ڏي ....‘

دڪاندار آيل رزق ڪڏهن واپس نه ڪندو. هن پوڙهي هڪدم پئسا کڻي ورتا. دروازو ہيڪڙي، سگريٽن جو پئڪيٽ ڏئي، پان ٺاهڻ لڳو. هڪ پان ٺاني لاءِ پتي ۾ ٻڌائي، هڪ پان جا ٻه اڌ ڪري، مڌوءَ ۽ مون وات ۾ وڌا.

پان چٻاڙيندا، ساڳيون ڏاڪڻيون چڙهندا لهندا، ڪوٺا ٽپندا، اسين گهر اچي پهتاسين. ڇڄ وڏي ڪيپ کڻي آيا هئاسون. ٻئي سهڪياسون پئي.

هڪ دفعي پان ڪائڻ تي ناني ٽڪ هڻئي هئي پر اڄ ڪجهه نه چيائين. اسان جوکم کڻي، هن لاءِ سگريٽ ۽ پان آندو هو، ڏمال بجاءِ، شاباس ڏنائين.

پاسنگ شو سگريٽن تان ننڍپڻ جي هڪ ڳالهه تي ياد اچي. لاڙڪاڻي جي رايل ٽاڪيز ۾ ’پاسنگ شو‘ نالي واري فلم لڳي هئي. پاسنگ شو سگريٽن جي ڪمپنيءَ مشهوريءَ لاءِ، هرهڪ ٽڪيٽ سان سگريٽن جو پئڪيٽ مفت پئي ڏنو. مون ۽ رام ٻه ٽڪيٽون ورتيون ته اسانکي ٻه پئڪيٽ مليا. اسين اُهي پئڪيٽ هٿ ۾ کڻي، سئنيما هال اندر داخل پئي ٿياسون ته ڪنهن منهنجو نالو وٺي پٺيان سڏ ڪيو. مون پٺيان نهاريو ته چرڪ نڪري ويو. منهنجو ڪلاس ٽيچر مونکي پاڻ ڏانهن ڪوٺي رهيو هو. مان سندس ويجهو پهتس ته ڏمال ڪيندي چيائين، ’هن عمر ۾ سگريٽ ٿو ڇڪين! هيڏانهن ڪر اِهو پئڪيٽ ...!‘

منهنجو ته گلو ئي خشڪ ٿي ويو هو. نڙيءَ مان ڪو لفظ ئي نه پئي نڪتو. سگريٽ جو پئڪيٽ ٽيچر جي هٿن ۾ ڏئي، مان ٽڪڙو ٽڪڙو هال اندر گهڙي ويس. رام مون کان اڳ ۾ بينچ تي وڃي ويٺو هو. ٻڌايو مانس ته سگريٽ جو پئڪيٽ ماسٽر ڦري ورتو ....

اسان وارو اُهو ماسٽر رايل ٽاڪيز ۾ پارٽ ٽائيم نوڪري ڪندو هو ....!

هردوار شهر ننڍو ۽ نهايت صاف سٿرو هو. هڪ پاسي کان گنگا ۽ ٻئي پاسي کان هماليه جبل. شهر ۾ اچڻ وڃڻ جا رستا صرف ٻه هئا. هڪ رستو اسٽيشن کان، پوسٽ آفيس ۽ پوليس ٿاڻي وٽان، اپر روڊ تان،

ٻاهران ئي ٻاهران، هرڪي پئوڙين وارو مٽيون رستو ڏئي، پيم گوڏا ڪان ٿيندو، رشيڪيش ۽ ديهرادون ولي ويندو. هيو رستو پوسٽ وٽان، برلا روڊ ڪان هيٺ لهي، رام گهاٽ ۽ وشنو گهاٽ وٽان ٿيندو، سبزي منڊيءَ تي اچي پهچندو. اُتان وري ٻه رستا آهن. هڪ موتي بزار مان ٿيندو، ٻوگهي بزار ڪراس ڪري، هرڪي پئوڙين وٽ، گنگا مندر تائين پهچائي ٿو.
هيو رستو سبزي منڊيءَ ڪان، سنڌي ويسيءَ واري وٽان لنگهي، سروڻ گهاٽ، شانتا گري ۽ پورڻ گري هال ۽ رائبريءَ وٽان هلي، بينگالي لاج وٽان ٿيندو، گئو گهاٽ تائين اچي، ساڄي هٿ تي، گنگا ڪناري اچي پهچائيندو جتي گلن ڦلن وارا گلن جون هيڙيون ڦاهي ويٺا هوندا آهن جن ڪان گلن جون هيڙيون ۽ ڪافور جا ڏيئا وٺي، هرڪي پوئڙين وٽ، گنگا ۾ تاربيون آهن.
هرڪي پئوڙين تائين پهچڻ ۾، رستي تي گنگا سڀا، اسڪائوٽنگ سڀا، سڀاش چندر بوس چوڙنڪ ۽ سيوا سمتي اچي ٿي جي پبلڪ شيوا ڪان مشهور آهن.
هرڪي پئوڙين جي هيٺاريءَ تي گهنٽا گهر آهي جيڪو گنگا جي آرتيءَ وقت وڄندو رهندو آهي. آرتيءَ وقت سمورا لوڪ اُٿي بيهي، هٿ جوڙي، گنگا جي آرتي اُچاريندا آهن.

هرڪي پئوڙين وٽ، آرتيءَ مهل، ايترا واليئنٽيئر موجود هوندا آهن جو ڪنهنکي ڪا گستاخي ڪرڻ جي همت ڪانہ ٿيندي آهي. ان ڪري اُتي موجود استري چاهي پرش، جوان چاهي ٻڍو، نشچنت ٿي گنگا - سنان ڪندا آهن.

هردوار ۾ جنهن طرف نهار — مندر ئي مندر آهن، مٺ ۽ مڙهيون آهن، ساڌو ۽ سنت آهن. هيون آهن ڌرمشالون جن ۾ ڀارت جي ڪنڊ ڪڙڇ مان آيل ياتري رهندا آهن.

هردوار جي دڪاندارن جو روزگار انهن ئي ياترين تي نربر آهي. هو اچن تہ وڃڻ وقت سيسا، پوشڪ، ٻاسڻ ۽ گنگا جل جا دٻا پري ڪٽي وڃن. هر ڪنهنکي روزگار مليو وڃي. ياتري نہ اچن تہ جيڪر دڪاندار هڪ ڏينهن بہ جالي نہ سگهن. ليڪن جيستائين هردوار ۾ گنگا آهي تيستائين ياتري ايندا رهندا ۽ دڪاندار پنهنجي پيٽ جو گذر ڪندا، ڪمائيندا رهندا. هونءَ بہ هردواروا سين جو عقيدو آهي تہ گنگا ماتا ڪنهنکي بہ بکئي پيٽ سمهڻ نہ ڏيندي آهي. اُها ماءُ جيان اُٿاري بہ ڪارائيندي آهي، پوءِ اُهو راجا هجي چاهي رنڪ .....!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هردوار جي پنڊن وٽ، سندن دفتر ۾، هر ڪنهن هندو ياتريءَ جي داخلا دُرج آهي — ڏهن پيڙهين تائين. وڏو تيرٿ آستان هئڻ سبب هندو هڪ دفعو هردوار ضرور ايندو آهي. هاڻيون ۽ سنک بہ هردوار اچي گنگا جي سپرد ڪندو آهي. ڪيترا هندو ٻارن جو منڍ ۽ جڻيا هردوار ۾ اچي پارائيندا آهن.

ليڪن هينئر هردوار جو رنگ روپ نرالو آهي. هينئر اُهو وڏو شهر آهي. گنگا پار وڃڻ لاءِ ڪيتريون پليون ڪڙيون ڪيون ويئون آهن. گنگا پار ڪان وڏو شاهي رستو ڪڍيو ويو آهي جيڪو آمدرفت لاءِ ڪارگر ثابت ٿيو آهي. منشا ديويءَ تي اڳہ پيادل چڙهي وڃڻو پوندو هو، اڄ بجليءَ تي هلندڙ ٽراليون آهن.

هردوار ۾ ٻيا ڏڻ وار تہ ملهايائي ويندا آهن خاص طور ڏياري ۽ هولي، پر ڪُنڀ ۽ اڌ ڪُنڀ جو ميلو ڌام ڌوم سان ملهايو ويندو آهي جنهن ۾ لکين ياتري گنگا ۾ ٽٻي ڏيڻ ايندا آهن. ڀارت ۾ جيترا بہ مَٺَ ۽ اکاڙا آهن اُنهن جا گاديسر ۽ پوئلڳ ميلي ۾ اچي پهچندا آهن. اِنهن شاهي ميلن ۾ هردوار جا دڪاندار تہ خوب ڪمائيندا ئي آهن، ٻاهريان واپاري پڻ پنهنجا دڪان کولي، ڪمائي ويندا آهن، خاص طور کاڌي پيتي ۽ ويسين وارا ....

پُراڻڪ ميٿا موجب سمندر منٿن بعد جڏهن امرت جو ڪلش نڪتو تہ اُهو دئيت ڪٽي ڀڄڻ لڳا. ڀڄندي ڀڄندي، جتي جتي، اُن ڪلش مان امرت ڇُلڪي هاريو، اُتي اُتي، ڪنڀ ۽ اڌ ڪنڀ ملهائجي ٿو. ڪنڀ ٻارهين سالين ۽ اڌ ڪنڀ ڇهين سالين. اهڙيءَ طرح اُهي هنڌ، جتي جتي امرت هاريو هو، هندن جا تيرٿ آستان بڻجي پيا. اُهي آستان هن پرڪار آهن : هردوار، الله آباد، اُجين ۽ ناسڪ.

مون هردوار ۾ رهندي ڪنڀ ۽ اڌ ڪنڀ — ٻئي ميلا ڏٺا آهن.

هردوار جو بيان اِنڪري وڏيڪ پيو ڪريان جو هردوار جو منهنجي جيون ۾ وڏو دخل رهيو آهي. گنگا سان منهنجو اتي سنيهہ رهيو آهي. هوءَ منهنجي لاءِ ماءُ سمان رهي آهي. منهنجي حال جي جاڻو رهي آهي. دک - سک ۾ مان وٽس ئي ڊوڙندو ويو آهيان.

هردوار ۾ گنگا جو جل ٻاروهي سيتل — جهڙو برف ! هردواروا سي گهڻو ڪري گرميءَ سرديءَ گنگا سنان ڪن. سنان بعد گنگا جي اُستتي

ڪن. گنگا جل جي لوٽي پري شولنگ تي چاڙهين. دڪان تي وچي گنگا جو چندو هڻن. اِنڪري ماڻهن جا من، تن ۽ آچرڻ صاف ۽ شڌ آهن.

هردوار جا گروڪل وديالیہ جڳ مشهور آهن. اُن ۾ وديارٿين کي ڪلن نيم پالڻا پوندا آهن. اُن اگنيءَ - پريڪشا مان پاس ٿي، ڪُندن بڻجي، جڏهن هو سنسار ۾ پرويش ڪندا آهن ته سندن جيون فلسفو بلڪل صاف ۽ چٽو هوندو آهي.

وديارٿي جيون ۾ ٻالڪ چاهي ٻالڪيون، سنسڪرت جو اڀياس ڪندا آهن. هو جڏهن شام جو قطار ۾، پيرين پنڌ، سنسڪرت جا سلوڪ اُچاريندا، هرڪي پئوڙين طرف ويندا آهن، جتي آرتي ٿيڻ تائين گنگا جي ڪنلي تي ويهي، هڪ ئي سُر ۾ سنسڪرت جو پاٺ پڙهندا آهن، ته واتارڻ ۾ عجيب آلوڪڪ سُر گونجندا آهن. اُهي سُرَ ٻڌي من ۽ چت، ٻئي ترپت ٿي ويندا آهن.

مان گنگا جي تيز وهڪري ۾ لڙهيو ٻه آهيان ته پار ٻه پيو آهيان. اهڙيءَ طرح هڪ دفعي، نَنڍي هوندي، رائيس ڪئنال ۾ ٻه لڙهي ويو. هوس جنهن مان ديارام ٽيلر ماستر بچايو هو. هڪ دفعي، شوراتريءَ تي، ڪملا ۽ شانتي پرساد سان گڏ ڪنکل ويو هوس ته اُتي گنگا جي چوهہ ۾ پير ترڪي ويو هو. شانتيءَ ۽ ٻئي هڪ جوان بچائي ٻاهر آندو هو. ڪملا پيڻ روئڻهارڪي ٿي ويئي هئي.

اِن ڪري مون کي سنڌوءَ ۽ گنگا لاءِ بيحد شرڌا ۽ عقيدت آهي جو هنن ٻنهي مونکي جيون - دان ڏنو آهي.

هردوار ۾ مون ڪيئي اونهارا، ڪيئي سيارا گذاريا آهن. گرمين ۾ گهڻو ڪري سروڻ گهاٽ تي گنگا سنان ڪرڻ ويندو هوس. هرڪي پئوڙين تي ڪڏهن ٿي وينڊو هوس. گرمين ۾ اوستائين تڙڳندو هوس جيستائين ڏند نہ ڪڙڪڻ لڳندا هئا. سياري ۾، بدن تي سرنهن جو تيل ملي، ڪجهہ وقت اُس جو تڙڪو کائي، پوءِ گنگا ۾ گهرندو هوس. پنج ڇهيون ڏيئي هڪدم ٻاهر نڪري ايندو هوس. مون محسوس ڪيو هو ته هڪ دفعو ٽبيون ڏيئي نڪرڻ بعد سرديءَ جي لڪا ڪانہ پوندي هئي. ڏڪ ڏڪ يا ڏندن جي ڪڙڪ ٻہ ڪانہ ٿيندي هئي.

گنگا جو جل ڪڏهن ٻہ خراب نہ ٿيندو آهي. چون ٿا ته مغل بادشاهون گنگا جل ڪانسواءِ ٻيو ڪو پاڻي پيئندا ئي نہ هئا ....!

سروڻ گهاٽ جي جنهن چبوتري تي مان ۽ مڏو، شام جو ويهندا هئاسون، اُن چبوتري مٿان شهتوتن جي وڻ جي ڇايا هوندي هئي. اسين اُن مان ٽارا ۽ ننڍڙا شهتوت پٽي کائيندا هئاسين. اُهي کائڻ ۾ ڪٽا مٺا هوندا هئا. هن وقت اُهو وڻ اُتي ڪونهي. باندرن جي آزار کان اُهو وڻ ڪٽايو ويو هو. ليڪن مان جڏهن به هردوار وڃان تڏهن سروڻ گهاٽ تي ضرور وڃان ۽ اُن چبوتري تي وڃي ويهي رهان. اُتي ويلي ويلي مڏوءَ کي ضرور ياد ڪريان. ڏسندو گنگا جي لهرن طرف آهيان ليڪن ڌهن ۾ صرف مڏو هوندي آهي. مڏوءَ کي ياد ڪرڻ سان من ۾ جلترنگ وڄندا آهن. منهنجي لاءِ هوءَ اُها راڳڻي هئي جنهنکي مان اڄ تائين گنگنائيندو رهندو آهيان. هوءَ اڄ به منهنجي من جي سنگهاسن تي براجمان آهي.

جڏهن به اسان جي ڪا پريه وستو گم ٿي ويندي آهي ته اسين اُن لاءِ بي چئن ٿي ويندا آهيون. اُن وستوءَ کي بار بار ياد ڪندا آهيون ۽ وڏيڪ ڏکي ٿيندا آهيون.

مڏو منهنجي لاءِ گم ٿيل وستو هئي جنهنکي مون جڏهن به ياد ڪيو آهي، اتي دکي ٿيو آهيان. ليڪن اُها گم ڪٿي ٿي هئي. اُها وستو ته مون پنهنجن هٿن سان وڃائي هئي ...!

منهنجي هن آتم ڪٿا جو مکيه سُوتر مڏو ئي آهي ...

اُن زماني ۾ هردوار جي رام ليلا ڏسڻ وٽان هوندي هئي. رام ليلا وارو مئدان زالن، مردن ۽ ٻارن خواه ٻڍن سان ڀرجي ويندو هو. هلڪو هلڪو سيءُ پوندو هو ليڪن رام ليلا ڏسندي اُن جي پرواه نه ڪبي هئي.

اُن هڪ سال، رام ليلا ۾، رام جو ننڍپڻ جو پارٽ ڪرڻ وارو ڇوڪرو بيمار ٿي پيو ته اُهو پارٽ مونکان ڪرايو ويو. مونکي هندي سلي ايندي هئي، مان اُهو پارٽ بخوبيءَ ڪري ويس. شايد وڏيڪ سُلو ۽ الردار نموني ڪيم. اُن جو اديت نتيجو نڪتو. ٻئي ڏينهن سروڻ گهاٽ تي ويس ته زالون ۽ بزرگ پيرين پوڻ لڳا. ڇي : مان رام آهيان! هردوار يوپي پرڳڻي ۾ آهي ۽ يو پي وارا ٻين جي ڀيٽ ۾ رام ڀڳت وڏيڪ آهن. ايوڌيا پڻ يوپي ۾ ئي آهي.

رام واري اُن پارٽ بعد، مڏو مونکي رام ڇئي ڪوليندي هئي.

مون هن تي ۽ پاڻ تي جيڪا ڪهاڻي لکي هئي — هڪ لهر، اُن ۾ هوءَ ريڪا آهي ۽ مان رام.

هردوار ۾ هڪ آزار ٻڪارين جو، ٻيو آزار باندرن جو. ٻڪارين کي تہ پاڻ مرادو ٻکيا مليو وڃي ليڪن باندر گهرڻ بجاءِ کسڻ ۾ يقين رکن. جهپ هڻي ڪنهنجو ڪو پهرڻ کڻي ويندا تہ ڪنهنجو ڪو چمپل يا بوٽ. ڪنهنجي روٽي کڻي ڀڄندا تہ ڪنهنجو ڪو ڦل فروٽ. وڻ جي ڏار يا بجليءَ جي ٿنڀي تي ويهي، ڪاڏي ساڻ مٺا ڀريندا ويندا. ڪپڙو لٽو يا بوٽ چمپل جو پادر ڏندن ساڻ ڦاڙڻ - چٿڻ لڳندا. اِن ڪري مان باندرن جو دشمن ۽ باندر منهنجا دشمن هئا.
اسان جي حويليءَ ۾، پڌر ۾ پپل جا ٻہ وڏا وڻ هئا جي باندرن جو ناٽو لڪاٽو هئا. هو صبوح جو صف ٻڌي اُڇڙ شروع ڪندا هئا ۽ پپل تي پنهنجو قبضو جمائي ويهندا هئا. سياٽا ايترا جو جڏهن اُڇ لڳندن تہ وڻ تان هيٺ لهي، پڌر ۾ لڳل نل جي ٽوٽي گهمائي، نل ساں وات لڳائي، پاڻي پيئندا ۽ ٽوٽي بند ڪرڻ ڪانسواءِ ئي ڀڄي ويندا.
مان لٺ کڻي کين ڀڄائڻ لڳندو هوس. هو مون ڏانهن چوڪي نهاريندا هئا ۽ مان لٺ ڏيکاري کين ڊيڄاريندو هوس. هيترو ڊيڄارڻ ڪان پوءِ بہ مون هنن نؤدن ڪان پنهنجا ڪپڙا ڦاڙايا هئا ۽ چمپل جا پادر گم ڪرايا هئا...!

اُن سال اماں هردوار ڪانہ آئي هئي. اسين گهر ۾ ٽي ڀاتي هئاسين. نانو، ناني ۽ مان. نانيءَ جي هڪ ٽنگ گوڏي کان ڪٽيل هئي جنهنڪري هو لنگڙو هو ۽ ڪاٺ جي گهوڙيءَ تي هلندو هو. ناني بينگالڻ هئي ۽ صفا چري هئي. ليڪن هوءَ سنڌي سمجهندي هئي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڳالهائيندي بہ هئي. ناني ڪلڪتي ۾ رهندي ساٽس پريم وواه ڪيو هو. هوءَ ٻال وڏوا هئي ۽ هڪ بئريسٽر جي ڌيءَ هئي. شاديءَ بعد هو ڪلڪتو ڇڏي، ڪجهہ سال سنڌ ۾ رهي آيا هئا جتي هن سنڌي سکي ورتي هئي. سندس نالو راڌا هو جيڪو سندس اصلوڪو نالو نہ هو. بينگال ۾ وڏوا کي راڌا ڪوليندا هئا، اِن تان هوءَ راڌا نالي ساں سڏي ويندي هئي. نانو کيس ڏاڍو ڀائيندو هو جو جو ڏکين ڏينهن ۾ هن سندس ٺهل ٺڪور ڪئي هئي.

مون هنن جي زندگيءَ تي جيڪو ناول لکيو آهي — پاٽيارا پکي، اُن ۾ سندن زندگيءَ جا مڪمل ۽ سچا عڪس پيش ڪيا اٿم.

هردوار ۾ ناني کي ڪپڙي جو وڏو دڪان هو. اُهو ڪافي مشهور هو. ٻه پائيوار هئا ۽ ٻئي سنڌي هئا. هڪ نانو شيورام ۽ ٻيو ڪاڪو حشمتراءِ. فرم جو نالو پوندو هو : 'شيورام حشمتراءِ'. ٻئي شادي شده هئا ۽ ٻنهي کي پنهنجو اؤلاد ڪونه هو. ناني مونکي گود ۾ ورتو هو ۽ ڪاڪي حشمتراءِ پڻ گهڻن ئي ٻارن کي پالي وڏو ڪيو هو. نانو ڪلڪتي ۾ رهي، انگريزن سان ڏنڊو واپار ڪندي، انگريزي ڳالهائڻ سکي آيو هو. هو ڪوڙ اصل نه ڳالهائيندو هو. ڏنڊي ۾ بارگين جي سخت خلاف هو. تنهنڪري دڪان تي بورڊ هڻي ڇڏيو هئائون : هڪ اگهه. فڪس ريٽ. ايڪ دام. اُهو بورڊ انگريزيءَ ۽ هنديءَ ۾ هوندو هو. دڪان جا ٻه مالڪ ۽ ٻه ملازم. هڪ هيمون ۽ ٻيو شانتي. هيمؤ ڳامبلو هو ۽ شانتي امرتسر جو جنهنکي ناني ننڍي کان وڏو ڪيو ۽ شادي به ڪرائي هئي، ڪملا سان. اُن ڪملا کي مون پنهنجي ڀيڻ ڪيو جيڪو ناتو اُڄ تائين نباهيندو اچان. مان جڏهن به هردوار وڃان، ڪيس پيرين پوان ۽ ٻارن کي خرچي ڏيان. سندس پٽ اڄ تائين مونکي 'ماماجي' چون ۽ عزت ڏين.

سنڌ مان جيڪي سنڌي هندو هردوار تيرٿ ڪرڻ يا ڪُمڀ سانگي اچن ته اسان وٽان ٿوري گهڻي خريداري ضرور ڪن. نانو ڪنهنجي اجائي خوشامد نه ڪري ليڪن ڪاڪو حشمتراءِ اُنهن سنڌين کي ويهاري، ڪين ٻيڙي چانهه پيئاري، ڪانئن سنڌ جو حال احوال وٺي. مان اُنهن سنڌين جي ويجهو ويهي، ڪن ڏيئي، سنڌ جو حال احوال ٻڌان. مونکي سنڌ جي الڳ الڳ شهرن ۽ ڳوٺن جو احوال ٻڌي خوشي ٿيندي هئي. ائين سمجهندو هوس مان اُنهن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ پهچي ويو آهيان.

ڪاڪو حشمتراءِ، جنهنکي هردوار جا سنڌي مکي صاحب چوندا هئا، اُنهن سنڌ جي ياترين جي همدردي حاصل ڪري وٺندو هو جنهنجي موٽ ۾ هو اسان جي دڪان تان خريداري ڪري ويندا هئا.

دڪان تي هڪ درزي به ويهاريل هو. اُهو اصل ڪوهاٽ جو ڪوهاٽي هو. آفيم جي ڳوري کائيندو هو. هن کي به اولاد ڪونه هو. هن جي ڪوهاٽڻ زال جڏهن ڪيس ٻنپهرن جي ماني ڏيئي ويندي هئي ته هو مونکي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻه ضرور ڪارائيندو هو. مونکي نه صرف پيار ڪندو هو بلڪ چرچاگهها ٻه ڪندو هو. جڏهن آفيم جي گوري ڪاڏل هوندي هئس تڏهن مشين هلائيندي، پنهنجيءَ ٻوليءَ ۾ راڳ پيو جهونگاريندو هو.

هردوار ۾ ڪنهن ياتريءَ کي تڪڙي سلائي ڪرائڻي هوندي هئي ته اُهو اسان واري ڪوهاٽي ٽيلر ماسٽر وٽ ايندو هو. هو ماپ وٺي، ڪپڙو ڪٽائي ولندو هو ۽ ياتريءَ کي چوندو هو ته گنگا سنان بعد، موٽندي وقت پنهنجي قميص يا ڪرتو کڻندو وڃي.

ڪوهاٽي ٽيلر ماسٽر ڪپڙن سبڻ ۾ ايترو تکڙو ۽ چست هو جو ٻن ڪلاڪن ۾ سڄو وارو ڪپڙو هڪ ڪلاڪ ۾ سبي ولندو هو. ياتري گنگا تان سنان ڪري موٽندو هو ته کيس پنهنجو سبيل ڪپڙو تيار ملي ويندو هو. پر پوءِ تماشو ٻه ٿيندو هو. جيڪڏهن ٽيلرماسٽر جي گوري ڪاڏل هوندي هئي ته هو ماپ پلجي ويندو هو. اُن حالت ۾ جيڪي ياد پوندو هوس، اُن آڌار تي ڪپڙو ڪٽي سلائي ڪري ولندو هو. جڏهن ياتري اُهو سبيل ڪپڙو پائيندو هو ته يا ته اُهو هڄي سوڙهو ۽ يا هڄي ويڪرو

ياتري خفي ٿي چوندو : هيءَ قميص ڪهڙي سُبي اٿيئي؟ هيءَ ته سوڙهي آهي!

ڪوهاٽي ماسٽر هڪدم جواب ڏيندو : تون ته ڪو ڀُهيلو آهين! ايترو ٻه نٿو ڄاڻين ته ڪپڙو جڏهن پاڻي ۾ پوندو آهي ته ويڪرو ٿي ويندو آهي، جيئن جتي پاڻ سان ويڪري ٿي ويندي آهي!

جيڪڏهن ياتري مورک هوندو ته سندس اِها ڳالهه سچ مڃي، سوڙهي قميص کڻي هليو ويندو هو. پر جڏهن قميص ويڪري هوندي هئي ته دليل ڏيندو هو : ڪپڙو پاڻيءَ ۾ پوڻ سان سسندو آهي يا نه، اِهو ٻڌاءِ؟ مون ته پاڻ پلائي ڪري قميص موڪري سبي آهي جيئن ڌوپجڻ بعد فٽڻگ برابر ٿئي!

ٻنهي حالتن ۾ گراهڪ ٺڳ ملبو هو، جيئن سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي : واٺئي ليکي جتي هلي، جٽيءَ ليکي واٺيو ملوا

ليڪن ڪو ڪو گراهڪ سياڻو نڪري پوندو هو. اُهو گراهڪ سوڙهي يا موڪري قميص وٺڻ کان انڪار ڪندو هو. اُن حالت ۾ ڪوهاٽي ٽيلر ماسٽر کي پئسا پري ڏيڻا پوندا هئا.

سياري ۾ چاهي گرمين ۾، اسان کي ڪوئلن جي سگري ٻارڻ لاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪپڙي جي ڪُتر ڪپندي هئي جيڪا اسين رات جو ڪوهاٽي درزيءَ ڪان ولي ويندا هئاسين. اسين ٻئي وقت ماني پنهنجن هٿن سان تيار ڪندا هئاسين. حويليءَ ۾ رهڻ وارا ٻيا ڪيترا ڪاڪ جي ٻوري جي سگري ٻاريندا هئا. ليڪن اسين اگرن تي ئي ماني تيار ڪندا هئاسين.

ناتال جون موڪلون شروع ٿي ويئون هيون. سيءُ بہ وڌي ويو هو. اِن سبب بزار جلد بند ٿي ويندي هئي. نانو پهرين گهر هليو ويندو هو ۽ رات جي رسوئيءَ جي تياري ڪندو هو. اُن بعد مان دڪان بند ڪرائي، سگري ٻارڻ لاءِ ڪاتر پني ۾ ويڙهي، گهر کڻي ويندو هوس.

موڪلن سبب مڏو پڪيءَ وٽ دهليءَ هلي ويئي هئي. منهنجو وڏو مامو شوقتراءِ ٻن دوستن سان گڏجي هردوار گهمڻ آيو هو ۽ هينئر واپس وڃڻ جو سانباهو ڪري رهيو هو. ناني مون کي پڻ اُنهن سان گڏ وطن وڃڻ جي اجازت ڏني. ٽي هو ۽ چوٿون مان، راجستان گهمندا، جوڌپور کان ڇوٽي لائين رستي، حيدر آباد وڃي پهتاسين. اُتي مامي سترام کي اسٽيشن تي ڪٽنلين هئي. مامي اسان کي حيدرآباد گهمائي ڦيرائي، ريل گاڏيءَ رستي لاڙڪاڻي روانو ڪيو. اُتي، حيدر آباد ۾ مامي سترام جيڪو پلو ناهي کارايو هو اُن جو سواد اڄ تائين زبان تي آهي ۽ ياد اچڻ تي منهن ۾ پاڻي ڀرجي ايندو آهي.

گهٽا سال پوءِ، ورهاڱي کان چاليهہ سال پوءِ، ١٩٨٦ع ۾ مان جڏهن سنڌ گهمڻ ويس تڏهن نواب اِمداد علي ٽالپر ڄامشورو وٽ، المنظر ريسٽارنٽ ۾ تازو پلو ولي، اُتي ئي ڪٽائي رڌائي پچائي کارايو هو. اُن کان ڪجهہ ڏينهن بعد دلبر دوست عبدالله قادر جوڻيجو، ساڳئي هنڌ، درياءَ جي ڪپرتي ڪرسيون وجهارائي، چئن پنجن اديبن کي تازو پلو کارايو هو.

ننڍي هوندي کان جيئن جيئن ساهتيہ جو اُڀياس پئي ڪيم، من ۾ ليکڪ بڻجڻ جي چاهنا پختي ۽ پرٻل ٿيندي پئي ويئي. ليڪن قدرت ڏسو، منهنجي هٿ ۾ قلم بجاءِ، ڪڏهن ڪپڙي ماپڻ جو وال تہ ڪڏهن مناڻي - پڪوڙا تورڻ لاءِ تارازي پئي ٿمائي ويئي ...

ٻارهن ورهين جي عمر کان مون هردوار ۾ گز کڻي ڪپڙو ماپڻ شروع ڪيو هو. اُن ۾ سوٽي، ريشمي ۽ اوني ڪپڙو هوندو هو تہ ريشمي، سوٽي ۽ بنارسي ساڙهيون پڻ هيون.

سيڪنڊ ورلڊ وار چالو هئي. هر چيز تي ڪنٽرول هو. ڪپڙي تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڻ ڪنٽرول هو. اسان جو دڪان جيئن تہ هردوار ۾ وڏو ۽ مشهور هو، اسان کي ملين مان ڪپڙو وٺڻ ۽ ڪنٽرول اگهہ تي وڪڻڻ جو سرڪاري لائيسنس مليل هو. چيپل اگهہ کان وڌيڪ اگهہ وٺڻ وارن تي قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي هئي. اُن ۾ نفعو ٿورو ليڪن وکرو گهڻو ۽ تکڙو هو. مال جون گَنڍڙيون لهنديون مس هيون تہ خريدارن جي قطار لڳي ويندي هئي. سمورو مال هڪ ڏينهن ۾ وڪامي ويندو هو. سياري ۾، ڏاريوال ۽ لال اِملي ملين مان، گرم ڪپڙو ۽ بلئنڪيٽ ايندا هئا. اُهي بہ جلد نيڪال ٿي ويندا هئا. اُن سال مون بہ گرم ڪپڙي مان ڪوٽ سبايو هو.

مان لاڙڪاڻي پهچي، پڃري مان آزاد ٿيل پکيءَ مثل، آڪاش ۾ اُڏامڻ لڳو هوس. اُهائي شيوا منڊلي، اُهائي ڪتابي دنيا. امان جو مون ۾ ساهہ هو تہ روز نوان نوان طعام ٺاهي کارائيندي هئي. ڀُڳل تيوڻ جو ڪٽورو ڀري ڏيندي. پلي مان ڪنڊا ڪڍي، سوئي سوڌي ڏيندي. صبوح جو نيرن تي بابا سائي ٿوم پيل چانورن جي اٽي جو ٻوڙ پچائي، مکڻ جهڙيءَ ڏهيءَ سان کائڻ لاءِ ڏيندو هو. شام جو ڪرموءَ جا ڪُني ۾ رڌل ٻهہ ضرور کائيندو هوس. ڪڏهن ڪڏهن صبوح جو ڪرموءَ کان دال پن ولي ايندو هوس جي ڦلڪي سان کائيندا هئاسين.

هڪ دفعي اسين ٻئي ڀائر ۽ وڏا سؤٽ - ڪشن ۽ رام، امان ۽ وڏي مامي سان گڏجي، ناناڻن جي اصل ڳوٺ ’پار‘ ويا هئاسين جتي اسان شهري ڇوڪرن، ڳوٺاڻن ڇوڪرن کي ڏاڍو ڪِٽِ ڪيو هو. اسين اُنهن کي بيوقوف ۽ ڏاهري سمجهي، مٿن چٿرون ڪندا هئاسين. ليڪن مونکي اڄ بہ ياد آهي، اُنهن ڳوٺاڻن ڇوڪرن مان، هڪڙي ڇوڪري مونکي ايترو ڏيکاريو هو جو ساهہ مٺ ۾ اچي ويو هو. ڳوٺ مان هڪ وڙوکڙ کائيندي واهي وهندي هئي جنهنکي ڳوٺ وارن نانگڻ نالو ڏنو هو. اسان سؤٽن ۽ ڳوٺ جي ڇوڪرن نانگڻ ۾ ٽپا ڏئي ڏنا. ڇيلهہ جيترو پاڻي مس هو. واهيءَ جي ڪنڌيءَ وٽ ڪيتريون ئي ڪنهيون نظر پئي آيون — اڇيون اڇيون ڦُنهيون. مون اُمالڪ اُنهن مان هڪ ڪنهي پٽي ورتي. اُن ڳوٺاڻي ڇوڪري رڙ ڪري چيو، ’هيءَ تو ڇا ڪيو؟ اِنهن ڦُنهين هيڏا ان نانگن جا گهر هوندا آهن. هاڻي پيهہ، نہ تہ اِن گهر جو نانگ توکي جيئرو نہ ڇڏيندو!‘

مان اهڙو ڊنس ۽ اهڙي تکي ڊوڙ پاتم جو امان جي هنج ۾ هوندي بہ ڪيترو وقت سهڪندو رهيس. امان سمجهايو تہ اِهو ڳپوڙو هو ۽ ڪنهيءَ

هيلان نانگه جو گهر نہ هوندو آهي ليڪن منهنجو ڏپ نہ لهي نہ لٿو ....!

اِنهن ڪنيين جي لذيذ ڀاڄي لهندي آهي، ليڪن مون ڪڏهن نہ کاڌي هئي. منهنجي من تي ننڍپڻ جو اُهو ڏپ ويلل هو. گهڻو گهڻو پوءِ، شايد سال کن اڳ بمبئيءَ ۾ ئي کاڌم جڏهن منهنجي ماروت شميءَ جو گهوٽ هيرالعل دهليءَ مان تازيون ڪنيون ولي آيو هو. اُهي بہ مون اڻ ڄاڻائيءَ ۾ کاڌيون هيون جو مونکي اڳواٽ خبر ڪانہ هئي تہ هيءَ ڪنيين جي ڀاڄي آهي ....

اهڙن خوشگوار ڏينهن ۾ هڪ ڏينهن اوچتو هردوار مان تار اچي پهتي : ڪم سُون – فورن اچ. ۽ مان گاڏيءَ ۾ چڙهي پيس. اِهو منهنجو پهريون سفر هو جڏهن مان اڪيلو هردوار وڃي رهيو هوس. رستيءَ ۾، روهڙيءَ ۽ لاهور گاڏيون بدلائيون پيئون هيون.

هردوار پهچي جڏهن اصل معاملي جي ڄاڻ پيئي تہ ڏڏڪو اچي ويو. وشواس ئي نہ پئي آيو تہ ائين ٿيو هوندو. ليڪن وشواس ڪرڻو پيو جو حقيقتون سامهون هيون. منهنجو من ڪروڌ ۽ نفرت سان ڀرجي ويو. ايڏو وڏو پاکنڊ ! ڪنهن طرفان ۽ ڪنهن سان ....؟

منهنجي ڏاڏيءَ ۽ سمجهہ کي لقوو لڳي ويو. منهنجي لاءِ جيڪي چيو ويو هو ۽ جهڙيون حالتيون پئدا ڪيون ويون هيون تن مونکي پيرالائيزڊ ڪري ڇڏيو هو. اُن مونکي منهن ڏيکارڻ جهڙو بہ نہ رکيو هو. مون تي اِلزام ڏريو ويو هو تہ مون ڪپڙي جي ڪُتر بهاني، ريشمي ڪپڙو پئي چورايو جيڪو مان روز رات جو پني ۾ ويڙهي گهر کڻي ويندو هوس. ناني کي ڪوڙ کان سخت نفرت هئي. هو هن نسوري ڪوڙ کي برداشت ڪري نہ سگهيو ۽ ڪاڪي حشمتراءِ مٿان ڏمرجي پيو. چيائينس : 'تون وڏو پاکندي آهين! منهنجي پٽ مٿان ڪوڙو اِلزام ٿو ڌرين! هن گهڙيءَ کان پوءِ مان توسان سڀ واسطا توڙي ٿو ڇڏيان. سياڻي جو سياڻي مان توکان الڳ ٿيندس. مان توسان هڪ پل بہ گڏ نہ رهندس ....!'

هنن جو منصوبو بہ اِهوئي هو. هو پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿيا هئا.

ڪنٽرول جي ڪپڙي مان آمدني جهجهي هئي. اِهو ڏسي گامبلو هيمُونءَ جي نيت خراب ٿي پيئي. هن سوچيو هن دڪان ۾ هو محض هڪ نوڪر هو ۽ سموري ڪمائي ٻن حصن ۾ ورهائجي پئي ويئي. سوچيائين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اِن ڪمائيءَ ۾ هو به چو نه حصيدار بڻجي. اِهو سوچي هن مکي حشمتراءِ کي اُبتي سبتي پٽي پڙهائي، اَلبتہ ڏيئي، پنهنجي سوچيل منصوبي ۾ شامل ڪيو. شانتي پرساد کي به للچائي چيائين : 'تون ٻارن ٻچن وارو آهين، ڪيترو وقت هيتري ٿوريءَ پگهار ۾ گهر ٻار هلائي سگهندين؟'

جڏهن هو ٽئي يڪراءِ ٿيا تڏهن سوچيل اسڪيم موجب مکي صاحب معرفت مون تي چوريءَ جو الزام لڳايو ويو جيڪو ٻڌي نانو باهوڙجي ويو ۽ فورن الڳہ ٿيڻ جو اعلان ڪيائين.

سڀ ڪجهہ اُئين ئي ٿيو جيئن هنن رٿيو هو. ٻئي ڏينهن صبح جو دڪانن ۾ ويري پڻجي ويئي. مال جي ورهاست ٿي ويئي. ڪنهن کي ڪيترو ڏيڻو ونڻو هو، اُن جي لکپڑه ٿي ويئي.

ناني کي جو ڪاوڙ بيلي هئي تہ هن جو دماغ به جاءِ نه هو. ٻنهي دڪانن مان ڪيس ننڍو دڪان ڏناءُون ۽ وڏو پاڻ ڪنياءُون تہ اُهو به قبول ڪيائين. ٻنهي نوڪرن مان هيمون مکيءَ کي ۽ شانتي ناني جي حصي ۾ آيو. ليڪن ٻئي ڏينهن جڏهن دڪان کولڻ جو وقت ٿيو تہ شانتي پڻ هنن سان گڏ وڃي ويٺو. نانو بلڪل اڪيلو رهجي ويو. اُن وقت ناني جي من جي جيڪا ڪيفيت هوندي، اهو هن جو من ئي ڄاڻندو هوندو !.....

نانيء لاڙڪاڻي تار ڪري مونکي فورن گهرائي ورتو هو.

گنگا بدستور وهي رهي هئي. مان پٽرايل اکين سان سروڻ گهاٽ جي اُن چبوتري تي، شهتوتن جي وڻ هيٺان ويٺو، گنگا جي اروڪ ڌارا ڏانهن يڪ ٽڪ نهاري رهيو هوس، اڪيلو ۽ تنها ..... مٽو دهليءَ مان اچا ڪانہ آئي هئي. منهنجي من ۾ هاهاڪار هو. طوفان هو. ليڪن مان اکيون چنڀڻ بنا، گنگا کي گهوريندو رهيس. پتت پاون گنگا منهنجي پيڙا کي محسوس نہ ڪيو هوندو؟ منهنجي ويدنا کي نہ سمجهيو هوندو؟ ائين هرگز نہ هوندو. هن منهنجي من کي ضرور پڙهيو هوندو. هڪ اڌ ڳوڙهو بہ ضرور ڳاڙيو هوندو. اُهو ڳوڙهو سندس ئي وهڪري ۾ وهي ويو هوندو .....! منهنجا ڳوڙها، منهنجين اکين ۾ ئي انڪي پيا هئا ..... اُهي اگر ڳڙن ها تہ گنگا ۾ ضرور اُٿل پٿل اچي ها ..... شايد سيلاب اچي وڃي ها .....!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُها اُتل پٽل آئي، ٿورو دير سان آئي، پر جڏهن آئي تہ سڀ ڪجهہ لوڙهي ڪٺي ويئي ..... ڪجهہ بہ وٽن باقي رهڻ نہ ڏنائين .....!

گنگا ساڳيءَ گتيءَ سان وهندي رهي ۽ وقت گذرندو رهيو. اسين پورا سارا ۽ هو ڏن بدن شاهوڪار ٿيندا ويا. سندن زالن جو بدن سون سان جهڄهبو ويو. سندن دماغ ستين آسمان تي پهچي ويو هو.

هڪ ڪملا ئي هئي، شانتيءَ جي پٽني ۽ منهنجي ڏرم جي ڀيڻ، جيڪا ڳِلت فيل ڪندي هئي. هوءَ اڳہ کان وڌ منهنجو خيال رکڻ لڳي. پڙهڻ لکڻ ۾ بہ مدد ڪرڻ لڳي.

مدو موٽي آئي هئي. هوءَ منهنجي وڌيڪ ويجهو هلي آئي. هوءَ منهنجي دل جوئي ڪندي هئي ليڪن منهنجو من مايوس هو. خوشي ڪافور هئي. مان دڪان تي بہ وڌيڪ وقت ويهڻ لڳو هوس. مدوءَ سان تمام ٿورو وقت هوندو هوس. ليڪن هوءَ مون سان گڏ هوندي هئي تہ سمورو وقت ڳالهين سان وندرائيندي رهندي هئي.

ناني هڪ ٻيو ماڻهو دڪان تي رکيو جنهنجو نالو ٽيڪچند هو. هو بہ ڳامبلو هو ليڪن ڪجهہ وقت ناني وٽ نوڪري ڪري ويو هو. هو آيو تہ مون تان جوابداريون گهٽ ٿيون. پوءِ مان ۽ مدو گهڻو وقت گڏ گذارڻ لڳاسين.

هڪ ڏينهن سروڻ گهاٽ تان سنان ڪري آيس تہ هڪ ڪَنَ ۾ سور اچي پيو. شايد پاڻي چورايو هئائين. ڪملا ڀيڻ مون واري ڪمري ۾ اچي، ڪن ۾ ڦوڪون ڏنيون پر سور گهٽ نہ ٿيو. اوڏيءَ مهل مدو آئي تہ ڪملا چيس : مٽي وڃ، هريءَ جي ڪن ۾ سور آهي، گرم تيل جا ٽيپا وجهي وجهينس.'

مدو گرم تيل جي ڪٽوري ڪڻي مٽي آئي. مان سور کان ڦٿڪي رهيو هوس. مدو منهنجي پاسي کان ويهي ٿوم پيل گرم تيل جا ٻہ ٽي ڦڙا ڪن ۾ وجهي، ڪن جي پاسن کان هلڪي هلڪي مالش ڪرڻ لڳي.

ٿورو سور گهٽ ٿيو تہ هوءَ هيٺ وڃي ڪملا کي ٻڌائي، واپس موٽي آئي.

ٻاهر پپل جا پن هوا جي جهونڪن تي ڌيمي ڌيمي لڏي رهيا هئا. ڪو ڪو پن هوا جي زور تي ڇڄي هيٺ ڪري ٿي پيو. اڄ شايد باندر بہ مات هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مڌو در ھيڪڙي منهنجي پرسان اچي ويٺي. مان پاسو ورائي، ديوار طرف منهن ڪري سمهي پيس.

منهنجي پاسي واري جاءِ خالي ٿي تہ مڌو بنا حجاب پاسي کان ليٽي پيئي. مون پنهنجو منهن ورائڻ ڪانسواءِ چيو، ’تون ڪيتري نہ سٺي آهين. منهنجو ڪيترو خيال ٿي رکين!‘

اُمالڪ هن پنهنجي ٻانهن منهنجي ڳردن چوڌاري ورائي ڇڏي.

مون ٿڙڪندي چيو، ’تون سڄي عمر ائين ئي، منهنجو خيال رکندي اچج. تنهنجي سهاري منهنجا سمورا ڏک دور ٿي ويندا ......!‘

منهنجا لفظ ھڏي الائي ڇا ٿي ويس. منهنجو منهن پاڻ طرف ڦيري، ڳراٽڙي پائي مشڪل لڳي. مون پنهنجو منهن سندس سيني ۾ ڇپائي ڇڏيو .....

نہ، اهو گناه نہ هو. پاپ نہ هو. اهو ٻن معصوم دلين جو سنيهہ هو. نشپاپ پريم هو. ٻہ دلڙيون، هڪٻئي جي ڀر ۾ ليٽي، هڪٻئي جو ڏکہ سور ونڊي رهيون هيون. ٻنهي جي دلين ۾ اهڙو ڪجهہ نہ هو جنهنکي پاپ - ڀاونا چئي سگهجي. اهو محض ٻن ڪشور دلين جو سنيهہ - ملن هو. هو ٻئي پنهنجي اڪيلائيءَ جي احساس کان مڪتي پائي رهيا هئا. منهنجو ماءُ پيءُ مون کان گهڻو پري، سنڌ ۾ هئا جن وٽ منهنجو ننڍو ڀاءُ ۽ ننڍڙي ڀيڻ موجود هئا. اُهو ڀريو ڀاڳيو گهر هو جتي خوشيون ئي خوشيون هيون.

مونکي تہ وري بہ ماءُ جو پيار نصيب هو ليڪن مڌو ماءُ جي پيار کان وانجهيل هئي. سندس پيءُ ڌنڌي ۾ مشغول هو ۽ سندس پڦي دهليءَ ۾ هئي. هوءَ بہ مون جيان ڪملا ڀيڻ جي صحبت ۾ گهڻو وقت گذاريندي، وڏي ٿيندي پئي ويئي.

اُن عمر ۾، اُن وقت، جڏهن مڌو منهنجي ڀر ۾ سُتل هئي، اسان جي من ۾ ٻيو ڪجهہ بہ نہ هو، پوءِ بہ مان اُن وقت ٻجهي ويو هوس جنهن وقت مڌوءَ مونکي پاڻ طرف موڙي، ڳراٽڙي پاتي هئي. انڪري، ڪن جي سور جي پرواہ نہ ڪري، مان مڌوءَ جي ڀر مان اُٿي، هيٺ ڀڄي ويو هوس.

اهو واقعو مون پنهنجي هڪ ڪهاڻي ’سرٽيفڪيٽ‘ ۾ بيان ڪيو آهي، جنهن طرف اندرا واسوانيءَ جو ڌيان ويو هو ۽ هن اُن جو ذڪر، منهنجي

ڪهاڻين جي تبصري ۾ ڪيو آهي.

تڏهن ٿي ته چيو ويندو آهي ته ليکڪ جيڪي لکي ٿو، اهو پنهنجي نجي انڀو مان لکي ٿو، بلاشڪ ته اُن ۾ ڪلپنا جو انش هجي، پر اُها نِلي ڪلپنا نه هوندي آهي. مڌوءَ سان منهنجو پيار هو، اڄ به آهي. جيتوڻيڪ هوءَ وواهتا استري ۽ ٻارن جي ماءُ آهي. مون اڄ تائين اُن پيار ۾ خيانت نه ڪئي آهي. اهڙي چاهنا به ڪانه اٿم. ان جي ضرورت به محسوس نه ٿي اٿم. پيار هو، آهي؛ جا ٿي پيو جي هوءَ ٻئي جي ٿي ويئي آهي. پر هوءَ ته سمپورڻ منهنجي هئي، منهنجي لاءِ ٿي هئي. اُهو ته مان ٿي هوس، جيڪو ڪمزور ثابت ٿيو هوس ۽ هن جو هٿ ٻئي جي هٿ ۾ ڏيئي هميشه لاءِ ڪنگال بڻجي ويو هوس.

ڪاش! اُن وقت مان پرٿويراج چوهاڻ جيان بهادر هجان ها ۽ همٿ ڪري مڌوءَ کي سنجوگتا جيان گهوڙي تي کڻي ڪڍي ويو هجان ها! ..... ليڪن گهڻو پوءِ منهنجي پٽ چندر اِها سورهيائي ڏيکاري هئي ۽ پنهنجي سنجوگتا کي هوائي جهاز رستي کڻي ڪڍي ويو هو جيڪا اڄ سندس جوءِ ۽ ٽن ٻارن جي ماءُ آهي ۽ سندن محبت قائم آهي .....

ڪيڏو نه ڀاري نقصان سلم. ڪجهه به باقي نه بچيو. خالي کوکو رهجي ويس. پيار جو پکيئڙو هميشه لاءِ پرواز ڪري ويو.

اڄ تائين اُن پيڙا کان مڪتي ڪانه ملي آهي. سمورو گلستان واريءَ جو ڍڳ بڻجي ويو آهي. هينئر اُن ڍڳ تي ڪيترين به بوندون برسن، پيار جو سلو اُپڙڻو نه آهي. ريگستان ٿهلجندو ٿي رهيو آهي .....

هردوار ۾ رهندڙ سنڌين جي زندگي محدود دائري اندر گذرندي هئي. گهڻو ڪري سڀ واپار ۾ لڳل هئا. بولچند پنجواڻي شاهوڪار هو. کيس جهنگلات جا ٺيڪا مليل هئا. هو ريلوائيءَ کي ڪاٺ جا سليپر سپلاءِ ڪندو هو. اڄ ڪالهه سندس اهو ڪاروبار پرس رام پنجواڻي سنڀاليندو آهي. ٻئي هڪ سنڌيءَ مينگهراج کي ڪاٺ جي مڏي هئي. اوم پرڪاش ڀانسالي هو. ڪيولرام بامبي اسٽور کوليو هو ۽ ڪنٽرول جي زماني ۾ ڪافي ناڻو ڪمايو هئائين — ڪاسميٽڪ چيزن مان. جوالاپور ۾ سيرومل کي سرُن جو ٻلو هو. هو يار باش ماڻهو هو. ناني سان دوستي هئس. اهڙيءَ طرح ٻيا پڻ ڪيترا سنڌي هئا جن سيني جي هڪٻئي سان سڃاڻپ هئي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رام رام جو رستو هو.

سنڌين جي گڏجاڻي ٿئي شاديءَ يا غميءَ تي. نه ته مهنا گذريو وڃن، پاڻ ۾ نه گڏجن. شاديون مراديون گهڻو ڪري هردوار ڪان ٻاهر ڪن، ميرٺ، سهارنپور، دهليءَ تائين. ورلي ڪنهن سنڌيءَ غير سنڌيءَ سان شادي ڪئي هوندي. البت رام پنجواڻيءَ جون ٻئي زالون پنجابي آهن ۽ آهن به ٻئي ڀينر. قصو وڏو آهي پر اُهو ٻڌائڻ منهنجي لاءِ واجب نه آهي. ليڪن اڄڪالهه سڀ روا آهي.

جوالاپور وارو سيرومل هوليءَ تي وڏو هنگامو ڪندو هو. پنهنجا خاص دوست يار ٻلي تي گهرائي سڄي رات محفل مچائيندو هو. ڪاڏو پيتو ۽ راڳ رنگ. دهليءَ نه ته سهارنپور مان ناچڻيون گهرائيندو هو جي سڄي رات مجرو ڪنديون هيون. اُنهن مٿان نوٽن جي ورڪا ٿينديي هئي. نوٽ ڏيکاري نرتڪيءَ کي پاڻ وٽ ڪوليندا هئا. سندس ڳل پٽي، نوٽ هٿ ۾ ڏيندا هئا. ڪو دل فينڪ ته کيس هنج ۾ ويهاري چمي چٽي به ڏيندو هو. پر اُن لاءِ کيس وڏو نوٽ ڏيڻو پوندو هو. سارنگيءَ ۽ تبلي تي جيئن جيئن ٿاپ وڌندي ويندي هئي، نرتڪين جي نرتيه ۾ چلولائي وڌندي ويندي هئي.

مان جڏهن اهو سڀ ڏسي نه سگهيس ته ٻاهر نڪري ويس. ٻاهر ميدان ۾ وري ٻي مؤج هئي. سچ پچ ته سچي هولي اُتي ملهائي پئي ويئي. ٻلي جا پورهيت زالون ۽ مرد، ٻار ۽ ٻڍا دهلن دمامن تي مستيءَ ۾ نچي ۽ ڳائي رهيا هئا. گلال ۽ رنگن سان هڪٻئي کي رنگي ڇڏيو هئائون ۽ شايد ڀنگ به پيتي هئائون. هرڪو مؤج ۾ هو. زالون ۽ مرد هڪٻئي کي ڀاڪر ۾ ڀري نچي رهيا هئا. وڏا وڏا گهاگهرا گول گول ڦري رهيا هئا. ڪيترين زالن جون چوليون مٿي کڄي ويئون هيون. مردن کي ننڍيون ڌوتيون ۽ گنجيون پيل هيون. ڪيترا ٻار اُگهاڙا هئا.

هنن متوالن کي شراب ۽ ڪباب جي ضرورت ئي ڪانه هئي. هنن کي شباب ئي مدهوش بڻائي ڇڏيو هو.

اُن رات مان به هنن جي مستيءَ ۾ شامل ٿي ويو هوس. هولي شايد آهي ئي مؤج ۽ مستيءَ لاءِ، نچڻ ۽ ڳائڻ لاءِ.

مان جڏهن رات جو دير سان واپس اندر ويس ته ڏٺم مجرو چالو هو ليڪن مڙسالو ڪونگهرا هٽي رهيا هئا .....!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون اڳيئي جو ناول 'شيکر ايڪ جيوني' پڙهيو آهي. شرت چندر چٽلرجيءَ جي جيوني به پڙهي اٿم. گوپال نيل ڪنٺ دانديڪر جو جيوني ناول 'هڪ رولاڪ جي آتم ڪهاڻي' پڻ پڙهيو اٿم. امرتا پريتم جو 'رسيدي ٽڪيٽ' ۽ سارتري جو شبد (ورڊس) به پڙهي چڪو آهيان. هر ڪتاب، هر جيونيءَ ۾، هڪ هڪ واقعو يا مڪالمو (ڊائلاگ) هوبهو ساڳيو اچي نٿو سگهي، جيڪو اُن سمي، اُن عمر ۾ ڇيو ويو هو. هر ويڪتي ليکڪ يا شاعر نٿو بڻجي، گهٽ ۾ گهٽ اڳوات سوچي نٿو سگهي، جنهن سبب هو سڀ ڪجهه، هر ورتانت، هر گهٽنا، هر ڊائلاگ، اڳوات لکي نٿو رکي. خود ڊائري به سوچي سمجهي لکي ويندي آهي. ليکڪ شاعر آهي ته اُن جي ٻولي وڏيڪ پالش ٿيل هوندي، شاعراڻي نوع جي هوندي. شرت چندر ٻڌائي ٿو ته ڪيس اڳوات سڌ هجي ها ته وڏو ٿي هو ليکڪ بڻجندو ته پنهنجي زندگي ڪنهن ٻئي نموني گذاري ها ..... چوڻ جو سار اهو آهي ته ڊائريون ۽ جيونيون سوچي سمجهي، ان مراد سان لکيون ويئون آهن جيئن اُهي رچنائون سمجهي پڙهيون وڃن، پڙهيون وڃن ٿيون، جيئن امرتا پريتم جي 'رسيدي ٽڪيٽ' ۽ موهن ڪلپنا جي 'بک، عشق ۽ ادب' پڙهيون ويئون آهن.

منهنجي حق ۾ ليکن ائين نه آهي. ليکڪ بڻجڻ جي هڪ مبهم آس ٻچپن کان هئي ضرور، ليکن اڻ پوري تعليم، اڀياس ۽ ادبي ماحول جي عدم موجودگيءَ سبب اهو شايد ممڪن نه هو، هردوار ۾ رهندي ته اصل ممڪن نه هو. البت، هردوار ۾ ساهت جو اڀياس جاري هو. منهنجي رُچي ساهت طرف ڏن بدن وڌي رهي هئي. سروڻ گهاٽ وٽ جيڪا وڏي شاهي لائبرري هئي، اُتي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهي هندي ڪتاب ۽ مخزنون پڙهندو هوس. هردوار ۾ رهندڙ پنجابي دوستن کان اُردو ڪتاب ۽ مخزنون وٺي پڙهندو هوس. هڪ دفعي حيدرآباد مان نپال رستي سنڌي ڪتاب گهرايا هئم.

ڪن موقعن تي مڏو پڻ مون سان گڏ لائبرريءَ ۾ هلي هئي. مان ڪتاب ويلو پڙهندو هوس ۽ هوءَ مخزنن جا ورق ويلي ورائيندي هئي.

هڪ دفعي مڏو ۽ مان منشاديوي وڃي رهيا هئاسين. مڏو جبل تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چڙهندي ٿڪجي پيئي ۽ هڪ ڇلان تي ويهي رهي. هڪ سهڻي، پيو پگهر، اُن روپ ۾ مونکي ايترو وڻي جو هٿ جهلي چيومانس : اڄ ته توکي ڊڊيءَ تي کڻي هلان .... هوءِ کلندي اُٿي ۽ منهنجو هٿ جهلي جبل جي چاڙهي چڙهڻ لڳي .... اِهو درشيه ۽ ڊائلاگ 'هڪ لهر' کهاڻي ۾ درج آهن.

مڌو مون سان گڏجي ڪيترا دفعا گنگا پار هلي هئي. اُن زماني ۾ پار وڃڻ لاءِ پليون نه هيون. اسانکي مايا پور کان وڃڻو پوندو هو. اُتي هڪ ئي قطار ۾ جمن جا ڪيترا وڻ هئا. اُنهن وڻن جا جمون هڪ ته ڪارا ۽ ٻيو تمام مٺا هوندا هئا. جمون پٽڻ لاءِ مان باندر وانگر شال ڏيئي وڻ تي چڙهي ويندو هوس ۽ جمن جي ٽيلهي نه ته جهول ڀري هيٺ لهي ايندو هوس.

جمن جا داغ ڪپڙن تي ڏسي ڪملا جون دهون ڪاٺيون پونديون هيون. مڌو وڻ تي چڙهڻ کان روڪيندي هئي پر جمن جي لالچ تي گهڻو زور نه ڀريندي هئي. ساڳيءَ طرح واٽر ورڪس جي باغ مان انبڙيون پٽيندو هوس. چوڪيدار هڪل ڪندو هو ته ڀڄي ايندا هئاسين. هڪ ڏينهن شام جو موٽڻ ۾ دير ٿي ويئي ته واٽر ورڪس جي هڪ ورڪر ٻيڙيءَ ۾ ويهاري پار پهچايو هو ۽ پنڌ کان بچايو هو.

گنگا جو هڪ هيءُ روپ هو جيڪو هرڪي پئوڙين وٽان ڏسڻ ۾ پئي آيو. گنگا جو ٻيو روپ — نيل ڌارا جو روپ به ڏسڻ وٽان آهي. هرڪي پئوڙين وٽان چاهي مٿان، بند مان، جيڪو پاڻي ڇڏيو وڃي ٿو اُهو نيل ڌارا جو روپ ڌارڻ ڪري، ڪاشي ۽ ڪانپور کان ٿيندي، ڪلڪتي جي اُپسمنڊ ۾ وڃي چوڙ ڪري ٿي جتي سندس نالو بدلجي هُگلي ٿئي ٿو — جيئن شاديءَ بعد ڪنوار جو پيڪو نالو بدلائي ساهرو نالو رکيو ويندو آهي. ڪلڪتي ۾ هُگلي سمنڊ سان لائون لهندي آهي.

انبن جي مند ۾ مڌو ۽ مان وڙهي پوندا هئاسين. رس چوسڻ وارا انب چئين آني سير ملندا هئا. مٿان هڪ به انب ائين ئي رونگ ملندو هو. اسين انب ولي، انگوشي ۾ ٻڌي، گنگا جل ۾ ٿڌا ڪري، هڪ هڪ ڪري چوپيندا هئاسين. مڌو جهپ هڻي ٻن هٿن ۾ به انب کڻي ولندي هئي. مان ڪيس ڏڪ اولاريندو هوس ته به نه مڙندي هئي. پر مون ڪڏهن به ڪيس ساهيا ۾ ڏڪ نه هنيو. تڏهن به نه هنيو هوم جڏهن

سندس غلطيءَ ڪان منهنجو لغڙ ڪاٽا ٿي ويو هو. هوءَ ڏور واري چڪري جهلي بيلي هئي ۽ مان لغڙ کي اُڏائي رهيو هوس. جڏهن لغڙ آسمان ۾ ٽڪ ٻڌي بيلو تہ مدوءَ چيو : 'ٿوري دير مونکي ڏي نہ'

'هل ڇري، سنڀالي نہ سگهين تہ؟'

'سنڀالي سگهنديس. تون مونکي ڏي.' هن ليلائي چيو.

مون لغڙ جي ڏوس سندس هٿ ۾ ڏئي، ڏور واري چڪري پنهنجي هٿ ۾ ورتي.

اوچتو ڪٿان، ڪنهن حريف جو لغڙ ظاهر ٿيو ۽ اسان واري لغڙ طرف وڌڻ لڳو. جيستائين مان مدوءَ جي هٿ مان لغڙ جي ڏور وٺان ۽ پنهنجي لغڙ کي پري ڪٽي وڃان، حريف جو لغڙ منهنجي لغڙ سان اُلجهي ويو. ڪافي دير ڏنم پر منهنجو لغڙ ڪاٽا ٿي ويو. مدو هيسجي ويئي. سمجهي ويئي تہ هينئر هوءَ منهنجو ٿڦڙ کائيندي. مون سندس ڇهري ڏانهن نهاريو تہ دنگ رهجي ويس. آس ۾ هن جو گورو مکڙو لال گلاب ٿي ويو هو. مان مگهہ بڻجي اُن سرخ گلاب کي ڏسندو رهيس.

مون مدوءَ جو اُهو روپ رنگہ 'پاٽيارا پکي' ناول ۾ زينب کي بخشو آهي جڏهن هوءَ شيوڪ سان گڏ ڍنڍ تي ڪنول جا گل ڪٽڻ ويئي هئي .....

يو.پيءَ جي وڏن شهرن ۾، خاص طور سياري ۾، وڏيون نمائشون لڳنديون آهن جن کي اڄڪالهہ 'ايگزيبيشنس' چوندا آهن. انهن نمائشن ۾ وندر سان گڏ خريداري بہ ٿيندي آهي. ڪيترا ٻاهريان دڪاندار اهڙين نمائشن ۾ پنهنجا دڪان کوليندا آهن. ڪي ڪمپنيون پنهنجي مال جي مشهوري ڪنديون آهن. نمائش ڏسڻ لاءِ شهر کان سواءِ آس پاس جي ڳوٺن مان زالون، مرد ۽ ٻار ايندا آهن. تفريح لاءِ ڪارنيوال جون رانديون ۽ ٻي وندر جي سامگري هوندي آهي. نمائش ۾ خلق اچي ڏيئن ٻرڻ ڪانپوءِ تان جو رات جا ٻارهان وڄيو وڃن تہ بہ ميلو متل رهي. خاص پيڙ هوندي هئي 'موت جو کوهہ' تي جنهن ۾ هڪ نوجوان ڇوڪري موٽر سائيڪل هلائي ڪرتب ڏيکاريندي هئي.

اهڙي ئي هڪ نمائش سهارنپور ۾ هئي جنهن ۾ اسان پنهنجو سازهين جو دڪان کوليو هو. اسان سان هن دڪان ۾ هردوار جو هڪ مشهور سازهين

جو واپاري هاسارام بہ ۽ پائيوار هو. هو تمام هوشيار سيلسمين هو. وس هلندي گراهڪ کي واپس وڃڻ نہ ڏيندو هو جڏهن تہ هن جا گهڻا گراهڪ عورتون هونديون هيون.

مان هوس تہ ڇوڏهن سالن جو ليڪن مان بہ گهڻ هوشيار سيلسمين نہ هوس. ناني لپي ٺاهي هوشيار ڪري ڇڏيو هو. ڪيترا گراهڪ مون مان خوش رهندا هئا. هڪ دفعي، سياري جي ڏينهن ۾ جڏهن زري گهٽ بزار بند ٿي چڪي هئي ۽ مون دڪان تي ويلي ڪجهہ پڙهيو تہ هڪ گراهڪ آيو. مون سمجهيو هن اويل وقت اچائي منهنجو وقت وڃائيندو. پر هو پلو ماڻهو ۽ کيس ڪوٽ لاءِ گرم ڪپڙو کپندو هو. مون کيس ٽہ ٽي تاڪيا کولي ڏيکاريا. هن هڪ ڪپڙو پسند ڪيو ۽ ڪوٽ لاءِ ڪپڙو ڪٽايو. مون اُتساهہ ۾ اچي ٻيون بہ ڪي چيزون ڏيکاريون. مون جنهن چيز جي ساراهہ ڪئي، هو اُها شيءِ وٺندو ويو. جڏهن بنڊل ٻڌي بل ٺاهيم تہ اُهو الن سون ڪان مٿي هو. هن ٻلونئين مان سوَ سوَ جا نوٽ ڪڍي ڏنا. هو مون مان خوش هو ۽ مان هن مان خوش هوس. اُن زماني ۾ اٺ سوَ ٿوري رقم تہ هئي. دڪان بند ڪري گهر آيس تہ ناٿو چنتا ۾ ويٺو هو. جڏهن ٻڌايومانس تہ هڪ ئي گراهڪ ئي هيتري جو مال وٺيو اٿم تہ شاباس ڏنائين.

رات جا اٽڪل اٺ ٿيا هئا. نمائش ۾ روشني ئي روشني هئي. ماڻهو ئي ماڻهو هئا. هاسارام مونکي اڪيلو ڇڏي پاڻ ڊابي ٽان رات جي رسوئي کائڻ ويو هو. اُن وقت برقعو پهريل ٻي عورتون ۽ هڪ بنا برقعي اڌيڙ عمر جي عورت، دڪان جي سامهون اچي بيٺيون. اُنهن مان هڪ عورت ٽنگيل ساڙهين مان هڪ ساڙهي کي هٿ لڳائي ڏسڻ لڳي. هن ساڙهيءَ جو اگهہ پڇيو. هن جنهن شوق ۽ چاهہ سان ساڙهي جو اگهہ پڇيو اُن مان ڄاتم تہ هيءَ پڪ ئي پڪ رئيسياڻيون آهن ۽ خريداري ڪرڻ آيون آهن.

مون اُن عورت طرف نهاري، نهايت فضيلت سان چيو، 'بيبيجي، اوهين مٿي اچي وهو تہ مان توهان کي هن ڪان بہ سٺيون ۽ فئنسي ساڙهيون ڏيکاريان. مونکي خاطري آهي اُنهن مان ڪيتريون ساڙهيون توهان کي پسند اينديون. وٺڻ نہ وٺڻ توهان جي مرضيءَ تي آهي.'

هڪ مڏر ڪل ٻڌم. صبوح جي پهرين پهر ۾ جيئن ڪا راڳڻي ٻڌي

اکـ کلي پوي، اهڙي ملڙي کل .....

برقعي پيل اُن عورت، جنهن کليو هو، هين هن برقعي وارين عورتن ڏانهن نهاري چيو، ’هن نينگر کان کهڙو پردو، هٽايو نقاب تـ ويهي ساڙهيون پسند ڪريون!‘

سڀ کان پهرين هن ئي پنهنجو نقاب هٽايو. مان سندس ماهتابي چهري کي ڏسندو ئي رهجي ويس. جنهن کي مون وڏيءَ عمر جي ڪا عورت پئي سمجهيو اُها تـ مهر لڪا هئي؛ ساکيات چندرمکي هئي .....! ڪارو نقاب هن جي منهن تان ڇا هٽيو، آفتاب ظاهر ٿي پيو ...!

شيخ اياز جي هڪ ڪتاب جو عنوان آهي :

اُپر چنڊ پس پرين.

مان پرين کي نـ اُپريل چنڊ کي تڪڻ لڳس .....!

منهنجو پرين، منهنجو چنڊ، مٺو، هردوار ۾ هئي .....!

باقي ٻن پڻ پنهنجا نقاب هٽائي ڇڏيا. ڇا تـ جلوو هو .....!

ٽنهي جي پاڻ ۾ ڪا مشابهت ئي ڪانـ هئي. ٽيئي هڪٻئي کان سرسُ هيون ....

ٽنهي گڏجي ساڙهيون ڏسڻ شروع ڪيون. مون سندن اڳيان ساڙهين جا ڍير لڳائي ڇڏيا. هنن اڌ مني ڪلاڪ اندر ٻـ قيمتي بنارسي ساڙهيون خريد ڪيون. هڪ جو رنگ سُرخ هو ۽ ٻي آسماني نيري رنگ جي. ٻنهي ساڙهين تي زريءَ جو ڪم ٿيل هو. ساڙهيون ولي، پئسا ڏيئي، مرڪنديون هيٺ لٿيون ۽ نقاب هيٺ ڪري هليون ويئون. اُن بعد هاسارام دڪان تي آيو. هن پريان بيهي ڏٺو پئي تـ مون ۾ ڪيترو دم خم هو.

مون کلندي ۽ خوش ٿيندي چيو، ’شريمان هاسارام، توهان اڳ اچو ها تـ شايد چنڊ ۽ تارا بادلن پليان لڪي وڃن ها ...!‘

هاسارام کي شايد اِها ڄاڻ ڪانـ هئي تـ سنڌي ڄائي جم کان مرچنٽ آهي. وکر وڪڻڻ جو هن کي انوکو ڏانءُ آهي. اِئين نـ هجي ها تـ هو ڏيساورن ۾ پنهنجو مال وڪڻي نـ سگهي ها. هنن هند ۽ سنڌ جو مال چين ۽ جاپان تائين وکيو ۽ اُتان ناٽي جون خزينون ڀري پنهنجي ديش ۾ آنديون. تاريخ گواهه آهي تـ سنڌ کي شاد ۽ آباد ڪرڻ وارا سنڌورقي ئي هئا. سنڌ جي هڪ عالم پير حسام الدين راشديءَ اهڙن سنڌورقين جا ڪافي گڻ ڳايا آهن. خود شاهه لطيف پڻ سُر سامونڊيءَ ۾ اهڙن واپارين جا مثال ڏنا آهن ......

ناني جي زندگيءَ ۾ اوچتو هڪ اهڙو واقعو درپيش آيو جنهن هن کي صفا ٽوڙي ڇڏيو. منهنجي ڇري ناني راڌا اچانڪ غائب ٿي ويئي. اڳ ڪڏهن رات جو دير تائين گهر واپس ڪانه ورندي هئي ته نانو ڪيس ڳولهي وٺي ايندو هو. هڪ دفعي هوءَ ڪيس هرڪي پئوڙين تي گهڻنا گهر جي ميلان هڪ ڳانءِ جي پاسي کان سڄهيل ملي هئي. ناني جو من پرچي آيو هو. هيءَ اُها راڌا هئي جنهن ڏکين ڏينهن ۾ سندس ساٿ ڏنو هو. هن پنهنجو گهر تياڳيو هو ۽ ڳانءِ وانگر هن جي پٺيان پٺيان هلندي آئي هئي. هوءَ سندس ڳوٺ ۾ به ڪيترا سال رهي آئي هئي. ۽ آخر ۾ هوءَ ڇري ٿي پيئي! خبر ناهي ڪيس ڪهڙي ڳالهه ڳارائو هو جنهن سندس دماغي توازن هيٺ مٿي ڪري ڇڏيو هوا ڪين اولاد نه ٿيو هو، اُن ۾ هن جو ته ڪو قصور نه هو. هين ڪيترن کي اولاد نه ٿيندو آهي ته ڇا اُهي سڀ ڇريا ٿي پوندا آهن؟ دماغي توازن ڪوهي وڃندا آهن؟ آخر ڪهڙي ويڌن هئي هن جي راڌا سان؟

نانو هميشه راڌا بابت ئي سوچيندو هو. جڏهن به ڪيس ڪنهن نئين ڊاڪٽر يا وئديه حڪيم جو ڏس ملندو هو ته هو راڌا کي وٺي اُن وٽ پهچي ويندو هو. هن ڪيترن سادن ۽ فقيرن جا در به پيٽيا هئا. دعائون ۽ تعويز ورتا هئا. پر سڀ بي اثر ثابت ٿيا هئا. ڪنهن به راڌا کي شفاياب نه ڪيو هو. ڪنهن اِهو به نه ٻڌايو هو ته راڌا کي ڪهڙي بيماري هئي، ڇريائپ جو ڪارڻ ڪهڙو هو؟

اُن رات به نانو راڌا کي هرهنڌ ڳولهي آيو. پر هوءَ ڪانه لڌي. اسين ٻئي، مان ۽ ٽيڪچند، سڄو شهر رُلي آياسين، پر راڌا جو ڏس نه مليو. جوالاپور ۽ رائوالا به وياسين ته متان اوڏانهن مڇي مٽن کائڻ ويئي هجي. پر هوءَ اُتي به ڪانه هئي. ڪنهن چيو هوءَ رشيڪيش جي ڪالي ڪملي آشرم ۾ ڏٺي ويئي آهي. اوڏانهن به ڀڳاسون. اُتي سادن سنتن کان پڇيوسون. پر هنن اهڙي ڪا عورت ڪانه ڏٺي هئي.

نانو بي حال ٿي ويو. ڏڪا پري روئڻ لڳو. چوڻ لڳو، 'منهنجن هٿن ۾ پران تياڳي ها ته مان سندس ڪريا ڪرم ته ڪري سگهان ها...!'

ڇا هوءَ گنگا ۾ لڙهي ويئي هئي؟ پوليس کي سندس مرتڪ سرير هٿ ڇو نه آيو هو؟

نانو ورلاپ ڪندو هو ۽ پاڙي وارا ڪيس شانت ڪرائڻ جي ڪوشش

ڪندا هئا.

سپني ڪي مات لڳي ويي هئي ...!
آخر راڏا ڪيڏانهن ويئي ...!

هڪ ڏينهن امرتسر جي واپاريءَ ٻڌايو ته اِن طرح جي هڪ عورت امرتسر جي سوني دربار ۾ ڏٺي ويئي آهي جنهن لنگر مان ولي ڪاڏو پئي.

ناني مونکي ۽ ٽيڪچند کي امرتسر روانو ڪيو. تاڪيد ڪندي چيائين ته اُتي نه لڀجي ته لاهور تائين وڃون. اُتي به نه هجي ته سنڌ جي سر زمين تائين وڃي پهچون.

ٽيڪچند کي وڏيڪ هدايت ڪيائين ته اگر سنڌ تائين وڃڻ ٿئي ته مون کي لاڙڪاڻي ڇڏي اچي.

امرتسر پهچي اسان ڪافي تلاش ڪئي. سوني دربار ڪانسواءِ ٻيا مندر ۽ مڙهيون به ڏٺيونسين. هوٽلون ۽ ڍاٻا به ڏٺاسون. پر راڏا جو ڪنهن ڏس نه ڏنو. لاهور ۾ به ساڳيءَ طرح ڳولها ڪئيسون.

مون حياتيءَ ۾ پهريون دفعو لاهور شهر ڏٺو هو. اُتي جو مشهور شاليمار باغ ۽ انارڪلي بزار به ڏٺم. رتن فلم به اُتي ئي ڏٺم جنهن ۾ ڪِرن ديوان ۽ سُرٽلتا هيرو هيروئن هئا. اُن فلم جا گانا ڏاڍا مشهور ٿيا هئا.

لاهور واقعي سهڻن مهاڏين جو شهر هو. ٻه ڏينهن لاهور ۾ رهي، ٽئين ڏينهن سنڌ جي سفر لاءِ اُسهياسين. روهڙيءَ پهچي هڪ ڌرمشالا ۾ وڃي رهياسون. اُتي به پڇا ڳاڇا ڪئيسون پر ڪنهن به ڏس پتو نه ڏنو. ٻئي ڏينهن ٽيڪچند گمبٽ هليو ويو ۽ مان پنهنجي شهر لاڙڪاڻي ....

روهڙي اسٽيشن تي مونسان هڪ واقعو پيش آيو جنهنتي مون 'سزا' نالي ڪهاڻي لکي آهي. روهڙي اِسٽيشن تي هڪ گاڏي واري جا ڪوفتا ڏاڍا مشهور هئا. دوني ۾ چار ڪوفتا ۽ رس ڏيندو هو، ڦلڪا جيترا چاهيو کائو. مون ڪانئس ڪوفتن جو دونو ۽ ٻه ڦلڪا ولي کاڌا هئا. ڳاڙها مرچ ٿڪا وجهندو هو. مون کي مرچ لڳا ته مون هڪ مٽ مان پاڻيءَ جو گلاس ڀري پيتو. تنهن تي هڪ هندوءَ ٽوڪيو ته مون مسلمانڪو پاڻي پيتو هو. مان ڏڄي ويو هوس ۽ اُن مانڊنيءَ طرف نهاريو هوم جتي لکيل هو : مسلمانن جو پاڻي. ٻئي هڪ هنڌ لکيل هو : هندن لاءِ پاڻي ....

وري پنهنجو وطن، پنهنجو شهر، پنهنجو گهر. ڪيترو نه سک ٿو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملي، راحت تي ملي اِنهن ٽن ڄڻين تي!

اسان جي جاءِ ٻن ماڙن واري هئي. هيٺ گرائونڊ فلور تي وڏو چاچو رهندو هو. هن جي پهرين زال گذاري ويئي هئي جنهن مان کيس ٻه ٻار هئا — ڪشن ۽ شري. پوءِ هن ٻي شادي ڪئي پنهنجي ساليءَ سان. اُن مان کيس ٽي پٽ ۽ چار ڌيئر آهن. پاڻ گذر ڪري ويو آهي ليڪن پاڀي اڃا حيات آهي. ٻئي نمبر چاچي به ٻه شاديون ڪيون. پهرينءَ مان ڌيءَ پٽ — گنگا ۽ رام. ٻيءَ مان کيس ڪوبه ٻار نه ٿيو. هوءَ راڌا سوامي هئي ۽ 'لاڙڪاڻي واري امان' نالي سان مشهور هئي. ٽيو نمبر چاچو، سندس ٻئي زالون ۽ ٻئي ٻار پرلوڪ سڌاري ويا آهن ليڪن سندس پوٽا، پرپوٽا ۽ ڏوهٽيون آهن. ٽيون نمبر چاچو ننڍي عمر ۾ ئي گذاري ويو هو. کيس ٻه پٽ ۽ ٻه ڌيئر هئا جن مان ننڍي ڌيءَ ڪٿي سنڌ ۾ ئي گذاري ويئي هئي. پاڀي اڃا حيات آهي ۽ سندس پٽ، پوٽا ۽ ڏوهٽا ڏوهٽيون وڌندڙ آهن. چوٿون آهي بابا جيڪو ننڍي هوندي پنجو هو ۽ پوءِ خالصو بڻجي نارائڻ سنگهه بڻيو. امان جو نالو پمي هو ۽ هوءَ اصل ڏامراهن جي هئي. اُن جي ڪهاڻي هيءَ آهي ته سندس ماءُ پيءُ ننڍپڻ ۾ ئي ڇوري ڇني ڪري ويس. پلي نپني مامي مٽري جن جي گهر جيڪو سندس ننڍو سؤٽ هو. اُن جي پيڻ مٽريءَ کي امان وڏيءَ ڀيڻ جيان پاليو ۽ پرڻايو. منهنجو نانو شيوارام به ري ماءُ پيءُ هو. هو رشتي ۾ امان جو چاچو هو پر هن کيس ڌيئرن جيان پاليو نپايو ۽ شاديءَ ۾ ڏيب ڏنو. هو جڏهن ڪلڪتي ۾ رهندو هو ته به ۽ جڏهن هردوار ۾ رهندو هو تڏهن به امان کي ڌيءَ سمجهي ڪجهه نه ڪجهه موڪليندو رهندو هو.

لاڙڪاڻي جي نون تڪن ۾ اسانجو ڪاروبار اناج، ڪرياني، ڪير ڏڌ ۽ مٺدي جي سٽين جو هو. ٽئي پائر گڏجي محنت ڪندا هئا ۽ سکي رندگي گذاريندا هئا.

اُن سکي زندگيءَ ۾ گهٽو تڏهن لڳو جڏهن وڏو چاچو ڪراچيءَ ۾ ڪڪڙن جو سٽو هڻي آيو جنهن ۾ وڏو نقصان پيو. پڪتي ۽ مضبوط گهر جو بنياد ئي لڏي ويو. قرض ته قرض هو، اُهو لاهڻو ته هو ئي. ٽنهي پائرن قرض ورهائي کنيو ۽ ڪمائيءَ مان قرض جون قسطون پرڻ لڳا. قرض ورهائي هو پاڻ ۾ فارڪتي وجهي الڳ ٿي ويا هئا. بابا محنت ڪري

پنهنجي حصي جو قرض اُتي ئي لاهي آيو ليڪن وڏن چاچن پنهنجو قرض هندستان ۾ اچي، ڪليمن مان ڪٽايو.

دنيا ۾ ڪيئي عجوبا ٿيا آهن. اچا تائين پيا ٿيا آهن. اعتبار ۾ نہ اچڻ جهڙيون ڪرامتون بہ ٿيون آهن. هيءُ بہ هڪ اهڙوئي عجوبو هو، ڪرامت هئي.

راڌا، صفا ڇري راڌا، جيڪا مهني ڪان وڌيڪ عرصي ڪان هردوار مان گم ٿي هئي، اُها راڌا هڪ ڏينهن اوچتو لاڙڪاڻي ۾ لڀجي ويئي!

لاڙڪاڻو نانيءُ جو ڏلل هو. هوءُ ڪافي وقت اُتي رهي ويئي هئي. هن جڏهن هردوار ڇڏي هوندي تڏهن سندس ذهن ۾ شايد لاڙڪاڻي وڃڻ جو خيال آيو هوندو. ٿي سگهي ٿو هوءُ امرتسر ۽ لاهور بہ ويئي هجي ۽ اسانکي نظر نہ آئي هجي. ليڪن لاڙڪاڻي پهچڻ ڪو سؤلو تہ نہ هو. هردوار مان امرتسر، پوءِ لاهور ۽ پوءِ روهڙي. روهڙيءَ مان لاڙڪاڻي جي گاڏي پڪڙڻ ڪنهن ڇريءَ جو ڪم تہ نہ هو. روهڙيءَ مان ڪي گاڏيون ڪراچيءَ وينديون آهن جن جو روٽ ئي ٻيو آهي. ليڪن راڌا لاڙڪاڻي واريءَ گاڏيءَ ۾ چڙهي هئي ۽ هن اهو سمورو سفر بنا ٽڪيٽ ڪيو هو. ڪيس ڦريل پوشاڪ ڪانسواءِ ٻيو هٿ ۾ ڪجهہ بہ نہ هو. اُها پوشاڪ بہ بلڪل ميري ٿي ويئي هئي. ڇڻ فقيرياڻي هئي.

لاڙڪاڻي اسٽيشن جا رستا ۽ ماڳ سڃاڻيندي هوءُ رايل ٽاڪيز جي ويجهو، ٻاٽيا ڌرمشالا جي ٻاهران، اُن نانوائيءَ جي دڪان ٻاهران ويهي رهي جتي ڪنهن وقت مڇي ۽ چانور کاڌا هئائين. نانوائيءَ شايد ڪيس سڃاڻي ورتو. هن جي پوشاڪ ٻڌري هئي. اهڙي پوشاڪ هتي ٻي ڪا استري ڪانہ پائيندي هئي. اهڙي پوشاڪ صرف بينگالي استريون ئي پائينديون آهن.

نانوائي سمجهي ويو تہ هوءُ گم ٿيل هئي ۽ ڪيترن ڏينهن ڪان بکايل هئي. هن پلي ماڻهوءَ ڪيس هٿ منهن ڌوئاري، ويهاري، هڪ ٿالهيءَ ۾ چانور، دال ۽ تريل مڇي رکي، ڪائڻ لاءِ ڏني. هوءُ ڪائڻ لڳي تہ نانوائيءَ هڪ ڇوڪري کي بابا ڏانهن پڄايو. نوان تڪ رايل ٽاڪيز ڪان گهٽو پري نہ هئا. ڇوڪرو منٽن ۾ بابا وٽ پهچي ويو. بابا ٻڌڻ شرط ڊوڙندو آيو. ٻنهي هڪ ٻئي کي ڏٺو، سڃاتو ۽ چپ رهيا. بابا بيٺو رهيو ۽ راڌا پيٽ

پيري ڪائيندي رهي. جڏهن ڪائي بس ڪيائين ته گلاس پاڻيءَ جو پي، هٿ ڌوئي ٻهي رهي. نانوائيءَ ڪان هڪ هيڙي ولي دڪائي چڪڻ لڳي. جڏهن هيڙي چڪي پوري ڪيائين تڏهن بابا چيس، 'هيئڙ گهر هلون؟'

هوءَ بابا جي پليان هلڻ لڳي. بابا هڪ بگيءَ ۾ چاڙهي ڪيس گهر ولي آيو. امان تيستائين ڪيس پاڪر مان نه ڪڍيو جيستائين هن سنڌيءَ ۾ نه چيس : 'ننڍڙي، مونکي ڌوتل ڪپڙا ڏي ته هيءَ ميرا ڪپڙا بدلايان ....'

بابا اوڏيءَ مهل ئي پوسٽ آفيس وڃي، هردوار تار ڪري آيو : راڌا هتي ملي ويئي آهي، جلد اچو.

تڏهن ئي مون چيو ته دنيا ۾ عجيب غريب عجوبا ظهور ۾ اچن ٿا ..... ڪير اعتبار ڪري چاهي نه ڪري ...!

لاڙڪاڻي پهچي ناني، نانيءَ راڌا کي ڏاڍيون ڀاڪيون پاتيون. هن کي ڇڻ وڃايل اِملاڪ واپس ملي هئي. هو بيحد خوش هو.

ناني سنڌ جي ڪيترن پيرن، فقيرن ۽ حڪيمن جا در پيٽيا. هنن جيڪي چيو، جيڪي ڏنو، اُهو سڀ راڌا نانيءَ مٿان آزمايو ويو. مون کي ياد آهي هڪ پير نيري مس سان پني تي ڪي دعائون لکي ناني کي ڏنيون ۽ هدايت ڪيائينس ته هيءَ پنو ڌوئي، اُهو پاڻي کيس پيئاريو وڃي. ليڪن ڪنهن به دُعا ۽ دَوا ڪو اثر نه ڪيو. نانو نراس ٿي واپس هردوار وڃڻ جون تياريون ڪرڻ لڳو.

ناني سوچيو اڪيلي گهر ۾ ڪا ننڍي نيڻي هجي ته بهتر. اهو سوچي امان کي چيائين، 'ڪا ڇوڪري ڳولهيو ته هريءَ کي پرڻائي ڪنوار سوڌو هردوار ولي وڃان.'

مون هڏو ته سراپجي ويس. هن عمر ۾ مان شادي ڪيئن ڪندس. شڪر جو مڏو هردوار ۾ هئي. هوءَ هڏي ها ته ڏڏڪو اچي وڃيس ها. ليڪن مان وڏن اڳيان چا ٿي چئي سگهيس. اُن زماني ۾ ڇوڪرن يا ڇوڪرين ۾ ايتري همت ڪٿي هئي جو هو پنهنجن وڏن اڳيان، پنهنجي پيار ۽ پسند گيءَ جو اظهار ڪري سگهن .....

مان به خاموش رهيس.

وڏي سوِٽ رام ۽ منهنجي مائٽي اچڻ لڳي. قمبر جي ٻن پينرن

جو رشتو گهر وارن کي پسند پيو. وڏي ڀيڻ رام لاءِ ۽ ننڍي ڀيڻ منهنجي لاءِ. سندن هڪ ئي ڀاءُ هو جيڪو ريلوي ۾ نوڪري ڪندو هو. سندن پيءُ حيات ڪونہ هو. ماءُ ۽ ڏاڏي حيات هيون. سندن ڀاءُ جي شادي ٿيل هئي. اُها ناتي پڪي ڪئي ويئي. اهڙو اطلاع ناني کي هردوار ڏنو ويو.

مڱڻي بعد مان هردوار هليو آيس.

اُهو ١٩٣٢ع جو سال هو. مان پندرهن سالن جو ٿي ويو هوس. هردوار اچڻ کان اڳ مون رايل فوٽو اسٽوڊيو مان ڪوٽ ۽ ٽاءِ سان هڪ فوٽو ڪڍايو هو جيڪو ورهاڱي بعد چاچي ڪڍي آئي هئي. اُهو فوٽو مون وٽ سانڍيل آهي. اُن فوٽي ۾ مان اُن ئي عمر جو لڳان ٿو.

جهڙيءَ طرح مان لاڙڪاڻي جي گهٽين، بزارن، باغن ۽ سئنيمائن کان واقف هوس تهڙيءَ طرح هردوار جي هڪ هڪ گليءَ کان باخبر هوس. مونکي خبر هئي تہ هردوار جي هر مندر، هر ڌرمشالا ۽ هر عمارت کي ٻہ ٻہ دروازا هئا ــ هڪ اڳيان، ٻيو پٺيان. مان اُنهن سڀني لنگهن جو ڄاڻو هوس.

لاڙڪاڻي ۾ مون گرمکي ۽ هٽائي اکر سکيا هئا. ناني چيو هو تہ اهي ضرور سکي اچج ڇو تہ هو دڪان جا اڪائونٽ بوڪ هٽائي اکرن ۾ لکندو هو. سندس هٽائي اکر تمام سلا هوندا هئا. هو هندي اخبار پڙهندو هو ۽ انگريزي سلي ڳالهائي سگهندو هو.

نانو لاڙڪاڻي آيو هو تہ مامي سترام کي، جيڪو رشتي ۾ سندس ڀائٽيو هو، اُن کي ڀائيوار ڪري سگهرو ئي هردوار وٺي ويو هو. مامي سترام کي سنڌ ۾ هڪ ڌيءَ ڄائي هئي پر هوءَ ستت ئي گذاري ويئي هئي. اُن بعد هن کي ڪو اولاد نہ ٿيو.

هيءَ سمورا تفصيل انڪري پيو ڏيان جو منهنجي هيءَ آتم ڪٿا انساني رشتن جو دستاويز آهي.

نانو ۽ مامو سياسي ويچارن کان هڪٻئي جا مخالفتي هئا. نانو ڪانگريس وروڌي هو تہ مامو ڪانگريس جو سمرٿڪ هو. نانو هندي اخبار وير اُرجن پڙهندو هو تہ مامو اُردو اخبار ميلاپ. ڪڏهن ڪڏهن بحث مباحثو ڪندي

پاڻ ۾ وڙهي به پوندا هئا. پوءِ ڪيترا ڏينهن پاڻ ۾ ڳالهه ١٠ به هئا.

ليڪن مان انهن ٻنهي کان پري، پنهنجي دنيا ۾ پورو هوس.

مان هردوار آيس ته مڏو دهليءَ ۾ هئي. من نه لڳندو هو ته لائبرريءَ ۾ وڃي ويهندو ۽ پڙهندو هوس. شام جو شهتوتن جي وڻ هيٺان چبوتري تي نه ته هرڪي پئوڙين تي هليو ويندو هوس. دڪان جي چنتا گهٽ هئي ڇو ته دڪان تي ٽيڪچند ۽ مامو سترام هئا.

مڏو دهليءَ مان موٽي آئي ته ڪجهه بدليل لڳي. سندس ڳل پرجي آيا هئا ۽ ڇاتين جو اُڀار به ظاهر ٿي پيو هو. هيئنر هوءَ فراڪ بجاءِ سلوار قميص يا ساڙهي بلائوز پائڻ لڳي هئي. هن جو اهو روپ ڏسي مون سوچيو دهليءَ ۾ اهڙو ڇا هئو جيڪو هردوار ۾ نه هو ۽ جيڪو دهلي ۾ هو اُهو هردوار ۾ ڇو نه هو؟ دهليءَ جو هوا پاڻي ڪائي هوءَ سهڻي ٺٺجي آئي هئي جڏهن ته هردوار ۾ رهندي ائين نه ٿيو هو. اهو شايد انڪري هو جو هردوار سادي جيوت ۽ آچار وهنوار جو ڳامڙو هو ۽ دهلي راجڌاني هئي جيڪا نوجوان دلين جو شهر هئي!

اُن ڏينهن هڪ عجيب هارٽي ڪري ويلس. مڏو وهنجي سهنجي، صاف سٿرا ڪپڙا پائي، منهنجي ڪمري ۾ آئي ته مان ڪيس ترو تازا ڏسي هڪ عجيب فرمائش ڪري ويلس. اهو خيال ئي نه ڪيم ته ڪنهن ڪشوريءَ کان اهڙي فرمائش ڪرڻ جائز نه هئي. پر اُن وقت نه ايتري سمجهه هئي ۽ نه ئي اهڙو خيال آيو هو. اُن وقت ته مان مڏوءَ کي ڏسي جذبي وهيڻو ٿي ويو هوس. اُها فرمائش مون ان جذبي وس ٿي ڪئي هئي جيڪا ٻڌي مڏو شرمائجي ويئي هئي.

مڏوءَ چينهيندي چيو، ’تون ڪنو آهين! ڪنهن ڇوڪريءَ کي ائين چئبو آهي ڇا!‘

پوءِ به هن منهنجي فرمائش پوري ڪئي هئي.

جنهن وقت مڏو منهنجي سامهون آئي هئي، ڪيس ساڙهي ۽ بلائوز پهريل هو. بلائوز هيٺان باڊي پاتي هئائين جنهن سبب هن جون ڇاتيون اُڀريل هيون. منهنجي منهن مان اُمالڪ نڪري ويو، ’مڏو، اهو بلائوز ۽ باڊي ته هٽاءِ، مان ڏسان تون ڪيتري وڏي ٿي ويئي آهين!‘

منهنجي ڳالهه ٻڌي هوءَ شڪجي، شوخ ٺٺجي، پوئتي هٽي ويئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇيائين، ’ائين نہ ڇئبو آهي. ڇوڪرين کي شرم ايندو آهي!‘
’مون کان شرم! اڳ تہ تو مون کان ڪڏهن شرم نہ ڪيو. اڄ ڇو ٿي شرم ڪرين؟‘
’اڳہ جي ڳالهہ ٻي هئي. تڏهن مان ننڍڙي هئس، هينئر مان وڏي ٿي ويئي آهيان. دهليءَ جون ڇوڪريون هن عمر ۾ ٻاڍيون (ٻرا) پائينديون آهن.‘ ايترو چئي، هوءَ پليان هلي، دروازي سان لڳي بيلي. ڊپ هوس تہ ڪير اچي نہ وڃي يا مان ئي ڪا حرڪت نہ ڪريان.
مورک ڇوڪري! مونکان ٿي ڊڄي؟ ڪو ڪلاڪار پلا پنهنجيءَ ئي گهڙيل، تراشيل مورتيءَ کي ڪيئن پنهنجن ئي هٿن سان ڀڃندو، ڊاهيندو؟ مڏو تو اهو ڪيئن سوچيو تہ مان ائين ڪندس؟ تون تہ منهنجي مورتي آهين، منهنجي آراڌنا آهين، مان ڪيئن اهڙي ناداني ڪندس؟ تون مونتي ... ڪر مڏو، مان تنهنجي باري ۾ ڪڏهن بہ غلط نہ سوچيندس، ڪڏهن بہ نہ. تون منهنجي آهين تہ منهنجو توتي هرڪو حق آهي. تون منهنجي نہ آهين تہ منهنجو توتي ڪوبہ اختيار نہ آهي. مون طرفان تون خاطري رکج مڏو، بلڪل نشچنت رهج تون. ائين نہ مڃي ها تہ تون منهنجي ايترو ويجهو آهين جو ڪنهن بہ گهڙيءَ، ڪنهن بہ سائت، توکي ٻانهن ۾ آڻي، توکي چمي سگهيس ٿي. توکان سڀ ڪجهہ حاصل ڪري سگهيس ٿي. پر تون وشواس رک مون تي، مان ائين هرگز نہ ڪندس. مورتي کنڊت نہ ڪندس!
مڏوءَ طرف نهاري چيم، ’تون برابر ٿي چوين، تون برابر وڏي ٿي ويئي آهين. مون کان پري هلي بيلي آهين. مان بہ توکان پري هلي بيهندس. هلي ويندس. اهوئي نيڪ آهي!‘
’نہ، نہ، اهو نيڪ نہ آهي! مان وڏي ڪانہ ٿي آهيان. مان اڃا ننڍڙي آهيان. ڏس، تون بلاشڪ ڏس! ڏس، مان تنهنجي سامهون بيلي آهيان، تنهنجي قريب آهيان‘ هوءَ گهبرائجي منهنجي سامهون اچي بيلي. ساڙهيءَ جو پلئہ هٽائي، بلائوز جا هيڙا کوليائين ۽ ٻاڊيءَ کي مٿي کٽي چڙيائين!
منهنجي مک مان حرف بہ ڪين نڪتو. اکيون ڇنڀڻ بنا اُنهن اڇن اڇن، ننڍڙن ننڍڙن ۽ گول گول اُرهن کي ڏسندو رهيس. اُهي جڻ چمن ۾ نڙيل تازا گل هئا. اُهي گل ايترا سگنڌي ۽ شوڀنيڪ هئا جو ڏسندڙ

كي مگن كري رهيا هئا. مون كي لڳو مدوءَ جهڙا لاثاني اُره وشوَ ۾ ٻيءَ كنهن ناريءَ جا نہ هئا. مونكي اهڙا بينظير ۽ ٻولائتا اُره كٿي بہ نظر نہ آيا آهن. مون اُنهن كي گنگا جي گهاٽن كان ولي، بمبئي ۽ گوئا جي بيچ تائين ڳولهيو آهي. ليكن مون كي اُهي، مدوءَ جهڙا، كٿي بہ نظر نہ آيا آهن. شايد تہ ٻيا اهڙا آهن ئي كين. سرشٽيءَ ۾ منش جي رچيتا ٻيا اهڙا ٺاهيا ئي كين آهن. منهنجي تلاش نرنتر جاري آهي ۽ پرينءَ جهڙن پستانن كي پسڻ جي آرزو قائم آهي. منهنجي اُها اُسات، اُها آس اڃا پوري نہ ٿي آهي.

مون جڏهن سٽارٽ ناول پڙهيو تہ ٿهرس ۾ پنجي ويس جڏهن ناول جو نائك سٽارٽ، نائكا كملا جا اُره ڏسي، سندس سامهون هٿ جوڙي بيهي رهيو. جڻ هو اُنهن جي اُستتي كري رهيو هو ....

مان بہ تہ مدوءَ جي اُرهن جي اُستتي ئي كندو رهيو آهيان. مون مدوءَ جي ياد سان گڏ، مدوءَ جي اُرهن كي پڻ اِملاك سمجهي، ذهن ۾ محفوظ ركيو آهي جيئن بئنك جي لاكر ۾ قيمتي شيون سوگهيون ركبيون آهن .....

لاڙكاڻي مان چلبون اڃڻ لڳيون تہ ڇوكرين وارا شاديءَ لاءِ زور ڀري رهيا آهن. كين تكڙ وڏيءَ ڇوكريءَ جي هئي جيكا ساماٽيل هئي. ناني جي مرضي هئي تہ شاديون جلد ٿين تہ جيئن هو منهنجيءَ كنوار كي هردوار ولي اچي. ليكن منهنجي پنهنجي شاديءَ جي چاهنا نہ هئي. پر مان كجهہ كري نہ پئي سگهيس. مان مٽي ڇئي ۽ لكي آهيو آهيان تہ مان ايترو بهادر كونہ هوس جو پرٿويراڄ چوهاڻ جيان مدوءَ كي سنجوگتا سمجهي ڀڄائي ولي وڃان! اِها بهادريءَ منهنجي وڃين پٽ چندر ڏيكاري جنهن پنهنجي محبوبا كي كنيي سائس لائون لڌيون. مان تہ هك ساڏاڻ كشور هوس جيكو سپنن جي دنيا ۾ پئي رهيو. چوڏهن - پندرهن ورهيہ بہ كا عمر هئي اهڙن جانبازيءَ جيُ كرتبن لاءِ؟ مون اُن عمر تائين ٿورو گهڻو ساهت پڙهيو هو جنهن مان استري پرش جي سنبنڌ جي ٿوري ڄاڻ پيئي هئي. نہ تہ كٿي اُها عمر ۽ كٿي پريم جو پر پنڇا! اُهو زمانو كهڙو هو ۽ اسان جهڙن جي هستي كهڙي هئي؟ پريم كرڻ، پريم جي

شادي ڪرڻ، اسان لاءِ سوچڻ بہ عبث هوا

مون اڄان تائين مڌوءَ کي بي خبر رکيو هو تہ منهنجو مڱڻو ٿي چڪو هو ۽ هينئر شاديءَ جون تياريون ٿي رهيون هيون. مون کي ڊپ هو تہ ڪٿي مان مڌوءَ کي وڃائي نہ ويهان. مون چاهيو پئي تہ مڌو هر وقت، هردم منهنجي سامهون هجي، مون سان گڏ هجي، مونکي ٻيو ڪجهہ نہ گهرجي، .... صرف مڌو گهرجي! ليڪن مڌوءَ کي پتو پئجي ويو. ڪيس ڪملا مان پتو پيو تہ مان مڱجي آيو آهيان.

مان هردوار ۾ هجان ۽ مڌو مون کان پري هجي، ائين ڪڏهن نہ ٿيو هو. ليڪن هينئر ائين ٿي رهيو هو. منهنجون نگاهون مڌوءَ کي ڳوليندڙ لڳيون هيون. ۽ جڏهن هوءَ ملي تہ مان ڄڻ هن لاءِ اجنبي هوس. اڻ سڃاتل هوس. اوپرو هوس. مونکي ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ آيو. مان ڪيس جيئن تيئن راضي ڪري گنگا جي هن پار ولي ويس. هوءَ سمورو وقت چپ هئي. پر نيٺ ڦاٽ ڪاڏائين.

’شادي ڪرڻ ڪڏهن ٿو وڃين؟‘

مان خالي خالي نگاهن سان سندس منهن تڪڻ لڳس. سو، نيٺ هن کي خبر پئجي ويئي. مان لاجواب ٿي ويس. حقيقت، حقيقت هئي، اُن ۾ مين ميخ تہ هئي ڪانہ

ٻيت ڏيئي چيم، ’پر مڌو، توکان سواءِ مان رهي نہ سگهندس.‘

مس مس هوءَ مشڪي. هيٺ، ڌرتيءَ طرف نهاريندي چيائين، ’شاديءَ بعد مونکي ڪيئن حاصل ڪندين؟‘

مون وٽ اِن جو ڪو جواب نہ هو.

مڌوءَ جي من ۾ جيڪي هو، چئي ڏنائين، ’مون سان شادي ڪندين؟‘

’توسان شادي .... !‘ مون اچرج وچان مڌوءَ کي ڏٺو.

’ها، مون سان شادي!‘ هن وري دهرايو.

مان وري بہ لاجواب ٿي ويس. جيئن تيئن چيم، ’مان پنهنجي مرضيءَ جو مالڪ نہ آهيان!‘

مڌوءَ ۾ الائي ڪٿان همت اچي ويئي. ٻي ڊيو ٿي چئي ڏنائين، ’تون ٿوري همت ڏيکار، مان هينئر جو هينئر گنگا جل هٿ ۾ کڻي، توسان اٺون لهڻ لاءِ تيار آهيان ....!‘

’مڌو ....!‘ منهنجي ڪاڪڙي مان صرف ايترو ئي نڪتو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

'نہ، تون ايترو همٿ وارو نہ آهين. تو ۾ ايتري بهادري ڪانهي. مان اجائي آس لڳائي ويٺي هئس!'

مان اهڙو ڪُڇان جهڙي ڀت، جيڪا اڏول بيٺي هوندي آهي. من ۾ آيو گنگا ۾ ٽپو ڏيان ۽ لڙهندو لڙهندو مڏوءَ کان، سندس اِن طعني کان گهڻو پري نڪري وڃان. هڏي بہ وڃان تہ ڪو ارمان ناهي. پر مون ڪجهہ نہ ڪيو. ڪجهہ نہ چيو. چپ چاپ ويٺو رهيس.

'تہ پوءِ مونکي ڇڏ تہ مان بہ پنهنجن مائٽن جي مرضيءَ سان شادي ڪريان. دهليءَ وارا پڪيءَ ۽ بابا تي زور بار پيا آڻين. رڳو منهنجي ها ڪرڻ جي دير آهي .....!'

مان اُپامي پيس، 'نہ نہ، مڏو، تون ائين نہ ڪج، ائين هرگز نہ ڪج، اهڙو فيصلو مور نہ ڪج ...!'

'ڇو، مان اهڙو فيصلو ڇو نہ ڪريان؟ تنهنجي لاءِ سڄي عمر ڪنواري ويٺي هجان ... ؟'

مون وٽ ان جو بہ جواب نہ هو. ڪهڙو جواب هو؟ ڪهڙو بہ جواب هجي ها، نہ مان پنهنجي شادي روڪي سگهان ها ۽ نہ ئي مڏوءَ کي روڪي پئي سگهيس ....

اسان جي پريم ڪهاڻيءَ جو اِهوئي انت هو؟ مڏو شاديءَ بعد دهليءَ هلي ويندي ۽ مان شادي ڪري پنهنجي وطن لاڙڪاڻي ويندس! بس، ڪهاڻي ختم؟

هڏو بہ اٿم ۽ پڙهيو بہ اٿم تہ ڇوڪريون پنهنجو پهريون پيار ڪڏهن نہ ڀلجنديون آهن، ڇوڪرا ڀلجي ويندا آهن، وساري ڇڏيندا آهن. اسان هنهي مان ڪير ڪنهنکي وساريندو، ياد رکندو، اهو وقت ئي ٻڌائيندو .....

ياد ٿو اچيم هڪ دفعي مڏوءَ هڪ فرمائش ڪئي هئي. چيائين، 'اڄ شام جو مونکي ملتانيءَ جي ڪلفي بہ کاراءِ ۽ نهري هائوس واري سنڌي حلوائيءَ وٽان گرم گرم گلاب جمون بہ وٺي کاراءِ ۽ پوءِ بنارسي پان !'

فرمائش تہ ڪيائين پر اِهو نہ سوچائين تہ مان ايترا پئسا آڻيندس ڪٿان. گهٽ ۾ گهٽ ٻہ رپين جي ضرورت هئي. امان هجي ها تہ چنتا نہ هئي. اُها بہ رپيا ڏئي ڇڏي ها. ناني کان ايترا پئسا گهرڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معنيٰ لپاٽ ڪائڻ. هو مونکي خرچي ڏيندو هو صرف چار آنہ. ٻہ رپيا تہ اُن جي الوڻ هئي!

موهن ڪلپنا جي هڪ ڪهاڻي آهي جنهن ۾ نائڪ کي، پنهنجي پريمڪا کي آئيسڪريم کارائڻي آهي. ليڪن وٽس ايترا پئسا ڪونہ هئا. منهنجي بہ اُن نائڪ جهڙي حالت هئي. افسوس بہ ٿيو ۽ ڏک بہ ٿيو. منهنجي پريمڪا پهريون دفعو فرمائش ڪئي هئي ۽ مان اُها پوري ڪرڻ کان اُسمرٿ هوس. پوءِ بہ مون مڏوءَ کي چيو، 'شام جو اسين ٻئي اِهو عيش ڪنداسين!'

پوءِ مان نڪتس سوا ٻن روپين جي تلاش ۾، ٻہ روپيا ڪلفي ۽ چمن لاءِ ۽ چار آنہ بنارسي پانن لاءِ. فرهاد شيرين جي فرمائش تي جبل ٽاڪي پاڻي ڪڍيو ليڪن مونکي تہ صرف ٻہ روپيا ۽ چار آنہ ئي هٿ ڪرڻا هئا ....

دوستن جي نالن تي نظر ڊوڙايم. اُنهن مان اهڙو ڪو شاهوڪار نظر نہ آيو جيڪو ايترا پئسا اوڌارا ڏيئي سگهي. ڪنهن سنڌي دڪاندار کان گهران ۽ هو ناني کي ٻڌائي تہ ويس ڪم ڪان. مار بہ کائبي ۽ خوار بہ ٿبو. ڪملا پيڻ کان بہ گهري نہ پئي سگهيس جيتوڻيڪ هوءَ شاهوڪار هئي. هوءَ جيڪڏهن پڇي ها تہ مان ايترا پئسا ڪيڏانهن ڪندس تہ مان ساڻس ڪوڙ ڳالهائي نہ سگهان ها. اُن حالت ۾ مڏوءَ کي ٻڌڻو پوي ها .... مون اِهو هرگز نہ پئي چاهيو. مڏو سمجهي ها تہ مان بلڪل جوڪو آهيان ! سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي : ٻلي ٻڪ ٻرم جي، شال نہ وڃي شان !

پوءِ ڪجهہ ياد آيو. دل ۾ ٿوري اُميد جاڳي. ناني راڌا جي ٽرنڪ ۾ ڦولهہ وڌم. هڪ ساڙهيءَ جي ڪنڊ ۾ ڪجهہ ٻڌل هو. دِل ڌڙڪڻ لڳي. شل اِهو نوٽ هجي ! ڏيري ڏيري ڳنڍ کوليم. هڪ رپئي وارو نوٽ نڪتو.

راڌا سڄو ڏينهن ڳنگا جي گهاٽن تي پيئي گهمندي هئي. نانو سندس ساڙهيءَ جي پلوَ ۾ ڪجهہ نوٽ ٻڌي ڇڏيندو هو چانهہ ۽ بيڙين لاءِ تہ جيئن کيس پنڌو نہ پوي ! نانو ايترو خيال رکندو هو نانيءَ راڌا جو ... !

رپيو مليو، باقي سوا رپيو. اڃا منزل دور هئي .... هڪ رستو سجهيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳهر جي هڪ دريءَ ۾ نيپال لکي لاءِ پوسٽ ڪارڊ ۽ لفافه رکيا هئا. مون دل ۾ ڏي، اُنهن مان ضرورت جيترا لفافه ڪڍي، هڪ واقفڪار ميجاريءَ کي وڃي ڏنم. چيوماس پل ۾ وڏيڪ وٺي آيو آهيان، نانو مارينده. هن پئسا ڏنا ته منهنجي ڳلتي لڳي.

اِها هئي ته چوري پر اُن وقت اهڙو خيال نه آيو هو.

هينئر مون وٽ سوا ٻه رپيا هئا. مان پاڻ کي شاهوڪار سمجهڻ لڳس ـــ دنيا جو واحد شاهوڪار ....!

اُن شام مڌو مونتي ڏاڍي مهربان هئي. ڪلفي کاڌائين. گرم ڇمون کاڌائين. بنارسي پان سان لب لال ڪيائين. ۽ پوءِ ڳهر اچي مونکي ملي ڏنائين. اهڙيءَ طرح مونکي ڏنيه ڪري چڏيائين.

اِها مڌوءَ جي نراڙ تي ڏنل ملي مون دهرائي آهي، ’اچا وار ڪارا پنؤر‘ ڪهاڻيءَ جي انت ۾ .....!

اُها سڄي رات مان سمهي نه سگهيو هوس. گرمين جي مند هئي. اسين سڀ وڏي ۽ ويڪري ڳڏ تي سمهندا هئاسين پپل جي هيٺان. مان هڪ ننڍيءَ کٽ تي ۽ نانو صندل تي سمهندو هو. سترام مامو سگهرو هيٺ پنهنجي ڪمري ۾ سمهندو هو. مون کان ٿورو پري، پپل جي بلڪل هيٺان، ڪملا، شانتي ۽ ستدن ٻار سمهندا هئا. اُن رات جيستائين شانتي دڪان تان اچي، ڳهر وچڻ کان اڳ، مڌو، ڪملا جي ٻارن سان سمهي پيئي هئي. مون کي هن جي ويجهو وڃڻ کان ڊپ پئي ٿيو. منهن انڌاري ۾ هن جي ڏنل ملي اچا سَرِ سَرِ ڪري رهي هئي.

چنڊ اُڀريو بيلو هو.اُنجي چاندڻ پپل جي پتن سان ڳڏ نچي رهي هئي.اُها ڪڏهن پٽن کان ڇٽي هيٺ هارجي تي پيئي. اُن وقت زمين جي هر چيز جرڪي تي پيئي. مڌوءَ جي مک ۽ ديهه تي پڻ چاندوڪيءَ جي چٽسالي چادر پيل هئي. هوءَ ڪملا سان ڳالهيون ڪندي ڪندي ڪِلي تي پيئي ۽ مان اُهو ستار وادن ٻڌي، نيم - ننڊاکڙو، جاڳي تي پيس.

مڌوءَ ته مونکي سڀ ڪجهه ڏنو ٿي. منهنجو سمجهي، مونکي ٿي سُپرد ڪيائين پئي. پر مون ئي اُهو سڀ ڪجهه نه ورتو هوا اُن پليان منهنجي ڪهڙي ڀاونا هئي؟ ڪمزوري هئي، ڊپ هو، انديشو هو يا ڪو آدرش هو؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي من جي اهڙي اِسلتي جو هئي؟ اِن جو ڪارڻ اِهو تہ نہ هو تہ منهنجو اِسترين طرف جيڪو موهہ هو، جيڪو سنيهہ هو، اُهو آدرشواد ۾ بدلجي ويو هو؟ اُهو ڇا شرتچندر جي ناري پاترن جو پرڀاءُ هو؟ .اُن جو اثر منهنجي ساهت تي بہ تہ پيو هوا 'پاڻيارا پکي' ناول ۾ يا 'ٻاهر نڪرڻ جو رستو' ۾ نائڪائون، نائڪن جي ويجهو ايندي بہ، قريب هوندي بہ، اڇوتيون ٿيون رهن ۽ ليکڪ کي، پاٺڪن ۽ نقادن کان ٻڌڻو ٿو پوي تہ نائڪ هيٺو آهي، ڪمزور آهي، گيدي آهي ......!

اڄهو ناول جي نائڪا پاڻ مرادو، پاڻ کي پاڪر پائي، سنتوش ٿي پائي ۽ ناول جو هيرو پاڪر پائڻ جي سڌ ڪندي بہ، نائڪا کي پاڪر پائڻ بنا ڇڏي ٿو ڏئي ....

اِهو ڇا آهي؟ اِئين ڇو آهي؟ منهنجا نائڪ ايترا ڪمزور، ايترا آدرشوادي ڇو آهن؟ ڪٿي ائين تہ نہ آهي تہ اُنهن نائڪن پليان مول روپ ۾ مان پاڻ آهيان؟ ليڪن اِن پليان منهنجي ڪهڙي ڪمزوري پوشيده آهي؟ ڪٿي مان سائڪي ڪيس تہ نہ آهيان؟ ذهني طور بيمار يا اپاهج تہ نہ آهيان؟

هڪ دفعي اوتي جي جبلن تان هيٺ لهندي، ليڪ طرف ويندي، گل ٽالپر پڇيو، 'ادا، هيءُ توکي ٿيو ڇاهي؟ حالتن ۽ حقيقتن کان تون پاڻ بہ پڄندو رهيو آهين، تنهنجا نائڪ بہ پڄندا پيا وتن! تون ايترو ڪمزور ڇو آهين؟ اِن ڪمزوري جو ڪو تہ سبب هوندو؟'

گل ٽالپر ذهين پاٺڪا ۽ سلي ليکڪا آهي. هنجو سوال ٻڌي پهرين تہ مان ماٺ رهيس. پوءِ ڪيس ٻڌايم، 'پهريون سبب مڌوءَ جو پريم ۽ اُن جو وڇوڙو آهي ۽ ٻيو سبب شرت بابوءَ جون نائڪائون آهن. اُنهن مون تي ايترو اثر ڪيو جو پڄڻ بہ منهنجي سامهون ڪا اهڙي استتي آئي، مان پڄي آيس. بلڪ پڄندو ٿي رهيو آهيان. تون اِن کي ڪجهہ نہ سمجهہ.'

مون کي گل ٽالپر جي من - جڳت جي سُڌِ آهي. هوءَ منهنجو من - سنسار پروڙي ويئي ۽ چپ رهي. هن جون ڪهاڻيون ڇپيون گهٽ آهن ليڪن مونکي خبر آهي تہ هن جون ڪهاڻيون، هن جي من جا دستاويز آهن. هن بہ مون جيان پيار ڪيو پر پيار جي شادي نہ ڪئي. هن بہ مون جيان هار جهليا ۽ اُنهن لاءِ جيئندي رهي. هن سچي زندگي پيڙا

سلي ۽ سهندي رهي ٿي. مون جيان هوءَ بہ پپل جي پن جيان آهي جيڪو گرمين چاهي سردين ۾ ڏڪندو ۽ لڇندو رهي ٿو. ۽ شايد اوستائين لڇندو ڏڪندو رهندو جيستائين اُهو وڻ مان ڇڻجي ڪريو نہ آهي .....!

پوءِ بہ هوءَ چانورو ڏيندي رهي آهي. هوءَ پنهنجن ڇهن ٻارن جي ڇپر ڇانوَ آهي، جيئن مان پنهنجن ڇهن ٻارن جو ابو ۽ اجهو آهيان! ۽ جيئن هن لاءِ تيئن مون لاءِ پڻ ٻاهر نڪرڻ جو رستو بند آهي ... دروازي تي ٽنگيل اکرن ۾ نو ايگزٽ جو بورڊ لڳل آهي ....

١٩٤٤ع جو سال پوريان پساهہ کڻي رهيو هو. مون ڏٺو، سڄيءَ هردوار ڏٺو، حشمتراءِ اينڊ ڪمپنيءَ جو سج لهي رهيو هو. رات جو اونداهي سندن گهرن تي ڇانئجي رهيو هو.

سڀ ڪان اڳ انڪم - ٽئڪس وارن سندن گهرن ۽ دڪان تي ريڊ وڌي. سمورا اڪائونٽ بڪ ۽ بئنڪ جا کاتا سيل ڪيا ويا. اُن بعد ڪيس هليا. ڪيسن ۽ وڪيلن جي پليان پهرين نقدي ۽ پوءِ زيور وڪامجڻ لڳا. ڏسندي ڏسندي سندن زالن جون ٻانهون ۽ ڳچيون وري ڳليون ٿي ويون.

مونکي گهٽي ۾ گهٽو ڏک ڪملا ڀيڻ جو هو جنهن کي ننڍڙا ٻار هئا. پر هوءَ اڳ جيان مونتي مهربان هئي. هن جو سنيهہ جيئن جو تيئن رهيو. ٿورو وڌيو ٿي هيو. هڪ ڏينهن چيائين، 'توسان جيڪو انياءُ ٿيو هو، گنگا ماتا اُن جو حساب ورتو آهي!'

مون ڪجهہ نہ چيو هو. ڪملا ڀيڻ جي پيرن طرف نهاريندو رهيو هوس. اهوئي تہ اُهو سنيهہ هو جيڪو مونکي استرين وٽان مليو هو ۽ مون اُهو موٽايو هو سنيهہ ڏيئي، عزت ڏيئي، سنمان ڏيئي!

ڪملا کي ياد ڪرڻ سان يڪايڪ ارهڙ جي دال ياد پوندي آهي جنهن کي سنڌيءَ ۾ ملرن جي دال چوندا آهن. منهنجي پهرين پسند جي دال - تہ دالي آهي. اُن ۾ ٿوري سائي ٿوم ۽ ٿوري ليمي جي رس پيل هجي ۽ اُن سان گڏ ٻوڙو هجي تہ واهہ، ڇا ڇئجي! اُن سان گڏ تريل پٽاٽا، واڱڻ، پينڊيون يا گوبي هجي تہ مزو اچي ويندو. پر جي تريل مڇي هوندي تہ پوڇڻ ڪائي من پرسن ٿيندو.

ارهڙ جي دال هردوار ۾ عام جام کائيندا هئا. جنهن ڏينهن ڪملا ارهڙ جي دال رڌيندي هئي، مونکي سڏ ڪري، پنهنجي سامهون ڇوڪي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ وهاري، دال ڦلڪو ۽ ٿريل پٽاٽا کارائيندي هئي. ڏاڍو آنند ايندو هو. دال اهڙي سوادي ٺاهيندي هئي جو ٿوم يا ليمي جي ضرورت ئي نہ پوندي هئي. اُنهن بجاءِ دال ۾ سچي گيهہ جو تڙڪو ڏيندي هئي جنهن ۾ جيرو پيل هوندو هو. ڇا تہ خوشبوءِ ايندي هئي!

اڄ تائين جڏهن بہ هردوار وڃان ۽ ڪملا سان ضرور گڏجان تہ هوءَ مونکي ارهڙ جي دال ضرور کارائيندي آهي.

اهڙيون ٻيون بہ ڪي اِستريون آهن جن سامهون وهاري کارايو آهي جن مان هڪ امان هئي جيڪا پلو مڇي سوئي کارائيندي هئي، اُشا ۽ ريکا ڏيئر آهن جي آلائي ڇا ڇا ٺاهي کارائينديون آهن. ۽ ٻيون آهن سنڌ جون نياڻيون : ماهتاب محبوب ۽ گل ٽالپر ....!

ماهتاب جڏهن بہ مانيءَ تي گهرائيندي هئي، ميز تي سنڌس ڪٽنب سان گڏ مهمان بہ هوندا هئا ۽ اُهي ليکڪ ئي هوندا هئا، جن ۾ ڪڏهن محمد اِبراهيم جويو، ڪڏهن حميد سنڌي، ڪڏهن آغا سليم تہ ڪڏهن ٻيا اديب ۽ شاعر هوندا هئا. ليڪن اديءَ گل وٽ صرف ٻار هوندا هئا جن سان گڏجي فرش تي ويهي کائيندا هئاسين، جيڪو بہ رڌبو هو .... ! پر جنهن ڏينهن نواب اِمداد علي ٽالپر گهر ۾ هوندو هو وڏي مجلس ڪندو هو پنهنجي پلن سان گڏ. اُن مجلس ۾ منز، ڪبورا، جيرا، بڪيون ۽ ٻيو آلائي ڇا ڇا ٺاهرائيندو هو ۽ وڏي ڳالهہ تہ زبردستي کارائيندو هو. مان جو پيلوري هئس، اهڙا سوادي طعام ڪير پلي؟

ليڪن مونکي پيٽ - چلئَ جي نہ، ناري سنيهہ جي ڳالهہ ٻڌائڻي هئي جن مونکي ننڍپڻ کان ئي ڇپر ڇانوَ پئي ڏني آهي ....

مون پنهنجي ڪهاڻين، ناولن چاهي هن آتم ڪٿا ۾، ڪٿي بہ ڪنهن بہ ناريءَ جو نرادر نہ ڪيو آهي. ايتري قدر جو مڙوءَ جو اصلي نالو بہ ڪٿي نہ ڄاڻايو اٿم.

چيو ويندو آهي تہ آتم ڪٿا ۾ سمورو سچ لکجي. مون سمورو سچ لکيو آهي سواءِ مڙوءَ جي اصل نالي لکڻ جي. ڇا اِهو واجب ٿيندو تہ مان مڙوءَ جو اصلوڪو نالو لکي ڪيس رُسوا ڪريان؟ هڪ پرڻيتا ناريءَ کي، جيڪا گهر ٻار واري آهي، اُن کي هن عمر ۾ خوار ڪريان؟ پوءِ تہ منهنجو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناري سنيھہ ۽ سنمان مليا ثابت ٿيندو. ڊونگھہ سڏبوا مان ائين ھرگز نہ ڪندس. ڪڏھن بہ نہ ڪندس. مڏوءَ جو اصلوڪو نالو ڪڏھن بہ پنھنجيءَ زبان تي نہ آڻيندس.

تون مون تي وشواس ڪج مڏو ... ضرور وشواس ڪج ...!

١٩٤٥ع ۾ مڏوءَ جي شادي ٿي ويئي، دھليءَ ۾. سندس گھوٽ سرڪاري نوڪريءَ ۾ ھو.

اُھا رات مون بيچينيءَ ۾ گذاري ھئي. رات جو دير تائين سروڻ گھاٽ جي چبوتري تي، شھتوتن جي وڻ ھيٺان ليٽيو پيو ھوس — اڪيون ڪولي. اڪيون ھونئن سان مڏو سامھون اچي ٿي بيلي. گنگا جي وھڪري جو ڊيمو ڊيمو سُر ڪنن ۾ گونجي رھيو ھو. سرد ھوائن کان بچڻ لاءِ گرم شال ويڙھي ڇڏي ھئم.

اُن ئي سال منھنجي بہ شادي ٿي ويئي. چار شاديون ھڪ ئي وقت ٿيون. ٻہ سؤٽ — رام ۽ مان. ٻہ سؤٽيون — سُري ۽ ڪلي. رام ۽ ٻنھي سؤٽين جون ويڏيون پڙھيون ويئون.

سنڌ ۾ شارڊا قانون لاڳو ھو جنھن تحت مان اجان شاديءَ لائق نہ ٿيو ھوس. تنھن ڪري منھنجي ويڏي نہ پڙھي ويئي. منھنجي شادي ٽڪاڻي ۾ ڪرائي ويئي، رات جو ٻارھين بجي ڪانپوءِ، جنھن وقت مان گھريءَ ننڊ ۾ ھوس.

مون کي سڏ ٿيو تہ منھنجي آھنر، ماسڙ رھنديمل، مونکي ڊونڊاڙي جاڳايو. منھنجو نانو، گھوٽ پيءُ، منھنجي لاءِ ھردوار مان فل سوٽ سبائي آيو ھو جيڪو مونکي پھريل ھو ۽ سمھي پوڻ سبب گھنججي ويو ھو.

ٽڪاڻي ۾ پھرين وچن ورتو ويو پوءِ مونکي ھڪ ڇوڪريءَ کي ھار پائڻ لاءِ چيو ويو جنھن جو منھن ڍڪيل ھو. پھرين مون ھن کي ھار پاتو ۽ پوءِ ھن مونکي ھار پاتو. اُن بعد اسان ٻنھي ھڪ ٻئي جو ھٿ جھلي، گرنٿ صاحب جي چوڌاري ست ڦيرا پاتا. اسان جي شادي ٿي ويئي. سيٽن ھڪ ٻئي کي واڌايون ڏنيون. ڇوڪريءَ جو نالو لڇمي ھو جيڪو گرو گرنٿ صاحب جي وچن موجب ڦيرائي ڪوشليا رکيو ويو. اِھا پرمپرا ھئي .....

ڀارتي اپکنڊ ۾ شادي پرمپرا جو مطلب آهي ونش جو وڪاس ۽ پريوار ۾ واڌ. اُن موجب ڪنوار ٻئي ڪٽنب مان اچي ٿي، شاديءَ بعد پيڪن سان ناتا ٽوڙي، نالو پڻ بدلائي، ساهرن سان ناتو جوڙي ٿي ۽ سندن ڏنل نالو سويڪار ڪري ٿي.

نينگرِ پهرين ڪنوار بڻجي ٿي – يعني زال. پوءِ ماءُ. پوءِ سَسُ. پوءِ ڏاڏِي. اِهو چڪر آهي جيڪو هلندو رهي ٿو، هلندو رهندو – خاص طور هندو سماج ۾ ....

وقت بدليو ته وقت سان گڏ ماڻهن جا من ۽ ذهن پڻ بدليا. پهرين گهر جي وڏڙن موجب شاديون ٿينديون هيون. پوءِ ڇوڪرو ڇوڪري هڪ ٻئي کي ڏسڻ لڳا. اُن ۾ ڇوڪري جي پسنديءَ جو ئي خيال رکيو ويندو هو، ڇوڪريءَ جي پسندگيءَ کي ڪا گهڻي اهميت ڪانه هئي.

اُن بعد زمانو آيو پريم وواهه جو. اُن ۾ ٻن دلين جو ميلاپ هو. اُن جي وڪاس ۽ واڌاري ۾ ٽي.وي، سئنيما ۽ ساهت گهڻو ڀاڱو ادا ڪيو. اُن ميڊيا ۾ پريم جي مهما ڳائي ويئي هئي. پريم جا گيت ڳايا ويا هئا جن جو اثر تڪڙو قبول ڪيو ويو. اُن کان سواءِ شهري زندگيءَ تي ويسٽرن لائيف اسٽائيل جو به اثر پيو. جنهن موجب شاديءَ جو بنڌن غير ضروري سمجهيو ويو. هنن جي ويچار موجب استري پرش جو سنبنڌ نجي معاملو هو جنهن سان ٻئي ڪنهنجو واسطو نه هو. هنن جو عقيدو هو ته بک لڳڻ تي جيئن بريڊ بٽر کائجي ٿو تيئن سيڪس جي چڪ ٿئي ته استريءَ جو سرير ماڻي سگهجي ٿو. اُن بعد اگر سنتان جي اُتپتي ٿئي ته اُها جائز هئي، جڏهن ته ڀارتي پرمپرا موجب اُها ناجائز سنتان هئي، اُهو جائز ونش نه هو. يورپ ۾، ۽ اسلام ۾، اُن کي ڄائز قرار ڏنو ويو آهي، ملڪيت ۾ حق ۽ حصيدار قبول ڪيو ويو آهي.

منهنجا پنهنجا ويچار ڀارتي پرمپرا طرف مائل رهيا آهن. ليڪن مان اِهو پڻ قبول ڪريان ٿو ته منهنجي شاديءَ، منهنجي اِن عقيدي کي ڏوڏي ڇڏيو آهي، وشواس جي شيشي ۾ چير وجهي ڇڏيا آهن.

منهنجي شادي مونکي ڪنهن به راس نه آئي. مان پنهنجي پتنيءَ کي پريم ڪري ئي نه سگهيس. منهنجي دل ۽ دماغ تي هميشه مڏو براجمان رهي. مان اُها جاءِ ٻئي ڪنهنکي ڏيئي نه سگهيس، مالڪيءَ جي بنياد تي ته اصل نه، البت مساواڙ تي ضرور ڏنم جيئن جاءِ خالي نه رهي ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گھر گرھستي ھلندي رھي. مون کي اُن جاءِ جي مسواڙ ملي - ڇھ ٻار – ٽي پٽ، ٽي ڌيئر جي سڀ شادي ڪري پنھنجي پنھنجي گھر خوش آھن.

ھينئر اُھا مسواڙي جاءِ خالي آھي، پر مون فيصلو ڪيو آھي تہ اُھا خالي جاءِ ھُئي ڪنھن کي سب ليٽ نہ ڪندس، ليز تي بہ نہ ڏيندس، بلاشڪ تہ اُھا خالي پيئي ھجي ۽ آھستي آھستي ڍھندي وڃي ....!

شاديءَ جي ھُئي ڏينھن وڏي دعوت ڪئي ويئي. تيوڻ ۽ پولاءِ جون ديگيون لٿيون. دارونءَ جا شيشا کليا. ٽن ڏينھن دارون گلاسن بجاءِ ڪُٽِ جي تسرين ۾ پيئندا ھئا. منھنجي ليکي دارون ڪا ذائڪيدار چيز ھئي. رات جو اُٽي، آھستي آھستي ڪوٺيءَ اندر وڃي، ھڪ تسريءَ ۾ دارون وجھي، ڳيت ڏيئي پي ويس. الاا منھن مان دانھن نڪري ويئي. شڪر جو امان نہ ٻڌي جيڪا ٻاھرين صفحي ۾ پنھنجي نندڙيءَ ڪنوار سان گڏ سمھي پيئي ھئي. اُن رات مونکي پھريون دفعو خبر پيئي تہ دارون ڪؤڙو ٿيندو آھي. اِھوئي سبب آھي جو مون پنجاھ سالن جي عمر تائين شراب نہ ورتايو ھو. اُن بعد، ڊاڪٽري صلاح تي، دوا طور پيئڻ شروع ڪيم، ننڊ اچڻ لاءِ. ھڪ پيگ ھضم ٿي وڃي. ٻيو پيگ پيئان تہ جھوٽا اچن. ڪڏھن ڪنھن محفل ۾ ٽيون پيگ پيئاريو وڃي تہ سمھي پوان. نشي ۾ ڪڏھن نہ اچان جو ٻڙ ٻڙ ڪريان.

ڪوٺيءَ مان وات ڪؤڙو ڪري ٻاھرين صفحي ۾ آيس تہ پنھنجي نووزني ڪنوار تي نظر وڌم جيڪا منھن ڍڪي، امان جي پاسي کان ڪرونڊڙي ٿي سمھي پيئي ھئي.

ٽن ڏينھن گھٽي سنڌي ھندو پائيبندن جيان اسان ۾ بہ مڙس ۽ سھري کان منھن ڍڪڻ جو رواج ھو. ڪٿي تہ اڃا تائين آھي. ھندستان ۾ بہ ڪيترن ھنڌ اِھو رواج چالو آھي.

مان ٻاھر پڊر ۾ سمھيو ھوس ھين سان گڏ، پوءِ بہ صبح جو منھنجي ھٿان ناريل ڀڃايو ويو. جي اِھو رواج آھي!

مان ۽ رام جڏھن پھريون ڀيرو ساھرين وياسين تہ منھنجا انگل ڏسڻ وٽان ھئا. ھڪ تہ قمبر شھر ننڍو تنھن مٿان پيئڻ جو پاڻي ٻاڙو ! پاڻي پيئان تہ اُلٽيون ڪريان. ضد ڪري بيلس تہ مونکي ھينئر جو ھينئر لاڙڪاڻي

موڪليو وڃي.

لاڙڪاڻي مان ڇوٽي لائين جي گاڏي هلندي هئي جيڪا قمبر ۽ شهداد ڪوٽ کان ٿيندي جيڪب آباد وڃي ختم ٿيندي هئي.

منهنجي وڏي سؤٽ ۽ سنڌوءِ رام، سمجهائيندي چيو، 'ساهرن ۾ ڪِلَ نہ ڪراءِ. هڪ ٻہ ڏينهن ماٺ ڪري گذارا'

پر مان پنهنجي ضد تي اڙيو رهيس. آخر مونکي پرچائڻ جو هڪ رستو ڳولهيو ويو. پاڻيءَ بجاءِ منهنجي لاءِ راڏي جي هوٽل تان لمليٽون گهرايون ويئون. جنهن مهل اُڃ لڳي، ليمن کولي ڏين. تڏهن ليمن کي لمليٽ چوندا هئا.

قمبر ۾ سئنيما صرف هڪ ئي هئي سا بہ ڪچي، مانڊي جهڙي. هڪ ريل هلائي بتيون ٻارين جيستائين ٻيو ريل تيار ٿئي. بيزار ٿي پيس. اڌ کيل مان اُٿي آيس.

هڪ ڏينهن اسان جو سالو تولارام اسان کي ٻنين تي وٺي ويو. ڳوٺاڻي ماحول ۾ پهتس تہ ڏاڍو خوش ٿيس. ڇهہ سايون ٻنيون، ساوا انبن جا وڻ ۽ سادا سودا ڳوٺاڻا جن وٽ سک ئي سک هئي. رستي ۾ جيڪي ٻہ واهيون ۽ موريون آيون، سڀ پاڻيءَ سان ٽمٽار. مون کي ٻچپن کان ئي ڳوٺ وڻندا هئا. ڏامراهہ ۽ پارڳوٺ ۾ رهي، ڳوٺن جو لطف ماڻي چڪو هوس. ورهاڱي کان چاليهن سالن بعد جڏهن سنڌ ويس تہ اُتي ڳوٺن کي نہ وساريم. نواب بشير احمدخان لغاري ۽ نواب منظورحسين ٽالپر جي ڳوٺ تاجپور ۾ ڪيترا ڏينهن رهي، ڳوٺاڻيون ڪچهريون ڏٺم. ساڻن گڏ جيپ ۾ ويهي ٻنيون ۽ باغ ڏٺم. هنن سان گڏ واهن ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ترڳيس. اصل پيٽ ئي نہ پربو هو.

تاجپور ۾ ساليانو عرس جو ميلو لڳو تہ بزاريون کلي ويئون. ڪيڙين جا نخرا ۽ ناچ ڏٺم. مون وارا رئيس مون تان نوٽ گهوري کين ڏيندا وڃن. ڪيڙيون ڏس تہ مون سان اڃيو من مستي ڪن. ميدان ۾ پهلوانن جون ملهون ڏسي دنگ رهجي ويس. هڪ پهلوان، جنهن ملهہ کٽي هئي ۽ ماٿو کيس سڏ ڪري نوٽ ڏيئي رهيا هئا، منهنجي سامهون اچي مون سان هٿ ملايو ۽ چيائين : آءٌ اوهان کي سڃاڻيندو آهيان. اوهان جي ڪونج بہ پڙهي اٿم. مون کي ڏاڍي خوشي ٿي. مٿان وري پلهوانن کي منهنجي هٿان انعام ڏيارايا ويا.

اِهي آهن سنڌي ڳوٺ ۽ ڳوٺاڻن جا قرب ...!

هڪ ڏينهن ادي گلشن مون کي پنهنجي ڳوٺ وٺي ويئي. موٽر جڏهن حيدرآباد شهر کان ٻاهر نڪتي تہ ٻاڻ وجي ڊرائيور جي سيٽ تي ويٺي. ڇيائين ڪيترن سالن کان موٽر ڪانہ هلائي اٿم. اڄ تنهنجي صدقي هلايان پيئي. مون پٺيئن سيٽ تي ويهي سندس فوٽو ڪڍيو هو جنهن ۾ هن جي ڳردن، وارن جو چوٽو ۽ اِسٽيرنگ تي هٿ نظر اچن ٿا. اُهو يادگار فوٽو مون سانڍي رکيو آهي.

اهڙيءَ طرح هڪ ڏينهن شوڪت شورو پنهنجي ڳوٺ سجاول واري زمين تي وٺي ويو هو. وڏي ٻاڻس جي وڏي حويلي هئي جتي رات جو پڊر ۾ کٽولن تي ستا هئاسون. گهر ٻاهران هترادو واهي ڪونٽي هئائون جنهن ۾ هنس پئي تريا. سڄو وقت چتن جي تنوار پئي ٻڌيسون.

ڇهہ ساوا چتون جن جون ڇهنبون ڳاڙهيون هيون. اُهي ڄڻ هن گهر جا ڀاتي هئا. جيڏي مهل چاهيائون پئي، پڊر ۾ اچي داٽو ٻاٽي چڱي پئي ويا. مون ڏٺو گهر جي نياٽي، شوڪت جي ڀائٽي، اُنهن جو ڏاڍو خيال رکي رهي هئي. ۽ شوڪت جو ڀائٽيو، اُهو وري هنسن پٺيان ديوانو. مطلب تہ سڀ ڪتنب موهي ڇڏيو. هنن بہ خدمت ۾ وسان ڪين گهٽايو. هڪ ٻئي جون دليون ڪٺيي ورتيون سون.

مطلب تہ سنڌ جا ڳوٺ، سنڌ جا سرڳہ پري هئا ...

تولارام پڙهيل ڳڙهيل ۽ ريلوي ۾ نوڪري ڪندڙ هو. هو پنهنجي نڌيءَ پيڻ جي شاديءَ خلاف هو. مجبورن ڪيس ها ڪرٽي پيئي هئي جو سامهون بہ سليون مائٽيون هيون.

اسين پهريون دفعو ساهرين آيا هئاسين تہ رام کي الڳہ ڪمرو مليو. مان صفحي اندر، ٻين جي هوندي، الڳہ کٽ تي سمهاريو ويس. سياري جا ڏينهن هئا ۽ مان سوڙ پائي سمهيو پيو هوس. اوچتو منهنجي ڪنن تي پڻ پڻ جو پرلاءُ پيو. ڪو زنانو آواز، ڪنهنکي چئي رهيو هو: نڌي کي بہ وڏي جيان الڳہ ڪمري ۾ سمهاريو ها ... ۽ مرداني آواز مخالفت ڪندي چيو : هننجي اڃا وهي ڪانهي، هو اڃاڀار آهن!

اهو مردانو آواز ٻڪ ٺي ٻڪ تولارام جو هو ۽ زنانو آواز سندس پتنيءَ جو.

تولارام برابر چئي رهيو هو. اسان جي وهي ڪانہ هئي. اسين اڃا ٻار هئاسين. وڏي ڳالهہ تہ منهنجي پنهنجي بہ مرضي ڪانہ هئي. مان ڪنهن بہ حالت ۾ الڳہ ڪمري ۾ سمهڻ قبول نہ ڪريان ها. پوءِ شايد هڪ ٻيو هنگامو ٿئي ها....

امان پنهنجي ننڍڙيءَ ڪنوار کي گڏين جيان سينگاريندي هئي. وارن ۾ ڦٽي ڏيئي، هڪ چوٽي ڪندي هئس. نوان نوان ريشمي وڳا پهرائيندي هئس. ليڪن مان جيئن ئي گهر ايندو هوس، هوءَ منهن ڍڪي ڇڏيندي هئي!

منهنجي سالي سشيلا، رام جي ڪنوار، هوشيار هئي. هوءَ گهر جي ڪم ڪاج ۾ پرٻيڻ هئي. سڄو گهر سنڀالي ورتو هئائين. منهنجي ڏاڍي خاطرداري ڪندي هئي. مون کان، مون ننڍڙي کان منهن ڍڪيندي هئي ۽ هروقت پيٽوپير - پيٽوپير چئي سڏ ڪندي هئي. گهر هڪ ئي ماڙ تي هئا، پري تہ هئاسين ڪين جو ڪجهي وڇٽو پوي. مان وٽس ويندس تہ پنهنجن هٿ سان رڌل ڪاڌو ٿالهيءَ ۾ پروسي ڏيندي هئي. اڄ تائين اِهو سلسلو جاري آهي جيتوڻيڪ ڪجهہ سال اڳہ منهنجو سؤٽ رام گذاري ويو ۽ پاڻ لڳاتار بيمار رهندي اچي.

١٩٤٥ع ۾ ئي مان واپس هردوار هليو آيس. ليڪن هتي تہ ڪک ڪانا وڃي بچيا هئا. مڏوءَ ڪانسواءِ ڪجهہ مِلو نہ ٿي لڳو. من موڳو ۽ موڙهيل رهڻ لڳو. هڪ ڏينهن ناني جي موڪل سان، مامي سترام بجاءِ، مان پاڻ خريداريءَ لاءِ دهليءَ ويس. من ۾ هوم تہ خريداريءَ بهاني مڏوءَ وٽان ٿيندو ايندس. سندس گهر ويس بہ، پر اندر وڃڻ جي همت ڪانہ ٿي. گهر ٻاهران بيهي بيهي تہ متان هوءَ پاڻ ٻاهر نڪري ۽ مان ڪيس ڏسي وٺان، واپس موٽي آيس. ان تان مون هڪ ڪهاڻي لکي آهي ’انديشو‘ جنهن ۾ پنهنجي من جا، اُن وقت جا، آڌما ظاهر ڪيا اٿم.

انديشو ـــ مان چند ٽُڪرا : اوچتو، بنهہ اوچتو، جنهنجو ڪيس بلڪل انديشو ڪونہ هو تہ ڪو اِهو گمان بہ سندس من ۾ پيدا ٿي سگهي ٿو، جيڪو هينئر پيدا ٿيو هو، هن جو ڪال بيل طرف وڌيل هٿ هيٺ جهڪجي آيو.

۽ اُهو گمان ڪهڙو هو؟

— اگر هُن ڪيس نہ سڃاتو تہ ؟

۽ اُن گمان کي آڌار کھڙو هو، اِهوئي نہ تہ سندن وچ ۾ ورهين جي وڇوٽي هئي، جنهنکي متان هوءَ پار ڪري، هُن تائين پهچي نہ سگهي؟

— ليڪن ڇا اِهو ممڪن هو؟ اُهو سنهنڌ جيڪو ڪجهہ ورهيہ اڳہ سندن وچ ۾ هو، اُهو ڇا ايترو اُڇاترو هو جو ڪنهن جي چاهڻ سان بلڪل سؤلائيءَ سان وسري سگهي؟

هو ڇا ڪيس وساري سگهيو هو؟

هن ڇا ڪيس وساري ڇڏيو هوندو؟

هڪ بيو بہ انديشو هو، جيڪو اُن گمان بعد پئدا ٿيو هو، تہ اگر هُن ڪيس سڃاتو بہ تہ ڇا چئي يا ڪھڙو سنهنڌ ٻڌائي هوءَ سندس سڃاڻپ ڪرائيندي؟

هڪ پرڻيتا ناريءَ لاءِ ڇا اِهو ممڪن هو تہ هوءَ پنهنجي مکہ مان چئي سگهي تہ ڪجهہ ورهيہ اڳہ هوءَ هِن پُرش کي پيار ڪندي هئي؟

اِهو بلڪل ناممڪن هو. هوءَ ائين هرگز چئي نہ سگهندي. ڪا بہ اِستري نہ چوندي. هن کي ڏوهہ ڏيڻ اجايو آهي.

اِن ولوڙ مان سواءِ پاڻيءَ جي بيو ڪجهہ بہ نڪرڻو نہ آهي. ۽ هُن پاڻي وِلوڙڻ ڇڏي ڏنو.

هِڪ آنو رِڪشا اُتان اچي لنگهي. گهٽي ايتري ڪشادي ڪانہ هئي تنهن ڪري هو ٿورو هٽي، دروازي جي بلڪل ويجهو، ديوار سان لنگهي بيٺو.

اندران ڪنهن اِستريءَ جي کِل جو هلڪو پرلاءُ جهٽي، هو سڌو ٿي بيٺو.

— اِها ڪنهنجي کل هئي؟

حافظي تي زور ڏيئي، هُن سندس کل کي ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هوءَ ڪڏهن ۽ ڪٿي ڪٿي کلي هئي، هو اُهي هنڌ ۽ پل ڳولهڻ لڳو. ڪيس ياد آيو جڏهن هُن پنهنجي مڱڻي جي ڳالہ ڪدي هئي تہ هن تيسي ۾ پرجي چيو هو تہ هو ائين هرگز ٿيڻ نہ ڏيندو.

تڏهن هوءَ اُمالڪ کلي ويلي هئي. جڏهن کلي بس ڪيائين تہ چيائين، ’تون پاڻ تہ اڳہ ئي مڱجي ويلو آهين. باقي مونکي ڇو ٿو منع ڪرين؟‘

۽ ھُن گنپير تي چيو، ’توکي سُڌ آھي تہ مان ننڍپڻ ۾ ئي مڱايو ويو ھوس.‘

ھڪ پيرو وري ھوءَ کلي. چيائين، ’تہ پوءِ اِن ۾ روئڻ جي ڪھڙي ڳالھ آھي. تون پنھنجو مڱٽو ٽوڙي نٿو سگھين ۽ مان مڱڻ کان رھي نٿي سگھان. حساب برابر ....‘

۽ پوءِ ھوءَ خوب کلي ھئي.

ھُن جي شرارتي کل تي ھوُ نارمل بڻجي ويو ھو ۽ پاڻ بہ کِلڻ لڳو ھو.

— ليڪن ھيءَ اُھا کل نہ ھئي. ھُن کي ڄڻ يقين ٿي ويو.

— تہ ڇا اِھا سندس ڌيءُ جي کِل ھئي؟

— ليڪن ڪھڙيءَ ڌيءُ جي — وڏيءَ جي يا ننڍيءَ جي. ڪيس سُڌ ھئي تہ ھنکي ھڪ ٻئي پٺيان بہ ڌيئر ڄايون ھيون.

مون کي اُھي ڏينھن ياد آيا جڏھن منھنجي مڱڻ جي سڌ پيئي ھئس ۽ پوءِ سندس بہ مڱٽو ٿيو ھو تہ ھوءَ مون کان پري پري رھڻ لڳي ھئي. مون سان ملڻ کان ئي نٽائيندي ھئي. ملندي ھئي تہ پورو ڳالھائيندي ڪانہ ھئي. ھان - ھون ۾ وراڻيون ڏيندي ھئي. مون گھڻيون ئي مرليون وڄايون ليڪن اُن جو ھڪ بہ سُر مدوءَ جي ڪنن تي نہ پيو. ھوءَ ڄڻ گونگي ٻوڙي ٿي ويئي ھئي. چُپُ ماري ويھي رھي ھئي!

سياري جون راتيون ۽ سرد ھوائون. ھڪ رات ڪملا جي ڪمري ۾، سوڙ ھيٺان پاڻ کي لڪائي ويٺا ھئاسين. اُن رات مون جوڪر جو پارٽ پئي ادا ڪيو. ڪملا ۽ ٻارن ٽھڪ پئي ڏنا ۽ مدوءَ صرف مشڪيو ويٺي. ڪملا کلندي چيو، ’ماريا، ڪيترو ٿو کلائين!‘

ليڪن مون تہ اندر ئي اندر رنو ويٺي. منھنجي سڄڻي مون کان رٺل ھئي جنھنکي پرچائڻ جا حيلا ويٺي ڪيم.

چرچا گھبا ڪندي، مون پنھنجو ھڪ پير مدوءَ جي پير سان ڇھائڻ جو يتن پئي ڪيو. اُن ڇھاءَ وسيلي مون مدوءَ کي پنھنجي من جي ڪئفيت ٻڌائڻ پئي چاھي. احساس ڪرائڻ پئي چاھيو. پر ھن پنھنجا پير بہ پاڻ طرف سميٽي ورتا ھئا جيئن پاڻ کي مون کان پري ڪري ڇڏيو ھئائين. مون اکين ۾ ڪيئي سوال پڇيا ھن ڏانھن نھاريو پر ھن اکين معرفت پڇيل ڪنھن بہ سوال جو جواب نہ ڏنو. ھوءَ جواب ڏيڻ لاءِ تيار نہ ھئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُن لاءِ هوءَ جوابدار بہ ڪانہ هئي. اِها بہ پارٽي ناريءَ جي هڪ پرمپرا هئي.

مدوءَ کي خبر هئي تہ منهنجي شادي جلد ٿيڻ واري هئي. پوءِ هوءَ بہ مڱجي ويئي. اُن وقت هن جي من ۾ الائي تہ ڪهڙا ڀاوَ هئا....؟ اُهي صرف هوءَ ۽ ئي گنگا جي ڌارا ڄاڻي ...! مان پاڻ ڪجهہ بہ تصور ڪري نٿو سگهان ....

هڪ دفعي مدوءَ چيو، 'تون ترڻ ڇو نٿو سکين؟'

شايد ڪملا ٻڌايو هوس تہ مان بہ ٻي دفعا ٻڏندي بچيو آهيان. منهنجي ڇپڻ تي اُمالڪ مرڪ هلي آئي. مذاق ڪندي چيم، 'مونکي ٻڏڻ ۾ مزو ايندو آهي. توسان گڏ ٻڏڻ ۾ تہ وڌيڪ آنند ايندو.'

ليڪن اِها بہ سال اڳ جي ڳالھ هئي. هن وقت تہ مدو مون سان ڳالهائڻ لاءِ بہ تيار نہ هئي.

هردوار ۾ مان بلڪل اڪيلو هوس. لائبرريءَ ۾ ويندو هوس پر ڪجهہ بہ پڙهڻ تي دل نہ ورندي هئي. ڪيترا ڪلاڪ چبوتري تي ويٺو گنگا طرف نهاريندو رهندو هوس. ڏيئن ٻرڻ تي ماڻهن جون تاريل گلن جون ٻيڙيون جن مٿان ڪافور جون ڏياٽيون پيئون ٻرنديون هيون، منهنجي اکين اڳيان، گنگا ۾ ترنديون ويندون هيون. انهن ٻيڙين ۾ منهنجي ۽ مدوءَ جي تاريل ٻيڙي ڪانہ هئي. اسان جي ٻيڙي وچ ڌارا ۾ ٻڏي ويئي هئي!

١٩٤٦ع ۾، ناني مونکي لاڙڪاڻي موڪليو تہ مان ڪوشليا کي هردوار وٺي اچان.

اُن وقت سنڌ ۾ ٻن ڳالهين جي چرچا هئي. هڪ پاڪستان جي ۽ ٻي اليڪشن جي. ڪانگريسي ۽ مسلم ليگ چونڊن ۾ سوڀ حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙي رهيون هيون. سنڌ جي مسلم منورٽيءَ ۾ ڦيرو آچي رهيو هو. هو پاڪستان جي فائدي ۾ ٿي ويا هئا. پاڪستان جو نهراءُ جي - ايم سيد ئي پاس ڪرايو هو جنهن تان پوءِ هٿ ڪنيو هئائين. ليڪن تيستائين دير ٿي چڪي هئي. ميان جناح ڪانگريس سان ضِدِ پئجي ويو هو. سنڌ جي فضا مان تعصب جي بوءِ اچڻ لڳي هئي. هڪ ڏينهن مون شيرو حجم کان وار پئي ڪٽايا تہ اُتي ويٺل مومن هندن تي چٽرون

ڪري رهيا هئا. خود شيروءَ ۾ بہ ڦيرو اچي ويو هو. هن ۾ اڳ جهڙي اُها سڪ ۽ حب نہ رهي هئي.

اُن سال اُسين چار ڄڻا — اُمان، مان، ڪوشليا ۽ پيڻ اندرا، هردوار روانہ ٿياسين. ۽ اُهو اسان جو، سنڌ جو، آخري سفر ثابت ٿيو. امان، ڪوشليا ۽ اندرا وري سنڌ جا وڻ نہ ڏٺا. مان پاڻ وارو آهيان جو ٽي دفعا وطن وڃي سنڌو ڌرتيءَ تي سيس نوائي آيو آهيان.

اُمان کي هڪ ڳالھ جو ڏک رهجي ويو هو. هن جيئن تيئن پئسا ميڙي، ڏهہ گنيون وٺي، ڪوٺيءَ جي ديوار ۾ پوري ڇڏيون هيون جي اُتي ئي رهجي ويئون.

مڙوءَ جي وڇوڙي منهنجو من ڳائون مائون ڪري ڇڏي هو. مان گرهست آشرم ۾ پرويش ڪرڻ لاءِ تيار ئي نہ هوس. دڪان بند ڪرڻ بعد، رات جو دير تائين گنگا جي ڪناري تي ويٺو رهندو هوس. اُن وقت منهنجو ساٿي گنگا هوندي هئي. هن وقت تائين مان اُن سان ئي پاڻ اوريندو رهيو آهيان. دک سک ونڊيندو رهيو آهيان. ابو ناول تي مدر ٽيريسا هٿان هارمني اوارڊ مليو تہ بہ ۽ جڏهن اجھو تي ساهتيہ اڪاڊمي جو نئشنل اوارڊ مليو تڏهن بہ، مان گنگا وٽ ويس، کيس سمورو احوال ڏنم ۽ ڪانئس آشيرواد وٺي واپس بمبئي آيس. ۽ هردوار وڃي ڪملا پيڻ سان نہ ملان، اِهو ممڪن ئي نہ آهي. هوءَ مون تي اڄ بہ اُهوئي سنيهہ اوتيندي آهي. سندس سُپاتر اڄ بہ مونکي پنهنجو مامو سمجهندا آهن.

رات، سانت ۽ گونجار. گنگا ڪناري ويهي اِهوئي رس-پان ڪندو هوس. ليڪن منهنجي روش تي امان ناراض هئي. هوءَ مونکي سمجهائي چوندي هئي تہ مان ہار نہ هوس، مونکي پنهنجيون جوابداريون نڀائڻ گهرجن.

اُمان ۽ ڪملا ملي هڪ منصوبو رٿيو. رات جو جڏهن مان دير سان گهر موٽيس تہ ڏٺم جنهن جاءِ تي مان سمهندو هوس اُتي منهنجو بسترو وڇايل ڪونہ هو. ڪوشليا، جيڪا هونءَ اُمان جي پاسي کان سمهندي هئي، اُها بہ اُتي ڪانہ هئي. مان هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳس. پپل جا پن هوا تي لڏي رهيا هئا جيئن هميشه لڏندا هئا.

مان سوچي ئي رهيو هوس تہ مان ڪٿي سمهندس تہ ڪملا سامهون اچي بيٺي. هن پنهنجو قسم ڏيئي چيو، 'اڄ تون منهنجو چيو مڃ، اندر

وجي سمهہ. تنهنجو بسترو اندر وڇايل آهي.'

ڪملا، جنهن مونکي ننڍپڻ کان پالي وڏو ڪيو هو، اُن جي قسمَ کي مان ڪيئن ريٽيان؟ مان هن جي قسمَ کي اورانگهي نہ سگهيس.

آڪاش ۾ اڄ بہ چندرما ڪڙيل هو. اڄ بہ سندس چانڊوڪي پپل جي پتن تان ترڪي هيٺ پئي هاري. ليڪن اڄ اُن چانڊاڻ ۾ هڪ ٻيو چهرو پئي نظر آيو، ڪوشليا جو چهرو ...!

ٻيڪڙيل دروازو کولي مان ڪمري اندر داخل ٿيس. ڪملا چيو هو : هيءَ هينئر تنهنجي آهي. تنهنجي پناري آهي. توکي هن سان نباهڻو آهي!

ڪمري اندر پلنگ تي ڪوشليا پاسو ورائي سمهي پيئي هئي. ننڊ ۾ هئي يا جاڳ ۾، مونکي خبر ڪانہ هئي. پوءِ خبر پيئي، هوءَ ننڊ ۾ ڪانہ هئي.

مون هميشه گهر جي ٿي ماني کاڌي آهي. ڪڏهن ڪڏهن سڏ ٿيندي هئي تہ ذائقو بدلائڻ لاءِ ٻاهر جي ماني کائي ڏسان، ليڪن اِها سڌ پوري ڪرڻ جي ڪڏهن ڪوشش ڪانہ ڪيم. هڪ دفعي چکڻ جو من ٿيو هو پر سوچڻ سان ئي من کچو ٿي ويو هو. اُن بعد وري ڪڏهن من نہ وريو. اهڙا سنسڪار ئي ڪين پيل هئا. يا شايد مڌوءَ جو پيار ڍال ٻڻجي رکيا ڪندو رهيو هو ...!

۱۹۴۷ع جي ورهاڱي وقت جيڪا خونريزي ٿي اُها واسطيدار فرقن تي داغ هئي. آزاديءَ جي لڙائي لڙندي خون وهي ها تہ اُهو شهيدن جو خون هجي ها. هيءُ خون ڪنهن نياڪڙ جي چرچ تي، سياستدانن جي ڦهلايل نفرت ڪارڻ وهيو هو ... ٻن قومن جي سڌانت تي ٿيل هيءُ ورهاڱو حقيقي ورهاڱو نہ آهي ڇو تہ ٻنهي طرفن جي باشندن جا پاڻ ۾ باهمي لڳاپا آهن. ٻنهي ۾ ساڳيا سنسڪار پيل آهن. ٻنهي هڪ ئي ڌرتيءَ جو اَن - جل ورتايو آهي. اگر ڪا نفرت آهي تہ اُها مفاد پرست لابيءَ ۾ آهي جنهن ۾ هنن جو پنهنجو شخصي لاڀ پوشيده آهي ...!

ورهاڱي وقت ٻنهي طرفن کان ڀاڄ ٿي، ماڻهن پنهنجا ماڳ ڇڏيا ۽ جتي بہ ڪين اجهو ۽ اٽو مليو، اُتي ٺانئيڪا ٿيندا ويا. اُن سمي هردوار پڻ ڪيترن کي اجهو ڏنو هو. پنجاب، سرحد ۽ سنڌ صوبي جا ڪيترا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هندو ڪلنب اُتي اچي پهتا. منهنجو پيءُ، وڏو سؤٽ ڪشن ۽ ننڍا سؤٽ ڀڳوانو ۽ ارجن بہ هردوار اچي سهڙيا. وڏو چاچو لاڙڪاڻي ۾ بابا جو دڪان سنڀالڻ لڳو ڇو جو بابا خالصو هو تنهن ڪري هو پهرين اُتان نڪتو هو. وچون چاچو ۽ رام اجمير وڃي رهيا هئا. پر پوءِ نيٺ ٽئي ڀائر هڪ هنڌ گڏ ٿيا، ڪلياڻ ڪئمپ، بمبئيءَ ۾.

١٩٤٨ع ۾، هردوار ۾ رهندڙ منهنجو پريوار - امان، بابا، ڀاءُ، ڀيڻ، ڪوشليا ۽ منهنجا سؤٽ وغيره بمبئيءَ هليا ويا. تولارام کي ويسٽرن ريلوي ۾ نوڪري ملي هئي جنهن سان گڏ کيس ماٽونگا ۾ ڪوارٽر بہ مليو هو. هن جي مرضي هئي تہ سندس ننڍي ڀيڻ ڪجهہ ڏينهن وٽن رهي وڃي. هن جي ماءُ ننڍيءَ ڌيءَ کي ڏاڍو ياد ڪري رهي هئي. ان ڪري امان ڪوشليا کي بہ پاڻ سان گڏ وٺي ويئي هئي.

مان وري اڪيلو ٿي پيس. پريل پريل گهر خالي ٿي ويو. مان وري مدوءَ جي يادن ۾ کوهجي ويس. مدوءَ جي ياد منهنجو ساٿي بڻجي ويئي.

سچ پچ اِنسان جي پندار ۾ جيڪڏهن يادن ۽ سمرتين جي اِها پونجي نہ هجي تہ جيڪر هو پانولو بڻجي پوي. اُنهن يادن ۽ سمرتين جي سهاري هو پيو گهڻو ڪجهہ برداشت ڪريو وٺي، برداشت ڪندو اچي. هيءُ جيونيون، هيءُ ڊائريون، اُهي يادگيريون ۽ سمرتيون ئي تہ آهن جي لکي ڪيترن ليکڪن ۽ سياستدانن پاڻ کي هميشه لاءِ زنده رکيو آهي. دراصل اُپنياس ۽ ڪهاڻيون بہ داخلي چيزون آهن؛ ڪنهن حد تائين سچين گهٽنائن تي آڌار رکندڙ آهن؛ ليکڪ جي جيون سان لاڳاپو رکندڙ آهن؛ اُنهن جون مِني جيونيون آهن. منهنجا ناول ۽ ڪهاڻيون، منهنجون مِني آپ بيتيون آهن، اُنهن ۾ مان آهيان ئي آهيان ....

دهليءَ وڃڻ جي ڏاڍي مرضي هئي. ليڪن هميشه انديشن جي پنور ۾ ڦاٿل رهيس، وڃڻ جو ويچار هوندي بہ وڃي نہ سگهيس.

سياري جي موسم شروع ٿي ويئي هئي. ڪجهہ ڏينهن کان سروڻ گهاٽ واري هال ۾ هڪ ودوان جو پروچن هلي رهيو هو. اُن جي ڏاڍي واکاڻ ٿي رهي هئي. هڪ شام مان بہ اُن ودوان جو پروچن ٻڌڻ هليو ويس. سيارو هوندي بہ هال پريل هو. مان سوڙهو سڪوڙو ويٺو هوس.

ڪٿاوچڪ ودوان نهايت قابليت سان ڪٿا ٻڌائي رهيو هو. وچ وچ ۾ تز درشٽانت پڻ ٻڌائيندو پئي ويو.

گنگا جو ڪنٺ، سرد هوا، سيءُ وڌندو ويو، منهنجا هٿ سرد ٿي ويا. سويٽر پائڻ به وسري ويو هو. اوچتو هڪ هٿ منهنجي هٿ مٿان اچي پيو. اهو گرم هٿ هو. اُن مٿان گرم شال جو هڪ پلؤ به اچي پيو. مان حيرت وچان اُن مهربان جي چهري طرف نهارڻ لڳس. اُها هڪ ڇوڪري هئي جا منهنجي لڳو لڳ ويٺي هئي. ڪيس گرم شال اوڍيل هئي جنهنجو هڪ پلؤ منهنجي سرد هٿ مٿان پيل هو جنهن مٿان پهرين هن پنهنجو گرم هٿ رکيو هو. منهنجي من ۾ سوال اُٿيو ته هن پنهنجو هٿ ڄاڻي واڻي منهنجي هٿ مٿان رکيو هو يا اِهو محض هڪ اِتفاق هو؟ مان پنهنجي اِن سوال جو جواب ڳولهي ئي رهيو هوس ته ڌيمو آواز ٻڌم : ’توهان جا هٿ سرد ٿي ويا آهن، گرم شال هيٺان ڍڪي ڇڏيوا‘ هن پنهنجي گرم شال جي پلؤ کي اڃا به هيٺ ڪيو.

منهنجي من ۾ ڇڻ ناد وڳو :

’هاءِ ناري، تنهنجي عجب ڪهاڻي!‘

تڏهن ئي ته وار وار چوندو رهيو آهيان ته مون تي استري جاتي سدائين مهربان رهي آهي .... ڪرپالو رهي آهي .... سنيهه اوتيندي رهي آهي ....!

هنن جي اِنهن احساس بدولت مان هميشه هنن جو آڀاري پئي رهيو آهيان، رهندو ايندس، ياعمر ....

مان ڪيئن تو هُن کي اِسپائل ڪري سگهان، مندو سوچي سگهان .....؟ ناممڪن ..... ڪداچت نه ....!

ڪٿا ٻڌندي، سخت سرديءَ ۾، هن اپرچت ڇوڪريءَ مون تي جيڪا مهرباني ڪئي، سرديءَ کان بچاءُ ڏيندي پنهنجو گرم هٿ منهنجي سرد هٿ مٿان رکيو، گرم شال هيٺ پناهه ڏني، ڪنهن وقت اگر هوءَ مون سان ٽعلگير ٿئي ته مان جيڪر تس کان مَسِ نه ٿيان. اڏول رهان ـــ پهاڙ جيان !

ءِ ائين ٿيو به ....

منهنجو هڪ شرڻارٿي دوست هو ـــ تلڪراج. مؤجي جوان هو. ڇوڪرين جي باري ۾ ڏاڍو لبرل هو. اُنهن جون اهڙيون اهڙيون ڳالهيون ٻڌائيندو

هو جو موٽکي اعتبار ئي نہ ايندو هو. پنجابي ڇوڪرين جي سونهن ۽ جوڀن جي تعريف ڪندي ٿڪبو ئي نہ هو. اُن ڳالهہ ۾ مان ساڻس سهمت هوس. لاهور ۽ امرتسر جي سفر دؤران مون پنهنجي اکين سان پنجابي سونهن ۽ جوڀنوتيون ڏٺيون هيون. پنجابي سونهن ۽ سادابي، پنجاب جي کيتن ۽ ندين جيان ڀرپور ۽ شاداب هئي ....!

منهنجي لاءِ اِهي انگور کٽا هئا، ليڪن منهنجو اُهو پنجابي دوست تلڪ، اُنهن کٽن انگورن کي منهنجي لاءِ، مٺا انگور بنائڻ جي چڪر ۾ هو.

هڪ ڏينهن مون کي ملول ڏسي چيائين، ’زال کي بمبئيءَ موڪلي اُڀاڻڪو ٿيو آهين نہ؟‘

مون ڪلندي وراڻيو، ’ نہ تہ....!‘

’نہ تہ، ڪيئن؟ تنهنجي شڪل مان ئي ظاهر آهي.‘

’منهنجي شڪل مان ڇا ظاهر آهي؟‘ مون مرڪندي تلڪ کان پڇيو.

’تنهنجيءَ شڪل مان ظاهر آهي تہ تون زال کان سواءِ ويڳاڻو آهين ۽ هينئر مونکي ئي تنهنجي خوشيءَ لاءِ ڪجهہ ڪرڻو پوندو.‘

’ڇا ٿو ڪرڻ گهرين منهنجي لاءِ؟‘

’ڪجهہ تہ ڪندس. تون رڳو ڏسج ويلو.‘

مون سمجهيو هو چرچو ٿو ڪري. پر هو تہ سا‌ڀيا ۾ منهنجي ملولائي دور ڪرڻ جو انتظام ڪري آيو. موڪل واري ڏينهن هو مون کي پاڻ سان گڏ وٺي ويو.

چترا ٽاڪيز واري گهٽيءَ ۾ گهٽي ڀاڱي شرڻارٿين جا گهر هئا جي پوءِ ٺهيا هئا. تلڪ راڄ هڪ گهر ٻاهران بيهي کڙو کڙڪايو.

ڏيئڻ ٻرڻ جي مهل هئي. چترا ٽاڪيز جي ٻاهران درشڪن جي ڀيڙ هئي. هن هفتي نئي فلم لڳي هئي. گهٽيءَ ۾ ايڪڙ ٻيڪڙ ماڻهو آيو ويو پئي.

هڪ ٿلهي متاري مائيءَ دروازو کولي ٻاهر ليئو پاتو. تلڪ کي ڏسي مرڪي چيائين، ’آئو پتر .... (اچ پت)!‘

تلڪ راڄ گهر اندر داخل ٿيو تہ مان بہ هن جي پٺيان ويس. پڌر ۾ مائيءَ جهڙي ئي هڪ ٿلهي متاري ميڻهن ٻڌل هئي. اُتي هڪ ڪَٽ بہ پيئي هئي جنهنتي فراسي وڇايل هئي. تلڪراج مونکي اُن ڪٽ تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويهاري، پاڻ اُن ٿلهي مائيءَ سان گڏ ٻئي ڪمري ۾ هليو ويو. پنجن منٽن بعد ٻاهر آچي، مونکي اندر وٺي ويو. اندرين ڪمري جي سجاوٽ چڱي هئي. هڪ پلنگ، ٻه ڪرسيون ۽ ديوار تي گرونانڪ ديو جي وڏي تصوير ٽنگيل هئي.

تلڪراج مشڪندي چيو، 'تون هتي ويهه، تنهنجي لاءِ تازي ڪير جو گلاس آچي ٿو. گهٻرائج نه، اُهو ڪير پيئندين ته تنهنجي ملولائي دور ٿي ويندي. تيستائين مان ٻاهر ويٺو آهيان ....' مون کي هڪ ڪرسيءَ تي ويهاري، تلڪ ٻاهر نڪري ويو. تلڪراج ويو ته مون هڪ دفعو وري ڪمري جو جائزو ورتو. صاف سٿرو ڪمرو هو. گرونانڪ ديو جي تصوير ڏسي سمجهيم ته ضرور خالصن جو گهر هو. ڪير هئا، ڪٿان آيا هئا، مون کي ڪا خبر ڪانه هئي. شرڻارٿي هئا، اِها خاطري هئي. ليڪن مون اُن ٿلهي مائيءَ کي پهريون دفعو ڏٺو هو. هردوار ۾ ڪيئي ياتري آيا ۽ هليا ويا. ليڪن هيءَ ياتري نه هئا، شرڻارٿي هئا....! سوچيم تلڪ راج جا شايد واقفڪار هئا تڏهن ئي ته هو مون کي هتي وٺي آيو هو، مينهن جو تازو ڪير پيئارڻ!

مان اچا سوچ ۾ ئي هوس ته پنيان هڪ سريلو آواز ٻڌم : 'توهان لاءِ ڪير آندو اٿم.'

'ڪير .... !' ياد آيم، تلڪراج مونکي هت تازو ڪير پيئارڻ وٺي آيو هو جيڪو منهنجي ملولائي دور ڪندو. ڪنڌ ورائي ڏٺم ته چرڪ نڪري ويو. اکين تي اعتبار ئي نه آيو. ايترو پڳهر ته اونهاري ۾ به نه نڪتو هوندو جيترو هينئر نڪري آيو هو. سڄو جسم پڳهرجي ويو. دل ۾ آيو، زمين ڦاٽي ته اُن ۾ پيهي وڃان ! پوءِ به منهنجو پشچاتاپ گهٽ نه ٿئي ها ... مون ڀاري گناهه ڪيو هو، اُپراڌ ڪيو هو. مون کي شرم ۽ لڄ کان لڪڻ جي ڪا جاءِ نظر ڪانه پئي آئي .... ڇوڪريءَ کان اکيون چورائي، سندس پاسي کان ڊوڙندو، اندريون ۽ ٻاهريون دروازو کولي، ٻاهر پڄي ويس. ڀڄندو ئي ويس .... سروڻ گهاٽ تي پهچي، گنگا جل جا ٻڪ ڀري پيتم ..... پيئندو ئي رهيس ... دل ۾ آيو، ٻڏي مران ... مڪتي پايان ...!

هيءَ اُهائي ڇوڪري هئي جنهن مون کي سروڻ گهاٽ جي حال ۾ سيءَ کان پناهه ڏني هئي، منهنجي سرد هٿ کي پنهنجي گرم هٿ جو ڇُهاءُ بخشيو هو، گرم شال هيٺ اجهو ڏنو هو ...!

۽ اڄ مان اُن ئي پناهه بخشيندڙ وٽ ملوائي دور ڪرڻ آيو هوس ... تازو ڪير پيئڻ آيو هوس ... واسنا جي اڳني ٻجهائڻ آيو هوس ...!

حيف آهي مونتي ... ڌڪار هو مونتي ... درياهہ هو منهنجو ...!

هيءُ مان ڇا ڪرڻ وارو هوس؟ ورهاڱي جي پيڙتن جي دلجوئي ڪرڻ بجاءِ، مان هنن جي مجبوريءَ جو فائدو وٺي رهيو هوس؟ تلڪ راج جي ڳالهين ۾ ڪيئن اچي ويس - مان؟

مان ڇا پاڻ کي ڪڏهن معاف ڪري سگهندس ...؟

تون ئي مون کي معاف ڪر اي مقدس نياڻي .... تون مونکي ڪميا ڪر، منهنجي خطا بخش، مون کي معاف ڪر ديوي ....! مونکي معافي ڏي، هن بعد مان وري اهڙي خطا نہ ڪندس، ڪڏهن بہ اهڙي غلطي نہ ڪندس، مون تي وشواس ڪر ...!

مون تلڪراج سان ڪيترا ڏينهن هڪ بہ حرف نہ ڳالهايو. اُتان پڇي اچڻ جو ڪيس ڪو بہ سبب نہ ٻڌايم. هو پڇي پڇي آخر ماٺ تي ويو. ۽ پوءِ هن ڪان اِها ڳالهہ ئي وسري ويئي. ليڪن مون ڪان، منهنجي ڳاني اڄ تائين نہ وسري آهي ...!

١٩٤٨ ۾ ئي، ناني جي موڪل سان مان بمبئي روانو ٿيس، ڪوشليا کي وٺي اچڻ لاءِ.

بمبئي منهنجي لاءِ بلڪل نئين نگري هئي. اُها منهنجي لاءِ وچتر وستو هئي. سئنيما جي پردي تي ڪجهہ جهلڪون ڏسڻ هڪ ڳالهہ هئي، سايبان ۾ ڏسڻ بلڪل ٻئي ڳالهہ هئي. نندي هوندي ڪاڪو هزاريمل، رام جو پيءُ، پنهنجي هڪ سنگتيءَ ويڙهيمل سان گڏجي بمبئيءَ ويو هو. شام جو چٽڪاءُ ڪرائي، ڪٿون وجهائي، هڪ جيڏا سنگتي جڏهن ويهي ڪچهريون ڪندا هئا تہ بمبئيءَ جون ڳالهيون ضرور نڪرنديون هيون. ڪاڪو بمبئيءَ جون ڳالهيون ائين ٻڌائيندو هو ڄڻ اُها ڪا چٽپٽي چهري چيز هئي جيڪا هُن ڪاڏي هئي ۽ هينئر جيڏن اڳيان اُن جي سواد جي واکاڻ ڪري رهيو هو!

اُن وقت مان اٺن نون سالن جو مس هوس. هو ڪا شيءِ آڻڻ لاءِ چوندا هئا تہ مان ڊوڙ پائي اُها شيءِ ڪٽي ايندو هوس. مونکي بمبئيءَ جون ڳالهيون ٻڌي مزو ايندو هو.

بمبئيءَ وڃڻ لاءِ سامونڊي سفر ڪرڻو پوندو هو. ڪاڪو اُهو سمنڊ جو سفر ڪري آيو هو ڪيترا سال اڳ ....

مان اُهو سفر ريل رستي طئہ ڪري بمبئيءَ پهتس. ماٽونگا جي هڪ ريلوي ڪوارٽر ۾ تولارام ۽ سندس ڪٽنب رهندو هو. ڪوشليا بہ پيڪن ۾ ئي هئي. مون کي بہ اُتي رهائي ڇڏيائون.

صبح جو تولارام ويو آفيس ۽ ٻار اسڪول. مان اڪيلو بور ٿي پيس. ٻاهر وڃڻ لاءِ تيار ٿيڻ لڳس تہ آديش مليو مان ٻاهر نہ وڃان. بمبئي تمام وڏو شهر هو، ڪٿي مان وڃائجي نہ وڃان !

ٻهريون ڏينهن جيئن تيئن ڪڍي ويس ليڪن ٻئي ڏينهن ڪنهنجي نہ ٻڌم. ٻاهر نڪري پيس. ريلوي ڦاٽڪ ڪراس ڪري، سڌوئي سڌو هلندو ويس. اُها هڪ ننڍي بزار هئي. ڪي نشانيون نوٽ ڪندو ويس. رووليِ سئنيما آئي تہ اُتي بيهي پوسٽر ڏسڻ لڳس. اُن عمر ۾ مونکي بہ فلمن ڏسڻ جو شوق هو. اُتان اڳتي وڌي، شاهي رستي جي چوسول وٽ پهتس. رستي جي هن پاسي، بلڪل سامهون، سگنل لائيٽ هئي. اوڏانهن نہ وڃي، کاٻي هٿ تي، فٽ پاٿ تان اڳتي هلندو ويس.

اُن سمي موٽرن، بسين ۽ ٻين واهڻن جي ايتري آمدرفت ڪانہ هئي. سگنل بہ ڪونہ هئا. چؤنڪن تي آمدرفت کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ پوليس هئي جن جي ڊريس اڇي هئي. ڪوهنور مِل واري چؤنڪ تي پهچي مان بيهي رهيس ....

ٻِواٽن ۽ چؤواٽن تي هميشه بيهجي. سوچي سمجهي پوءِ اڳتي وِڪ کڻجي. تڪڙ اصل نہ ڪجي. تڪڙ ڪرڻ سان غلط راهہ تي وڃڻ جو خطرو رهي ٿو. غلط راهہ جوکم جو باعث بڻجي سگهي ٿي. ليڪن، اِها صحيح راهہ نہ آهي، غلط راهہ آهي، اُنجو فيصلو ڪيئن ڪجي؟ ڪنهن کان پڇجي، ڪنهن کان صلاح وٺجي تہ هيءَ راهہ صحيح آهي يا غلط؟ اسين پاڻ انترجامي يا نجومي تہ آهيون ڪين جو اڳوات خبر پئجي وڃي تہ هيءَ راهہ غلط آهي، هيءَ راهہ صحيح آهي! بنا سوچي سمجهي اسين اڳتي وڌون ٿا ۽ سوچون ٿا جيڪي پرالبڌ ۾ هوندو، اُهو اوس ٿيندو؛ جنهنجو جهڙو ڪرم هوندو، اُن مطابق ڦل ملندو ! ـ تہ پوءِ هيءَ هٺ-پٽ ڇو آهي، پيچ پيچان چا جي لاءِ آهي؟ جيڪي ٿيڻو هوندو، ٿيندو. پوءِ ڇنتا ڇو ڪريون، ننڊون ڇو ڦٽايون؛ مسترام بڻجي ننڊون ڇو نہ ڪريون ....؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پارٽي فيلسوفي عجيب آهي. سڀ ڪجهه تياڳي ڇڏيو. ڪنهن ۾ بہ موهہ نہ رکو. ڪنهن بہ چيز جي تمنا نہ ڪريو. ڪرم انوسار توهان جو ڀاڳ ڀلو آهي. جيترو توهان جو بئنڪ بئلينس هوندو، اهو توهان کي ضرور ملندو ..... واڌو جما ڪرايو ڀاهي نہ ڪرايو ....!

اِن فيلسوفيءَ تي عمل ڪندي اسان نقصان نہ پاتو آهي؟ ....

صبح جون نَوَ، ڏهہ ٿيون هونديون، مان ڊيوٽي تان گهر موٽي آيس. سسُ جو ساهہ هيٺ مٿي هو. هُو هر گهڙيءَ اوسيئڙو پيئي پاتائين. ڏٺم، دريءَ پليان ڪوشليا ڏنل هرڻيءَ جيان بيٺي هئي. جڏهن هوءَ منهن ڏوئڻ لاءِ اندر ويس تہ ڌيمي آواز ۾ چيائين، 'ڪم ٿي ويو ها تہ؟'

ڪلندي چيم، 'هاڻ ٿورڙي آهيان جو ڪم ٿي وڃان ها!'

ڪوشليا جي طبيعت ٺيڪ ڪانہ هئي. شام جو ڊاڪٽر وٽ وٺي ويس. ڊاڪٽر ڪيس تپاسي چيو تہ هوءَ ڳر پيٽي هئي. سسُ ڏاڍو خوش ٿي. چيائين، 'واڌايون هجنوَ. توهان ٻيءَ ٻچڙ وارا آهيو!'

گهٽي ۾ گهٽي خوشي امان کي ٿي. مون جڏهن ڪلياڻ ڪئمپ وڃي ڪيس ٻڌايو تہ هوءَ ڏاڍي ٻچڙ واري هئي تہ جهمر پائڻ لڳي. منهنجو ننڍو ڀاءُ آسو ۽ اندرا بہ ڏاڍو خوش ٿيا. رات جو جڏهن بابا گهر آيو تہ اِها خوشخبري ٻڌي دارونءَ چڪڙي وڏيڪ پيتائين.

اهڙيءَ طرح منهنجو وَنش پرمپرا جو سلسلو شروع ٿيو جيڪو ڇهن جي انگ تي پهچي بند ٿيو.

ڪلياڻ ڪئمپ بابت ايترو گهڻو لکيو ويو آهي جو هينئر وڌيڪ ڪجهہ لکڻ دهراءُ ٿيندو. پر سوچيان ٿو منهنجي هن آتم ڪٿا ۾ اُنجو ٿورو ذڪر هجي جيئن رڪارڊ تي هجي تہ ورهاڱي بعد اسان سنڌين کي ڪهڙي نموني ڪئمپن ۾ رهايو ويو هو.

هن وقت جو اُلهاسنگر جنهنکي ٺگرواسي سنڌونگر چوڻ لڳا آهن، اوائلي ڪئمپ کان بلڪل مختلف آهي. هينئر اُن جو روپ رنگ ڪنهن وڏي شهر جهڙو آهي. هتان جي واپاري مرڪز کي ننڍڙو جاپان ڪوٺيو ويندو آهي. هتي ڪپڙي بزار آهي، فرنيچر بزار آهي، اناج منڊي آهي، جويري بزار آهي، پريس بزار آهي، انڊسٽري زون آهي ۽ گهرو هنر آهن جتي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاپڙ وڙيون، ڀرت سلائي ۽ ٻيون ڪيتريون چيزون تيار ٿين ٿيون. اهڙيءَ طرح هرڪو سنڌي روزگار سان لڳل آهي.

شروعات ۾ سنڌين پاڻ پورهيو ڪيو. هيئنر ڪارخانا ۽ انڊسٽريون وجهي غير سنڌين کي روزگار ڏيئي رهيا آهن. اُنهن غير سنڌين ۾ ڪو جاتي ڀيد نہ رکن.

ڪيترا ماڻهو اُلهاسنگر جي مال کي نقلي ڄاڻائي بدنام ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. ليڪن اُلهاسنگر ۾ واپارين ۽ مئنيوفيڪچرن جون ائسوسيئيشنون آهن جي وقت بہ وقت ميٽنگون ڪري، مال جي ڪواليٽي سڌارڻ جا يتن ڪنديون آهن. اُلهاسنگر جو لهيل صابڻ، ٽافيون، بسڪيٽ، مٺايون، فرنيچر، ريڊيميڊ ڪپڙو ۽ پاپڙ وڙيون ولائت تائين مشهور آهن.

بمبئيءَ جي وي. ٽي. اسٽيشن تان لوڪل ٽرين ۾ چڙهڻو پوندو آهي. ڪلياڻ جنڪشن تي پهچي، شروع ۾، اُتان بس ۾ ڪلياڻ ڪئمپ جي پنجن نمبرن ۾ وڃڻو پوندو هو. هڪ طرف ١، ٢، ۽ ٣ نمبر ۽ ٻئي طرف ۴ ۽ ۵ نمبر ڪئمپ: جيڪي ٽرينون امرناٿ يا ڪرجت تائين وينديون هيون اُنهن رستي وٺل واڙي اِسٽيشن تي لهي، ڪئمپن ۾ وڃڻو پوندو هو - ڪڏهن خانگي بسين رستي تي ڪڏهن پيادل !

جيڪي سنڌي بمبئيءَ ۾ نوڪريون ڪندا هئا يا ڪاليجن ۾ پڙهندا هئا، اُهي وٺل واڙي اسٽيشن تان لوڪل ۾ چڙهندا ۽ لهندا هئا. بيحد ڏک زندگي پئي گذاري تنهن وقت سنڌين. بئريڪن کي پورا در ۽ دروازا بہ نہ هئا. دروازن تي ڳوٽين جا پردا هنيا ويا هئا. ڪاڪوس ڪامن هئا — زالن لاءِ بہ تہ مردن لاءِ بہ. پوءِ سنڌين اُنهن جي ٻاهران لکي ڇڏيو : زالن لاءِ ..... مردن لاءِ ..... بزار جي نالي ۾ ڪاٺ جو ڪئبنون هيون جتي روز مره جون چيزون وڪامجنديون هيون.

بک بڇڙو ٽولا ڇوٽيءَ مطابق سنڌي ڪٽنبن جي هرهڪ ڀاتيءَ - مرد، زال ۽ ٻار کو نہ ڪو روزگار ڳولهي ڪڍيو هو. مردن ڪپڙو نہ تہ گنجيون ۽ ڪڇا پئي وڪيا. زالن پاپڙ وڙيون ۽ ڀرت پئي ڀريو. ٻارن لوڪل ٽرين ۾ ڪٽملڙا بسڪيٽ ۽ ٽڪيون ڦٽوٽا پئي وڪيا. وٺل واڙي اسٽيشن تي هڪ ٻڍڙو ڏلم جيڪو ريلوي پاسون ۽ تاسون مسواڙ تي ڏيئي رهيو هو جنهن مان در مهني ڪجهہ اُپراسو پئي ٿيس. ڪم برابر کوٽو هو ليڪن پنڻ يا چوريءَ کان خراب نہ هئو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪئمپ ۾ نہ ڪو باغ، نہ ڪو باغيچو هو، ايڪڙ ٻيڪڙ وڻ هئا جي ساوا گهٽ سڪل وڌيڪ هئا. هريالي ڪٿي بہ نظر ڪانہ پئي آئي. جابلو ڌرتيءَ تي پنڌ ڪندي لفون پئجي ٿي ويئون. نانگن، ڪوئن ۽ ڳسن جو آزار ايترو جو رات جو اونده ۾ گهر موٽ تہ ڪنهن وقت بہ نانگ پيرن مٿان لنگهي ويندو. رات جو ٻارن کي ننڊ هجي تہ ڳسون سندن نرم ماس کوري وجن. ڪوئا وري اهڙا بکيا ۽ چتا جو وڏن وڏن جا هٿ پير رتورت ڪيو ڇڏين. پاڻيءَ جي نافت، روشنيءَ جي نافت، آمدرفت لاءِ واهڻن جي نافت. آفت ۽ نافت، ٻنهي سان منهن مقابل ٿيڻو ٿي پيوا انهن حالتن تي ڪئمپ واسي شاعر پرسرام ضيا الائي ڪيترين ڪويتائون لکيون آهن جي اڄ بہ پڙهجن ٿيون تہ اُن وقت جون حالتون اکين آڏو اچي وڃن ٿيون. اهڙين حالتن هوندي بہ سنڌين همٿ نہ هاري ۽ اهڙي ماحول ۾ زنده رهي ڏيکاريو، پنهنجو آئينده اڏي ڏيکاريو ...!

منهنجو نصيب اڳتي هلي هن ئي ڪئمپ سان ۽ پوءِ بمبئيءَ سان جڙئو هو، اُن وقت اِها سڌ ڪانہ هئي. سڌ پوي بہ تہ ڪيئن؟ مان هندستان ۾ شرڻارٿي ٿيڻجي تہ آيو ئي ڪين هوس. جيڪڏهن هردوار ۾ ڪي تعصبي منهنجي پيءُ جو حلوائڪو دڪان نہ ٽوڙين ها تہ هو ڪڏهن بمبئيءَ نہ وڃي ها. پوءِ مان بہ هميشه لاءِ هردوار ۾ ئي هجان ها. اسانجو ڪٽنب اُتي سکيو ستابو هجي ها ....! پر وڌاتا جي وڌان کي ڪير مِٽائي؟ اُن جو وڌان تہ پٿر تي ليڪ جيان آهي ....! اُن منهنجي للاٽ ۾ ٻيو ڪجهہ لکي ڇڏيو هو تہ اُهو مونکي هردوار ۾ رهڻ ڪيئن ڏئي ها ....؟ منهنجي نصيب ۾ تہ بمبئي ڪرم کيتر لکيل هو جتي مونکي ادبي کيتر ۾ داخل ٿيڻو هو، سنڌي ساهت کي پاڻ ارپڻ ڪرڻو هو ....!

جوتشي جتي ڪٿي آهن. سوچيم ڪنهن جوتشيءَ کان پڇان تہ منهنجي نصيب جون ريکائون ڇا ٿيون چون؟ پر پڇيم ڪونہ. سوچيم هو ڇا سمورو سچ ٻڌائيندو؟ ٻڌائي سگهندو؟ نہ، هو مڪمل سچ ٻڌائي نہ سگهندو، ڪي انش ئي ٻڌائيندو، صرف ڪي هنٽس ئي ڏئي سگهندوا

مونکي ٿن پلن بعد جوتون پٽ جائو هو. اُن جي چلي لکندي جوتشيءَ چيو : هيءَ ٻالڪ وڏي آورجا ماٿيندو. اُهو ٻالڪ ڌهين ڏينهن گذاري ويو !

مون بمبئيءَ ۾ ٻہ فلمون ڏٺيون. ٻنهي جو هيرو دليپ ڪمار هو. هڪ ميلا جنهنجي هيروئن نرگس هئي، ٻي شهيد جنهنجي هيروئن ڪامني ڪوشل هئي. ميلا منروا ۾ لڳل هئي ۽ شهيد راڪسيءَ ۾. فلمن جي ڳالهہ نڪتي آهي تہ مان ٻڌايان تہ منهنجا فيورٽ هيرو ۽ هيروئن ڪهڙا آهن. هيرو راجڪپور ۽ نسردين شاه. هيروئنون نرگس ۽ سمتا پاٽل. هاليووڊ جي اِلزابيٿ ٽيلر ۽ آوا گار ڊنر تي مان تن ڏينهن مفتون هوندو هوس. ٻئي تمام سهڻيون هونديون هيون. اِلزابيٿ بيحد معصوم لڳندي هئي.

سچ چوندي وقتي نقصان سهڻو پوندو آهي. ليڪن سچ جيونيءَ ۾ نہ لکبو تہ ٻيو ڪٿي لکبو؟ مان بہ هتي هڪ سچ سليان ٿو. جنهن ڏينهن مونکي ڪوشليا سان گڏ هردوار وڃڻو هو، مان ٽپتاين جي ور چڙهي ويس. ڪلياڻ ڪان ماٺونگا لهي، پل تان ويس پئي تہ اُتي ويلل ٽپتاين جي هڪ چاڙتي اهڙو هرڪايو جو ڪيسي مان ڏهين جو نوٽ ڪڍي راٺيءَ تي داءُ لڳايم. اُهي هارايم تہ ٻيا ڏهہ لڳايم. جڏهن سڀ پئسا هارائي ويس تہ منهن پيلوڙو ڪري ساهرن ۾ پهتس. منهنجو لڄل منهن ڏسي تولارام ور ور پڇڻ لڳو تہ مان ڪهڙيءَ ڳالهہ تي ايترو اُداس هوس؟ مون سائس ڪوڙ ڳالهائي چيو، ’ٽرين مان لهڻ وقت ڪنهن منهنجو پاڪيٽ ماري ورتو. رستي جي خرچ لاءِ جيڪي پئسا مليا هئا، اُها سڀ اُن پاڪيٽ ۾ هئا!‘

’گهڻا پئسا هئا؟‘ تولارام ڪي چنتا ٿي پئي.

’گهڻا ڪونہ هئا، سٺ ستر رپيا هئا.‘ مون ساڳئي لهجي ۾ چيو.

’بس، ايترائي هئا نہ؟‘ تولارام اِطمينان جو ساه کنيو. هن جي ليکي وڏيڪ رپيا هوندا. ليڪن اُن زماني ۾ اِها رقم بہ گهٽ نہ هئي. ۽ مون وٽ تہ موڙي ئي ايتري هئي ...

اُن دفعي ڪوڙ ڳالهائي ڳالهہ تہ ٺاهي ويس ليڪن اُن بعد مان اِنهن ٽپتاين جو جنسي دشمن بڻجي پيس. جتي بہ ڪين ڏسان، پوليس کي وڃي دانهن ڏيان. هڪ ڏينهن هڪ پوليس واري چئي ڏنو : ڏسو، توهان پاڻ کي اِنهن لفڙن ۾ نہ اٽڪايو. هو گندا آهن، خبر پوندي تہ توهان کي نقصان پهچائڻ ۾ دير نہ ڪندا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙي هئي بمبئيءَ جي پوليس!
چوندا آهن بمبئيءَ جي پوليس پنهنجيءَ تي اچي ته هڪ ڪلاڪ اندر چور ۽ چوريءَ جو مال هٿ ڪري سگهي ٿي پر جڏهن پنهنجيءَ تي اچي، تڏهن! سندن پنهنجيءَ تي اچڻ جو هڪ شپ سماچار مان ٿو ٻڌايان. هڪ دفعي گهر جي ويجهو، بس مان لهندي، ڪنهن شاهينگ منهنجو پاڪيٽ ماري ورتو. اُن ۾ يارهن سؤ روڪ ۽ سنڌ مان آيل هڪ خط پيل هو. مون پلٽن روڊ پوليس اسٽيشن تي وڃي رپورٽ لکائي. اُن ڳالهه کي هڪ سال گذري ويو. هڪ ڏينهن هڪ پوليس وارو منهنجي ائڊريس ڳولهيندو گهر اچي پهتو. اٺ سؤ روڪ ڏيئي چيائين ته اهو پاڪيٽ مار پڪڙيو ويو جنهن توهان واري چوري به ڪئي هئي. مون اٺ سؤ روپين وارو لفافو پرس ۾ رکي چيو ته ليڪن منهنجا ته يارهن سؤ رپيا هئا! چيائين ته صاحب، غنيمت سمجهو جو اٺ سؤ رپيا به توهان تائين پهتا آهن. ها، هن برابر چيو هو. نه ته اڄ ڪالهه چوريءَ جو مال ڪٿي ٿو ملي. مون هن کي خرچي ڏيئي روانو ڪيو.

مارچ ١٩٤٩ع ۾ مون کي پهريون پٽ ڄائو، هردوار ۾. امان ٻڌو ته بمبئيءَ مان پهچندي آئي پوٽي جو منهن ڏسڻ ....

منهنجا گره پنهنجو اثر ڏيکارڻ لڳا هئا. مونکي پرون پٽجي ويا ته هردوار ۾ منهنجو داڻو پاڻي ختم ٿي رهيو هو. ٿوريءَ گهٽيءَ ڳالهه تي ناني سان کٽ پٽ ٿيڻ لڳي هئي. اُن جو هڪ ڪارڻ اِهو هو ته ناني راڌا هيو دفعو گم ٿي ويئي هئي ۽ نانو چڙچڙو ٿي پيو هو. دڪان تي ڪجهه پڙهندو هوس ته ٽوڪيندو هو. ڪو گراهڪ اڳهه تي نه لهندو هو ۽ واپس ويندو هو ته اِها ڳالهه به نه وڻندي هئس.
ڪجهه مهنا پِڪي امان بمبئيءَ ويئي ته ڪوشليا ۽ پوٽي کي به ساڻ ولي ويئي. مان هڪ دفعو وري اڪيلو ٿي پيس. اڪيلائي سبب پڙهندو وڌيڪ هوس. نانو ٽوڪي چوندو هو ته دڪان تي ويهي ڪتاب پڙهڻ سان برڪت هلي ويندي آهي! عجيب منطق هو. ڪتابن پڙهڻ سان گيان وڌندو آهي ۽ گيان اُهو ڌن آهي جيڪو ڏينهون ڏينهن وڌندو ئي ويندو آهي. ليڪن ناني لکي اِها منحوصيت هئي. پر مان ناني جي ٻڌان چو ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئن ڌڏ تيئن وڌ. منهنجي پڙهائي جاري رهي.

آگسٽ ١٩٥٠ع ۾ مون کي هيو پٽ جاتو، بمبئيءَ ۾. مون ناني کان بمبئيءَ وڃڻ جي موڪل گهري پر هن نه ڏني. چيائين دسهڙي واري سيزن پوري ڪري پوءِ بالاشڪ وڃان. دسهڙي تي بينگالي بابو هردوار ۾ جام ايندا آهن جو ڪين پوڄا جون موڪلون هونديون آهن. هو گرم ڪپڙي جي خريداري ڪندا آهن خاص طور شالون ۽ سوئٽر ...

منهنجو من وڏيڪ اُداس ٿي پيو. دڪان تي به من نه لڳندو هو. ويلو هوندو هوس پر گراهڪن طرف پورو ڌيان نه ڏيندو هوس. هڪ دفعي ڪن گراهڪن سان وڙهي پيس جو هنن بارگين پئي ڪئي. هو اُٿي هليا ويا. ٻنپهرن جو وقت هو. مون سمجهيو نانو سمهيو پيو آهي، پر هو جاڳيو پئي. جيئن ئي گراهڪ واپس ويا، هو اُٿي ويلو.

ڏمال ڪڍندي چيائين، 'گراهڪ واپس ڇو ويا؟'

مون بي رخيءَ مان وراڻيو، 'اسان وٽ بارگين نه ٿيندي آهي!'

'ٿورو گهٽ وٺين ها ته ڪهڙو فرق پوي ها؟'

'توهان پاڻ چوندا آهيو ته هڪ اگهه چئجي!' ...

ناني کي برو لڳو. ٿورو اڳيان جهڪي، مونکي ٿڦڙ هڻي ڪڍيائين. خارن مان چيائين، 'منهن تي ورندي ٿو ڏين ....!'

ناني جي اُن ٿڦڙ مونکي پوري، ڏاهي، پٽ ڪري ڇڏيو. ڇڻ شيشو هو جيڪو چوٽ سهي نه سگهيو ۽ ٽٽي پيو. اُهو سڄو ڏينهن الائي ڪيئن گذريو. رات ٿي ته مون سانباها شروع ڪيا. هڪ ننڍيءَ ٻنگ ۾ ٻه ٽي وڳا، هڪ گرم سئيٽر، هڪ چادر ۽ هڪ ڪمبل ساڻ ڪنيم. تجوڙيءَ مان سؤ جو نوٽ ڪڍي کيسي ۾ وڌم. هڪ پوسٽ ڪارڊ به لکي ساڻ کنيم جيڪو رستي تي ڪنهن هنڌ پوسٽ جي دٻي ۾ وجهڻو هو جڏهن ڪين خبر نه پوي ته مان ڪٿي هوس.

رات واري گاڏيءَ ۾ لکنئو روانو ٿي ويس.

اِتهاس پاڻ دهرائيندو آهي. هڪ زمانو هو جڏهن منهنجو ڏاڏو پاڻ سان وڙهي لقمان مان ڀڳو هو. هن لاڙڪاڻي جي ساراهه ڇڏي هئي، اُتي وڃي نڪتو. مان ناني مان ناراض ٿيس ته هردوار مان ڀڳس. مون لکنئو جي هاڪ ٻڌي هئي، اوڏانهن روانو ٿيس. منهنجو ڏاڏو گهر مان ڀڳو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ شادي ڪيل هو ۽ ٻارن وارو هو. مان هردوار مان پڳس تہ شادي شده ۽ ٻن ٻچن جو پيءُ هوس. اِهو اتفاق هو يا منهنجي نصيب ۾ ائين لکيل هو؟

ٽرين صبح جو لکنئو پهچايو. ڌرمشالا جو ڏس پتو پڇي، اُتي وڃي پهتس. ڇياڻون صرف ٽي ڏينهن رهي سگهين ٿو. اُن بعد هڪ جڳهہ اچڻي هئي جنهن سڄي ڌرمشالا بوڪ ڪرائي هئي.

اُهو اسٽيشن جو علائقو هو جنهنکي چار باغ ٿي ڪوٺياٿون. رهائشي ۽ کاڌي جون هوٽلون جام هيون. هڪ سنڌيءَ جي هوٽل بہ هئي. اُها چوويهہ ئي ڪلاڪ کليل هوندي هئي. مان ٻنپهرن جي ۽ رات جي ماني اُتي ئي کائيندو هوس. مون هر ڳالهہ ۾ ڪفايت ٿي ڪئي جو مون وٽ پونجي محدود هئي.

هوٽل جو سنڌي مالڪ ڀلو ماڻهو هو. مون تي مهربان هو. وٽن جيڪو نانوائي هو اُهو ڪنن کان ٻوڙو هو ليڪن مونکي ڀلن جيان ڀائيندو هو. منهنجي عمر تنهن وقت ويهہ ورهيہ هئي ليڪن هاڻيءَ ڪاليءَ سبب ننڍو لڳندو هوس. هو مونکي رات جو رسوئي ڀاڻ سان گڏ ويهاري کارائيندو هو. اهڙيءَ طرح هڪ ويلي جا پئسا بچي پوندا هئا.

ڌرمشالا وارا ٽي ڏينهن پورا ٿيا تہ سامان کڻي هڪ سستي هوٽل ۾ وڃي رهيس. پر اُها سستي هوٽل بہ منهنجي لاءِ مهانگي هئي جو مون وٽ سَمرُ کلندو پئي ويو. ٻوڙي نانوائيءَ سان پنهنجو حال اوريم تہ هن سيٺ کي چئي منهنجو سامان هوٽل جي ڏُهتيءَ تي رکايو جتي هوٽل جي نوڪرن جو سامان رکيو هو. سامان ٺانئيڪو ٿيو تہ منهنجي چنتا گهٽ ٿي. پوءِ مون نوڪري ڳولهڻ شروع ڪئي. جنهن وٽ بہ نوڪري گهرڻ ويس، تنهن ناڪاري جواب ڏنو. هڪ سنڌي ڪپڙي واري دِلاسو ڏنو تہ جيئن ئي ماڻهوءَ جي ضرورت پيئي، مونکي گهرائي وٺندو.

پئسا خلاص ٿيندا پئي ويا ۽ منهنجو فڪر وڌندو پئي ويو. رات جو سيءُ بہ پوڻ شروع ٿيو هو. پهرين ڏينهن مان هڪ مندر جي ٻاهران سمهيو هوس پر ٻئي ڏينهن، ٻين نوڪرن جيان، اُتي بيلل بسين مان ڪنهن بہ هڪ بس ۾ وڃي سمهندو هوس. پوئين پهر سردي پوندي هئي تہ گرم ڪمبل ۾ ويڙهجي سيڙهجي، ڪرونڊڙو ٿي سمهندو هوس.

مون لکنئو ۾ جيترو وقت گذاريو، جيڪي ڪجهہ ڏٺم ۽ ڀوڳيم، ان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي هڪ ڪهاڻي لکيم ’ڏرتي‘ عنوان سان. اُها ڪهاڻي هوُبهو هتي، هن آتم ڪٿا ۾ شامل ڪري رهيو آهيان جيئن لکڻ وارو اُهو عرصو، منهنجي هيءَ آتم ڪٿا پڙهندڙن جي سامهون هجي، ڇو تہ اُها ڪهاڻي منهنجي حياتيءَ جو هڪ گذريل ورق آهي.

’ڏرتي‘ :

مون هڪ دفعو وري پئسا ڪڍي ڳڻيا. اوترائي هئا - ڇهہ رپيا ٻارهان آنا. ڇهہ رپيا ٻارهن آنا يعني وڌ ۾ وڌ ٻہ ڏينهن ٻيا. ٻہ ڏينهن ٻيا ۽ پوءِ؟ پوءِ بابت سوچيندي منهنجو مٿو چڪرائجڻ لڳو. آخر هيڏي وڏي لکنؤ شهر ۾ ڪنهن کي پيئي آهي جو ويهي چنتا ڪندو تہ هتي هڪ ماڻهوءَ وٽ اَنُ هوند آهي.

پر مونکي بہ سؤ رپيا سنڀالي خرچ ڪرڻ گهربا هئا. آخر سؤ رپيا قارون جو خزانو تہ ڪونہ هئا جو ڪٽائي ڪين هئا. ڪهڙو ضرور هئو هوٽل ۾ رهڻ جو؟ پر پوءِ ٻيو چارو بہ ڪهڙو هئو؟ ڌرمشالا ۾ ٽن ڏينهن کان وڌيڪ رهڻ نہ ڏنائون. ڪيتريون منٿون ڪيم تہ هڪ ٻہ ڏينهن وڌيڪ رهڻ ڏيو. پر ڪو مڃيائون؟ اصل سر تي چڙهي آيا. چوڪيدار تہ ماڳهين ٽپڙ ڪڍي ٽي ٻاهر ڪيا. سالو حرامخورا غلطي ڪيم. مئنيجر کي ڪجهہ ڏوڪڙا ڏيان ها تہ شايد رهڻ ڏئي ها. پر مان بہ آڪڙجي نڪري آيس ۽ سامهون واريءَ هوٽل ۾ هليو ويس جتي پنج رپيا روز پورٽا پيا. البت صبح جي چانهہ مفت. روٽي مون ٻاهر سنڌيءَ جي هوٽل ۾ پئي کاڌي، جنهن وٽ هيتريون ڏينهن کان کائي رهيو هوس.

وڏي غلطي مونکان منڍ ۾ ئي ٿي ويئي. نوابن وانگر لکنؤ جو سئر ڪيم. ٻہ ٻہ شو روز پڪچرون ڏٺم. آخر سؤ رپيا گهٽو ڏڪ جهليندا؟ پر مون ڪٿي سمجهيو هو تہ هيڏي وڏي نوابي شهر لکنؤ ۾ مونکي ڪابہ نوڪري نہ ملندي ۽ هڪ ڏينهن فاقن ڪڍڻ جي نوبت اچي پهچندي.

گذريل ٻن ڏينهن کان مان ڪيترو نہ ڀٽڪيو آهيان نوڪريءَ لاءِ! ڪهڙي بہ نوڪري ملي، ان لاءِ مان ڪٿي ڪٿي نہ ويس! ڪنهن ڪنهن کي نہ ليلايم! همٿ ڪري، اميناباد پارڪ ۾ هڪ وڏي اِسٽور ۾ لنگهي ويس. ان ڏينهن ڪپڙا بہ اڇا اُجرا پهريا هئم. وڃي سيٺ سان گڏيس. ڪيس

نوڪري ڏيڻ لاءِ عرض ڪيم. صفا جواب ڏنائين. پيھر چيومانس تہ اڪيون ڦوڻارڻ لڳو. چپ چاپ ٻاھر نڪري آيس.

سامھون ئي ڪراچي سلڪ اِسٽور ھو. من ۾ ٿوري خوشي ٿيم تہ سنڌي ٻاءِ ڪانہ ڪا نوڪري ضرور ڏيندو. ڪائونٽر تان پڇا ڪري، مالڪ سان وڃي رام رام ڪيم. ڪيس ٻڌايم تہ مان ھن ڪم مان ٿورو واقف آھيان. جڳھہ خالي ھجيوَ تہ ڏيو، ضرورتمند آھيان. نوڪري تہ ڪانہ ڏنائين البت سھانپوتيءَ طور ڪيترين ئي ڳالھين پڇيائين. جيئن تہ سنڌ ۾ اصل ڪٿان جو آھيان، منھنجا وڏا ڪير ھئا وغيرہ وغيرہ ... ۽ مون بہ نھايت نيازمنديءَ وچان ڪيس سموري معلوميت ڏني. پڇاڙيءَ ۾ چيائين تہ مان وقت بہ وقت ساڻس ملندو رھان. جيئن ضرورت پوڻ تي ڪيس رکي سگھجي. مان ڪيس رام رام ڪري ٻاھر نڪري آيس.

ٻاھر اچي مون حضرت گنج طرف ھلڻ شروع ڪيو. لکنؤ جو حضرت گنج ائين آھي جيئن جھوپڙين وچ ۾ محلا نھايت فئشنبل ايراضي آھي. وڏا وڏا عاليشان دڪان. ماڊرن ھوٽلون، سئنيمائون ۽ قيمتي ڪپڙن ۾ ملبوس خلق؛ ھر ھنڌ خلق. فٽ پاٿن تي خلق، دڪانن تي خلق، ھوٽلن ۾ خلق. جيترا وڏا دڪان اوترا وڏا اگھہ. گراھڪ بہ اوھڙا ئي وڏا. نواب ۽ نوابزاديون، رئيس ۽ رئيساڻيون، ڪامورا ۽ اُنھن جون خرچاڻو زالون. اسان پارا ٻاھر بيھي رڳو رونشو ڏسن ۽ دل کي خوش ڪن.

نہ بابا! اھڙن دڪانن تي ڪير وڃي نوڪري گھرندو؟ خوامخواہ پنھنجي بيعزتي ڪرائڻي!

حضرت گنج جا چڪر ڏئي ٿڪس تہ ميفيئر سئنيما ٻاھران بيھي پوسٽر ڏسڻ لڳس. ايندڙ ھفتي کان 'سئمسن ائنڊ ڊيليلاہ' فلم لڳڻي ھئي، جنھن جا وڏا وڏا پوسٽر لڳايا ويا ھئا. سئمسن جو ھڪ آدم قد ڪٽ-آئوٽ لڳايو ويو ھئو، جنھن ۾ ھوُ زنجيرون ٽوڙيندو ڏيکاريو ويو ھو.

چٽانگ بوھيمئہ وٺي، ڪيسي ۾ وجھي، ھڪ ھڪ چلي، ڪائيندو، ڪئپيٽال وٽان مڙي، سامھون واري باغ ۾ وڃي ويٺس. ننڍين ننڍين ٻارن ڪينھونءَ راند پئي ڪئي. ڪڏھن ڪڏھن سندن بال مون طرف آيو پئي تہ مون کڻي ڏانھن اُڇلايو پئي.

اھڙيءَ طرح چڱو ئي وقت ڪٽجي ويو. ھينئر شام اچي تي ھئي. ٻتين ٻرڻ ۾ اجا ٿوري دير ھئي. ان ڊپ وچان تہ ڪٽي بڪہ ۾، حضرت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گنج جي مهانگي هوٽل ۾ ناشتي پاڻيءَ تي گهڻا پئسا نه کپي وڃن، مان پنڌ ئي پنڌ چار باغ طرف هلڻ لڳس.

چار باغ اسٽيشن روڊ تي، جنهن سنڌيءَ جي هوٽل تي مان ماني کائيندو هوس، تنهن جي مالڪ سان منهنجي چڱي واقفيت ٿي ويئي هئي. مون جڏهن کيس پنهنجين مشڪلاتن بابت ٻڌايو ته هن ايتري مهرباني ڪئي جو مونکي پنهنجي هوٽل ۾ رهڻ جي اجازت ڏنائين. هوٽل جي مٿان هڪ ڪمرو هو جنهن ۾ سندس نوڪرن جو سامان پيو هوندو هو ۽ رات پاليءَ وارا ڏينهن جو ننڊ ڪندا هئا. ڪمرو ايترو ته ننڍو هو ۽ سمهڻ وارا ايترا ته گهڻا هئا جو ان ڪمري ۾ منهنجي سمهڻ جو ته سوال ئي ڪونه ٿي اٿيو. صرف سامان سلامت هئڻ اهائي دلجاءِ هئي. رات جو سمهڻ لاءِ پليان جيڪو شوالو هو، اُن جو وراندو هو، جنهن لاءِ پڻ مهراج کي مڃائڻو پيو هو.

آڪٽوبر جو مهينو هو ۽ رات جو ٿورو سيءُ پيو ٿي. مون وٽ صرف هڪ ڪمبل هو، جنهن مان پوئين صبح جو سيءُ جهليو نٿي ويو. مان ڪرنڊوڙو ٿيو سمهيو پيو هوندو هوس ته اسر جو مهراج اچي ننڊ مان ڏونڌاڙي اُٿاريندو هو. مان جڪ ته ڏاڍا کائيندو هوس پر ڪري ڪجهه نٿي سگهيس ڇو جو صبح جو سويل ئي پڙوان جي پڪڻ جو اچڻ شروع ٿيندو هو.

ان بعد سڄو ڏينهن پٽڪندي گذرندو هو.

اُها سڄي رات مون پاسا ورائيندي ڪاٽي. اڄ سڄي ڏينهن ۾ مون صرف ڏيڍ رپيو خرچ ڪيو هو ۽ ذري گهٽ بکيو رهيو هوس. سڄي رات مون سهاڻي تي پئي سوچيو ته ڪلي ڪلي ويندس. اوچتو منهنجي ذهن ۾ ڪجهه تري آيو. ٿوري خوشي ۽ ٿوري اُميد جاڳي. چار باغ ۾ ئي سدرشن سئنيما جو نؤ-نرماڻ ٿي رهيو هو ۽ هفتي کن ۾ ئي 'ري اوپن' ٿيڻ واري هئي: مون سوچيو، ڇونه مان اُتي ٽراءِ ڪريان. پوءِ پل ته گيٽ ڪيپري ئي ڇو نه ملي. مونکي ڄڻ خاطري ٿي ويئي ته اها نوڪري پڪ ئي پڪ ملي ويندي. ان خوشيءَ ۾ به مونکي ننڊ ڪانه آئي.

مان نهايت بي صبريءَ سان صبح ٿيڻ جو انتظار ڪرڻ لڳس. اسر جو جنهن وقت مهراج مونکي اُٿارڻ آيو ته مان اڳيئي اُٿيو ويٺو هوس.

ان ڏينهن مون سنان پاڻي ڪري، ڏاڍي شرڌا سان شولنگ تي جل

چاڙهيو ۽ هٿ جوڙي نمسڪار ڪيو.

سدرشن سئنيما جو نئون سردار مالڪ يارهين بجي کان به ٿورو دير سان آيو. هيءَ سئنيما ڪيس لاهور واري سئنيما جي بدلي ۾ الاٽ ٿي ملي هئي، جنهنکي هُو پنهنجي نظرداريءَ هيٺ نئون رنگ-روپ ڏياري رهيو هو. هن سان گڏ هڪ ٻيو به قداور ۽ وڏين مڇن وارو شخص آيو هو جنهن لاءِ سڌ پيم ته هُو سئنيما جو نئون مئنيجر مسٽر گپتا هو. ان کان اڳ هڪ ڇوڪري آئي هئي جا ٽائيپسٽ هئي.

مان ڌڙڪندڙ دل سان آفيس جي سامهون وڃي بيلس ۽ هٻڪندي چيم، 'ايڪسڪيوزمي سر، مان اندر اچي سگهان ٿو؟'

سامهون هڪ وڏي ميز پيئي هئي جنهن تي آفيس جون ضروري چيزون ۽ فون رکيو هو. پليان اسپرنگدار ڪرسيءَ تي سردارجي ويٺو هو ۽ سندس سامهون واريءَ ڪرسيءَ تي مئنيجر. هُو ڪنهن ڳالهه تي بحث ڪري رهيا هئا. هڪ طرف ٽائيپسٽ ويٺي ڪجهه ٽائپ ڪري رهي هئي.

منهنجو آواز ٻڌي، مئنيجر ڳالهه جي سلسلي کي روڪي، پليان مڙي ڏٺو ۽ چيو، 'ڪم ان'.

مان وڃي سندن سامهون بيلس. وري به مئنيجر ئي چيو، 'ييس.'

مون سڌو سردارجيءَ طرف نهاري، نهايت حليمائيءَ سان چيو، 'سر، مونکي پاڻ وٽ ڪا نوڪري ڏيئي سگهو ته وڏي مهرباني. مان ....'

مونکي اڌ ۾ ئي ڪٽي، مئنيجر چيو، 'ساري، اسان وٽ سڀ ويڪنسيون فل ٿي چڪيون آهن.' ايترو چئي هن منهن ڦيري مالڪ طرف ڪري ڇڏيو.

مون وري به سردارجيءَ طرف نهاري، بيحد عاجزيءَ وچان چيو، 'مان نوڪريءَ جو ڏاڍو گهرجائو آهيان، مونتي مهرباني ڪريو.'

سردارجيءَ ڪرسيءَ ۾ لڏندي چيو، 'ان معاملي ۾ مان ڪجهه نٿو ڪري سگهان. مئنيجمينٽ جي سڄي ذميواري مسٽر گپتا جي آهي. هي ڳالهه ته هن سئنيما جا ڪجهه اڳيان ملازم هئا ۽ جي ٻيا گهربا هئا، اُهي ايمپلائمينٽ ايڪسچينج معرفت ڪنيا ويا آهن.' هن مونکي پڻ ايمپلائمينٽ ايڪسچينج ۾ وڃي پنهنجو نالو درج ڪرائڻ جي صلاح ڏني.

اُهو سمورو وقت شايد هوءَ ٽائيپسٽ ڇوڪري اسانکي ڏسندي ۽ ٻڌندي رهي هئي، ڇو جو ٽائيپ جي ٽڪ ٽڪ بند هئي. جنهن وقت مان آفيس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان ٻاهر نڪري رهيو هوس تنهن وقت وري ٽڪ ٽڪ شروع ٿي ويئي.

تہ اها گيٽ ڪيپريءَ واري نوڪري بہ ڇٽي!

هينئر مون شهر جا چڪر لڳائڻ شروع ڪيا. مون وڏن وڏن روڊن، چونڪن ۽ بازارين بجاءِ ننڍن ننڍن پاڙن ۽ گهٽين ۾ پاڻ کي گوهي ڇڏيو. منهنجي حيرت جي حد نہ رهي! هيءَ هيترا ڏينهن مان ڪهڙو لکنؤ ڏسي رهيو هوس؟ اصل لکنؤ تہ مان هينئر ڏسي رهيو آهيان. تہ ڇا هيترا ڏينهن مان صرف لکنؤ جو ٻاهريون ۽ ميڪ اپ ٿيل چهرو ڏسي رهيو هوس؟ ٻاهريو ريشمي برقعو ڏسي خوش ٿي رهيو هوس تہ اندر بي پناهہ حسن هوندو!

نہ، مان غلط هوس، ڀليل هوس، اصل لکنؤ تہ هيءَ هو. هتي ماڻهو هئا. سندن مسئلا هئا. مونجهارا هئا. ٺهڪڙا هئا. روڊن هو. جهڳڙا هئا. قرب هو.

شايد ڪنهن بہ وڏي نگر جون ٻہ آتمائون ٿينديون آهن. هڪ ٻاهرين آتما جا بي حس هوندي آهي ۽ ٻي اندرين، جا حساس ۽ ڌڙڪندڙ ٿيندي آهي، جيئن لکنؤ، جنهن جي ٻاهرين ۽ ظاهري آتما اها آهي جا درشڪن لاءِ، سيلانين لاءِ آهي ۽ جا بيحد موهيندڙ آهي. اُن جي برعڪس اصل لکنؤ جي آتما هنن تهہ در تهہ گهٽين ۽ پاڙن ۾ آهي جتي ٿي پرواهڪ جن - جيون آهي، ڏکن ۽ سکن ۾ گهيريل جن — جيون!

مون ڏينهن جو گهڻو وقت لکنؤ جي اندرئين آتما جو درشن ڪندي ڪاٽيو. شام مون گومتيءَ ڪناري پسار ڪندي گذاري.

اُن شام، مون ڏٺو، حشام ماڻهو ميدان طرف وڃي رهيا هئا. معلوم ٿيم اڄ دسهڙو هو ۽ ميدان ۾ راوڻ جو داهہ سنسڪار ٿيڻو هو.

راوڻ جي ٻوتي کي اڄ لاءِ جلايو ٿو وڃي ڇاڪاڻ تہ هن سيتا جو اپهرڻ ڪيو هوا ۽ هيءَ جو ورهاڱي وقت هزارين سيتائين جو اپهرڻ ڪيو ويو تنهن لاءِ ڪنهن کي جلايو ويندو؟ اتهاس ۾ اهڙين سيتائن جو ڪهڙو رتبو رهندو؟

ليڪن مان ڇو وڃي اُن پراڻڪ ۽ راجنيتڪ ٻهر ۾ پيو آهيان؟ هتي مونکي پنهنجي چنتا ڪرڻ گهرجي ۽ ڪيئن بہ ڪري، ڪونہ ڪو روزگار ڳولهي لهڻ گهرجي.

لکنؤ جي هڪ ٽين آتما پڻ آهي. اُها آهي رات جي آتما. عيش ۽ عشرت جي آتما.

جڏهن ڏينهن واري آتما سمهي ته رات واري آتما جاڳي!

لکنؤ جي هن آتما جو شان ئي ڪجهه اوُر آهي. حضرت گنج ۽ اميناباد پارڪ جون برقي روشنيون گل ٿين ته ڪولن جا فانوس ٻري اٿن. موٽرن ۽ گاڏين جا شور بند ٿين ته گهنگهرو ۽ طبلي سارنگيءَ جا سُر فضا ۾ پکڙجي وڃن. هڪڙا قدم آسائش پائين ته ٻيا قدم ٿڙکي اٿن. غزلن جي پلٽ پلٽان ۽ واه واه پيئي پوي. نوٽن مٿان نوٽ پيا گهورجن ۽ ادائن جي ادائگيءَ ۾ وڏيڪ گهرائي ۽ ويجهائپ ايندي وڃي.

هڪ ڏينهن سئنيما جي هڪ شو ۾ منهنجي واقفيت يوسف سان ٿي هئي. مون هن کي قطار ۾ گهسڻ ڏنو ۽ هو منهنجو دوست ٿي ويو. لکنؤ جو ئي هو ۽ ٺيٺ لکنوي انداز ۾، ڳالهه ڳالهه ۾، 'امان يار .....' پئي چيائين.

انٽرويل ۾ چانهه گڏجي پيتيسون ۽ هڪٻئي کي واقفيت به ڏنيسون. مونکي اهو ڄاڻي عجب لڳو ته جتي هن جو سڄو ڪٽنب پاڪستان هليو ويو هو، اُتي هوُ ۽ سندس ڏاڏي وڃڻ کان نابري واري ويٺا هئا. کين گهڻو ئي سمجهايو ويو، ڊيڄاريو ويو، ليڪن يوسف کين صاف چيو ته هوُ لکنؤ ڇڏي قيام ڪين ويندو ۽ يوسف جي ڏاڏي پنهنجي پوٽي کي اڪيلو ڇڏڻ لاءِ تيار نه هئي. انڪري هن جو سڄو ڪٽنب کين ڇڏي هليو ويو.

يوسف جذباتي ٿيندي چيو، 'امان يار، پنهنجي ڌرتي، پنهنجو وطن ڇڏي وڃبو ته ڇا ڌاري ڌرتي، ڌاريو وطن اهو قرب ۽ پنهنجائي ڏيئي سگهندو؟ اُٿلندو اسان ٻين تي بار ٿي پونداسين ۽ ....'

مونکي لڳي رهيو هو، يوسف مونکي مترڪا هڻي رهيو هو. اسان به ته پنهنجي ڌرتي، پنهنجو وطن ڇڏي آيا آهيون. ته ڇا اسين هتي ٻين تي بار آهيون؟ ڇا هتي اسانکي قرب ۽ پنهنجائي نه ملندي؟

پر يوسف جي ان ڪٿن پليان صرف انديشو آهي يا سندس پنهنجي ڌرتيءَ سان محبت آهي، جنهن کيس هتان وڃڻ نه ڏنو؟

يوسف چوندو ئي رهيو هو، 'اڙامان يار، هتي مان روز صبح جو گومتيءَ ۾ وڃي ترڳندو آهيان. ڀلا اُتي ڪٿان ايندي گومتي!'

۽ هتي منهنجي سنڌو ڪٿي آهي؟ منهنجي من ۾ هاهاڪار مچي رهيو هو. ڪٿي آهي منهنجي سنڌو، منهنجي ڦليلي، منهنجي رائيس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪئنال، جنهن ۾ مان ٻڏندي ٻچي ويو هوس!

فلم پوري ٿي ته يوسف چيو، 'امان يار، اڄ ته اڄ مان توکي لکنؤ جو سئر ڪرايان. تون به ڇا ياد ڪندين ته ڪو لکنوي مليو هو.'

مون ٽائيم ڏسندي چيو، 'رات جا سوا نو پيا لڳن، هن وقت تون مونکي ڪٿي سئر ڪرائيندين؟'

'پهرين هلي ماني کائينداسين. ان بعد مجري تي هلنداسين. لکنؤ ۾ اچي اها محفل نه ماڻيئه ته ڪجهه نه ڏٺئه، سمجهيئه!' ايترو چئي هو مونکي هٿ کان وٺي، هڪ رڪشا ۾ چاڙهي، نه ڄاڻي ڪيڏانهن وٺي هليو.

اُها سڄي رات مون يوسف سان گڏ مجرو ڏسندي ڪاٽي.

اُها سڄي رات مون چنتائن ۾ سوچيندي سوچيندي ڪاٽي. مونکي ڪيئن به ڪري، ڪو بلو ڪرڻو ئي هو. نه ته شايد هوٽل ۾ مانيءَ جا پئسا نه ڀرڻ سبب، ڪنهن به وقت ٽپڙ ڪٺي وڃڻ جو آديش ملي وڃي. پوءِ مان ڪيڏانهن ويندس؟ ٻئگ بسترو ڪٿي رکندس؟ ڪير رکڻ ڏيندو؟ شوالي جي مهراج کي هٿ جوڙ ڪريان ۽ جي هو نه مڃي ته؟ پوءِ ته رات جو سمهڻ به نه ڏيندوا نه، ڪجهه نه ڪجهه ڪرڻو ئي پوندو. ڪو رستو ڳولهڻو ئي پوندو.

صبح جو مان اسٽيشن تي هليو ويس. سوچيم، گهڻائي مسافر اچن وڃن پيا. سندن سامان ٽانگي ۽ رڪشا ۾ رکندي لاهيندي، سڄي ڏينهن ۾ هيو نه ته مانيءَ جيترا پئسا ته ڪمائي ئي وٺندس. آخر مزوري ڪرڻ ۾ اهم ئي ڪهڙو آهي؟

مان سامهون نهارڻ لڳس. هڪ ڌوتيبند هٿ ۾ لوهي ٽرنڪ ۽ بغل ۾ بسترو ڪٺي اسٽيشن کان ٻاهر اچي رهيو هو. مون ڊوڙي وڃي سندس اڳ جهليو. 'سائين، مونکي ڏيو سامان ته مان ٽو ڪٺائي هلانو. جيڪا مزوري ڪپيو، ڏجو' مان يڪساهيءَ چئي ويس.

'اڙي بابا، نه کپي مزور. مان پاڻيهي رڪشا ڪندس.' هو اڳتي وڌي ويو.

هڪ رئيس پنهنجي برقعي بند بيگم سان گلو، ڪوليءَ کان سامان ڪٺائي ٻاهر آيو. مون ويجهو وڃي چيس، 'جناب، توهانجو سامان ٽانگي تائين ڪٺي هلان؟' هو مونکي گهورڻ لڳو. ڪوليءَ رنب ڪندي چيو، 'اڙي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڇ هتان.'

۽ مون پڇي پاسو ڪيو. ڪنهن ٻڌايو تہ رئيس کي پنهنجي بگي هئي.

مان اُتان هلي رڪشا اسٽئنڊ تي وڃي بيٺس. اُتي ٻيا پڻ ٻہ ٽي مزور بيٺا هئا. هڪ رڪشا ۾ ٻہ ڇوڪريون آيون. انهيءَ ۾ بسترا بند ساڻ هون. پڪ ٿي پڪ اسٽيشن تي وڃڻيون هيون. ٻہ مزور هن طرف ڊوڙيا، مان بہ ڀڳس. ڇوڪريون جيستائين هيٺ لهن ٿي لهن تيستائين اسان ٽنهي جا هٿ ٻن ٽنگن کي ڇهلي ويا.

هڪ ڇوڪريءَ چيو، 'توهان مان ڪير بہ هڪ کٽي هلي.' هوءَ رڪشا جو ڀاڙو چڪائڻ لڳي.

مون نيزاري ڪندي چيو، 'سسٽر، مونکي کٽي هلڻ ڏيو. پليز، آءَ نيڊ مني. مان ڏاڍو گهرجائو آهيان.' ۽ مون سامان ۾ هٿ ڦهائي ڇڏيا.

هنن مزورن مان هڪ، جو ڪافي جانٺو هو، مونکي پري ڌڪو ڏيندي ٻڪڻ لڳو، 'سالا انگريزي ڳالهائي اسانجي پيٽ تي لت ٿو هڻڻ چاهين. پري هلي وڃ تہ کٽي مٿو نہ ڦاڙي وجهانءَ!'

مان شايد پليرو - پٽ تي وڃي ڪران ها، ليڪن ڪنهن مونکي پٺيان ٻانهن ۾ جهلي، ڪرڻ کان بچائي ورتو. لڄ، ڪروڌ ۽ نفرت وچان منهنجو سڄو وجود ڪنبي اُٿيو. منهنجي منهن مان ڪا اُگري گار نڪرڻ واري هئي، ليڪن ان کان اڳہ جيئن ٿي مون پٺيان مڙي، سهاري ڏيڻ واري کي ڏٺو تہ عجب ۾ پئجي ويس. اُهو يوسف هو.

يوسف کلندي چيو، 'امان يار، ڇڏين. اچ، منهنجي رڪشا ۾ ويهہ تہ هلون.' هن نهايت اطمينان سان رڪشا هلائيندي چيو، 'ڏاڻہ نہ پنهنجي ۽ ڏاري ڌرتيءَ جو فرق!' ۽ مان سوچي رهيو هوس تہ يوسف ڪيڏو نہ وڏو سچ چيو هو.

وڌيڪ ٻولين جي ڄاڻ ڪيئن ڪڏهن ڪم ٿي اچي، اُن جي خبر تنهن ڏينهن پيئي جڏهن سيٺ جو هڪ دوست ڪيس ڇوڻ لڳو تہ ڪيس هلائي اکر ڄاڻندڙ هڪ ڪاڳريءَ جي ضرورت هئي جيڪو سندس اڪائونٽ بوڪ لکي سگهي.

مون جو اِهو ٻڌو تہ اُمالڪ ڇٽي ڏنم،'سائين، مونکي هلائي ايندي

آهي. مان اڪائونٽ بوڪ بہ لکي سگهان ٿو. وياج بہ ڳڻائي ايندو اٿم. اِها نوڪري مونکي ڏيو ...!‘

سيٺ جي دوست بہ ٻہ ٽي ڳالهيون پڇيون ۽ پوءِ پنهنجي ائڊريس ڏئي ڇڏي ويو تہ مان هئي ڏينهن سندس ڪوٺيءَ تي اچان. هو ويو تہ سيٺ پاپوھ وچان پڇيو،’پٽ، توکي نوڪريءَ جي ضرورت هئي ڇا؟‘

مون شرمائيندي چيو،’مون وٽ پئسا ئي خلاص ٿي ويا هئا. اوهان ڪيترا ڏينهن اوڌر تي کارايو ها ...!‘

هو منهنجو منهن تڪڻ لڳو. سندس اکين ۾ مون لاءِ سنيهہ اُمڙي آيو. چيائين،’توکي ڪٿي نوڪري ڪرڻ جي ضرورت ڪانهي. سڀاڻي کان منهنجو بس ڊيپوءَ جو ڪاروبار وڃي سنڀالج. تنهنجي هئي وقت رسوئي گهران ايندي.‘

منهنجي منهن مان اکر بہ نہ نڪتو. مان هن جي مهربانين جي زير ٿي ويس. من ۾ سوچيم اِنساني فطرت ڪيتري نہ وچتر آهي. ڪيئن اُمالڪ رشتا ناتا جڙي ٿا وڃن. ڪالهہ تائين جنهن هوٽل ۾ پناهگيرن جيان رهيو پيو هوس، اوڏر تي ماني پئي کاڌم، اڄ اُن جو مالڪ پٽن جهڙو ورتاءُ ڪري، ماني بہ پنهنجي گهر جي کارائي رهيو هو ...!

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ خبر پيئي تہ سيٺ مونکي شريف گهر جو ڇوڪرو سمجهي پنهنجي ڌيءُ لاءِ پسند ڪيو هوا اِهو بہ پروڙي ويو هو تہ مان مائٽن کان رسي، گهر مان ڀڄي، لڪنؤ آيو هوس ...

مان جو هردوار مان ڀڳس تہ ناني سمجهيو مان بمبئيءَ ماءُ پيءُ وٽ ويو هوس. مون جيڪو پوسٽ ڪارڊ پوسٽ ڪيو هو اُن جو لپو پڙهائي، مامو سترام مون کي اُتي ڳولهڻ ويو هو پر مان اُتي ڪونہ هوس. ناني ڏک وچان اَمان کي لکيو : توهان جي اَمانت، توهان کي واپس پهتي ...

اَمان جو مون ۾ ساھ هو. خط پڙهي مورشا ٿي ويئي. هوش ۾ اچڻ تي ناني مٿان ڏاڍو ڏمري. لکيائينس : تون بي اولاد، تو کي اولاد جو ڪهڙو قدرا مون توکي پنهنجي جگر جو ٽڪرو ڪڍي ڏنو پر تو اُن جو قدر نہ ڪيوا پڇاڙيءَ ۾ چيائينس : مهرباني ڪري مونکي منهنجو پٽ موٽائي ڏي، ڪٿان بہ ڳولهي هٿ ڪري ڏي ...!

مان سيٺ جو بس ڊيپوءِ وارو ڪاروبار سنڀالڻ لڳس. بس ڊيپو تمام وڏو هو. اُتان الڳ الڳ شهرن ۽ ڳوٺن ڏانهن بسيون روانيون ٿينديون هيون ۽ ايندڻيون هيون. ڇوڪرا ڪميشن تي ڪاڌي جون شيون بسين اندر وڃي وڪڻندا هئا. اُنهن ۾ ريوڙيون ۽ مٺا ڦريون گهڻيون وڪامجنديون هيون. مان اُنهن هاڪرن تي نظر رکندو هوس ۽ ڪانئن حساب ڪتاب وٺندو هوس. سيٺ خوش هو جو مون مان کيس ڪافي فائدو پيو هو. اڳ چوريون ٿينديون هيس. ڇوڪرا پئسا ڪٽي پچي ويندا هئا. هينئر اُپٽ وڌيس ته مون تي سنڌس مهربانيون به وڌي ويئون. هينئر هفتي ۾ ٻه ٽي دفعا تيوڻ به اچڻ لڳو. گهڻن ڏينهن کان پوءِ گهر جو رڌل ملڻ ڪائي پرسن ٿيو هوس.

اهڙيءَ طرح لکنؤ ۾ منهنجو وقت گذري رهيو هو ... هڪ ڏينهن پنهنجي پليان، پنهنجو اصلوڪو نالو ٻڌي ڇرڪ نڪري ويو. مون لکنؤ ۾ پنهنجو نالو بدلائي ڇڏيو هو. پنهنجو نالو ٻڌي عجب ۾ پئجي ويس!

ڏسان ته پليان بابا بيٺو آهي ...! بابا هتي ڪٿان اچي پهتو؟ سوچيم گهٽ، بابا سان ڳلي ملي رُنم وڏيڪ ...

اسان جي ڳوٺ لاڙڪاڻي جو، اسان جو پاڙيسري، بابا جو دوست ۽ همر - نام، نارائڻ داس، لکنؤ ۾ پوليس ڪاتي ۾ هو. هڪ ڏينهن هن مونکي اميناباد ۾ ڏسي ورتو هو. پڇڻ تي ٻڌايومانس ته هتي گهمڻ آيو هوس. ليڪن شايد هن کي وشواس نه آيو هو. پوليس جو ڪم ئي آهي شڪ ڪرڻ ۽ تحقيقات ڪري سچ تائين پهچڻ. هن بابا کي خط لکي ٻڌايو ته تنهنجو وڏو پٽ هتي لکنؤ ۾ گهمي ڦري رهيو آهي.

ڏياريءَ جا ڏينهن هئا. حلواين جي خاص سيزن هئي. ڪين مٿي ڪنهن جي به فرست نه هوندي آهي. اهڙي وقت بابا کي مون بابت خط مليو. خط پڙهي اماں پليان پئجي ويس ته هينئر جو هينئر روانو ٿي وڃ. بابا سمجهائيندي چيس : ٻه ٽي ڏينهن ترس، ڏياري گذري ته وڃي وٺي ايندوسانس.

امان پڙڪي اُٿي. ڪاوڙ مان چيائينس : منهنجو پٽ پرديس ۾ ڌڪا ڪائي رهيو آهي ۽ تون چوين ٿو ته ڏياري گذاري پوءِ وٺي ايندوسانس! ۽ ان وچهر ڪنهن ٻئي پاسي هليو وڃي ته؟ توکي ڏياري ڪمائڻي آهي ته بلاشڪ ڪماءِ، مون کي ڏي ائڊريس ته مان پاڻ وڃي پنهنجي پٽ کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ولي ٿي اچان ...!

اهڙيءَ طرح بابا لکنؤ اچي پهتو هو. هتي، بس ڊيپوءَ تي بہ نارائڻداس ئي ڪيس وٺي آيو هو. هو پريان بيلو مشڪي رهيو هو.

مون وارو سيٺ بابا سان ڀاڪر پائي گڏيو. هن بابا کي هڪ شاندار دعوت پڻ ڏني. اُتي بابا مان ڪيس خبر پيئي تہ مان پرٽيل ۽ هن پٽن جو پيءُ هوس ...!

لکنؤ جون اُهي يادگيريون اڄ بہ من جي پٽيءَ تي خاص اکرن ۾ لکيل آهن. چارِ باغ ۾ اڃا تائين اُها هوٽل آهي. ٻہ دفعا پوءِ بہ ويو آهيان - هڪ دفعو لکنؤ سميلن وقت جڏهن موهن ڪلپنا، گنو سامتاڻي، لعل پشپ ۽ وشنو ڀاٽيا گڏ هئا ۽ ٻيو دفعو جڏهن زال ۽ ڌيئرن سان گڏجي نئنيتال مان موٽيو هوس ...

منهنجو سفر لڳا جاري آهي - لاڙڪاڻي کان هردوار وايا سکر، روهڙي، لاهور ۽ امرتسر ... هردوار کان بمبئي وايا لکنؤ، ڪانپور، جهانسي ۽ ڪلياڻ ڪئمپ ... منزل طئہ آهي. اُتي وايا ڪيئن پهچبو، اڳوات پتو نہ آهي. ڪير اڳوات ٻڌائي بہ نٿو سگهي ...

مون پنهنجي هيءَ آتم ڪٿا ٽن شهرن کي ارپڻ ڪئي آهي جن جو منهنجيءَ زندگيءَ سان گهڻو لاڳاپو رهيو آهي. پهريون شهر لاڙڪاڻو جتي مون جنم ورتو. ٻيو شهر هردوار جتي مان وڏو ٿيس ۽ زندگيءَ ۾ پهريون ۽ پويون پريم ڪيم. ٽيون شهر آهي بمبئي جيڪو منهنجو ڪرم کيتر رهيو آهي — روزگار چاهي ادب جي ڏِسَ ۾ ... اِنهن ٽن شهرن ڪانسواءِ جن ٽن درياهن يا ندين سان ناتو رهيو اٿم، اُهي آهن : سنڌو، گنگا ۽ عرب مهاساگر ...

شيخ اياز هِڪ هنڌ لکيو آهي ؛

سنڌوا تون بہ اُتي ڇوڙ ڪرين ٿي جتي جمنا ۽ گنگا ڪن ٿيون ...

سڀ ندين ساگر ۾ ڇوڙ ڪن ٿيون. اسان کي بہ هڪ ڏينهن اُن ساگر ۾ ئي ڇوڙ ڪرڻو آهي — مهاساگر ۾، جنهن جو انت ڪنهن نہ پاتو آهي ...!

باب ڇهون

ڪرم ڪيتر ......

اسان جو ڪٽنب وڏو هو. امان ۽ بابا، ڀاءُ ۽ ڀيڻ. مان ۽ ڪوشليا ۽ ٻه ٻار. آمدني محدود هئي. هڪ ڏينهن بابا چيو: ’پٽ، ڪو ننڍو وڏو ڌنڌو ڳولهه جنهن مان ٻه پئسا اُپت ٿئي ۽ گهر جو گاڏو هلي.‘

مان ڌنڌو يا نوڪري، ڳولهڻ لڳس. هڪ واقفڪار بسڪيٽن جي ايجنسي ڪنئي هئي. چيائين: هڪ دٻي جيترا بسڪيٽ وڪڻي ايندي ته خالي دٻي جا ساڍا چار رپيا ملندءِ. جيترا دٻا خالي ڪري ايندين اوترا وڌيڪ پئسا ڪمائيندين.

ڀرين ڏينهن ٻن دٻن جا بسڪيٽ وڪيم جن مان نوَ روپيا بچيا. پر اُهو ڌنڌو بند ڪرڻو پيو جو اوڌر پٺي رکڻي پيئي ۽ اوڌر واري رقم ٻڏي پئي ويئي. پوءِ جليبيون ولي، ٻومبيوليءَ کان ٽاڻي تائين، هوٽل وارن کي وڪڻڻ لڳس. اُن ۾ فائدو وڌيڪ هو پر اُن ۾ به اوڌر جو مرض هو. پئسا ڏيڻ وقت ڪو نه ڪو بهانو ڏيئي ٽلائي ويندا هئا. اُهو ڪم به بند ڪرڻو پيو. منهنجو سؤٽ ۽ سنڌو رام، ماٽونگا ڪئمپ ۾ رهندو هو جتي رام جيٺملاڻي به رهي چڪو آهي. رام ڀاڄ ميونسپل ۾ نوڪري ڪندو هو. مونکي ٻڌايو موڪلياڻين ته بيسٽ ڪمپنيءَ ۾ ڪنڊڪٽرن جي ڀرتي ٿي رهي آهي، مان به اُتي درخواست ڪريان. جڏهن درخواست منظور ٿي ته مان ڪولابا جي اليڪٽرڪ هائوس ۾ انٽرويو ڏيڻي آيس. ٻيو انٽرويو شام جو ڇئين بجي هو جيڪو بامبي سينٽرل واري بس ڊيپوءَ ۾ ڏيڻو هو. پر مان اُتي ڏهه منٽ دير سان پهتس ۽ انٽرويو ۾ وهڻ نه ڏنو ويو. اهڙيءَ طرح اُها بس ڪنڊڪٽري به ڪانه ملي.

اڄ سوچيان ٿو مون کي اِها بس ڪنڊڪٽري ڪرڻي پوي ها ته مان زندگيءَ جي ڪهڙي موڙ تي بيٺلو هجان ها ...؟ منهنجي حياتي ڪهڙي محور ڦري ها...؟ تڏهن ئي ته چون ٿا وڌاتاجو وڌان ئي نرالو آهي، قانون ئي پنهنجو آهي ...

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجو وڏو سؤٽ ڪشن ملاڻين جا ٽوڪرا پرائي، بمبئيءَ وڪڻي ايندو هو. هن جي پرسنلٽي بہ سلي هئي ۽ گراهڪن جو بہ بيحد ملڙو هو. اوڊر رڪندو هو پر وصول ڪري ايندو هو. هن جا گراهڪ گرانٽ روڊ تي هئا جي سڀ وڏا ۽ مشهور حلوائي هئا. ٽوڪرا خالي ڪري هو گرانٽ روڊ تي ئي رام پروسي هوٽل ۾ اَسل پاءُ (ڏيڍ پاءُ) کائي پيٽ ڀريندو هو. اُن ڪاڏي سبب سندس پيٽ خراب ٿي پيو هو.

ڪشن مونکي بہ پاڻ سان گڏ وٺي وڃڻ لڳو. ليڪن مان هن ڏينهن ۾ ئي ٿڪجي پيس. اِهي اؤڪا پنڌ هئا جي مونکان زور هئا. مون کان ملاڻين جا ٽوڪرا کڻڻ نہ ٿي پڳا ...!

اوچتو اسان جي قسمت پلٽو کاڌو. اسانکي فورٽ ايراضيءَ ۾ هڪ دڪان مسواڙ تي ملي ويو جيڪو ڪنهن سنڌي ڪاموري کي الاٽ ٿي مليو هو. هن پنهنجي وڪيل دوست ارجنداس موٽواڻيءَ معرفت اَهو دڪان اسان کي ڏنو. ان دڪان ۾ اسين چار ڀائيوار ٿياسين. چاچو هزاري مل، بابا، ڪشن ۽ مان. چئني هڪ جيترا پئسا ڪڍيا. دڪان جو نالو رکيوسون ڪراچي سويٽ مارٽ.

ميءِ ۱۹۵۱ع ۾ اَهو دڪان چالو ٿيو تہ وري پٺ نہ ورائيسين. روز بروز ترقي ڪندا وياسين ۽ نوان نوان دڪان کوليندا وياسين. دڪانن سان گڏ ڀائيوار بہ وڌيا تہ پنهنجا گهر بہ وڻندا وياسين. ليڪن هڪ ڏينهن نديءَ جي اُن وهڪري ۾ وگهن پيو ۽ هڪ هڪ ٿي سڀ ڀائيوار — جي چاچا، سؤٽ ۽ ڀائر هئاسين، الڳ ٿيندا وياسين. ليڪن اَهو ڀهريون بنيادي دڪان، ۵۷، اگياري لين، فورٽ، بمبئي - ۱ مون پنهنجي حصي ۾ رکيو جيڪو منهنجي رٽائر ڪرڻ بعد، منهنجو ننڍو پٽ پرڪاش سنڀاليندو آهي.

۱۹۶۰ تائين، جيستائين مان ۽ منهنجو پاءُ ڪلياڻ ڪئمپ مان لڏي بمبئي نہ آياسين، تيستائين هفتي ۾ هڪ دفعو گهر ويندا هئاسين ۽ بمبئي جي فٽ پاٿ تي سمهي گذارو ڪندا هئاسين.

اهڙيءَ طرح مون لوئر مڊل ڪلاس لوڪن جي جيون کي ويجهڙائي تان ڏٺو، سندن انسا ۽ ارمان جاتم جي مون کي ساهت سرجڻ ۾ ڪم آيا. اَهو زندگيءَ جو مڪتب بند ڪمرن ۾ ويهي ڪتابن پڙهڻ کان وڌيڪ ڪارگر سِڌ ٿيو. اِهو مشاهدو هر ليکڪ لاءِ بيحد ضروري آهي، اِهو منهنجو عقيدو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فورٽ ايراضيءَ ۾ سنڌين جا ٿورا گھر هئا. اسانجو دڪان کليو تہ اُنهن کي خوشي ٿي. ملائيءَ يا ڇھري مال لاءِ ڪين پري وڃڻو نہ ٿي پيو. فورٽ ۾ ڪيترين سرڪاري چاهي خانگي آفيسون آهن، بئنڪون ۽ ڪسٽم آفيس آهي، پوسٽ آفيسون ۽ ريلوي آفيس آهي جن ۾ ڪيترا سنڌي نوڪريون ڪندا آهن. مارڪيٽ ويجھو هئڻ سبب سنڌي گھر ڏياٽيون ڀاڄيون پتيون وٺڻ وڃن تہ اسان وٽان بہ ڪجھہ نہ ڪجھہ تول وٺنديون وڃن.
ان سبب اسانجو دڪان لوڪپريہ ٿيندو ويو. اسان اگھہ بلڪل واجبي پئي ورتا. ٿورو ڪليو، گھڻي برقت تي عمل پئي ڪيو. ان سبب مڪاني گراهڪي پڻ وڌيل هئي. شام جو آفيسون بند ٿينديون هيون تہ اسان وٽ گراهڪن جي رش هوندي هئي. اسانجي وڌيل گراهڪي ڏسي ٻيا حلوائي حسد ڪرڻ لڳا ۽ پاڻ ۾ ٻِٽُ ٿي، اسانجي خلاف ٿي بيٺا. هنن بہ اسان جيان پنهنجي مال جا اگھہ گھٽائي ڇڏيا. ڪيترو عرصو ڪامپيٽيشن هلي پر آخر هو ٿڪجي پيا ۽ هڪ هڪ ٿي، پنهنجا دڪان وڪڻندا، فورٽ ايراضي ڇڏيندا ويا. اُنهن مان هڪ دڪان اسان خريد ڪيو، هڪ بيڪريءَ واري ورتو ۽ هڪ گيسٽ هائوس ٿي ويو.

بابا تمام سلو ڪاريگر هو. سندس هٿ ۾ جس هو. ملاين جا ڪيئي قسم ٺاهيندو هو. پڪوڙا بہ تمام سٺا ۽ سوادي ٺاهيندو هو، خاص طور سنڌي سنها پڪوڙا. اُنهن پڪوڙن ۽ ٿوم جي چٽڻيءَ سبب ٻنپهرن جو لنچ وقت ڪيترائي سنڌي اسان وٽ اچي بريڊ ۽ پڪوڙا چٽڻي کائي پيٽ ڀريندا هئا. اهڙيءَ طرح منهنجي ڪيترن ئي سنڌين سان واقفيت ٿي جنهن مان ڪيترن سان دوستي ٿي ويئي.

ڀڳوان امر منت ۾ آفيسر هو. چني آسراڻي امپائر لائيف انشورنس ڪمپنيءَ ۾ سينير ڪلارڪ هو. لعل ٻايہ مليٽريءَ ۾ انجنيئر هو. ڦيمتراءِ ۽ منومل بزنيس ڪندا هئا. جن جا گھر ويجھو هئا، اُنهن جا ٻار ايندا هئا، ۽ اُهي مون سان گھاٽل مائل ٿي ويا هئا.

اسانجي ويجھو سنڌين جون بہ پريسون هيون. هڪ پريس ٻلديو گاجرا جي ۽ ٻي مينگھراج ريجھواڻيءَ جي. گاجرا هفتيوار اخبار ڪڍندو هو - پارتواسي. ريجھواڻيءَ جي پريس مان، اُنهن ڏينهن سھٽي ڇپبي هئي، جنهن جو ايڊيٽر ٺاڪر چاولا هو. هندستان اخبار جي پريس ۽ آفيس بہ گھڻو پري ڪانہ هئي. اُن جو اسٽاف وي.ٽي. اسٽيشن تي لهي، اسان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ونان پڪوڙن جا ٻڙا ٻڌائي ولي ويندو هو، جيڪو سلسلو ڪيترا سال هليو. اسانجا بوندي مُرمرا بہ مشهور هئا. دادي جيلي سپاهيملاڻي موٽر ۾ منگهارام سان گڏجي ايندي هئي ۽ بوندي مرمرا ٻڌائي ولي ويندي هئي. هڪ دفعي گهر بہ گهرايو هئائين. مونکي پٽن جيان ڀانئيندي هئي. جن ڏينهن ٻامبي سينٽرل واري نوجيون ڪالوني پئي ٺهي مونکي ڪيترا دفعا چيائين تہ مان اُن ڪالونيءَ ۾ گهر نہ تہ دڪان بوڪ ڪرايان. مون پئسن ڪان لاچاري ڏيکاري هئي تہ سنيهہ وچان چيو هئائين ؛ تون دڪان بوڪ ڪراءِ، پئسا آهستي آهستي ڏج. ليڪن اسان پاڻ ۾ ايتري همت نہ ساري هئي. اُهو دڪان پوءِ گيتا ٻون وارن ورتو هو. ليڪن دادي جيلي سپاهيملاڻيءَ جون اُهي مهربانيون دل تي اُڪريل اٿم.

بيحد سستائيءَ جو زمانو هو اُهو. اسين هڪ آني جا پڪوڙا چاهي گانٺيا پاپڙي ڏيندا هئاسين جنهن ۾ چٽڻي ۽ تريل مرچ بہ وجهي ڏيندا هئاسون. انبڙين جي مند ۾ انبڙين جو ڪچومر بہ ڏيندا هئاسين. چني آسراڻي پڪوڙن ۽ چٽڻيءَ جي واکاڻ ٻڌي آيو هو. ٻي آني جا پڪوڙا ورتا هئائين. پر ڪائي نہ سگهيو هو. اُن بعد هميشهہ آني جا ئي پڪوڙا نہ تہ بوندي مرمرا وٺندو هو.

جڏهن ٿوري مهانگائي ٿي تہ اسان آني بجاءِ ڏهن پئسن جو مال ڏيڻ شروع ڪيو. اُنهن ئي ڏينهن ڏهن پئسن وارو سڪو بہ نڪتو هو. ليڪن ڪيترن گراهڪن وروڌ ڪيو ۽ چيو تہ ڪين آني جو مال ڏئي، چار پايون موٽائي ڏنيون وڃن. هڪ ۽ پوءِ ٻن پاين وارا سڪا بہ نڪتا هئا. اُن بعد پنجن پاين وارا چورس سڪا بہ نڪتا.

بابا وري اهڙو رحمدل جو چوي تہ گراهڪن کي ناراض نہ ڪريو. غريب گربي کي تہ ٽڪي جا پڪوڙا بہ ڏياريندو هو. مٿان گلاس ڀري پاڻي بہ پيئاريندن، اگر ڪو گهرندو هو تہ .....!

منت ۾ نوڪري ڪندڙ ڀڳوان امر سان دوستي ٿي ويئي هئي. هنجو گهر ڪلياڻ ڪئمپ ۾، چوٿين نمبر پوليس اسٽيشن جي سامهون هو. مان پنهنجي واري تي جڏهن چنچر ڏينهن گهر ويندو هوس تہ ٻئي ڏينهن سندس گهر ضرور ويندو هوس. آرتوار سبب هو گهر ۾ ئي هوندو هو. منهنجو اڌ ڏينهن اُتي ڪٽبو هو.

ڀڳوان سهڻو قداور جوان هو. هن ڏيتي ليتي ولي شادي ڪرڻ بجاءِ،

پنهنجي پسند جي، دهليءَ جي هڪ سنڌي ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي. اسين ٻئي سگهرا، ڪجهہ عرصو سيان - ڪوليواڙا سنڌي ڪالونيءَ ۾، هڪ ئي جاءِ ۾ گڏ رهياسين، مسواڙي بڻجي. جڏهن ڪيس پنهنجو سرڪاري ڪوارٽر مليو، هو اُن ۾ شفٽ ٿي ويو ۽ مان بہ ڪجهہ عرصي بعد گريٽ ويسٽرن بلڊنگ ۾ هليو آيس، ماءُ پيءُ ۽ ڀاءُ ڀاڄائيءَ سميت.

چني آسرانيءَ سان پڻ دوستي ٿي ويئي هئي جا اڄ تائين هلندي ٿي اچي. هو ساهتيہ پريمي هو. سنڌيءَ کان الاوا هندي، گجراتي ۽ انگريزي ساهت جا پستڪ بہ پڙهندو هو. اسين هڪٻئي کي ڪتاب ڏيندا وٺندا هئاسين. هو اصل شڪارپور جو آهي ليڪن پڙهيو لکيو ۽ پليو ڪراچيءَ ۾ آهي. سندس جيون سنگهرش پريو رهيو آهي. ننڍيءَ عمر ۾ ئي مٿس گهر جون جوابداريون پيئون ۽ پيءُ جي هوندي ڪيس نوي رپين جي نوڪري ڪرڻي پئي. ورهاڱي بعد بمبئيءَ ۾ ساڳي ڪمپنيءَ ۾ نوڪري ڪيائين ۽ رٽائرڊ ٿيڻ بعد ئي ڇڏيائين. جڏهن بنارس ۾ رهندڙ ڇوڪريءَ سان لائون لڳائين تہ پنهنجي نوورنيءَ نرملا سان منهنجي واقفيت ڪرائيندي چيائين، 'هيءَ منهنجو سڀُو مائٽ نہ هوندي بہ، مائٽن کان وڏيڪ آهي، ڀاءُ کان ويجهو عزيز آهي، ڏک سک ۾ هميشه شريڪ رهيو آهي.'

ڪنهن زماني ۾، گهرج وقت، سندس مائٽ ڪم نہ آيا هئا ۽ مون سندس ٿوري آرٿڪ مدد ڪئي هئي، جنهن لاءِ هو اڄ تائين منهنجا ٿورا مڃيندو آهي ۽ مونکي شرمسار ڪندو آهي. مان چوندو آهيانس تہ ضرورت وقت جيڪو ڪم اچي، اُهو ئي سچو دوست آهي ....

لعل پاپہ جو جيون اديت هو. هو پڙهيل ڳڙهيل خوبرو جوان هو. سندس پيءُ دهليءَ ۾ سرڪاري ڊاڪٽر هو - راڌا ڪشن باڪرو. اصل ۾ هو ڪيسواڻي هئا، روهڙيءَ جا هئا پر ڪراچيءَ ۾ ڊاڪٽر پاڻ کي باڪرو ڪوٺايو جا سندس نڪ هئي، تہ سندس وڏي پٽ لعل پاڻ کي پاپہ سڏايو. سندس ماءُ پاڻياڻي هئي ۽ سياه جي سخت هئي. سندس ننڍو ڀاءُ شيام پوءِ دهليءَ مان بمبئيءَ اچي رهيو جنهن سان دوستي ٿي ويئي هئي.

لعل پريم وواه ڪيو هو. ڇوڪري بيحد سندر هئي. هوءَ مڪسڊ بلڊ هئي. سندس ماءُ گجراتڻ ۽ پيءُ حيدرآبادي عامل هو. ڇوڪريءَ جو نالو آشا هو. سندس پتا سرڳواس ٿي ويو تہ ماٽس پالي، پڙهائي وڏو ڪيو. هن جي لعل سان ڪيئن ۽ ڪٿي ملاقات ٿي، مونکي ڄاڻ ڪانهي،

ليڪن اِها سڌ هئي تہ هنن لو مئريج ڪئي هئي. لعل جي ماءُ اِن شاديءَ جي خلاف هئي. تنهن ڪري هن آشا کي سڪن بجاءِ ڏک ئي ڏک ڏنا. ڪنهن وقت اگر هوءَ دريءَ کان بيهندي هئي تہ مٿس شامت اچي ويندي هئي. اُن بعد دريءَ جي پردي تہ لڏڻ بہ ڇڏي ڏنو هو. شام جو لعل کيس سمنڊ ڪناري گهمائڻ ولي ويندو هو. پر هن آشا جي ٻانهن مان پنهنجو هٿ ڪڏهن نہ ڪڍيو. هوءَ جڻ جهرڪي هئي جيڪا ڪڏهن بہ اُڏامي وڃڻي هئي – سوني پڃري ۾ قيد جهرڪي! بيحد ناهوڪي جوڙي هئي – ليڪن آشا هيسيل هئي ۽ لعل مدر ڪامپليڪس جو شڪار هو .....

دڪان بند ڪري ڪانپور، مون کي رات جو پڙهڻ جي عادت هئي. سنڌي، هندي يا اُردو ڪتاب پڙهڻ نيم بڻجي ويو هو. هڪ ڏينهن لعل جي گهر کم ڪندڙ سنڌي مائيءَ چيو، ' تو وٽ ڪو هندي ڪتاب هجي تہ ڏي، آشا کي پڙهڻو آهي.'

'آشا کي ڪيئن خبر پيئي تہ مون وٽ هندي ڪتاب آهن؟' مون هن کان پڇيو.

'تون روز رات جو پڙهندو آهين، هن توکي ڪتاب پڙهندو ڏٺو آهي.'

مون هن کي هندي ناول ڏنو جيڪو بينگاليءَ جو ترجمو هو. مون اُهو ناول مايا راهيءَ کان ترجمو ڪرائي ڇپايو هو – دَردُ ..... اُهو ناول هن ٻن ڏينهن ۾ پڙهي پورو ڪيو. پوءِ مون کيس ٻيو ناول موڪليو. اهڙيءَ طرح هوءَ مون وٽان ڪتاب گهرائي پڙهندي رهي، جيون گذاريندي رهي.

لعل ڏٺو ويلي تہ آشا دکي هئي، سندس ماءُ کيس ستائي رهي هئي. پر هو ماءُ کي ڪجهہ چئي نہ پئي سگهيو. هو اندر ئي اندر دکي هو. پوءِ هن آمريڪا وڃڻ جو فيصلو ڪيو. سلي ۾ پڪي نوڪري ڇڏي، آشا کي سال کن صبر جو آٿت ڏيئي، هو آمريڪا هليو ويو. اُهو هڪ سال آشا جو ڏاڍو ڏکيو گذريو. سسوٽس ايترو آزاريس جو هڪ دفعي سوسائيڊ ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويئي پر پوءِ ٻاڙ کي سنڀالي ورتائين ۽ اُهو لڪ لنگهي پار پيئي. مون کي ساٽس ڏاڍي همدردي هئي. شڪر جو هڪ سال بعد لعل کيس ٻاڙ وٽ گهرائي ورتو جتي هن سني ۽ نارمل زندگي گذاريندي اولاد کي جنم ڏنو. کيس پهرين ڌيءَ جائي جنهنجو نالو ڪوشليا رکيائون ...

منهنجي ڏسنديءِ ڏسنديءِ ڪيترن سنڌي گهرن جا ٻار وڏا ٿيا، نوڪرين ۽ ڌنڌن سان لڳا ۽ شاديون مراديون به ڪيائون. چوڌري ڪٽنب موڊي اِسٽريٽ ۾ رهندو هو. اُنهن جي ٻارن سان مترتا ٿي ويئي. اُنهن جا پٽ ۽ ڏيٽر ڏڪان تي ايندا رهندا هئا. هڪ ڏيءُ سونو، منهنجي پٽ چندر سان گڏ، موتي پرڪاش وٽ پڙهي چڪي آهي. ماڪيجا ڪٽنب جي وڏي نينگر راجيش سان گڏ منهنجو وڏو پٽ پرسو پڙهندو هو جنهن سان سندس دوستي قائم آهي. قيمتراءِ چندناڻيءَ جو گهر گاجرا جي پريس مٿان هو. ڪيس به ڏيٽر ۽ هڪ پٽ هو. پڳوان، جيڪو منهنجي عزت ڪندو هو، ڪندو آهي ۽ جڏهن ڪونج جاري ڪئي هئم ته هو اُن جو مئنيجر هو. اُن ئي ساڳيءَ بلڊنگ ۾ جڳان رٽرن منومل رهندو هو جنهن جون به شاديون ڪيل هيون ۽ ٻارن جي لانڊ هئس. سندس اُهي ٻار منهنجي سامهون وڏا ٿيا ۽ شاديون ڪندا ويا ...

- هڪ ٻيو ڪٽنب هو ونواڻي جيڪو گنبو اِسٽريٽ ۾، هڪ بلڊنگ جي ٽئين ماڙي تي رهندو هو. اُنهن وٽ ڪجهه عرصو ڪيرت ٻاٻائي ۽ سويتا پيلي مسواڙي ٿي رهي چڪا آهن. اُن ڪٽنب جي مرد کي اِسٽيٽ ايجنسي هئي، زال هئي جيڪا گهر سنڀاليندي هئي ۽ ٻه پٽ هئا جيڪي پڙهي رهيا هئا. زال ساهت پريمڻ ته هئي پر ڏاڍي پڪي به هئي. هن ڪڏهن به هڪ آني ڪان وڌيڪ پڪوڙا يا بوندي مرمرا نه ورتا. مان چوانس : پيڻ، مهنگائي ڏس، گهٽ ۾ گهٽ ڏهن پئسن جي شيءِ ته وٺ. ته چوندي : ٻاءُ ٿيو آهين، پيڻ کي آني جي شيءِ به نٿو ڏين! سندس هڪ پٽ گهر ڇڏي ڀڄي ويو. ڪيس ڏاڍو ڳولهيائين پر هو ڪجهه سالن بعد ٻاڻ مرادو موٽي آيو ۽ هڪ پارسي ڇوڪريءَ سان لو مئريج ڪيائين.

هڪ شوداساڻي ڪٽنب هو. زال مڙس ۽ ڏيءُ پٽ. عامل هئا. شوداساڻي ٻاڻ بلڪل نيڪ پرش هو. زال فئشنبل هئي. ڏيءُ رتنا سهڻي ۽ فلم ائڪٽريس بڻجڻ جي خواهان هئي. پٽ چرٻٽ ۽ اڌ مغزي هو.

رتنا قد جي بندري ليڪن سندس وار سنهري ۽ ڊگها هئا. مهانڊا سٺا هئس. هوءَ ڪڏهن ماءُ سان گڏ ته ڪڏهن پيءُ سان گڏجي ايندي هئي ته مان کيس چوندو هوس : 'رتنا، تون تمام سهڻي آهين. توکي هيروئن ضرور بڻجڻ گهرجي!' هوءَ خوش ٿيندي هئي. ادا ڏيڪاري چوندي هئي، 'ڪوشش ڪريان پيئي، نصيب ۾ هوندو ته هڪ نه هڪ ڏينهن ضرور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيروئن بڻجنديس ...!

’ضرور ڪوشش ڪجانءِ، ڪوشش ڪرڻ سان ئي سڦلتا ملندي آهي‘ مون ڪيس همٿ ڏياري هئي.

هڪ ڏينهن رتنا جو ڇرياڻ پاڻ مون وٽ هڪ چلي کڻي آيو. رتنا لکيو هو : هڪ پروڊيوسر مون کان الڳ الڳ پوز ۾ ڪلوز اپ جا فوٽا گهريا آهن. تون منهنجي ٿوري مدد ڪر، مونکي ٻه ٽي سؤ رپيا اُڌارا ڏي تہ جيئن مان فوٽا ڪڍائي سگهان. پئسن جو بندوبست ٿئي تہ تون پاڻ شام جو گهر ڏئي وڃج.

پئسا گهٽا هئا ليڪن ايترن پئسن سان اگر رتنا جو ڪم ٿي وڃي تہ مان ايترا پئسا ڪيس ضرور ڏيندس. آخر اوڌر ڏيڻ ۾ حرج ئي ڪهڙو آهي؟ ڪڏهن نہ ڪڏهن تہ واپس ڪندي ئي ...

شام جو ٽي سؤ رپيا کيسي ۾ وجهي مان رتنا جي گهر ويس. هوءَ گهٽو پري نہ رهندي هئي. دروازو هن پاڻ کوليو. مان اندر داخل ٿيس تہ هن دروازو بند ڪري ڇڏيو. مان صوفا تي وڃي ويٺس. هيڏانهن هوڏانهن نهاريم. مونکي سندس ماءُ پيءُ ۽ ڀاءُ نظر نہ آيا. مون رتنا کان پڇيو، ’ممي، ڊئڊي ۽ تنهنجو ڀاءُ نظر نہ پيا اچن؟‘

رتنا ويجهو اچي چيو،’ممي ڊئڊي هواخوريءَ لاءِ مرين ڊرائيو ويا آهن. ڀاءُ بہ اُنهن سان گڏجي ويو آهي.‘

’تون ڪانہ ويئين؟‘

’مونکي تنهنجو اِنتظار هو. مون کي خاطري هئي تون مونکي پئسا ڏيڻ ايندين.‘

’ڪڏهن واپس ڪنديئن؟‘

’جيئن ئي فلم جو ڪانٽريڪٽ صحي ڪيم، سائننگ اماؤنٽ مان توکي پئسا واپس ڪنديس ...!‘

’۽ جي فلم ڪانہ مليئہ تہ؟‘

’ائين نہ چئہ. مون کي فلم ضرور ملندي. ٻن ٽن پروڊيوسرن خاطري ڏني آهي. هنن مون کان ڪلوز اپ گهريا آهن ...‘

اُنهيءَ وقت رتنا هڪ اهڙي حرڪت ڪري ويلي جنهن لاءِ مان بلڪل تيار نہ هوس. هوءَ منهنجي ويجهو بيلي هئي. اُمالڪ منهنجو هٿ جهلي پنهنجي سيني تائين کڻي ويئي. منهنجي دل جي ڌڙڪڻ وڌي ويئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان صوفا تان اُٿي بيلس ۽ رتنا جي منهن ۾ گهوري نهارڻ لڳس.

اِهو ئي هڪ هنيار آهي عورت وٽ جنهن سان هوءَ هميشه مرد کي نوائيندي آئي آهي، زير ڪندي آهي - وشوامتر کان وٺي ڪيترا رشي مني ۽ يوگي پنهنجو تپ ڀنگ ڪندا آيا آهن، مينڪائن جي سونهن ـــ جار ۾ ڦاسندا آيا آهن ...!

ليڪن مان وشوامتر نه آهيان جو گهڙيءَ پل جي سک خاطر پنهنجي تپسيا ڀنگ ڪريان ...؟ پوءِ ته منهنجو الائي گهڻا دفعا چير هرڻ ٿيو هجي ها ...! مان اگر چاهيان ها ته پنهنجي پريميڪا مدوءَ جو رس - پان ڪري سگهيس ٿي ... ڪير جو گرم گلاس ڳيت ڊيئي پي سگهيس ٿي ... پر مون ائين نه ڪيو ۽ پاڻ کي سنجم ۾ رکيو هوم ...! هينئر به مان پاڻ تي ضابطو رکندس ۽ ڏڌ جي ڪٽوريءَ کي لبن سان نه لڳائيندس ...

منهنجون نگاهون شوخ ٿي ويئون. رتنا جي هٿن مان پنهنجو هٿ آزاد ڪرائي ورتم ۽ ڪيسي مان پئسا ڪڍي، سندس هٿ ۾ ڏيئي چيم، 'رتنا، تون پليل آهين ... مان اُهو سؤداگر نه آهيان جيڪو مؤر کان اڳه وياج وصول ڪندو آهي ...!'

مون پوئتي مڙي نهارڻ کان سواءِ دروازو کوليو ۽ هيٺ لهي آيس.

رتنا کي هڪ وڏي بجيٽ واري فلم ۾ هيروئن جو رول مليو ليڪن سندس ڪمنصيبي جو اُها فلم مڪمل نه ٿي سگهي. اُها فلم ڪمپليٽ ٿئي ها ته هوءَ ٽاپ ڪلاس جي هيروئن هجي ها. اُن فلم جو هيرو هاليووڊ جو هندستاني صابو هو ...! اُن بعد ڪيترائي پروڊيوسر، رتنا جي گهر جا ڦيرا پائيندا رهيا ليڪن هنجي دل ٽٽي پيئي ۽ هوءَ هميشه لاءِ آمريڪا هلي ويئي جتي هڪ آئمريڪن جوان سان شادي ڪيائين.

ڪي آدرش آهن جي نندپڻ کان منهنجي من ۽ ذهن ۾ آسڻ جمائي ويٺا آهن. اُهي سنسڪار شايد تمام گهرو ويل آهن. اُنهن کان ڇوٽڪاري جون، مڪتيءَ جون، ٿوريون گهڻيون ڪوششون ڪيم پر ڪامياب نه ٿيس. استرين طرف پنهنجي نظر کي بدلائي نه سگهيس.

ليڪن اِن جو اُهو مطلب نه هو ته مان ڪو ساڌو سنت هوس، رکو روح هوس. سونهن جي ڪشش ٿيندي هئي، ٿيندي آهي، ليڪن سونهن ماڻڻ جو منهنجو پنهنجو انداز آهي، پنهنجي پسندگي آهي، ائين جيئن ڪنهن آرٽ گئلريءَ ۾ ڪا سٺي پئنٽنگ ڏسجي ته ڏسندو ئي رهجي؛

ڪا سلي رچنا پڙهجي، ڪنهن معصوم ٻار جي مُرڪ پسجي، ڪو سڳنڌي ڦول ٽڙيل ڏسجي يا مندر ۾ آرتي ٻڌي اکيون ٻوٽجي وڃن ...!

مون ناري ديهيءَ کي الڳ الڳ ڪنڊن کان ڏٺو آهي. اُن کي ڏسي قادر جي قدرت جي ساراهه ڪئي اٿم. اُهي ڏسي منهنجي من ۾ واسنا بجاءِ، انوراڳ پئدا ٿيو آهي، اُهو انوراڳ جيڪو راڳ ۽ راڳڻيون ٻڌي من ۾ پئدا ٿيندو آهي.

گنگا اشنان ڪندي مون ناري ديهه جي سُڊولتا ڏٺي آهي. هڪ دفعي جوهو بيچ تي هڪ ڀُوتيءَ کي ڪاسٽيوم لباس ۾، سمنڊ جي ڇولين سان گڏ ڇوليون ماريندو ڏٺم تہ ڏسندو ئي رهجي ويس. منهنجون نگاهون هن جي ديهہ تي ائين ڄمي ويئون هيون ڄڻ اُهي فيويڪول سان چنبڙيل هيون. اُها ديهہ جسماني سونهن جو بي مثال مجسمو هو. هڪ دفعي بس ۾ سفر پئي ڪيم تہ منهنجي نظر، منهنجي اڳيان ويٺل هڪ وينگس تي وڃي پيئي. اڇي ريشمي ساڙهي پهريل هئس. مان هن کي روبرو ڏسڻ لاءِ بي تاب ٿي پيس. انڪري پنهنجي اسٽاپ تي نہ لهي هن واري اسٽاپ تي وڃي لٿس. سندس شبيهہ ڏسي ڪرتارٿ ٿي ويس. هن جي سانوري صورت اکين ۾ سمائي پنهنجي ماڳ موٽي آيس.

هوجمالو جي شوٽنگ لاءِ راجستان ويا هئاسين. اُتي هڪ ڳوٺڙيءَ ۾ شوٽنگ پئي ڪئيسون. ڪيترا ڳوٺاڻا شوٽنگ ڏسي رهيا هئا. ڪي راجستاني زالون ننڍڙن گهرن جي ڪوٺن تان بيهي شوٽنگ ڏسي رهيون هيون. اوچتو منهنجي نظر هڪ راجستاني گوجر تي وڃي پيئي. اُها ڄڻ ڀڳوان ڪپور جي پئنٽنگ هئي. مان ورو ور اوڏانهن نهارڻ لڳس. اُها گوجر شڪجي، اُتان هلي ويئي. ليڪن مان رهي نہ سگهيس، هنجي ڪڍ، اُن ڪڏ تي وڃ پهتس. اُتي ڪير ڪونہ هو. اُتي هڪ مور جو کنڀ پيو هو. مون من ئي من مرڪيو ۽ اُن مورنيءَ جو اُهو ميور پنک کڻي يونٽ ۾ موٽي آيس.

هڪ ڏينهن دڪان تي هڪ بينگالڻ ڇوڪري آئي. غضب جون اکيون هئس. مرڪ بہ دلفريب هئس. مان کيس ڏسي موڳو مٽر بڻجي ويس. پڇيائين، 'شڪر پارا اٿوَ؟'

اسين شڪر پارا نہ ٺاهيندا هئاسين.

'نمڪ پارا آهن.' مون کيس ٻڌايو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرڪندي چيائين، ’شڪر پارا ڇو ڪين ٿا ڪاهيون؟‘
مون وراڻي ڏنس، ’آرڊر تي ڪاهي ڏيندا آهيون.‘
’مونکي گهڻا ٿوروئي گهرجن، پاءُ ڪن گهرجن!‘
’ٺيڪ آهي، توکي سڀاڻي شڪر پارا ملي ويندا.‘

ٻئي ڏينهن هوءَ آئي ته مون شڪر پارا ٺهرائي رکيا هئا. پوءِ هوءَ روز اچڻ لڳي. فورٽ مارڪيٽ مان ڀاڄيون وٺي، هوءَ اسان وٽان ڪجهه نه ڪجهه وٺي ويندي هئي. سندس وڏي ڀيڻ ۽ اُن جي ننڍي ڌيءَ پڻ ڪڏهن ڪڏهن ساڻس گڏ هوندي هئي. پوءِ خبر پيئي ته هوءِ بنگلا ڀاشي ڪرسچن هئي. ڪيترن مهنن تائين اسان وٽ ايندي رهي. سندس نالو ٿي شڪر پارا رکي ڇڏيوسون. پريان ڏسبي هئي ته نوڪر چيڙائي چوندا هئا : اچيو پيئي شڪر پارا .....

اُن شڪر پارا جي اکين ۽ مرڪ جي هاڪ ليور برڊرس وارن وٽ به پهچي ويئي. هڪ ڏينهن هوءَ ڊالڊا گيهه جي دٻن تي ليبل جي روپ ۾، ماڊل بڻجي ڇپجي آئي.

اهو ته ٿيو اکين جو ڏيءُ. دل جي تسڪين. ليڪن خيرو پنهنجيءَ ته اصل حد ڪري ڇڏي. منهنجي سندس پاءُ سان ٿوري گهڻي دوستي هئي. سندن گهر مودي اسٽريٽ ۾ هو. اسين هڪٻئي کي اُردو ڪتاب پڙهائيندا هئاسين. هن جي ڀيڻ خيرو اُردو مخزنون پڙهندي هئي جي مان سندس پاءُ کان وٺي پڙهندو هوس. هڪ دفعي هن هڪ مخزن ۾ منهنجي نالي چٺي لکي وڌي. لکيائين ته اڄ شام مان ساڻس فلاڻي هنڌ گڏجان. الائي ڪهڙو ڪم هوس مون ۾؟

پهرين سوچيم ڪونه ٿو وڃان. پر پوءِ ساڻس ملڻ ويس. ليڪن هوءَ آئي ئي ڪانه! مون ڪلاڪ کن راهه ڏٺي، پوءِ موٽي آيس. ڏاڍو خفي ٿيس. ٻه ڏينهن دڪان تي به ڪانه آئي. مونکي ٿورو فڪر ٿي پيو. ڪٿي بيمار ته نه ٿي پيئي هئي؟

هڪ ڏينهن مان سندس گهر جي سامهون وڃي بيلس. سوچيم هوءَ دريءَ وٽ ايندي ته اشاري سان سندس خيريت پڇندس. پر هوءَ دريءَ تائين ڪانه آئي. چؤماسي جا ڏينهن هئا، برسات اچي پيئي. مان مينهن ۾ پسي ويس. ٻه ڏينهن سردي زڪام سبب گهر پيو رهيس. جڏهن ٺيڪ ٿي دڪان تي آيس ته خبر پيئي هو اُها جاءِ ڇڏي هليا ويا هئا.

گهڻا سال پوءِ، هڪ ڏينهن ٻي - اين روڊ ڪراس ڪري رهيو هوس ته هڪ ڇوڪري سامهون اچي، هٿ وارو ٻهو ڪڙڪائڻ لڳي. مون ڏيان نه ڏنو ته هن وري ڪڙڪايو، اڳ کان زور سان ..... ٻڌم : اڄ جهنبا دوس آهي، ٻهي ۾ ڪجهه نه ڪجهه ضرور وجهو.

مون کيسي مان رپئي وارو نوٽ ڪڍي، ٻهي ۾ وجهڻ لاءِ هٿ وڌايو ته ڇوڪريءَ جي چهري تي نظر پئجي ويئي. اُها خيرو پلاٽي هئي.

منهنجي منهن مان اُمالڪ نڪري ويو، 'اڙي خيرو تون!'

'ها جناب، مان .....! شڪر، سڃاتي ته ويس ...'

'پر تون هيترا سال هئين ڪٿي؟'

'اتي ئي تنهنجي بمبئيءَ ۾!'

'تون ته ڪافي ٿلهي ٿي ويئي آهين.'

'ايتري ٿلهي ته ڪانه آهيان.' هوءَ مرڪڻ لڳي.

'کاڌيءَ جا ڪپڙا پاتا اٿيئي. ڪانگريس ۾ شامل ٿي آهين ڇا؟'

'سڀ ڪجهه بيلي بيلي پڇندين يا ڪٿي ويهي هلي پڇندين؟'

اسين هڪ ويجهي ريسٽارنٽ ۾ وڃي ويٺاسين.

خبرون چارون پڇڻ تي بنا حجاب چيائين، 'منهنجو توسان عشق ٿي ويو هو. اُن شام توکي اهو ٻڌائڻ پئي چاهيم پر ڳالهه پڌري ٿي پيئي. ادا ۽ ابوءَ ڏاڍي ڪاوڙ ڪئي. پوءِ اُهو گهر ئي ڇڏي ڏنائون. انڌيريءَ پاسي وڃي رهياسون. پهرين مونکي خبردار ڪيائون ته متان ڪا حرڪت ڪريان. پوءِ شاديءَ لاءِ زور پريائون ليڪن مون شاديءَ کان صاف انڪار ڪيو. آخر تائين مون سندن ڳالهه نه مڃي. ڇو مڃيان سندن ڳالهه؟ ڇا اسانجي پنهنجي ڪا خواهش ڪانهي.....؟'

'ليڪن ڳهيلي، مان ته شادي شده هوس!'

'سو ڇا ٿي پيو؟ پيار ۾ اهو ڏسجي ته باقي پيار ڇاجو ٿيو؟'

'هڪ طرفي پيار جو مطلب ئي ڪهڙو؟'

'مون ته توکي پنهنجي عشق جي باري ۾ ٻڌائڻ پئي چاهيو. بس، ايترو ئي پئي چاهيم ته توکي ٻڌائي ڇڏيان ...!'

'اهو عشق نه، ديوانگي آهي!'

'عشق جو ٻيو نالو ديوانگي آهي ...!'

مون ڪلندي چيو، 'سچ پچ تو جهڙين ڇوڪرين کي رومانوي ناول

پڙهڻ نہ گهرجن. توهين ڇوڪريون جذبات ۾ لڙهي ٿيون وڃو.‘

’واه جناب، واه! اهڙا ناول پڙهايا به اوهان ۽ هينئر اُهي نہ پڙهڻ جي هدايت بہ توهان ئي ڪري رهيا آهيو!‘

’مونکي ڪهڙي خبر تہ تنهنجي دل اهڙي آهي .....‘ ڳالهہ اڏ ۾ ڪٽي پڇيومانس، ’پر هڏاء تہ هينئر ڪندي ڇا آهين؟‘

’سوشل ورڪ ڪندي آهيان. غريبن ۽ گهرجائن جي مدد ڪندي آهيان.‘

’اها تہ فراريت آهي. زندگيءَ کان منهن موڙڻ آهي. ائين سڄي زندگي ڪيئن گذرندي؟‘

’زندگيءَ ۾ باقي بچيو ئي ڇا جنهن جو فڪر ڪجي!‘

’ايتري نراشا ٺيڪ نہ آهي. اسان کي حقيقت شناس ٿيڻ گهرجي.‘

’جڏهن ڪا آس ئي نہ رهي تہ باقي ڪنهنجي لاءِ حقيقت شناس ٿجي؟‘

’اها نفرت آهي، بغاوت آهي، پر ڪنهن کان، اهو تون نٿي ڄاڻين!‘

’توسان ملڻ ۾ مون ڪو گناه تہ ڪونہ ٿي ڪيو. ليڪن مونکي اُن جي سزا ڏني ويئي. مونکي ماريو ويو. ۽ مون قسم کاڌو تہ مان ڪنهن بہ مرد جي غلامي قبول ڪانہ ڪنديس .....!‘ هن جو اهڙو محڪم ارادو ڏسي منهنجي دل ۾ هن لاءِ عزت ۽ احترام وڌي ويو. مون ڪيرو ڀلاٽيءَ جهڙيون بهادر ڇوڪريون تمام گهٽ ڏٺيون آهن. اُن جي ڀيٽ ۾ ڪمزور ۽ هيٺيون ڇوڪريون گهڻيون ئي ڏٺيون اٿم جيئن رتنا هئي جيڪا فلم ائڪٽريس بڻجڻ لاءِ پنهنجو قيمتي سرمايو لٽائڻ لاءِ تيار هئي ...!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ٽيون

ادب جي راهہ ۾ ....

١٩٥١ع تائين مان بلڪل ڪورو ڪاغذ هوس. اُن ڪاغذ تي ساهت جو هڪ بہ حرف لکيو نہ ويو هو. ننڍي هوندي ڏورا ڪي روندا روڙيا هئم پر اُنهن ڪي ڪا معنيٰ ڪانہ هئي. هڪ دوست پنجوءِ سان گڏجي هڪ جاسوسي ناول لکيو هوم جنهنجو نالو 'خوني ٽارچ' رکيو هئوسون. اُن ۾ بلئڪ جاسوس ۽ رائمرڪيو بدمعاش هو. اُهو ناول اسان شاگردن هڪٻئي کي پڙهايو هو.

پوءِ مان شرت چندر جي پناري پيس. مون اُن جي ڪڏ نہ ڇڏي. اُهو مون سان هميشهہ گڏ رهيو - لاڙڪاڻي ۾ بہ تہ هردوار ۾ پڻ. منهنجي بمبئيءِ واري شخصي لائبرريءِ ۾ شرت بابوءَ جو سمورو ساهت موجود هو، جيڪو مون ڪئمپ ۾، ۽ بمبئيءِ جي ساهت پريمين کي پڙهائي، وڃائي ڇڏيو. ڪاش اُن وقت مان نارايڻ پارتيءِ جيان ڪتابن ڏيڻ جي معاملي ۾ پڪو ۽ ڪنجوس هجان ها!

مينگهراج ريجهواڻيءِ جي پريس ۾ ڇپجندڙ ٺاڪر چاولا جي سهڻيءِ جي سنوار سنڀال سندس ننڍي ڀاءُ جيوت چاول مٿان هئي. جيوت چاولا سان منهنجي سڃاڻپ دوستي ۾ بدلجي ويئي. هن سان ڪچهريون ڪندي سنڌي ساهت، خاص طور ترقي پسند ساهت ۽ ساهتڪارن سان ڏيٺ ويٺ ٿي جن مان سگن آهوجا ۽ ديوداس موٽواڻيءِ سان بہ دوستي ڳنڍجي ويئي.

اُن زماني ۾ يعنيٰ ٥٦ - ٥٧ ۾، سگن آهوجا ۽ ڪي ٻيا ليکڪ دوست اُلهاسنگر مان نوڪريءَ لاءِ ايندا هئا. مان لوڪل ٽرين پهچڻ وقت وي. ٽي. اسٽيشن تي ويندو هوس. اسين سڀ گڏجي ريلوي جي ڪئفيٽيريا ۾ ويهي چانهہ پيئندا هئاسين ۽ ادبي ڪچهريون پڻ ڪندا هئاسين. اُن بعد هرڪو پنهنجي پنهنجي دفتر روانو ٿي ويندو هو. اُنهن گڏجياڻين مان اِهو فائدو هو تہ تازا ترين احوال ملندو هو تہ فلاڻي اديب ڇا لکيو، فلاڻي شاعر ڪهڙو شعر چيو آهي. اُنهن ڏينهن، جڏهن اجان اُلهاسنگر ڪلياڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪئمپ سڏبو هو، اُتي اديبن جو وڏو لڏو هو جيئن بمبئي ۾ هو ۽ مجهن رابطو تہ هو ئي، مٺ محبت پڻ هئي.

بمبئي ۾ هفتيوار سنڌي ساهت منڊل جو ڪلاس لڳندو هو. مون شگن آهوجا جي چوڻ تي اُن ادبي ڪلاس ۾ وڃڻ شروع ڪيو. شگن آهوجا بہ اُن ڪلاس ۾ ايندو هو ليڪن جيوت چاولا ۽ ديوداس ڪونہ ايندا هئا. صرف هڪ دفعو ديوداس مونسان گڏجي پيدل روڊ واري ڪلاس ۾ هليو هو.

اُن سمي ترقي پسند ليکڪن ۾ بہ ڏڙا ٿي ويا هئا. هڪ ڏڙو اسٽالنوادي هو ۽ ٻيو ڏڙو ڪميونسٽ پارٽيءَ جي بدلجندڙ نيتين تي هلندو هو. پهرين ڌڙي ۾ جيوت چاولا ۽ سندس ساٿي هئا ۽ ٻئي ڌڙي ۾ ترقي پسند ترمورتي ڪيرت، اُتم ۽ مالهي هئا. انهن ٻنهي گروپن جي وچ ۾ سرد جنگ جاري هئي. مونکي ان جنگ جي ڪا ڄاڻ ڪانہ هئي. پوءِ ڄاڻ پيئي جڏهن مون ۽ جيوت گڏجي منلو جو 'بدنام ليکڪ' ڇپايو. اُن ڪتاب ۾ جيوت چاولا جو هڪ مضمون ڇپيو جيڪو ترقي پسند ترمورتيءَ خلاف هو. ديوداس جي ڪهاڻي 'شرم جو اظهار' بہ ڇپي جيڪا اُتم خلاف هئي. اُن وقت انهن ترقي پسند ليکڪن جي جهيڙي جو شڪار مان ٿيس، ٿيندو رهيس ۽ اڄا تائين ٿيندو رهان ٿو جيئن اڳتي هلي منهنجي هن آتم ڪٿا مان ظاهر ٿيندو.

ادبي منڊل جو پريزيڊنٽ پروفيسر منگهارام ملڪاڻي هو ليڪن ڪلاس ۾ ترقي پسند اديبن جو غلبو هو. ليکڪ ۽ شاعر پنهنجون رچنائون پڙهندا هئا، جن تي ٽيڪا ٽپڻي ٿيندي هئي.

بمبئيءَ واري ادبي ڪلاس ڪانپوءِ مون ڪئمپ واري هفتيوار اديبن جي گڏجاڻيءَ ۾ بہ وڃڻ شروع ڪيو. بمبئيءَ ۾ ڇنڇر ڏينهن ۽ ڪلياڻ ڪئمپ ۾ آرتوار ڏينهن گڏجاڻي ٿيندي هئي. اُن جو پريزيڊنٽ پرسرام ضيا هو.

مان جڏهن پهريون دفعو اُن ميڙ ۾ ويو هوس تہ دروازي ٻاهران ارجن شاد گڏيو هو جيڪو ٽن ڏينهن ڪئمپ ۾ ئي رهندو هو. هو ايترو نفاست پسند هو جو اُس جي بچاءَ ڪان ڇلي ڳولي بيلو هو. مون سان نهايت قرب سان ڳالهايائين ۽ پڇيائين تہ ڇا مان پهريون دفعو هن ڪلاس ۾ آيو هوس؟ مون مرڪندي هائو ڪئي هئي ۽ اهڙيءَ طرح اسان جو سنبنڌ جڙيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو جيڪو ڏيري ڏيري پڪو پختو ٿيندو ويو هو — ادبي ڪلاس ڪان جئہ هند ڪاليج ٿائين، جتي هو سنڌيءَ جو پروفيسر هو؛ اُتان ڪان يونيورسٽي ڪئمپس تائين، جتي هو سنڌي ڊپارٽمينٽ جو ريڊر مقرر ٿيل هو؛ ۽ اڄ هو ڪونج ۾ منهنجو بانهہ ٻيلي آهي. هو برک تعليمدان تہ آهي ئي، مشهور شاعر تہ آهي ئي، سندس تخلص شاد تہ آهي ئي، هو دل جو بہ شاہ ۽ شاد آهي. منهنجون لکڻيون پڙهي اُنهن جي ساراہ ڪندو آهي. اهڙيءَ طرح منهنجو اُتساہ وڌائيندو رهندو آهي.

ڪئمپ واري ڪلاس ۾ مان لعل پشپ لاءِ ديوداس موٽواڻيءَ جي هڪ چلي ڪٽي ويو هوس. بدنام ليکڪ ڪتاب ۾ ڇپيل ديوداس جي 'شرم جو اظهار' ڪهاڻيءَ تي ڪافي واد وواد ٿيو هو. لعل پشپ بہ اُن تي رائزني ڪئي هئي. ديوداس اُن جو جواب لکي ڪيس موڪليو هو. اُن گڏجاڻيءَ ۾ ڪئمپ جي ٻين ڪيترن اديبن سان واقفيت ٿي هئي جن مان اڳتي هلي ڪي منهنجا متر تہ ڪي شترو بڻيا هئا.

بمبئيءَ واري ساهت منڊل جو سيڪريٽري اُتم هو جنهن جي هٿ ۾ نئي دنيا مخزن هئي. ڪيترا ليکڪ اُتم جي خوشنودي حاصل ڪرڻ چاهيندا هئا جيئن سندن رچنائون نئي دنيا مخزن ۾ ڇپجي سگهن. اُن لاءِ هو هر طرح جو ڪامپرومائيز ڪندا هئا. جيئن اُتم چوندن تيئن رچنا جي وڍ ڪُٽ، ڦير ڦار ڪندا هئا. ائين چوڻ ۾ وڏائي نہ ٿيندو تہ ترقي پسند اُتم، نئي دنيا جو ايڊيٽر اُتم، ڏوليءَ ۾ ويهي لڏندو هو ۽ نول اديب سندن ڏوليءَ کي لوڏي سرخرو ٿيندا هئا، لقب وٺندا هئا، جنهن موجب هو سٺا ۽ بهترين ليکڪ چورائيندا هئا!

ليکڪن جو پڪنڪون ۽ ايسڪريشنيون ٿينديون هيون جن ۾ هر خيال ۽ ويچار جو اديب شامل ٿيندو هو. ليکڪن جي پاڻ ۾ نوڪ جهوڪ ٿيندي هئي جا ماڻڪ جهڙي هوندي هئي. مشاعري بجاءِ مشاعري ٿيندي هئي، جنهن ۾ بيت بازي ٿيندي هئي.

مان اهڙين ٻن پڪنڪن ۾ شامل ٿيو هوس — هڪ ڪنڊالا واري ۽ ٻي مُمبرا واري ايسڪريشن ۾. ٻئي يادگار هيون. ڪنڊالا واري پڪنڪ هڪ بنگلي ۾ هئي ۽ مُمبرا واري ٻيڙين ۾، چانڊوڪي رات ۾....

مُمبرا واري ايسڪريشن جا ستارا هئا .... پروفيسر منگهارام ملڪاڻي، سُگن آهوجا، موهن ڪلپنا ۽ سُندري اُتمچنداڻي .....

تنهن وقت تائين مان گهٽ ليڪن جي صحبت ۾ نه آيو هوس. سڀ آهوجا جي چوڪ تي اِنهن هنهي شغلن ۾ شامل ٿيو هوس. ڪندلا واري پڪنڪ تائين 'بدنام ليڪ' ظاهر ٿي چڪو هو جنهن سبب اُتم جو رويو مون طرف غيردوستاڻو هو، هلندو رهيو، هلندو اچي پيو ......

مان صبح جو ڇهين بجي اُٿڻ جو آدي آهيان، ڪندلا ۾ پڻ صبح جو سويل جاڳ ٿي هئي. برش ڪري، رنڌٽي ۾ وڃي چانهه ناهڻ لڳس. لڪميچند 'چارمس' وارو پڻ جاڳيو هو. چيائين، منهنجي لاءِ به هڪ ڪوپ ٺاهين ته وڏي مهرباني. مون، اسان هنهي لاءِ چانهه ٺاهي. پوءِ بيا به پنج ست ڪوپ ٺاهي ورتم جو ڏنم ته ٻاهر لان ۾ ڪلا پرڪاش ويلي ڪجهه لکيو. مان چانهه جو هڪ ڪوپ کڻي وٽس ويس ته صبح جي تازي هير جيان مرڪي، مهرباني مڃيائين. کيمچند هڪ ڪوپ ٻيو به گهريو. ٻه پيالا کڻي هال ۾ اُتم ۽ سندريءَ کي ڏيئي موٽيس پئي ته سندريءَ جو جهيڻو آواز ڪن تي پيو. منهنجا ڪن بيحد سرلا آهن. سندريءَ اُتم کي چيو: توهان جي هڪ سٽڻ ۽ خميص هن کي ڏيان.

اِهو مون طرف اِشارو هو جو مون ڪپڙا ٿورا آندا هئا ۽ اُن وقت مونکي ٻت تي گنجي ۽ هيلتي نوال ٻڌل هو.

اُتم چينبيندي چيس : ماٺ ڪر، هر ڪنهن سان پيئي همدردي ڏيکارين. خبر ڪانه اٿيئي ته هيءُ اسانجي دشمن جو دوست آهي ....!

اِهو چيوت چاولا طرف اِشارو هو.

ڪندلا واري پڪنڪ ۾ گهٽي ۾ گهٽو وندرايو سڀ آهوجا، ڪرشن راهي ۽ موهن ڪلپنا. هن ترمورتيءَ ادبي چرچن ۽ بيت بازيءَ سان خوب کلايو ۽ وندرايو رات جو دير تائين ....

اهڙي ئي يادگار ايسڪريشن هئي اُها ممبرا واري. اُها ممبرا جي ڪاڙيءَ کان شروع ٿي، پرڀات وقت، ڪلياڻ وٽ، ڪاڙيءَ جي ڪپر تي پوري ٿي هئي. سڄي رات، ٻيڙين ۽ ڪل ڪل، ٽهڪڙا ۽ چرچا گهڻا هلندا رهيا هئا. سڀ مؤڊ ۾ ۽ ٻؤد ۾ هئا — پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ سميت ....

اُن ايسڪريشن جي رپورتاج موهن ڪلپنا لکي هئي جيڪا ڪونج جي ٻن پرچن ۾ شايع ٿيل آهي. موهن ڪلپنا کي رپورتاج لکڻ جو انوکو ڏانءُ هو. هن گويا آندولن تي هڪ رپورتاج لکي هئي جنهنکي سرو ڏنو هئائين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ اڃان رات باقي آهي. اُها رپورتاج پڙهي مان موهن ڪلپنا جو مداح ٿيو هوس.

مون تي جو شرت چندر جو اثر هو تہ بنگ پومي ڏسڻ لاءِ ڪلڪتي وڃي پهتس. اُتي مون شرت جي پاترن کي ڳولهڻ شروع ڪيو. ٻہ ڏينهن سوٽ بوٽ پائي ڪلڪتي شهر جا چڪر ڏنم. چورنگي، شيڪسپيئر سارني، بوٽانيڪل گارڊن، بڙا بزار، بهو بزار، چائنا بزار ۽ نيو مارڪيٽ ڏٺم. ڪالي گهاٽ بہ ويس. پر مونکي من مطابق ڪردار نہ مليا. پوءِ ويس بدلائي، ڌوتي ڪرتو ۽ پيرن ۾ چمپل پائي، ڪلڪتي جون گهٽيون، ڪوچا، محلا ۽ ڳوٺڙا ڏٺم جتي البت ڪي پاتر نظر آيا. بينگالي جن جيون آهي ئي انهن گهٽين ۽ ڳوٺڙن ۾ جتي شهري بابو گهٽ ايندا ويندا آهن. اُتي لوڪن جو پاڻ ۾ وڙهڻ هو، پرچڻ هو. روئڻ هو، کلڻ هو. مردن جا بت اُگهاڙا. ڪين صرف ڌوتيون پيل. عورتن جا ساڙهين سان اڌ سرير ڍڪيل. سانوريون صورتون جن جي نراڙ تي وڏا ڳاڙها تلڪ ڏنل. جوان نينگريون درين مان ليئا پئيون پائن. هار شور غل پيا ڪن. مرد هٽن ۾ سُلفي جهلي سوٽا پيا هڻن. پڙهيل لکيل بابو بحث مباحثو پيا ڪن. اُهي سڀ چڻ سرت بابوءَ جا پاتر هئا — بابو موشاير!

ڪاليگهاٽ وڃڻ لاءِ چؤرنگيءَ جي چؤنڪ تي وڃي بيلو هوس. بسين وارا رڙيون ڪندا ٽالي گنج، بالي گنج چلائيندا، بيهندا، سواريون ڪٺندا، اڳتي هلندا پئي ويا. ڪاليگهاٽ واري بس آئي تہ مان اُن ۾ چڙهي پيس.

جيئن هين تيرٿ آستان تي شرڌالن جي پيهہ هوندي آهي، ڪالي گهاٽ تي بہ گردي هئي. مان ڪاليءَ جو درشن ڪري، ٿورو پريان، هڪ چبوتري تي وڃي ويهي رهيس. اهڙن آستانن تي ڀارتي سموداءِ کي ويجهڙائيءَ تان ڏسي سگهجي ٿو. اُنهن جي رسمن ۽ رواجن کان واقف ٿي سگهجي ٿو. مون اُن چبوتري تان بينگالي سماج کي ويجهڙائيءَ تان ڏٺو ۽ پرکيو. ڪلڪتو جيترو وڏو شهر آهي، اوترو ئي گدلو پڻ آهي ....

ڪن مجبورين سبب ٺاڪر چاولا کي سهٽي مخزن بند ڪرڻي پيئي. اهو شايد انڪري جو سندس واڇن جي دڪان تان چوري ٿي هئي جنهن

۾ وڏو نقصان سهڻو پيو هوس. سهڻيءَ جو آخري پرچو 'پرسرام ضيا' تي نڪتو جنهن ۾ ڪيترن برک اديبن مضمون لکيا هئا، جن ۾ نارائڻ شيام پڻ هو.

اُن وقت تائين پارٽي ساهت ۾ نيون نيون ڏارائون داخل ٿي رهيون هيون جن پالڪن جو ڌيان ڇڪايو هو. نئي ڪهاڻي، نئي ڪويتا، نئون ناول ۽ نئي تنقيد لکجي رهي هئي. ليڪن سنڌيءَ ۾ اُهائي پراڻي چال هلندي پئي آئي. ترقي پسند ليکڪ پاڻ کي بدلائڻ لاءِ تيار نہ هئا. نئي دنيا ۾ بہ اُهو ئي ڇپجي رهيو هو جيڪو ترقي پسند لکي رهيا هئا. ڪيترن اديبن نئون ساهت لکڻ چاهيو پئي، وقت جي ڌارا سان گڏ هلڻ چاهيو پئي، ليڪن اهڙي ڪا مخزن ڪانہ هئي جيڪا اُهو نئون ساهت ڇپي ۽ نئون ساهت لکندڙن کي همٿائي.

هڪ دفعي سڳن آهوجا جو هڪ غزل ڪلي سلي نئي دنيا ۾ ڇپيو ويو. سڳن آهوجا اُتم مٿان سخت ناراض ٿيو. اُتم بچاءَ ڏنو تہ غزل انتها پسند هو تنهنڪري اُن جون چند پڙائون ڪٽيون ويئون آهن. اُهو غزل سڳن آهوجا جو بيحد مشهور غزل اهي، جنهنجي مصرح آهي : زندگي تنهنجي ادائن ڪان ٿيون بر آهيان / غم جا پهلو تہ بدل نيٺ بہ شاعر آهيان ....

سڳن آهوجا جي ادبي قدبت ڪان هرڪو ليکڪ شاعر واقف هو. هو نهايت ذهين شاعر ۽ نثر نويس هو. زندگيءَ هن سان وفا نہ ڪئي نہ تہ تخليقي سطح تي هو اياز ۽ شيام ڪان بہ وڏو شاعر هو.

بمبئيءَ واري هفيتوار ساهت منڊل ۾ نر شاعر ليکراج عزيز سان هڪ شام ملهائي ويئي جنهن ۾ عزير جي موجودگيءَ ۾، سندس شعرو شاعريءَ جو جائزو ورتو ويو. اُنهن سخت تنقيد ڪئي. اُها تنقيد ٻڌي عزيز جهڙو مڙس شاعر پاڻيءَ مان نڪري ويو ۽ ائين چئي اُٿي هليو ويو تہ : اوهان منهنجي شام نہ، شامت ملهائي آهي ...!

اُتم جي هٿ ڏرميءَ ڪيترن ئي اديبن کي ڪاوڙايو هو جن مان ڪيترا اديب سندس هم خيال ۽ ترقي پسند هئا. آنند گولاڻي، ايشور آنچل، ڦتن پرسواڻي، نارايڻ پارتي ۽ ٻيا ڪيترا اديب هن جي خلاف ٿي پيا ۽ هنن ادبي ڪلاس ۾ اچڻ بند ڪري ڇڏيو. جيڪي آيا پئي ۽ ترقي پسند ڌارا ڪان الڳ نہ ٿيا هئا، پر اُتم مان ناراض هئا، اُنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ سڳن آهوجا، ڪرشن راهي، موتي پرڪاش ۽ ٻيا ڪيترا هئا. اُهي خوددار اديب هئا. اُنهن اُتم جي ڊڪٽيٽرشپ جو وروڌ پئي ڪيو. پروفيسر ملڪاڻيءَ پنهنجي سر ڪافي ڪوشش ڪئي ته اديبن ۾ ٺاهه ٿي وڃي ليڪن سندس ڪوشش برئواب نه ٿي ....

اُن وقت ادبي منڊل ۾ هڪ ٻيو گروپ اُڀري آيو هو جيڪو ترقي پسند ليکڪن جو سخت وروڌي هو. اُهو گروپ قومي ويچارن جو هو جنهنجا مکيه اديب هئا : موهن ڪلپنا، گنو سامتاڻي ۽ راجن چاولا ترمورتي جن کي سپورٽ ڪندا هئا لوڪناٿ جيٽلي، نند جويري، چترو ناگپال ۽ ڪي ٻيا سندن ويچار وارا ليکڪ. لعل پشپ ۽ پروفيسر منگهارام پارا ڪي اديب ڪنهن به گروپ ۾ نه هئا. استري ليکڪائن مان سندري اُتمچنداڻي، اُتم سان گڏ هئي، ڪلا پرڪاش، موتي پرڪاش جي پليان هئي، تارا ميرچنداڻي منهنجي شرڪت کان اڳ ئي شادي ڪري هلي ويئي هئي. مايا اجا راهيءَ سان لاٿون نه لڌيون هيون ۽ ديوي اجا سوڙو ڪويتا پشپ نه بڻي هئي.

هر سال منڊل جون چونڊون ٿينديون هيون. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي دائما پريزيڊنٽ هو ۽ منهنجي هوندي اُتم سيڪريٽري هو جيڪو ئي اهم پارٽ ادا ڪندو هو.

اُن سال چونڊون ٿيڻيون هيون جنهن لاءِ وڏو سنگهرش هو. هڪ طرف ترقي پسند تياريون ڪري رهيا هئا ته ٻئي پاسي قومي ويچارن جو گروپ ڪمر ڪسي بيٺو هو. جڏهن چونڊين جو ڏينهن آيو ته ملڪاڻي صاحب جو ڪاليج وارو هاسٽل روم اديبن سان ڀريل هو. چونڊون ٿيون، جنهن ۾ ترقي پسند اديبن جي هار ٿي ۽ قومي ويچار وارن جي سوڀ ٿي. نئون سيڪريٽري لوڪناٿ جيٽلي چونڊيو ويو. اُن وقت ترقي پسند گروپ کان هڪ غلطي ٿي ويئي جيڪا کين مهانگي پيئي. هنن چونڊن جي نتيجي کي مڃڻ بجاءِ، منڊل مان واڪ آئوٽ ڪرڻ پسند ڪيو ۽ هنن هميشه لاءِ ادبي منڊل کي تياڳي ڇڏيو. اها هنن جي هار هئي .....

اُن بعد هنن الڳ هندي وچي چاڙهي ۽ اڄ واري اڪل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا وجهي کولي. ليڪن اهو ياد رکڻ گهرجي ته اُن کي وڏائڻ ۽ ويجهائڻ ۾ به اديبن جو ئي هٿ ۽ سهڪار هو - سڀني اديبن جو، جن کي هو هِڪ هڪ ڪري، وڃائيندا، پاڻ کان پري ڪندا ويا آهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

!.....

اُن وقت مونکي پنهنجي ادبي مخزن ڪيڏهن جو ويچار آيو. مون سڳن آهوجا سان ذڪر ڪيو جنهنکي منهنجو ويچار وڻيو. مون چيس : سمپادڪ توکي ٿيڻو پوندو. چيائين : منهنجي نوڪري جيڏهن تہ بمبئيءَ کان ٻاهر آهي تنهنڪري مان موهن ڪلپنا جو نالو تجويز ٿو ڪريان. هو اُتساهي اديب آهي. ادب جون نيون راهون ولي هلندو.

موهن ڪلپنا مونکي بہ قبول هو. هن جو ٻانهہ ٻيلي ڪير ٿئي، اُن لاءِ هڪ ٻن نالن تي غور ڪيو ويو. پر پوءِ اهو فيصلو موهن ڪلپنا تي ڇڏيو ويو.

ڪونج جو پهريون پرچو ڊسمبر ۱۹٦۰ع ۾ ظاهر ٿيو جنهن لاءِ ڳانڍيڊام سميلن کان ولي ڪافي مشهوري ڪئي هئيسون. مخزن جو ايڊيٽر موهن ڪلپنا ۽ سندس ٻانهہ ٻيلي گنو سامتاڻي ۽ راجن چاولا هئا. فلم ايڊيٽر مينا واسواڻي ۽ مئنيجر ڀڳوان چندناڻي هو.

ڪونج جي پهرين پرچي کان ئي جڻ تہ ترقي پسند اديبن خلاف مورچو کوليو ويو. راجن چاولا چالاڪي ڪري گوبند مالهيءَ کان هڪ انٽرويو ورتو هو جنهنجي پهرين قسط ڪونج جي پهرين پرچي ۾ ڇپي ويئي. اُن انٽرويو ۾، مالهيءَ جي آڙ ۾، ترقي پسند اديبن جي اوگهڙ ڪئي ويئي هئي. جڏهن اُن انٽرويو جي ٻي قسط ڇپي تہ منهنجا دوست جيوت چاولا وغيره مون تي ناراض ٿيا تہ مان پنهنجيءَ مخزن ۾، پنهنجن ئي دوستن کي لوڻي رهيو هوس. خود سڳن آهوجا بہ حيران هو تہ هيءُ ڇا ڇپجي رهيو هو ۽ ڇو ڇپجي رهيو هو؟ هو جڏهن بمبئيءَ آيو تہ مون ساڻس شڪايت ڪئي تہ موهن ڪلپنا ۽ سندس دوست من ماني ڪري رهيا هئا. هن موهن ڪلپنا کي چيو تہ هو پنهنجي واعدي تان هٽي ويو هو، جنهن موجب کيس ڪونج ۾ ادب جي نين ڏارائن کي آڻڻو هو. موهن ڪلپنا جو دليل هو تہ ترقي پسند اديبن جي اوگهڙ ضروري هئي ڇو تہ هنن ادب ۾ من ماني ڪئي هئي. اِن ڪولڊوار ۾ سڀ کان گهڻو نقصان منهنجو ٿي رهيو هو ڇو تہ هو مونکي پڻ ترقي پسند اديبن جو ساٿي سمجهي رهيا هئا. منهنجا هڪ طرف پئسا پئي ويا ۽ ٻئي طرف دوست پئي وڃايم. اُن سان گڏ پاڻکن جو ناراضپو بہ هو جيڪو هنن خطن وسيلي ظاهر پئي ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ جو مشهور ليکڪ هيرو لڪر، جيڪو اُن وقت ڪونج جو پالڪ هو، تنهن هڪ خط ۾ ناراضپي وچان سمپادڪ منڊل کي اُبتا سلام لکيا. اُن جو مطلب ڇا ٿيندو آهي، توهين سمجهي ويا هوندا. مون جڏهن ڪلپنا اڳيان پنهنجو ناراضپو ظاهر ڪيو تہ چيائين : اها مخزن جي لوڪ پريتا آهي.

ڪونج جو هڪ پرچو ٽئگور تي ڪڍڻ جو پروگرام لاهيائون جيڪو ڦتن پرسواڻيءَ کي ايڊٽ ڪرڻو هو. اُن پرچي جون ڪجهہ ڪاپيون آرٽ پني تي ڇپڻ جي صلاح ڏنائون. اهڙيءَ طرح اُن پرچي تي ڪافي خرچ پئي آيو. مونکي دلاسو ڏنائون تہ ان پرچي لاءِ راجن چاولا اشتهار وٺي ايندو. مون هنن تي وشواس ڪيو ۽ پرچو ڇپڻ لاءِ پريس ۾ ڏنم. مون خرچ جي پرواہ نہ ڪئي ليڪن هنن واعدو نہ پاڙيو. راجن چاولا نهايت چالاڪ هو. هو ڪجهہ وقت اڳ ڪتابي سائين ۾ پنهنجي مخزن ڪڍندو هو - ميرج. جنهن لاءِ ڪيس جڳت آڏواڻي صلاح مصلحت ۽ ٻيو هر پرڪار جو سهڪار ڏيندو هو.

راجن چاولا ڪونج جي ٽئگور پرچي لاءِ جيڪي اشتهار وٺي آيو، اُهي سڀ اشتهار هن بند ڪيل پنهنجي مخزن ميرج جي ٽئگور پرچي ۾ ڇپي ڇڏيا. مون ڏوراپو ڏنومانس تہ چيائين : مان مورک ٿوروئي آهيان جو اُهي اشتهار ڪونج کي ڏيان ...! مونکي ڏڏڪو اچي ويو. ڪاوڙ بہ لڳي.

موهن ڪلپنا کي وچي چيم : ’يا تہ تون اڪيلو ڪونج جو سمپادڪ ٿيءُ ۽ مان تنهنجو ٻانہ ٻيلي ٿو ٿيان نہ تہ ڪونج جي سموري جوابداري مان پاڻ تي هموار ٿو ڪريان.‘

موهن گهبرائجي ويو. چيائين ، ’ائين نہ ڪج. جيڪڏهن تون اسان کان سمپادڪي ڇڏائيندين تہ اسان جي ڏاڍي خواري ٿيندي.‘

’اُن صورت ۾ تون مون سان گڏجي سمپادڪي سنڀال!‘ مون ڪلپنا کي چيو.

’مان توسان گڏجي هلندس تہ دوست ناراض ٿيندا. چوندا مون هڪ غير ادبي سمجهوتو ڪيو آهي!‘

’يعني مون هيل تائين پنهنجو ڪجهہ نہ لکيو آهي تنهنڪري تون مون سان گڏ هلڻ کان هٻڪين ٿو؟‘

موهن ڪلپنا وراڻي نہ ڏني.

’ان صورت ۾ مونکي ڪونج ۾ جيترو نقصان پيو آهي اُهو ڀري ڏيو.

۽ ڪونج جي مالڪي توهين ڪٿو‘

موهن کي اهو سُجهاءُ وڻيو. هنن پاڻ ۾ ميٽنگ ڪئي ۽ مونکي راجن چاولا جي ري روڊ واري گهر ۾ گهرايائون. اُنهن ڏينهن موتي ۽ ڪلا بہ اُن ئي بلڊنگ ۾ مسواڙي هئا. مان پاڻ سان گڏ جيوت چاولا کي وٺي ويس. هو چار هئا : موهن، گنو، راجن ۽ جڳت آڏواڻي.

هنن چيو : اسين پئسا پرڻ لاءِ تيار آهيون.

مون حساب وارو پنو هنن جي اڳيان رکيو.

هنن چيو : اسين پئسا پري تڏا ڏيون، تون مخزن جي مالڪي اسان جي نالي لکي ڏي.

مون چيو : توهين پئسا ڏيو، مان مالڪي اوهان کي لکي ٿو ڏيان.

راجن چيو : اسين سمورا پئسا هڪ وقت ڏيئي نہ سگهنداسين. اسين مهني ۾ ۲۵ روپيا قسط ڏينداسين.

مون چيو : پئسا سمورا هڪ ئي وقت گهرجن.

موهن ڪلپنا جيوت چاولا طرف نهاري چيو : جيوت يار، تون پنهنجي دوست کي سمجهاءِ.

جيوت چيو : غلط ٿوروئي ٿو چوي. سڀاڻي توهين پئسا نہ ڏيوس تہ هيءُ توهان کي ڇا ڪندو؟

موهن ۽ گني جڳت دا کي وڇڙ پوڻ لاءِ چيو.

جڳت آڏواڻيءَ ڪلندي چيو : توهان پنهنجي وٽ جا چوڏا پنهنجن هٿن سان لاٿا آهن. مان ڇا ٿو ڪري سگهان يا هيو ڪير چاتو ڪري سگهي؟

فيصلو نہ ٿيو. اسين موٽي آياسين.

موهن مون ڏانهن مخاطب ٿي چيو، ’پويون پرچو مونکي ايڊٽ ڪرڻ ڏي. مون پرچي لاءِ هڪ بہ مضمون ورتو آهي ۽ ڪجهہ پاڻ بہ لکيو اٿم.‘

مون ڪيس چيو : ’بلاشڪ. پر تون اڪيلو ايڊيٽر هوندين ۽ مان تنهنجو ٻانهن ٻيلي هوندس.‘

موهن ڪلپنا جي سمپادڪيءَ ۾ جيڪو آخري پرچو نڪتو اُن جو سهيوگي سمپادڪ مان هوس. ليڪن ان کا اڳ مون ليڪ بڻجڻ طرف پهرين وک کنئي هئي ۽ هڪ ڪهاڻي لکي ادبي منڊل ۾ پڙهي آيو هوس. اُها ڪهاڻي ’تڙي پار‘ آهي جيڪا منهنجي پهرين ڪهاڻي هئي.

اهڙيءَ طرح مون موهن ڪلپنا کي شرمسار ٿيڻ نہ ڏنو تہ هو هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غير اديب سان سمجهوتو ڪيو هو ...!

ائين برابر آهي تہ ترقي پسند گروپ نوجوان ليڪن ۽ عام لوڪن ۾ سڃاڻپ آڻي پنهنجي ٻولي ۽ ساهت کي زنده رکڻ جي پريرڻا ڏني هئي جيڪو ڪم هنن اکل ڀارت سنڌي ٻوليءَ ۽ ساهت سڀا جي منچ تان ڪيو. ليڪن اهو بہ سچ آهي تہ هو پنهنجي مقصد ۾ ڪڏهن بہ ڪامياب نہ ٿين ها جيڪڏهن سنڌي ليکڪن، ودوانن ۽ تعليمدانن جو ورگ کين سهڪار نہ ڏئي ها. سڀا طرفان ٿيندڙ ساليانن سميلنن ۾ شامل ٿيندڙ هزارين ڊيليگيٽ ڪميونسٽ خيالن جا نہ هئا. اُن ۾ هر ويچار جا سنڌي شريڪ هئا. اُهي سڀ سنڌي پريمي هئا ۽ هڪ پليٽ فارم تان پنهنجو وجود ۽ ٻولي سلامت رکڻ جي جدوجهد ۾ شامل هئا. اُن جدوجهد جو ڦل هڪ اهو نڪتو تہ سنڌين مڪاني لوڪن ۾ جذب ٿيڻ جي صلاح ٺڪرائي ڇڏي ۽ ٻيو ڦل اهو مليو تہ اسان جي سنڌي ٻولي سرڪاري دفتر ۾ داخل ڪئي ويئي، اُن کي الين شيڊول ۾ شامل ڪيو ويو.

سنڌين ۾ سنڌيت جو جذبو صرف ليکڪن ۽ شاعرن ئي نہ پريو، سنگيتڪارن ۽ ناٽڪ ڪارن پڻ سنڌيپڻي جي سڳنڌ ڦهلائي هئي. پروفيسر رام پنجواڻي اڪيلي سر هڪ سنسٿا هئي جنهن ديش وديش ۾ رُڻ ڪري سنڌيت جي جوت کي روشن رکڻ جي پريرڻا ڏني.

گوبند مالهيءَ جو ڪلاڪار منڊل، خاص طور ڪماري ڀڳونتي ناواڻيءَ جي سوز ۽ آلاپ سنڌين جي دلين ۾، سنڌي جذبي کي سکڻ نہ ڏنو. پروفيسر رام پنجواڻي جي ٽولي، گوبند مالهيءَ جي ڪلاڪارن ۽ ٻين سنگيتڪارن شاهہ - سچل - سامي ۽ ٻين زنده شاعرن جا ڪلام ٻڌائي، سنڌي ورثي کي سلامت رکيو. اهڙيءَ طرح جتي سياستدان ناڪامياب ٿيا، اُتي هيءَ ڪلاڪار ڪامياب ويا ۽ سنڌيت زنده رکي سگهيا آهن ...!

موهن جڏهن ڪونج جون جوابداريون پاڻ تي هموار ڪيون تہ ڪيترين دشواريو بہ برداشت ڪرڻيون پيئون. هڪ طرف ترقي پسند اديب اسهڪار جو رخ اپنائي رهيا هئا تہ ٻئي طرف موهن ڪلپنا ۽ ڪمپنيءَ طلاق نامو لکي، ڪونج جو بائڪاٽ ڪيو هو. هنن پنهنجي رچنا لاءِ اُجورو ٿي گهريو جيڪو ڏيڻ ممڪن نہ هو. بنيادي طور اهو غلط نہ هو پر منهنجي ليکي

ليکڪ ۽ پبلشر جو، خاص طور سنڌي پبلشر جو، يوڳدان ليکڻ کان گهٽ نہ هو. ليکڪن لکيو پئي ۽ اُهو مخزنن ۾ ڇپجي پاڪن تائين پهتو پئي. اُها سؤداگري نہ هئي. اُها سنڌي ساهت سان اُلفت هئي جيڪا ليکڪن ۽ مون پارن پبلشرن ڏيکاري پئي. ائين نہ هجي ها تہ ڄڳت آڏواڻي، ڇيلانند لعلواڻي، بهاري لعل ڇاٻڙيا ۽ ٻيا پبلشر پنهنجون پبليڪيشون هرگز بند نہ ڪن ها....

مون هڪ خط پڙهيو جيڪو بمبئيءِ جي هڪ ڪامريڊ دهليءِ ۾ رهندڙ پرم ابيچنداڻيءَ کي لکيو هو. ڪيس لکيو ويو هو تہ هو ڪڏهن بہ ڪونج کي پنهنجي رچنا نہ موڪلي .....

ڪامريڊ ٻٻن رضوي ۽ هن جا پائر منهنجا دوست هئا. اِنهن سان جيوت چاولا معرفت سڃاڻپ ٿي هئي. ٻٻن رضوي اُتم کي چڱيءَ طرح سڃاڻيندو هو. مونکي چيائين هل تہ توکي اُتم سان ملائي اچان. توکي مئلر جي مدد ڪندو رهندو. هو مونکي اُتم جي گهر وٺي ويو. ڪيس چيائين ؛ ڪونج جي سمپادڪي جوابداري هريءَ پاڻ تي کنئي آهي. تون ڪيس مئلر جي مدد پيو ڪج. اُتم اول ئي مون تي پڙڪيل هو. چيائين ؛ سنڌيءَ ۾ نئي دنيا آهي، ٻيءَ مخزن جي ضرورت ئي ڪانهي. جيڪڏهن هن کي مخزن ڪڍڻي ئي آهي تہ زالن تي يا ٻارن تي ڪڍي جنهن لاءِ سندري ڪيس مدد ڪندي.

مان اُٿي ٻيلس. ڪامريڊ ٻٻن رضويءَ کي چيم ؛ مون توهان کي اڳواٽ ئي ٻڌايو هو تہ اِهو جواب ملندو. هينئر خاطري ٿيوَ نہ؟

اسين ٻئي اُتم جي گهران موٽي آياسين.

هڪ ڏينهن لعل پشپ چيو ؛ مونکي ڪونج جو سمپادڪ بڻاءِ، مئلر جام.

مونکي سُڌ هئي تہ لعل موهن ڪلپنا ۽ ڪمپنيءَ تي ناراض هو. هن گني سامتائيءَ جي ناول 'واپس' تي الزام ڏريو هو تہ اُهو شرت چندر جي ڏهن ناولن تان ڪاپي آهي. هن ڪونج کي خط لکيو هو ليکن موهن ڪلپنا اُهو خط ڪونج ۾ نہ ڇپيو هو، اِن ڪري لعل هن تي ناراض هو. جيڪڏهن ڪونج جي سمپادڪي ڪيس ڏيان ها تہ هو پهريون ڪم اِهو ڪري ها تہ اِهو خط ڇپي ها ....! مان وري ڏولاون ۾ پئجي وڃان ها .....

اِهو منهنجي ذهن ۾ هو تنهن ڪري لعل کي چيم ؛ مونکي مئلر

گهرجي، سمپادڪ مان پاڻ رهندس.

نارائڻ پارٽيءَ سان جهوني دوستي هئي. هن چيو : ’منهنجا سڀ ليکڪ دوست آهن. مون کي سمپادڪ ڪر ...‘

اُن وقت مون پارٽيءَ جي سچائيءَ جي پرک ڪانہ ڪئي هئي. ليڪن اڄ چئي سگهان ٿو تہ پارٽيءَ جي اِها دعويٰ تہ سڀ ليکڪ سندس دوست آهن، بي بنياد هئي. هن جو هڪ بہ ليکڪ دوست ڪونهي، کهڙي بہ ليکڪ جو نالو کڻو، ڪنهن کان بہ پڇي پڪ ڪريو ڇو تہ هو پاڻ ڪنهنجو دوست ناهي. اِها ڳالهہ مان وشواس سان چئي سگهان ٿو، ڪن هين لاءِ بہ چئي سگهان ٿو .....

مون پارٽي کي چيو : تون سهيوگي سمپادڪ بڻج ۽ ڪو بہ ڪالم سنڀال.

لعل پُشپ پنهنجيون ڪهاڻيون ڏنيون. پارٽي ’ڳالهير‘ نالي ڪالم لکڻ شروع ڪيو. شڪُن آهوجا شاعري وڀاڳ سنڀاليو. ايم. ڪمل جا چوند غزل پهريون دفعو اُن ڪالم ۾ ڇپيا هئا، هن رنگن ۾ ...!

مون ڪنهن بہ ليکڪ سان، ننڍي چاهي وڏي سان، وير وروڌ يا ڀيد ڀاؤ رکڻ نہ پئي چاهيو. مون ڪونج دواران سڀني اديبن کي اپيل ڪئي تہ هو ڪونج کي پنهنجي مخزن سمجهن ۽ پنهنجون معياري رچنائون موڪلين جنهن لاءِ ڪونج جاري ڪئي ويئي هئي.

مون شخصي طور خط لکي موهن ڪلپنا، گني سامتاڻي، ايشور آنچل ۽ ٻين اديبن کان رچنائون گهريون پر هنن اول اُجورو گهريو.

ڪونج کي پختن پيرن تي بيهارڻ لاءِ مونکي ڏاڍا يتن ڪرڻا پيا. ڪجهہ وقت بعد جڏهن اُها پنهنجو وجود لکائڻ لڳي تڏهن ڪن اديبن وٽان سهڪار ملڻ شروع ٿيو.

اهڙيءَ طرح ڊيري ڊيري پروفيسر منگهارام ملڪاڻي، پروفيسر رام پنجواڻي، پروفيسر ليکراج عزيز، پروفيسر ارجن شاد، پروفيسر پوپٽي هيراننداڻي، پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي، پروفيسر چيتن ماڙيوالا جهڙن سينئر اديبن ڪانسواءِ ترقي پسند اديبن مان گوبند مالهي، ڪيرت ٻاٻاڻي، ڪرشن راهي، ايشور آنچل، ڪلا پرڪاش ۽ ٻين ڪونج لاءِ پنهنجون رچنائون ۽ ڪتاب ڇپڻ لاءِ موڪليا. موهن، گني، لعل ۽ ڪلواڻيءَ جون ڪهاڻيون هڪ ٻرچي ۾ ڇپي ڪين مشهوري ڏنم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نئين پيڙهيءَ جي ليکڪن ڪونج سان ناتو جوڙي رکيو. اُنهن مان هريش واسواڻي، آنند کيماڻي، وشنو ڀاٽيا، هيرو شيوڪاڻي، موهن ديپ، برج موهن، ناري پدم ۽ شيام جئسنگهاڻيءَ ڪونج کي پورن سهڪار ڏنو تہ مون بہ هنن سان پورو نڀايو.

ڪونج ۾ نئين شروع ڪيل ڪالم ’آئيني جي اڳيان‘ ۾ هر پيڙهيءَ جو اديب ڇپيو. ڪونج پاران سهڪاري ناول يوجنا ۾ گوبند مالهيءَ کان شروع ڪري، موهن ڪلپنا تائين آخري قسط پهتي. اُن جون الڳ الڳ قسطون لکندڙ ٽن پيڙهين جا ليکڪ هئا. اهڙيءَ طرح زنده اديبن جا خاص شخصيات پرچا ڪڍڻ جي پرمپرا ڪونج شروع ڪئي جنهن جا هيل تائين چوڏهن ’خاص پرچا‘ نڪري چڪا آهن. اُنهن ۾ پڻ ٽن پيڙهين جا ليکڪ آيل آهن.

ڪونج جي اهڙي ساهتڪ يوگدان تي ڪيترن ليکڪن ۽ نقادن گهڻو ڪجهہ چيو ۽ لکيو آهي جيڪو هتي ڏهرائڻ واجب نٿو سمجهان.

ڪونج مخزن ڪانسواءِ مون ڪونج پبليڪيشن پڻ شروع ڪئي هئي جنهن بينر هيٺ گهٽ ۾ گهٽ هڪ سؤ ڪتاب ڇپائي پڌرا ڪيا اٿم جن مان انن ڪتابن کي ساهتيہ اڪاڊميءَ جو نئشنل پرسڪار ملي چڪو آهي. ٽن ڪتابن جي ليکڪن کي مهاراشٽرا گؤرو پرسڪار مليو آهي جنهن ۾ هرهڪ کي هڪ هڪ لک نقد مليا ۽ مان پتر تنهن ڪانسواءِ. هينئر تائين بہ ڪونج پاران سال ۾ هڪ اصلوڪو ڪتاب شايع ڪرڻ جو سلسلو جاري آهي.

ان ادبي يوگدان بدولت مون پل تہ ڀيو ڪجهہ نہ ڪمايو هجي، عزت ضرور ڪمائي اٿم. خاص طور سنڌ ۾ جيڪا عزت ملي اٿم، اُها بي حساب آهي .... اُهو سرمايو ڪڏهن بہ گم نہ ٿيندو .... اُن سان پندار هميشه پريل رهندو.

ڪونج مخزن، ڪونج پبليڪيشن ۽ پوءِ ڪونج ٿئيٽر ۽ ڪونج فلمس وجود ۾ آيا. ڪونج ٿئيٽر طرفان ٽيڪنيڪلر ناٽڪ ’ننڊ نہ ڪر نادان‘ پيش ڪيو ويو. ٽيڪنيڪلر ناٽڪ جي پڌرائي پڙهي دهليءَ ۽ احمدآباد [illegible] ڏسڻ اچي پهتا. اسان چالاڪي ڪري سيني ڪردارن کي رنگبرنگي ويس پهرايو هو. اُنهن مٿان لائيٽ بہ رنگين وڌي ويئي. اهو هو اسانجو ٽيڪنيڪلر ناٽڪ ۽ ڪافي داد مليو. ليڪن ناٽڪ جي فيلڊ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مونکي راس نہ آئي. مون اُها ڇڏي ڏني.

ڪونج فلمس طرفان سنڌي فلم ’هوجمالو‘ جي نرماڻ منهنجا سمورا وشواس ڊوڙي ڇڏيا.

مان ڪيترن عرصي کان سلي ۽ معياري سنڌي فلم ناهڻ جا سپنا لهندو رهندو هوس. اهڙو ذڪر پنهنجن دوستن سان بہ اڪثر ڪندو رهندو هوس. هڪ دفعي اجمير ۾ گووردن محبوباڻيءَ جي گهر پڻ اهڙو ذڪر نڪتو. اُن وقت اُتي هري همٿاڻي بہ ويٺو هو.

گووردن پارتيءَ خوش مزاج موڊ ۾ پڇيو، ’تون اهڙي قسم جي فلم ناهڻ لاءِ دلي طور تيار آهين يا رڳو ڳالهيون پيو ڪرين؟‘ .

مون چيو، ’مان اڄ ئي نہ، ڪيتري وقت کان تيار ويٺو آهيان.‘

’تہ پوءِ ٻڌ. اسان هڪ فلم جي يوجنا ناهي آهي. اسڪرپٽ بہ تيار آهي. ڪريون مهورت؟‘

’فلم جو نالو ۽ سبجيڪٽ ڪهڙو آهي؟‘ مون اُتساهہ ڏيکاريندي پڇيو.

’نالو ’رام ۽ رحيم‘ يا ٻيو ڪو رکي سگهجي ٿو.‘

’سبجيڪٽ؟‘

’سنڌ ۾ رهندڙ، ننڍپڻ جا ٻہ دوست - رام ۽ رحيم، ورهاڱي بعد، ٻن ملڪن ۾ پلجي وڏا ٿين ٿا. ٻئي فوج ۾ آهن ۽ ١٩٦٥ع واري هند-پاڪ لڙائيءَ وقت مورچي تي آمهون سامهون وڙهن ٿا.‘

مونکي ڪهاڻيءَ ۾ دم نظر آيو. مون پنهنجي سماڌان خاطر پارتيءَ کان ڪجهہ ٻيون ڳالهيون پڇيون.

محبوباڻيءَ چيو، ’اُهي سڀ هن اسڪرپٽ ۾ آهن، جن لاءِ تون چاهين ٿو تہ هجن.‘

’فلم ڊائريڪٽ ڪير ڪندو؟‘

’اُهو بہ طئہ ٿي چڪو آهي پر في الحال اُن جو نالو ظاهر نہ ڪرڻو آهي!‘

’پروڊيوسر ڪير ٿيندو، فلم ۾ ڪيترا پائيوار ٿيندا؟‘

’چار پائيوار هوندا. ڇٺن مان هڪ اُهو ڊائريڪٽر هوندو. هو پنهنجو محنتاڻو پول ۾ وجهندو.‘

’سمجهو تہ هڪ مان، هڪ ڊائريڪٽر، باقي بہ ڪهڙا؟‘

’ٽيون مان ۽ چوٿون هري همٿاڻي.‘ گووردن ۽ هري همٿاڻي، ٻئي

مرڪيا.

هري همٿاڻيءَ جو نالو هڏي مونکي خوشي ٿي. هو سلو ماڻهو، سلو ليکڪ ۽ سلو پبلشر هو.

پارتيءَ چيو، ’مان پنهنجي بدران دادي سرسوتي منگهارام جو نالو ڏيندس. لکپڙھ بہ هن جي نالي سان ٿيندي.‘

’فلم جي بجيٽ ڪيتري آهي؟‘

’اسي هزارن جو تخمينو لڳايو ويو آهي، پر اُهو هڪ لک تائين پهچي سگهي ٿو. لوڪيشن اجمير شهر، چانوٽي ۽ ٻهراري هوندي.‘

’اجمير ۾ شوٽنگ جون ايتريون سهوليتون ملي سگهنديون؟‘

’لڳ ڀڳ سمورو بندوبست ٿي ويو آهي. چانوٽيءَ مان شوٽنگ جي پرميشن پڻ ورتي ويئي آهي. فوجي جوان اسان جي پوري مدد ڪندا. ڪنهن وقت بہ شوٽنگ شروع ڪري سگهجي ٿي.‘

’اداڪار ۽ ٻيو اسٽاف؟‘

’اُنهن جي چونڊ ڪبي. ٻهرين گانا رڪارڊ ڪبا. گيت مون لکيا آهن. سنگيت سي. ارجن ڏيندو.‘

مون کلي چيو، ’توهان تہ سڄو يونٽ ۽ شوٽنگ جو پروگرام بہ ٺاهي ڇڏيو آهي. ڪمپنيءَ جو بئنر ڪهڙو ٿيندو، اُن لاءِ ڪجهہ سوچيو اٿوَ؟‘

گووردن اُتساهہ وچان چيو، ’جيڪڏهن توهان ساڻ آهيو تہ نالو بہ توهان ئي تجويز ڪجو.‘

مان سوچ ۾ پئجي ويس. سوچيم مونکي چوٿين حصي ۾ وڌ ۾ وڌ پنجويهہ هزار ڏيڻا پوندا. اُهي بہ سمورا هڪ ئي وقت نہ، شوٽنگ هلندي، ٿورا ٿورا ڪري ڏبا. اهو سوچي مون چيو، ’منهنجو توتي ڀروسو آهي. هري همٿاڻيءَ جو بہ تو ۾ وشواس آهي. اسين بئنر جو نالو رکنداسين ’هري ۽ هري‘. مٿان لکنداسين هري ۽ هري پيش ڪري رهيا آهن لاجواب سنڌي فلم ....‘

هري همٿاڻيءَ خوشيءَ وچان هٿ ملايو. اُتي جو اُتي ٽنهي دوستن فيصلو ڪيو، واعدو ڪيو ۽ نڪاٽي ۾ وڃي ارداس پڙهائي، ڪڙاهہ پرساد ورهايو.

مان خوش ٿي بمبئيءَ موٽي آيس.

بمبئيءَ ۾ ڇيئي چنڊ جو ميلو پئي ملهايو ويو. مان اُن ميلي ۾ ويس تہ اُتي راجن چاولا گڏيو. چيائين، ’گووردن هتي آيل آهي، توکي سنڀالي پيو.‘

’ڪٿي لٿل آهي؟‘

’دادي سرسوتيءَ جي گهر. مونکي چيائين، مان توکي وٺي اچان. هلين تہ مان توکي هن وٽ وٺي هلان؟‘

مان اُن ئي وقت راجن سان گڏجي گووردن وٽ ويس. هو ٻاڪر پائي گڏيو. چانهہ پيئڻ ويلاسين تہ مون ڳالهہ پڇيو، ’فلم جو پروگرام ڪٿي پهتو؟‘

کلندي چيائين، ’پروگرام پڪو آهي. هن ئي هفتي ٻہ گانا رڪارڊ ڪرائڻا آهن.‘

مان خوش ٿيس. پڇيومانس، ’ڀلا هيئنر تہ ڊائريڪٽر جو نالو ٻڌاءِ؟ ڊائريڪٽر سٺو هوندو تہ فلم سٺي ٺهندي!‘

ٺهڪ ڏيئي چيائين، ’هيءَ سامهون ويٺو اٿيئي فلم جو ڊائريڪٽر راجن چاولا....!‘

راجن چاولا جو نالو ٻڌي مان ٿورو چيڪ ٿيس. من ۾ ڊپ ويڙهي ويو، الائي ڇوا چيم، ’راجن چاولا هڪ هندي فلم پروڊيوس ڪئي آهي، اها سڏ اٿم. پر هو فلم ڊائريڪٽ بہ ڪندو آهي، اها سڌ ڪانہ اٿم.‘

راجن مرڪي چيو، ’فلم جي ڊائريڪشن سکيو آهي. تنهن ڪانسواءِ مونکي هڪ بينگالي ڊائريڪٽر پڻ مدد ڪندو. هو مون واريءَ فلم ۾ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر هو.‘

مون راجن طرف نهاري پڇيو، ’ايتري بجيٽ ۾ فلم تيار ٿي ويندي؟‘

’نہ صرف فلم ٺهندي، هڪ ٽُوريلر بہ ٺهندو.‘

’اجمير ۾ شوٽنگ ڪنداسين تہ خرچ وڌيڪ نہ ايندو.‘

’اُن حساب سان ئي بجيٽ ٺاهي ويئي آهي.‘

الائي ڇو مونکي راجن چاولا جي ڳالهين تي وشواس نہ پئي آيو. اُن تي يقين ڪندي جڻ ڊپ پئي ٿيو. پر منهنجو گووردن ڀارتيءَ ۾ پورڻ وشواس هو. ۽ فلم ۾ سندس گهرو دوست هري همٿاڻي ۽ دادي سرسوتي پڻ پئسا سيڙائي رهيا هئا. ليڪن اُهو وشواس ۽ ڀروسو اُن وقت ٽٽي پيو جڏهن گووردن ٻڌايو تہ راجن چاولا کي اسان واري طرف ٿيل ٻئنر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي اعتراض هو.

مون چيو، ’ليڪن گووردن اسين اجمير ۾ اهو نالو طئہ ڪري آيا آهيون. ھرہار ۾ ارداس پڙهائي، ڪڙاه پرساد بہ ورهائي آيا هئاسين. هينئر جي نالو بدلائيندا سين تہ همٿاٽيءَ کي اعتراض نہ ٿيندو؟‘

’نہ، هن کي اعتراض نہ ٿيندو. هن جو مون ۾ ڀروسو آهي.‘

’ڀروسو تہ منهنجو بہ تو ۾ آهي ۽ مان ٻڌل بہ توسان آهيان، پر اِها ڳالھ ٺيڪ ڪانہ ٿي. شروع ۾ ئي وگھن پيو پوي!‘

’تون ڪنهن ڳالھ جو فڪر نہ ڪر. اهو مونتي ڇڏ. مان هري همٿاٽيءَ کي ڀاڻيهي سمجهائيندس.‘

مون مايوس من سان ڳالهين ۾ ٻهرو ورتو ۽ ’هري ۽ هري‘ ٻجاءِ ڪونج فلمس نالي تي سهمتي ورتم.

هري همٿاٽيءَ کي اها بدل سدل اصل نہ وڻي. هن جي دل ئي ڪلي ٿي پيئي. هن پنجويهن هزارن جو ڊرافٽ بہ ٺهرائي رکيو هو. هن سوچيو جڏهن بمبئيءَ ۾ فلم جو مهورت ٿيندو تہ اُتي وچي هٿون هٿ ڏيندو. هن فلم مان الڳ ٿيندي، پارٽيءَ کي ڏوراپو ڏيئي لکيو، ’مونکي تو مان اهڙي اُميد ڪانہ هئي. شروعات ۾ ئي اڻين ٿيو آهي تہ اڳتي الائي ڇا ٿيندو. تنهنڪري مان هن پراجيڪٽ مان ٻاهر ٿو نڪران....!‘

ٻولي ٻي ٿي سگهي ٿي، ليڪن هري همٿاٽيءَ اهڙي نوع ۾ پنهنجو ناراضپو ظاهر ڪيو هو.

مان وڏيڪ ڏجي ويس. مون گووردن سان اڪيلائيءَ ۾ ملاقات ڪئي. ڪيس پنهنجي من جو ڏڀ ٻڌايم. ڪيس چيم، ’تون اڳهر راڄن جو نالو ٻڌائين ها تہ مان ڪڏهن بہ ڀائيواري نہ ڳنڍيان ها. تو هن جي چوڻ تي لڳي هري همٿاٽيءَ کي بہ ناراض ڪيو آهي. منهنجو بہ صرف تو ۾ ئي وشواس آهي. تون بلاشڪ مون کان منهنجي حصي وارا سمورا پئسا اڳوات وٺي ڇڏ، ليڪن مونسان ٻڌل تون رهندين.‘

گووردن سنجيده ٿي چيو، ’تو جيان دادي سرسوتي بہ منهنجي چوڻ تي پئسا سيڙائي رهي آهي. اُن کي دوڪو ڏيڻ ڪيئن ڏيندس. جيئن هن جو مون تي ڀروسو آهي تيئن تون بہ مون تي ڀروسو ڪري سگهين ٿو.‘

۽ مون گووردن پارٽيءَ تي ڀروسو ڪري ورتو.

هڪ ڏينهن راجن چاولا سان بہ اڪيلائيءَ ۾ ڳالهايم. هڪ لوڪل ريلوي اسٽيشن تي وچي ويٺاسين. ڪيس چيم، 'دادي سرسوتيءَ جيان مان شاهوڪار نہ آهيان. مون محنت ڪري پائي پائي ميڙي آهي. مونکي ننڍڙا ٻار آهن. هيءَ پئسا اُنهن لاءِ جمع ڪيا اٿم. تون سمجهين ٿو تہ ايتري ٿوري بجيٽ ۾ فلم ٺهي ويندي؟'

راجن وشواس ڏياريندي چيو،'نہ صرف ٺهندي بلڪ نفعو بہ ڪيندي. اجا صرف انائونس ٿي آهي تہ ڊسٽريبيوشن لاءِ آفر ملڻ شروع ٿيون آهن.'

۽ مان احمق هن جي ڳالهين تي وشواس ڪري ويٺس تہ هوجمالو فلم ضرور هلندي، نفعو بہ ڪيندي.

جيئن ئي پهريون گانو رڪارڊ ٿيو، تجربيڪار دادي سرسوتي پروڙي ويئي تہ ساڻن دوہ ٿيو آهي، دام ۾ ڦاسايو ويو آهي. هن شروع ۾ نوَ هزار رپيا وڌا تہ وري هيا نہ ڏنائين. اُلٽو اُهي نوَ هزار بہ واپس گهرڻ لڳي. گووردن کي بہ خبردار ڪري ڇڏيائين. ليڪن مان اُلو ان ڳالهہ کان پنهہ بيخبر رهيس. گووردن ڇاٽي واٽي مونکي نہ ٻڌايو. هن چيو، 'اسين اجمير مان شوٽنگ ڪري اچون، اُتي تون خرچ ڪج، باقي سمورو خرچ دادي سرسوتي ڪندي.'

منهنجي دوست شيام جئسنگهاڻيءَ تازو شادي ڪئي هئي. هو منهنجي صدقي، فلم جي يونٽ سان گڏجي، اجمير هليو. اُتي پهچڻ سان قلعي کُلي ويئي تہ راجن کي هدايتڪاريءَ جي الف - بي جي بہ خبر ڪانہ هئي. سڄي ڊائريڪشن اشوڪ راءِ پئي ڏني ۽ راجن چاولا صرف اسان جي خرچ تي سگريٽ پئي ڇڪيا. هن جي اصلي روپ ۽ مرادن جي بہ ڄاڻ پئجي ويئي. هو نہ صرف گووردن کي بلڪ شيام کي بہپري پري رکڻ لڳو. جيئن تيئن ڪري اسان اجمير وارو شيڊيول پورو ڪيو. اُتي جو سمورو خرچ مون ڪيو هو.

بمبئيءَ ۾ دادي سرسوتي صفا پڙ ڪري بيٺي. هن صاف اکرن ۾ چيو تہ هوءَ هڪ پائي بہ وڌيڪ نہ ڏيندي. نون هزارن لاءِ بہ لئب جو ليٽر صحيح ڪرائي ورتائين. ائين هڪ هڪ ڪري سڀ الڳ ٿي ويا. رهجي ويس صرف اڪيلو مان ...!

مان پوريءَ طرح ڪوڙڪي ۾ ڦاسي چڪو هوس. منهنجا اڍ لک رپيا خرچ ٿي چڪا هئا جي مون وياج تي ورتا هئا. هن اسٽيج تي اگر مان

چپ ڪري ويهي ٿي رهيس ته اڌ لک تان هٿ ڪڍڻو ٿي پيو. جي فلم مڪمل ٿي ڪيم ته وڏيڪ قرض ڪڍڻو ٿي پيو. ليڪن فلم مڪمل ڪرڻ بعد اهو آسرو هو ته فائدو نه ته مور ته نڪرندو.

رڪارڊنگ وقت ٻن ڊسٽريبيوٽرن ائڊوانس ڏيئي، ٻن ٽريٽرين جا حق واسطا ورتا هئا. ليڪن اڳتي هلي خبر پيئي ته اُهي ٻئي بوگس ڊسٽريبيوٽر هئا، راجن چاولا جي چوڻ تي ٿورو سائننگ اماؤنٽ ڏيئي، اسانکي خوشفهميءَ ۾ رکيو هئائون.

اُهو سمورو عرصو، جيترو عرصو فلم پوري ٿيڻ ۾ لڳو، مون ڊپ ۽ هراس ۾ گذاريو. مان ڪجهه ڪري به نه پئي سگهيس. هيروئن راجوءَ جي پتني گيتا راج هئي؛ هدايتڪار اشوڪراءِ سندس ماٺهو هو؛ يونٽ جا ٻيا ڪلاڪار پڻ راجوءَ جا دوست ۽ واقفڪار هئا. مان ٿورو به ورونڌ ڪريان ها ته فلم اڌ ۾ بند ٿي وڃي ها ..... ۽ پوءِ منهنجي هڙئي ٻڏي وڃي ها .... ايتري رقم ڪيئن ۽ ڪٿان چڪائيندس، هر وقت ان چنتا ۾ هوس !...

جنهن ڏينهن فلم جي ايڊيٽنگ پوري ٿي، راجن سڀ کان اول پنهنجي دوست اشوڪ راءِ کي ٽڪيٽ وٺائي. اُن بعد، دادي سرسوتيءَ اڳيان سرخرو ٿيڻ لاءِ، سترام روهڙا معرفت ڪيس چاوائي موڪليائين ته فلم جي ڊليوريءَ کان اڳ پنهنجا پئسا وصول ڪري وٺي. هوءَ لئٻ ۾ اچي ويهي رهي. چي ؛ پهرين مونکي نو هزار ڏي. مون ڪيس گهڻوئي ليلايو ته فلم رليز ٿئي ته مان توهان کي، توهانجي رقم ضرور واپس ڪندس. پر هن هڪ نه ٻڌي. نيٺ پنج هزار وٺي، پوءِ ڊليوري چالان تي صحيح ڪيائين. اُهي پنج هزار هڪ شاهوڪار کان هنڊيءَ تي وٺي آيو هوس.

مان ڏاڍو دکي هوس. راجن کي منت ڪندي چيم، ’مون سان جيترو ظلم ٿيو سو ٿيو. هينئر مهرباني ڪري تون مونکي منهنجي حال تي ڇڏي ڏي. تون فلم مان پنهنجا هٿ ڪڍي وچ ته مان فلم هلائي، ڪنيل قرض لاهي سگهان!‘

راجوءَ سگريٽ مان وڏو ڪش ھڻي، ڏند چيڪي چيو، ’ائين ڪيئن هٿ ڪڍندس. اچا ته توکي پيڙڻو اٿم...‘

اوڏيءَ مهل، ها اوڏيءَ مهل، زندگيءَ ۾ پهريون دفعو، منهنجي من ۾ هنسا پيڙڪو کاڌو ۽ راجن کي خون ڪرڻ جو جذبو پرٻل بڻجي، جاڳي

پيو. پر مون سنجم کان ڪم ورتو ۽ عضو پي ويس ....

نہ صرف ايترو، بلڪ هن مون کان هڪ ليٽر تي صحيح پئي گهري جنهن موجب هو ڪونج فلمس ۾ پائيوار نہ، ورڪر هو جنهنجو عيوضو هيترو ڪي هيترو هنڪي گهربو هو. مون اُن ليٽر تي صحيح نہ ڪئي جو اهو سچ نہ هو. فلم تي اسي هزارن بجاءِ، هڪ لک سٺ هزار خرچ آيو هو، جنهنجو حساب ڪتاب برابر لکيل هو. نقصان يقيني هو ۽ راجو نفعي نقصان، ٻنهي ۾ پائيوار هو. تنهن هوندي بہ مون هن کي چيو تہ هو فلم مان هٿ ڪڍي وڃي جيڪا ڳالهہ هن قبول نہ ڪئي.

سياڻو ماڻهو ٻلنگو ڦاسندو آهي. راجوءَ کان هڪ اهڙي خطا ٿي ويئي جنهن ۾ هو چؤڪنيو ڦاسي پيو. ليٽر پئڊ ۾ ائڊريس ۽ فون نمبر وغيره سندس گهر جو هو. ڪونج فلمس جي نالي، هز ماسٽرس وائيس وارن، رڪارڊن جي رايلٽيءَ جو چيڪ موڪليو تہ هن اُهو چيڪ موٽائي، اُن جي عيوض ڪانئن ٻيون چيزون ورتيون جيڪا فارجري هئي. فوجداري ڏوهہ هو. مون چندو لعل جئسنگهاڻيءَ معرفت راجوءَ مٿان فوجداري ڪيس داخل ڪيو. ڪيس بئلڊپيئر ڪورٽ ۾ پئي هليو. هو پهرين شنوائيءَ تي نہ آيو. ٻي تاريخ پيئي. ان وچ ۾ هو ڪن دوستن کي ساڻ وٺي ڪشنچند ناگراڻيءَ وٽ ويو جيڪو تازو جج جي عهدي تان رٽائر ٿي وڪالت ڪري رهيو هو. هن کي اُبتيون سبتيون پٽيون پڙهائي، چندو لعل کي فون ڪرايائون جيئن هو منهنجي ڪيس طرف پورو ڌيان نہ ڏئي.

اُن وقت راجن چاولا مشهور اداڪار راجيش کنہ جي پناري وڃي پيو هو ۽ ڪيس دلبو ڏيئي چيو هٽائين تہ هو لنڊن وڃي سندس فلمن جي ڊسٽريبيوشن آفيس کوليندو. راجيش کنہ هن جي ڳالهين ۾ اچي ويو هو.

ڪجهہ راجيش کنہ جي شهرت، ڪجهہ ناگراڻي وڪيل جي همٿ، راجو ٻيءَ شنوائيءَ تي بہ ڪورٽ ۾ حاضر نہ ٿيو. ٽينءَ شنوائيءَ جي وچ ۾ هو لنڊن پهچي هليو هو. جڏهن هو ڪورٽ ۾ حاضر نہ ٿيو تہ فاضل جج ڪاوڙجي ويو. هن راجن چاولا مٿان اَن بيليبل وارنٽ (بنا ظامن) جاري ڪيو.

مون راجن جي لنڊن واري ائڊريس هٿ ڪئي هئي. مان پنهنجيءَ تي اچان ها تہ انٽرراشٽريہ قانون موجب ڪيس لنڊن ۾ ئي گرفتار ڪرايان ها پر مون اهڙو سخت قدم نہ کنيو جيتوڻيڪ هن مونکي ڏاڍو ڏکي ڪيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو، ۽ اِن سبب ڪاوڙايو هو. اِهو فيصلو مون قدرت کي سونپي ڇڏيو.

ڏهن سالن تائين مان قرض ۾ پيڙبو رهيس. اُن وقت مون هڪ ليکڪ لکيو هو تہ : ماڻهو صرف جنگ جي ميدان تي ئي شهيد نہ ٿيندو آهي، ڪو ڪو ماڻهو فلمي ميدان تيَ بہ شهيد ٿيندو آهي، جيئن مان ٿيون هوس .....!

منهنجي ماءُ ڪانسواءِ هين سڀني مون کان منهن موڙي ڇڏيو هو. هنن جي ليکي مون هڪ دفعو وري ڪين فٽ پاٿ تي پهچايو هو. پيءُ ناراض، ڀاءُ ناراض، پٽ ناراض، ڌيئر ناراض، زال ناراض ۽ مان چنتائن ۾ چوُر ... رات جو گهر موٽان تہ امان ڪانسواءِ هيا سڀ سمهيا پيا هجن. هڪ ڏينهن، امان پاڻ وٽ سڏ ڪري، گهرائڙي پائي چيو، 'پٽ، تو ڪو ڏوهہ تہ نہ ڪيو آهي جو ايترو گهٽتي پيو ڪرين! تو ڏنڊو ڪيو جنهن ۾ نقصان پيو. فائدو بہ تہ ٿي سگهيو پئي. قرض برابر مرض آهي ليڪن اِهو مرض بہ لاهڻو تہ آهي نہ ... اگر توکي ڪجهہ ٿي پيو تہ بہ اُهو لاهڻو تہ پوندو ئي ... تنهن ڪري تون مڙس ماڻهو ٿيءُ ۽ اِن کي منهن ڏي '!....

مون ڪمر ڪشي ۽ پائي پائي، پئسو پئسو، ميڙي، قرض لاهڻ شروع ڪيو. منهنجو وچون پٽ چندر فوٽوگرافيءَ مان جيترو ڪمائي آڻيندو هو، پاڻ تي خرچ ڪرڻ بجاءِ منهنجو قرض لاهيندو هو ....!

من ۾ دک هجي، ڪليش هجي تہ راڳ بہ درد پريا ئي وڻندا آهن. قلم مان رچنا بہ اهڙيائي سوز واري نڪرندي آهي — ويدناشيل !

هوجمالو جي نقصان منهنجي من جي ويڻا جون تارون ٽوڙي، ڪيس بي سرو ساز بڻائي ڇڏيو هو. پريشانيون آڪيرو اڏي ويهي رهيون هيون. اُن ئي مؤڙ ۾، ١٩٧١ع ۾، هوجمالو پرنٽ جو دبو کلهن تي کڻي، يو. پي. جي اُنهن شهرن ۾ هلائڻ لاءِ ڪٽي ويس جتي جتي سنڌين جو ڪالونيون هيون. لکنؤ، ڪانپور، گورکپور، سيتاپور، فيضاباد، الله‌آباد، بنارس ۽ هردوار. نہ صرف اُتي فلم هلايم بلڪ سنڌين جي موجوده جيوت کان بہ واقف ٿيس جيڪا هو اُتي گهاري رهيا هئا. ڪو نهيل جڙيل گهر ڪيئن ونڙي برباد ٿي ويندو آهي، اِهو احساس ٿيو هو سنڌين جي سماجڪ حالت ڏسي.

مون اُنهن شهرن جي سنڌي ڪالونين ۾، گهر گهر وڃي فلم جون

ٽڪيٽون وڪيون هيون. سائيڪل رڪشا تي پوسٽر هٽي، فلم جا رڪارڊ وڄائي پڙهو ڏنو هئم.

بنارس ۾ ٻه ٽي ڏينهن رهيو هوس. اُتي جيڪي انيڙ پرايم، اُن تي ڊائري جا ورق لکيا هئم جي ڪونج جي ١٩٧١ع واري آزادي پرچي ۾ ڇپيا هئم. اُهي ورق پڙهي دهلي مان نارائڻ شيام ساراهه جو خط لکيو هو. بنارس ۾ تارا ميرچندڻاڻي وٽ ويندو هوس. اُتي ئي ستيش روهڙا پڻ مليو هو جيڪو مونکي پنهنجي گهر وٺي ويو هو. اُتي ئي ستيش روهڙا جي سمپادڪيءَ هيٺ ڪونج جو هڪ خاص پرچو ڪڍڻ جي يوجنا ٺاهي هئيسون جنهنجو نالو سنڌالاجي رکيو ويو هو. ليڪن باوجود ڪيترن خطن لکڻ جي ستيش روهڙا کي اديبن وٽان مواد نه آيو تہ هو نراس ٿي پيو ۽ گڏ ڪيل ٿورو مواد مونکي موڪلي، پاڻ پري ٿي بيٺو. مون جيئن تيئن ڪجهه مضمون وٺي، اُهو پرچو ظاهر ڪيو هو جنهنجو عنوان ساڳيو ئي رکيم : سنڌالاجي !

مان چاهيان ٿو بنارس ۾ لکيل اُهي ڊائريءَ جا ورق، پنهنجي هن آتم ڪٿا ۾ درج ڪريان جيئن منهنجا سڄاڻ پاٺڪ، جي منهنجي هيءَ آتم ڪٿا پڙهي رهيا آهن، اُهي ورق بہ پڙهي وٺن.

ذهن جي ڊائريءَ جا ٻہ ورق

بنارس — ١٠ اپريل، ١٩٧١

بنارس ۾ آئي اڄ مونکي پنجون ڏينهن هو. هوجمالو جو هڪ شو ڪاميابيءَ سان هائڻ لاءِ ڪيتري نہ جاکوڙ ڪرڻي پيئي آهي. پن پن ويچار وارن ماڻهن سان گڏجڻو پيو آهي ۽ ڪيترين ئي غير ضروري صلاحن کي برچشم ڪرڻو پيو آهي. ٽڪيٽون گهر گهر وڃي نيڪال ڪرڻيون پيئون آهن، جيئن بمبئيءَ ۾، شروعاتي دؤر ۾ ناٽڪن جون ٽڪيٽون وڪرو ڪيون ويندڙيون هيون.

اڄ چنڇر آهي ۽ هن وقت ڏينهن جا ٻارهان لڳا آهن. سڀاڻي يعني آرتوار صبوح جو نوين بڄي تائين، (شو شروع ٿيڻ جو ٽائيم) مونکي هينئر ڪوبہ ڪم نہ آهي، سواءِ رلڻ ۽ پلڪڻ جي.

هڪ بڄي منجهند جي ماني وغيره کائي فارغ ٿيو آهيان ۽ هينئر گودوليا جي چؤراهي تي بيٺو سوچي رهيو آهيان تہ گرميءَ جا هيءَ چند

گرم ڪلاڪ ڪٽي وچي گذاريان (جو تہ مونکي ۴ بجي تارا ميرچندائيءَ کي چار ٽڪيٽون پهچائڻ وڃڻو هو.)

هنن گذريل ۴ - ۵ ڏينهن ۾، وقتي اڪيلائيءَ جي احساس ايترو تہ پوڳايو اٿم جو اُنهن گهڙين - پلن ۾ ائين ٿي پئي ڀانيو اٿم تہ بنارس ۾ ڄڻ مان اڪيلو ۽ تن - تنها آهيان ۽ مونکان سواءِ هتي ٻيو ڪوبہ بني بشر ڪونہ آهي. اُن ويل منهنجي ذهن ۾ اڄ جي جديد ليکڪن جون اُهي ويچار ڌارائون ڦرڻ لڳيون جن ۾ هنن، هن جڙوادي يڳہ ۾ هڪ فرد جي گم ٿيل شخصيت، چهري ۽ نالي جو ذڪر ڪيو آهي. (فيس ليس، نيم ليس ۽ نالنگ نيس) بنارس ۾ ڪيتري ڀيڙ آهي. هر طرف ماڻهو ئي ماڻهو آهن ليڪن مون لاءِ ڄڻ سڀ چرندڙ ڦرندڙ ڪلپتليون آهن.

آخر ٻيو ڪجهہ نہ سجهيو تہ گنگا گهاٽ طرف رُخ رکيم. گهاٽ تي پهتس تہ تيرس ولي ويم. اُهو ساڳيو دشاشوميڌ گهاٽ جتي صبوح شام ڪٿا ڪيرتن ۽ ياترين، شرڌالن ۽ ڀڳتن جي ڀيڙ لڳي پيئي هوندي آهي، سنسان لڳو پيو هو. بلڪل منهنجي من جيان، جنهن ۾ هينئر ڪوبہ اُمنگہ ۽ اُلهاس ڪونہ هو. هتي - هتي ڪو ساڌو فقير ڇانو ۾ ليٽيو پيو هو. هڪ ڪنڊ ۾ هڪ ٻيي اڪيلو ويلو ڪجهہ سوچيِ بہ رهيو هو تہ پنهنجي وڏيل ڏاڙهيءَ کي آهستي آهستي سهلائي بہ رهيو هو. ميدان صاف ڇاڻي ڪُتا خالي دونا چٽي رهيا هئا. بہ ڇيلا بي فڪرا ٿي دونا ۽ ٻيا پن چٻاڙي رهيا هئا. پڏن جا ڪاٺ جا منچ، جتي ياتري پنهنجا وَستر ۽ وَستو رکي گنگا اِشنان لاءِ ويندا هئا، سي پڻ سُڃا لڳا پيا هئا. مان هلندو اُن منچ وٽ پهتس جتي روزانو پنهنجا ڪپڙا رکي، گنگا اِشنان لاءِ ويندو هوس. منچ خالي هو ۽ مٿس ڪچيءَ جي پنن جي ڇٽيءَ جي ڇايا هئي، جيڪا اُس جي بچاءَ لاءِ هر منچ تي لڳل هئي. مان مٿن ڪان ٽيلهو رکي، ڇٽيءَ جي ڇايا هيٺ ليٽي پيس. مٿي صاف ۽ نيرو آڪاش هو جيڪو سوريہ پرڪاش ۾ چمڪي رهيو هو ۽ پاسي کان گنگا وهي رهي هئي جا بہ ڄڻ تہ پنهنجن ٻالڪن کي وهنجاري سهنجاري، سندن منوڪامنائون پوريون ڪري، هينئر سُتي هئي ۽ ٿڪ وچان کيس ننڊ کڄي ويئي هئي. رکي رکي ڪن ٻالڪن گنگا جي شانت ڌارا ۾ ٽپا پئي ڏنا ۽ ائين سندس شانتيءَ ۽ نِندرا کي ڀنگہ پي ڪيو، جيئن اڪثر ڪير ڀياڪ ننڊڙا ٻار رکي رکي سُتل ماءُ جي ڇاتيءَ ۾ ٽوٽو هڻي سندس ننڊ ڦٽائيندا آهن يا ٻکہ وِچان

تڪڙي تڪڙي ڇڪڙ ڏيڻ شروع ڪندا آهن.

مان ٻه اڍائي ڪلاڪ اُتي ليٽيو پيو هوس. اِئين پئي ڀانيم ڄڻ پنهنجي جيجل جي پير ۾ ليٽيو پيو آهيان، جيئن اڪثر ننڍپڻ ۾، ٻن پهرن جي وقت، امان پير ۾ ليٽائي ڇڏيندي هئي ۽ ٿڌڙا ڪيدي ننڊ ڪرائيندي هئي. فرق صرف ايترو آهي جو اُن زماني ۾، اِن تاڙ ۾ هوندو هوس تہ ڪڏهن ٿي امان کي ننڊ کپي ۽ مان اُتان اُٿي کسڪان ۽ وڃي جيڏن سنگتين سان راند روند رمان. پر اڄ مون سچ پچ ننڊ ڪرڻ پئي چاهي جيئن هيترن ڏينهن جو ٿڪ ۽ اوجاڳو دور ڪري سگهان.

ساڍي ٽين بجي ڏاري ڪپڙا چندي اُٿيس ۽ گنگا جل سان هٿ منهن ڌوئي، تازو توانو ٿي، تارا ميرچندائيءَ سان ملڻ سندس گهر روانو ٿيس. رڪشا ڪري مان پوري چئين بجي سندس گهر پهتس.

’رامسنس‘ سندن فرم جو نالو آهي — جنرل اِسٽور، جنهن کي مون بمبئيءَ ۾ رهندي اڄ تائين هڪ سِلڪ مرچنٽ پئي سمجهيو. اڳيان سندن اِسٽور ۽ پٺيان رهائش جي، ماڊرن ڍنگ سان سينگاريل، ڪشادي جاءِ هئي، جيئن هُنن جي دِل ڪشادي آهي! هِن ڪان اڳہ مان تارا جي گهوٽ سان ڪونہ گڏيو هوس، اُن ڏينهن هن سان بہ منهان منهن ملاقات ٿي ويئي. ڇا تہ مڙس جي پرسنلٽي هئي! لنبو، ڇوڙو ۽ بيحد ڪلمڪرا مون سوچيو، اُها ناري ڇو نہ ڀاڳوان هوندي جنهن کي ههڙو شاهاڻي شخصيت وارو گهوٽ مليو هوندو. سندس سَسُ جهونن ويچارن جي هوندي بہ، اڄ جي زماني سان پاڻ نهڪائي هلندڙ هئي. هوءَ سنڌي ساهت بہ پڙهندي هئي. تارا جون نياڻون جي ٻالڪ اوسٿا پار ڪري چڪيون هيون، ڪافي سمجهدار ۽ دنيا داريءَ کان واقف هيون. مون من ئي من ۾ تارا کي شاباس ڏني جنهن پنهنجي سڀاجهي سڀاءَ بدولت گهر کي سرڳ بڻائي ڇڏيو هو. اهڙي ماحول ۾ مون جيڪي چند ڪلاڪ گهاريا سي نهايت شڪمير هئا، جي مان بنارس مان سوکڙيءَ طور ساڻ کڻي آيو آهيان. اُئين مونکي ڊاڪٽر ستيش ڪمار روهڙا جي سنگہ ۽ صحبت ۾ گذاريل چند ڪلاڪن مان بہ سنتوش مليو هو.

آرتوار، ١١ اپريل ١٩٧١.

اڄ هوجمالو جو مارننگہ شؤ هو، اِنهيءَ ڪري رات جو پوري ننڊ ئي ڪانہ آئي. هونءَ بہ ڌرمشالا جي ٽيپيل فرش تہ ننڊ گهٽ ايندي هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رات جو سمهنديءَ سمهنديءَ ١١ - ١٢ لڳي ويندا هئا ۽ صبوح جو ٥ - ٦ جي وڇهر اڪ ڪلي ويندي هئي. ڇهين بجي ٻاهريون ڦاٽڪ کوليندا هئا ۽ مان چانهه جي تلاش ۾ ڪيترا فرلانگ اڳتي نڪري ويندو هوس. پوءِ هليو ويندو هوس گنگا گهاٽ تي اِشنان لاءِ، جتان ڪلاڪ ڏيڍ بعد موٽي ايندو هوس.

شو سڪر سان پورو ٿيو. سماپتيءَ بعد ڪيترا ئي ڪلا ملا ۽ ڪڙا رايا هڏٿا پيا. ڪانپور مان ڀڳوانداس ڪيسواڻي آفيس جي ڪم سان بنارس آيو هو ۽ منهنجي هتي هئڻ جو ٻڌي، سئنيما ٻاهران اچي بيلو هو. ساڻس ملي ڏاڍي خوشي ٿي. هن جي گهر ۾ رهي مون جيڪو سڪ ۽ قرب پاتو هو سو ڪڏهن به نه وسرندو. تاڪيد ڪري چڏي هئائون ته جڏهن وري فلم هلائڻ لاءِ هتي اچان ته وٽن اچي لهان ۽ جي هئي ڪنهن هنڌ لٿس ته هو دل ۾ ڪندا. هلڻ وقت جيوت چاولا چيو هو ته مان بنا حجاب وٽن هليو وڃان. ۽ هينئر جو پاڻ ڀڳوانداس هتي گڏجي ويو ته آقي باقي ڀڏتر به دور ٿي ويئي چو ته هن اڳواٽ ئي ڪانپور لکي ڇڏيو هو ته مان بنارس ۾ آهيان ۽ جلد ئي ڪانپور اچڻو آهيان.

شام جو گنگا ۾، ٻيڙيءَ تي سئر ڪرڻ جو پروگرام ٺاهيوسين. مون سان گڏ سنڌو پريس جو مالڪ به گڏجي هلڻو هو.

ڪجهه ڏينهن کان اُتر پرديش جي ڪيترن شهرن ۾ برسات ۽ طوفان لڳي رهيا هئا. چڱوئي نقصان ٿيو هو. تنهن ڪري بنارس جي اُها شام به جهڙالي هئي. هيٺ هوا سبب گنگا ۾ شوخ لهرون هيون ۽ مٿي آپ ۾ وسڻ لاءِ آتا بادل هئا. ڀڳوانداس ٻيڙيءَ جي سئر لاءِ دل مان هٽڻ لڳو، جو اڳهر ڪيس هڪ ڪڙو آزمودو مليل هو. ليڪن اسان ٻن جي راءِ کي مان ڏيئي، هُن هلڻ سويڪار ڪيو. ٻيڙيءَ ۾ اسان ٽن کان سواءِ ٻيا پنج ست هندستاني پڻ هئا.

ڏاڍي وٽندڙ هوا پئي لڳي. اسان جي ٻيڙي قابل ملاح جي هٿن ۾ هئي ۽ اُها لهرن کي چيريندي اڳتي وڌي رهي هئي. اسين چڱوئي اڳتي وڌي آيا هئاسين. اوچتو ڦهرين ڦڙ ڦڙ ۽ پوءِ تيز هوا سان گڏ برسات به تيز وسڻ لڳي. ٻيڙي هوا ۽ لهرن تي لُڏڻ لڳي. سيني جي ڇهرن تي ماٺ جي مهر لڳي ويئي هئي. ملاح دلداري ڏيندي، ٻيڙيءَ کي بيحد سنڀال سان ڪناري طرف هاڪارڻ شروع ڪيو.

آخر اسين سکھ سان اڇي ڪناري پيڙا ٽياسين. گنگا جو هيءُ گهاٽ ڇڳو پري هو. اوچتو جئن نہ اُڀ ۾ بجلي چمڪي ڳُم ٿي ويندي آهي، تيئن هڪ گوري ناريءَ جي ننگي ديھ جو چمڪاٽُ ڏٺوسين جيڪو صرف هڪ ڪِن لاءِ هو ۽ ٻئي ڪِنِ اُهو جسم ڪاري چادر ۾ ويڙهجي، اکين کان اوجهل ٿي ويو — جيئن چندرما ڪارن ڪڪرن اندر لڪي ويندو آهي.

اُن اوجهڙ پاسي، ڪنهن بہ پرش جي اکڙ جي سنپاونا نہ ڄاڻي، شايد اُها هِپي گوري ناري پنهنجي جسم کي وسترن کان مڪت ڪري، ديھ جي اگنيءَ کي ورکا جي ڦوهار ۾ سيتل ڪري رهي هئي، ۽ اسانکي ڪناري تي لهندو ڏسي اُٺي ڪڙي ٿي ۽ پنهنجي ننگي جسم کي ڪاريءَ چادر ۾ ويڙهي هلي ويئي هئي. اُن ويل منهنجي من ۾ ويچار اُٿيو تہ ڇا اِهو ٻن ملڪن جي آبهوا جو اثر هو جو يورپ ۾ ساڳي ناري جسم ۾ گرمائش پئدا ڪرڻ لاءِ سوريہ اِشنان ٿي ڪري ۽ ساڳي ناري ڀارت ڀوميءَ تي اچي، ورکا اِشنان ڪري، تن جي اگنيءَ کي سيتل ٿي ڪري؟ يا اِهو ٻن تهذيبن جو ٽڪر هو جنهن ۾ يورپي تهذيب اندر واسنا جي ترپتيءَ جي کلي ڇوٽ هئي ۽ هِتي، ڀارت ۾، اُها ڪن مريادائن جي گهيري اندر بند هئي. ليڪن اُنهيءَ گهڙيءَ، مون تان ڀارتي تهذيب جي سُٺائيءَ جي خوش فهميءَ جو ڀوت لهي ويو جڏهن اسان مان هڪ جوان ڪلندي هيءُ بيهودو رمارڪ پاس ڪيو : ٻيڙي ٿورو اڳہ پهچي ها تہ مان اُن گوري ڇوڪريءَ کي وچي ڏٻايان ها .... هُن جي بڪواس تي سندس ساٿي ٽهہ ٽهہ ڪري کلڻ لڳا. مون من ئي من شرمسار ٿيندي سوچيو اسان جي هيءَ ٻيڙي گنگا جي گود ۾ سمائجي ڇو نہ ويئي!

هڪ دفعي گوروڏن ڀارتي بمبئيءَ آيو تہ مون وٽ بہ آيو. ڪيس فل سوٽ پيل هو. منهنجي دل کي چوٽ رسي. منهن مان اُمالڪ نڪري ويو، ’منهنجا ڪپڙا لهرائي، تون پاڻ فل سوٽ پائي پيو گهمين ....!‘

هو ڏڪڻو شاعر، منهنجي چوٽ تي ضربجي پيو. اُن ڏينهن کانپوءِ ڊن وري ڪڏهن فل سوٽ نہ پاتو ...!

ليڪن منهنجا بہ تہ سڀ ڪپڙا لهي چڪا هئا ...

راڄن چاولا سمجهيو هو تہ هو لنڊن وڃي سک چئن جي زندگي بسر ڪندو. ليڪن اِئين ٿيو ڪونہ. ڪجهہ عرصو گذريو تہ ڊن جو روح ڀارت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مونکي لاءِ بي قرار ٿي پيو. مگر هو پارت موني نہ پئي سگهيو جو ڪيس خبر هئي تہ مٿس وارنٽ نڪتل هو. منهنجي ليکي جلاوطني وڏي سزا هئي جيڪا هو ڀوڳي رهيو هو.

هڪ دفعي ناگراڻي وڪيل، جيڪو پاڻ ناول نويس هو، مونکي ڪونج جو چندو وٺڻ لاءِ پنهنجيءَ آفيس ۾ ڪوٺايو. مون جڏهن پنهنجي ۽ راجن جي جهيڙي بابت ڪيس حقيقتون ٻڌايون تہ هو وائڙو ٿي ويو. چيائين : مونکي تہ اِئين ٻڌايو ويو هو تہ تون راجن چاولا کي بلئڪ ميل ڪري رهيو هئين جنهن هو لنڊن وڃي نہ سگهي. پر هيئنر تہ ڳالهيون ئي ٻيون پيو ٻڌائن ....!

جڳت آڏواڻي، جنهنکي ڪي خوشامندڙيا اديب ۽ اديباڻون جڳت دا ڪوئيندا آهن، اُن پنهنجي معيار جي ماڙيءَ تان هيٺ لهي، 'چندولعل ساهت مالا' شروع ڪئي ان مراد سان تہ جيئن هو منهنجي ڪيس مان هٿ ڪڍي وڃي. اهڙيءَ طرح هن گيتا ۽ راج سان پنهنجي دوستي نباهڻ پئي چاهي ....! مونکي جڏهن اِن حقيقت جو پتو پيو تڏهن منهنجي دل ۾ جڳت آڏواڻيءَ لاءِ جيڪا عزت ۽ احترام هو، اُهو ڪافور ٿي ويو. هڪ ٻيو بہ سبب هو جنهن مون تي جڳت لاءِ قرب جا در ۽ دريون بندي چڙيا هئا. هن کي سنڌ سان اِن ڪري پيار ۽ حب نہ هئي جو تہ اُتي هن جي پنهنجي ڪابہ زمين جئداد ڪانہ هئي. تنهنجي معنيٰ تہ شاعر عزيز جيڪو هنياءُ ڦاڙيندڙ شعر چيو هو تہ : جئداد سنڌ اٿم ، ڪليم سنڌ تي اٿم .... اُن کي ڪا معنيٰ، ڪا اهميت ڪانہ هئي. شاهہ لطيف پنهنجو آفاقي شعر : حيف تني کي هوءِ، وطن جني وساريو .... شايد جڳت آڏواڻيءَ جهڙن شخصن لاءِ لکيو هو.

مان سوچيندو آهيان منش ڪيترو نہ وچتر آهي! اُن جي من ۽ انتهہ جو ڪو انت ئي نٿو لهي سگهي .... ڪڏهن هو آڪاش کي ڇهڻ جا يتن ٿو ڪري تہ ڪڏهن پاتال پهچي ٿو وڃي ....!

راجن چاولا پنهنجن دوستن کي خط لکيا تہ منهنجا بند آزاد ڪرايو، مون کي پارت موٽڻ جو رستو ڪڍي ڏيو.

هري آتمارام فون ڪري مون کي پاڻ وٽ گهرايو. سموريون ڳالهيون ٻڌي چيائين : تون حق تي آهين، توسان ناحق ٿيو آهي! وهنوار ۾ بہ پائر، ٿيون ليکو ....

هيري چاولا پڇيو : معاملو ڪهڙو آهي؟ مون ڪيس سمورو معاملو ٻڌايو. مشڪي ٻڌائين : ٺاهه جو ڪو رستو؟ مون چيس : ڀائيوار هو. نقصان جو اڌ ڀري ڏي. ويا ج، جيڪو مون ڀريو آهي ۽ ڀريان پيو، اهو مون ڇڏيو. جيترو مون کي ڀوڳايو اٿائين، اهو مون معاف ڪيو ...

موهن ڪلپنا نراڙ ۾ گهنج وجهي، سنجيده ٿي چيو : مونکي خبر آهي ته تون مونکي ڏاڍو ڀائيندو آهين. تون منهنجي هڪ ڳالهه ضرور مڃ .... رات جو سپني ۾ راجن اچي ٿو ۽ روئي ٿو ... چوي ٿو : تون منهنجو دوست آهين. تون ئي مونکي جلاوطنيءَ کان مڪتي ڏياري سگهين ٿو.

ٻڌ، منهنجا دوست، جلاوطنيءَ جي پيڙا مان به ڀوڳيان پيو، تون به ڀوڳين پيو ... تنهن ڪري تون مون تي اِهو هڪ احسان ضرور ڪر .... تنهنجا پئسا مان توکي ڏيندس، ليڪن قسطن ۾ .... تون راجن وارو وارنٽ رد ڪراءِ ....!

مون چيو : اِهو برابر آهي ته هڪ ليکڪ طور مان تنهنجي تمام گهڻي عزت ڪندو آهيان. ليڪن هن معاملي ۾ مان اڪيلو نه آهيان، منهنجو سمورو ڪٽنب شامل آهي. مان توسان هڪ رعايت ڪري سگهان ٿو. تون مونکي جيترا پئسا ڏيڻ چاهين، هڪ ئي وقت ٽيبل تي رک، مان اُهي ڳڻيندس به ڪونه، راجن جو وارنٽ ڪئنسل ڪرائي ڇڏيندس ....!

موهن کي خبر هئي ته مان سچ چئي رهيو هوس، پنهنجيءَ ڳالهه تان پنتي هٽندس ڪونه، ليڪن هن سواءِ ڳالهين ۽ دلاسن جي ٻيو ڪجهه به ٽيبل تي نه رکيو ۽ نه ئي رکڻ وارو هو ڇو جو مان موهن جي فطرت کان واقف هوس ....

هڪ ڏينهن ڪيرت ٻاٻاڻيءَ آفيس ۾ گهرايو. ڏسان ته اُتي گيتا ويٺي هئي. منهنجو گيتا سان ڪوبه جهيڙو نه هو. اسان ٻنهي هڪ ٻئي کي وِش ڪئي، خئر خيريت پڇي. ٻيون به رسمي ڳالهيون ٿيون.
ڪيرت چيو : گيتا توسان ڪجهه ڳالهائڻ ٿي چاهي. مهرباني ڪري تون سندس ڳالهيون همدرديءَ سان ٻڌج.

مون يقين ڏياريو ته گيتا چيو : ’تون اِئين سمجهه مان تنهنجي ڀيڻ آهيان ۽ ڀيڻ جي حيثيت ۾ توکان ڪجهه گهري رهي آهيان ته ڇا تون

پيٽ کي نراس ڪندين؟'

پومڪا ٿڌي مون هلڪو ڪليو. چيم : مان اهڙو ڪنور نہ آهيان، البت ڏکويل تمام گهڻو آهيان. جيڪڏهن منهنجي وس جي ڳالهہ هوندي تہ مان توکي نراس ٿيڻ جو موقعو نہ ڏيندس ...

گيتا پرس کولي نوٽن جو هڪ بنڊل منهنجي سامهون رکيو. منت ڪن ترسي چيائين : 'هيءُ منهنجي پنهنجي ميڙي چونڊي آهي. تون وشواس ڪر راجن اُتي ڪوڙي بہ ڪين ٿو ڪمائي، مان نوڪري ڪري گهر هلايان پيئي ....!

بہ منٽ ماٺ رهي پڇيم، 'گهڻا آهن؟'

'گهڻا بلڪل ڪونهن، صرف ڏهہ هزار آهن. تون اِئين سمجهہ، تو پنهنجيءَ پيٽ جو مانُ رکيو.'

'لکپڙهہ ڪيئن ٿيندي؟'

'سڀاڻي صبح جو ڪورٽ ۾ وڪيلن جي سامهون صحيون ڪنداسين. مان راجن کان پاور آف اٽارني وٺي آئي آهيان. مان ڪونج فلمس جي ٽوٽل مالڪي توکي لکي ڏينديس ۽ تون وارنٽ رد ڪرڻ واري درخواست تي صحيح ڪندين!'

مون سنجيدگيءَ سان چيو،'اِها صحي مان هڪ پيٽ جي چوڻ تي ڪندس، ليڪن راجن چاولا شخص طرف منهنجو جيڪو حق ۽ اِنصاف رهيل آهي، اُهو مونکي ڪڏهن بہ ملڻ گهرجي ...'

ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي چهري تي سرخ شعاع ٿيو. مرڪي چيائين، 'شاباس هجيئي! مونکي تو مان اِهائي اُميد هئي. فلحال هيءَ پئسا مان پاڻ وٽ امانت طور رکان ٿو، جڏهن ٻئي ڌريون پيپر ساين ڪندا، امانت مالڪ کي ڏيندس ...'

. اِهي ڏهہ هزار مونکي فلم جي نقصان ڀلي ڪين مليا هئا. هيءَ اُهي پئسا هئا جي شوٽنگ جي دؤران مون کين شخصي طور ڏنا هئا. سندن گهر جا رهيل بجلي بل ۽ راجن جي هندي فلم جي ايڊيٽر جا بقايا پريا هئا جو تہ هن يونين معرفت نوٽيس ڏنو هو ....

هوجمالو مونکي زندگيءَ جي ڪيترن مورچن تي شڪست ڏني. سنگت ئي سنگت ڏنا. هڪ طرف ڪٽنب جو ناراضپو. خاص طور بابا ڏاڍو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناراض هو. هن سخت پورهيو ڪري اسان کي لائقيءَ لڳايو هو. عزت آبروءَ سان جيئڻ ۽ رهڻ جو ذريعو ميسر ڪري ڏنو هو. اسان ڏن گهٽ، گامڙ طرفان عزت وڌيڪ حاصل ڪئي هئي. اِها پونجي وڌندي ئي رهي هئي. ليڪن هوجمالو سڀ ڪجهہ ڦري ورتو — خاص طور خوشي، جيڪا دُرلڀ چيز آهي.

هڪ ڏينهن بابا ڏکويل لهجي ۾ چيو، ’تو اسان کي واپس فٽ پاٿ تي آڻي ڇڏيو!‘

بابا جو ڏک وچان چيل اُهو جملو منهنجي سيني ۾ تير جيان چڀي ويو .... چڀيندو رهيو ....

ڪيترا ماڻهو وَرجائي چوندا آهن ؛ پروفيسر رام پنجواڻيءَ کي سرڳواس ٿئي هيترا سال ٿي ويا آهن پوءِ بہ تون اڃا تائين ڪونج ۾ سندس نالو پئٽنرشپ ۾ ڏيندو اچين!

مان هر ڪنهن کي تہ ڪونہ ٻڌائيندو آهيان ليڪن ڪِنِ خاص شخص کي اِن جو سبب ضرور ٻڌائيندو آهيان. مان کين ٻڌائيندو آهيان تہ پروفيسر رام پنجواڻي نہ صرف ٻهو مکي ڪلاڪار هو، سنڌي ٻوليءَ جو عاشق ۽ جاتيءَ جو گهڻگهرو هو، بلڪ ڪونج جو ۽ منهنجو شخصي طور خير خواهہ هو.

پروفيسر رام پنجواڻيءَ ڪونج لاءِ تہ گهڻيائي مدد ڪئي ليڪن مون کي جڏهن ’هوجمالو‘ فلم ۾ وڏو نقصان پيو ۽ زندگيءَ جي گاڏي پٽن تان لهي ويئي تہ هڪ ڏينهن مونکي اڳيان ويهاري چيائين، ’تون وڏو بيوقوف آهين! بيوقوف اِن ڪري ٿو چوانءِ جو جنهن تنهن تي وشواس ڪري، نقصان پائي، پوءِ ڳٽيون پوڳيندو وتين!‘ مان چپ ڪري ٻڌندو رهيس ۽ هو چوندو رهيو، ’هونءَ تہ مان تنهنجي ڪابہ مدد نہ ڪريان پر مونکي تنهنجي پيءُ جو خيال آهي، جنهنکي هيءُ سمورو قرض ڀري ڏيڻو آهي. تنهنجو پيءُ ۽ سندس ڀائر لاڙڪاڻي ۾ ديوان کي (سندس پتا ديوان پرتاپراءِ) ووٽ ڏيئي کٽائيندا هئا. ان ڪري مان تنهنجي نہ، تنهنجي پيئُجي مدد ڪري، کيس قرض کان ڇوٽڪارو ڏيارڻ ٿو چاهيان.‘

پروفيسر صاحب جي ايتري همدردي مون کان برداشت نہ ٿي سگهي، روئي ويٺس. پوءِ بہ مون من کي مظبوط ڪندي چيو، ’اوهان جي وڏي مهرباني جو اوهان اسان جو ايترو اونو رکو ٿا. ليڪن مان پنهنجي پيءُ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيءُ لاءِ بيک يا دان ولي، سندس عزت گهٽ نہ ڪندس. توهين رگهو ايتري مهرباني ڪجو، ڪونج تي پنهنجو هٿ رکندا اچجو جيئن اُها بند ڪرڻ جي نوبت نہ اچي.

اِنڪري پروفيسر رامُ پنجواڻي نہ صرف منهنجيءَ دل تي بلد ڪونج جي پئلنرشپ تي پڻ مٿاهون آهي ۽ مٿاهون رهندو ....

اڄ بابا اسان جي وچ ڪونهي. امان بہ ڪانهي. ڪوشليا بہ نہ رهي آهي. ليڪن اُنهن جي ياد سيني کي آهي. هميشه رهندي .....

بابا جڏهن پيريءَ سبب گهر ويٺو ٿيو تہ پنهنجا ڪي نيم ٽيم ٺاهي ڇڏيائين. صبح جو سوير اُٿي، سنان پاڻي ڪري، اڇا ڌوتل ڪپڙا پائي، ڏاڙهي ۽ وارن کي ڦڻي ڏيئي، ٽائي ۽ پٽڪو ٻڌي، سکمنيءَ جو پاٺ ڪندو هو. پوءِ کير ۽ بسڪيٽ جي نيرن ڪندو هو. اُن بعد گهر جي ڪم ڪار ۾ هٿ ونڊائيندو هو. ڀاڄيون ڪلي ٺاهي ڏيڻ، ڌوتل ڪپڙا سڪڻ وجهڻ، سڪل ڪپڙا لاهي، ويڙهي رکڻ. ٻنپهرن جي ماني کائي سمهي پوندو هو. جيستائين اسان وٽ جيڪي ڪتو هو، اُن کي رات وارو کاڌو — بريڊ ۽ جيراندي پوري بابا ئي کارائيندو هو.

منهنجو بابا، جنهنجو گرونانڪ ديو ۾ اٽل وشواس ۽ شرڌا هئي، جيڪو مونکي ڪلهي تي ويهاري شهر ولي ويندو هو، صبح جو هنج ۾ ويهاري گراموفون تي ڀڳت ڪنورامُ، سئگلَ ۽ جيوٽي ٻائيءَ جا رڪارڊ ٻڌائيندو هو، هڪ دفعي مونکي ماهوٽن ڪان پنڌ ٽي پنڌ ڏامراهن ولي ويو هو — منهنجي ناناڻي، جتي امان ٽڪيل هئي. اُن پنڌ ۾ رات پئجي ويئي هئي ۽ اسين ٻئي پيءُ پٽ، هڪ ڪکائين جهوپڙيءَ ۾ ٻرندڙ لالٽين جي جهڪيءَ روشنيءَ جي آڌار تي، ماڳ وڃي پهتا هئاسين. دڳ ۾ ڪُتن کي لٺ اولاريندا ويا هئاسين. ڊپ وچان مون بابا جو هٿ سوگهو جهليو هو.

ٻئي هڪ دفعي بابا مون کي منهنجي ڏاڏاڻي ڏيهہ، خيرپور ولي ويو هئو جتان لقمان وڃڻا هئاسين. خيرپور ۾ بس مان لهڻ شرط سڀ کان پهرين ڱتي تي هلي دارون پيتو هئائين، تسريءَ ۾ ..... اُهوئي منهنجو بابا، مون کي ننڍپڻ ۾ ڪراچيءَ ولي ويو هو گوميءَ جي شاديءَ ۾ جتي هن جي شادي چيتن مارڙيوالا سان ٿي هئي ..... ساڳيو بابا مون تي سخت ڪاوڙيو هو جڏهن اسان بمبئيءَ ۾ حلوائڪو دڪان کوليو هو ۽ ٽئين ڏينهن منهنجي غفلت وچان، گهٽي بار رکڻ سبب، شوڪيس جا شيشا ٽٽي پيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئا ۽ ڪانچ جا ٽڪرا حلوي اندر دٻجي ويا هئا ..... هو مون تي اُن وقت بہ ڪاوڙبو هو جڏهن مان ليڪن جي ڪنهن پڪنڪ، ايڪسڪرشن يا سميلن - سيمينار وغيره ۾ شرڪت ڪرڻ ويندو هئس. بابا مونکي وڃڻ کان روڪيندو هو ۽ مان ضد ڪري هليو ويندو هوس. پوءِ هو رُسي ويندو هو ۽ مهنو ڪن رٺل رهندو هو، ڳالهائڻ ٻولهائڻ بند ڪري ڇڏيندو هو. هڪ دفعي ايتري ڪاوڙ لڳس جو ڪرسي ڪٽي اولارڻ لڳو. ڪوشليا ورجائي چيس : 'هيءُ ڇا پيا ڪريو. پنهنجي وڏي پٽ کي سندس زال جي سامهون ڪرسي اولاري رهيا آهيو ...! مون زال کي روڪيندي چيو : تون اسان پيءُ - پٽ جي وچ ۾ نہ اچ .... بابا کي ڪاوڙ ڪيڻ ڏي ... اِهو سندس حق آهي ...

هڪ ڏينهن مونکي هڪ ننڍي ٽريلريءَ لاءِ هوجمالو جا ساڍا ٽي هزار مليا تہ بابا چيو : مون کي انهن پئسن مان اڍائي هزار ڏي. ڪوشليا چيو : توهان ايترا پئسا ڇا ڪندا؟ چندر ماءُ کي چيو: پاپي، تون وچ ۾ نہ پوين. بابا پنهنجي پٽ کان پئسا ٿو گهري، ڏيڻ ڏينس، پوءِ هو ڪيڏانهن بہ ڪري. مون بابا کي اڍائي هزار ڏنا تہ اُنهن کي ساه سان سانڍڻ لڳو.

بابا ڪڏهن ڪڏهن، ڪجهہ عرصو، منهنجي ننڍي ڀاءُ آسوءَ وٽ سيان ۾ رهڻ ويندو هو. جڏهن امان جو منهنجي گهر ديهانت ٿيو تہ هن اوڏانهن وڃڻ گهٽائي ڇڏيو هو، چوندو هو : منهنجا ڪبوتر بہ هتي تہ ڪانوَ بہ هتي. مان سيان ڪونہ ويندس. جڏهن ڀاءُ ۽ ڀاڄائي ساوتريءَ گهڻو زور ڀريس تہ ٻہ ٽي ڏينهن ٽڪي موٽي آيو. مون ڀڇيومانس جلدئي ڇو موٽي آيا تہ ڀريل من سان چيائين : تنهنجي ماءُ هتي ٿي، هن گهر ۾ پراڻ تياڳيا، مان بہ هتي ئي آخري ساه ڪڍڻ ٿو چاهيان! هيءُ ٻيو دفعو هو جڏهن بابا جي چيل ڳالهہ منهنجي سيني ۾ تير جيان چڀي هئي ....

اُن ڏينهن بعد منهنجو بابا سان عشق ٿي ويو. اسين پيءُ پٽ، عاشق معشوق بڻجي وياسين - بابا معشوق، مان عاشق ...!

پوءِ بابا بيمار رهڻ لڳو. پاٽمرادو باٿ روم ۾ وڃي نہ سگهندو هو. اُهو ذمو مون پاڻ تي کڻي ورتو. اُن وقت مان ماءُ هوس ۽ هو منهنجو اولاد ..... ۽ جيئن ماءُ پنهنجي اپاهج ٻار جي سار سنڀال لهندي آهي، مان بابا جي ٽهل ٽڪور ڪرڻ لڳس. صبح جو باٿ روم ۾ سنان پاڻي وغيره، اڇا ڌوتل ڪپڙا پهرائي، ڏاڙهي وار ڦٽيءَ سان سنواري ٻڌڻ، جوئر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ تہ ٻاجھريءَ کي هٿ لڳارائي، ڪبوترن ۽ ڪانون کي وجهڻ. پوءِ ڪيس پاٽ ڪرڻ لاءِ چوان، ۽ هو بنا آواز مک مان سکمني اُچارڻ لڳي. ڪير بسڪيٽ جي نيرن بہ ڪرايانس. پوءِ سمهاري ڇڏيانس. ہنپهرن جي ملني، مان نہ هجان تہ منهنجون نهرون - پوٽيون ڪيس ڪارائين. ڪانوَن لاءِ ڪڍيل گرهہ، ڪانوَن کي ڏين .....!

۽ پوءِ بابا وڏيڪ بيمار ٿي پيو. ٩٥ سالن جو اَچي ٿيو هو. صفا ضعيف ٿي ويو هو. نرسنگہ هوم ۾ داخل ڪيوسونس جتي مان هروقت سندس ويجهو رهيس. جيترو وقت بابا نرسنگہ هوم ۾ رهيو، مون لکيو پڙهيو ويلي. پاٽيارا پکي ناول اُتي ئي فيئر ڪيم. بابا ڏري گهٽ ڪوما ۾ هو. صفا چُپ. صرف نهاري ۽ ڇُري پُري. ڊاڪٽر جي صلاح تي ڪيس گهر آندوسون. صبح شام بہ نرسون سندس ديکڀال ڪن. هر چيز لاءِ دام چڪائڻو پوندو آهي. نرسن کي پڻ چوکو دام چڪائڻو پوندو هو. ليڪن نرسن جهڙو نشڪاوان شيواڌاري بيو ڪير نہ هوندو. اِنهن جي جيتري عزت ڪجي ٿوري آهي. مونکي شخصي جاڻ آهي تہ هو ڪيئن نہ قرب سان بيمارجي ديکڀال ڪنديون آهن. اهڙيءَ ئي هڪ سهاجهي نرس کي مون اَجهو ناول ۾ پورٽريٽ ڪيو آهي. هڪ ڪهاڻيءَ 'رشتين جو اسٽريڪچر' ۾ پڻ هڪ نرس جو ڪردار چٽيل آهي.

لک لائق چندر پٽ جا جنهن پنهنجي ڊاڊي تي لک خرچ ڪيا. مان ڪيڏانهن ٻاهر وڃان تہ مون وارا فرض هو بجا آڻي. هڪ دفعي بابا نسبت هڪ اهڙي ڳالهہ چيائين جنهن سبب منهنجي دل ۾ هن لاءِ پيار وڌي ويو. ڪيس داد ڏنم ۽ ڪوڙ آسيسون بہ ڪيم.

مون چندر کي چيو : 'بابا پنهنجي ملڪيت ٻنهي پٽن کي ورهائي ڏني آهي. فيصلي موجب جيستائين بابا حيات آهي، ٻنهي پاٽرن کي سندس ديک ڀال ڪرڻي آهي ۽ اڌو اڌ خرچ پرٽو آهي. اِن صورت ۾، بابا جي علاج تي ٿيندڙ خرچ جو اڌ حصو آسوءَ کي پري ڏيڻ گهرجي ....'

چندر چڙي پيو. چيائين : دادا، توهان بہ ڪمال ٿا ڪريو بابا ملڪيت تہ ڪانهي جيڪا اسان ورهائي ڪنئي آهي. بابا اسان جي گهر جو وڏو آهي، اسان سان گڏ رهي ٿو ۽ اسين اُن جي علاج تي ٿيندڙ خرچ جو اڌ حصو گهرون؟ اِها تہ لعنت چئبي ! چا اسين اِها لعنت پاڻ تي کڻون؟'

مان لاجواب ٿي ويس. بلڪ شرمسار ٿيس جو اهڙي ڳالهه پنهنجي منهن مان ڪڍي هئم!

ليڪن مونکي پنهنجي پيءُ تي ڪاوڙ ۽ غصو هو. هوجمالو جي نقصان بعد مونکي ريلي پاڻ دڪان جو مالڪ بڻجي ويلو هو. پنهنجي سِرِ فيصلو ڪري، هڪ دڪان مان به دڪان ڪري ڇڏيا هئائين ۽ پاڻ مٿائيءَ جو، وڏيڪ ڪمائيءَ وارو حصو ڪٽي، مونکي ڇهري مال جو، گهٽ ڪمائيءَ وارو حصو ڏنو هئائين. هوجمالو جو سمورو قرض منهنجي ڪاتي لکي، پاڻ شاهوڪار بڻجي ويهي رهيو هو. ١٩٧٠ع کان ١٩٨٢ع تائين، سانده ٻارهن سال مون اڪيلي سر قرض پئي لاٿو جنهن ۾ چندر ٿوري گهٽي مدد ڪئي پئي چندر ڪڏهن ڪڏهن خار ڪائي چوندو هو ته چاچي کي خبر آهي ته اسان تي قرض آهي ۽ پوءِ به اسان کي ڪجهه سال مٿائيءَ جو ڏنڊو ڏنو سونپي جيئن اسين قرض لاهي سگهون....

چندر جي ڳالهه سچي هئي پر مون ڪيس سمجهايو ته اسين پيءُ جا به پٽ آهيون. اسين پائر پاڻ ۾ وڙهنداسين ته پيءُ جي دل کي چوٽ رسندي. پئسا اڄ نه ته سڀاڻي ڪمائي وٺبا، قرض به لهي ويندو، پر پيءُ وري ملي نه سگهندو...!

چندر ٿڌو ٿي چيو : ليڪن دادا، اسان کي اڃان نياڻين جي شادي ڪرائڻي آهي. اِهي سڀ ڪارج فرساڻ جي ڏنڊي مان ڪيئن پورا ٿي سگهندا؟

اُن وقت چندر اڃان فوٽوگرافي سکي رهيو هو. منهنجو وڏو پٽ ڪنهن ڪم جو نه هو. هو صرف پنهنجي پيٽ لاءِ ڪمائيندو هو، اُن لاءِ ئي سوچيندو هو. ننڍو پٽ، پرڪاش، اڃا ننڍو هو ۽ ٻاراڻي هڏي هئس.

مونتي بابا جو هٿ ۽ امان جي آسيس هئي. مون ٻارهن سالن ۾ قرض لاهي پورو ڪيو ۽ نئون جنم ورتم...!

منهنجا دوست ٿورا آهن ليڪن جن سان دوستي اٿم، اُنهن سان نڀائيندو آهيان. اُنهن ۾ ڀيد ڀاءُ نه رکندو آهيان. جيوت معرفت يوسف سان واقفيت ٿي جيڪا دوستيءَ ۾ بدلجي ويئي. هو به جيوت سان گڏ ريلوي ۾ نوڪري ڪندو هو. هن جا وڏا پائر ٻبن ۽ محمد سروش رضوي، ڪميونسٽ خيالن جا هئا. ٻبن فلم لائن ۾ هو ۽ محمد سروش ٽريڊ مارڪ

واري آفيس ۾ نوڪري ڪندو هو. ڪيس وڏالا ۾ سرڪاري ڪوارٽر مليل هو. ببن، يوسف ۽ سندن ماٽيلا ڀائر اختر ۽ سبطي سڀ گڏجي، ماهيم ۾ رهندا هئا. مان سندن گهر، پنڇرتن ۾ ايندو ويندو هوس. هئا ترقي پسند ليڪن نهايت قدامت پرست هئا. پردي جا سخت قائل ۽ تنگ نظر ....

پر منهنجو اِنهن ڳالهين سان واسطو نه هو. مان يوسف جو دوست هوس ۽ ساڻس دوستي نباهي رهيو هوس.

يوسف کي نوڪري ڪانه پئي آئڙي. هن ڪونه ڪو بزنيس ڪرڻ ٿي چاهيو. مون سندس مدد ڪئي ۽ ڪيس ريڊي ميڊ ڪپڙي جو ڪارخانو کولائي ڏنم. دڪان به منهنجو ته اوڌر تي مال چاهي هنڌين تي پئسا به مون وٺرائي ڏنس. ڪارخانو جمي ويس. هندستان جي وڏن وڏن شهرن ۾ سندس مال وڃڻ لڳو. دبئيءَ جو هڪ شيخ ٻڌو گراهڪ ٿي وين. پهرين دفعي ۾ ئي لک سوا جو مال وٺي ويو. يوسف هر طرح خوش هو. شادي به ڪيائين. پردي جا سخت پابند هوندي به مونکي پنهنجيءَ بيگم سان ملايائين. سندس بيگم مونکي سلام ڪندي چيو : ڀائي صاحب، اوهان جي نيڪي ٻڌي هئم، اڄ اوهان کي روبرو ڏٺم. اوهان اسان لاءِ گهڻو ڪجهه ڪيو آهي. خدا اوهان کي وڏي عمر عطا ڪري ....!'

مون موٽ ۾ ڪيس سلام ورائيندي چيو : 'اوهين هميشه خوش رهو، اِها منهنجي دعا آهي.'

ببن فلم لائن ۾ هوندي به بيڪار هو. ننڍا ڀائر بيڪار ويٺا هئا. نيتجي ۾ سڀ ڀائر يوسف جي ڪارخاني تي اچي ڳاهٽ ٿيا. ڪمائيءَ کان خرچ وڌي ويو. واپارين کي رقمون دير سان ملڻ لڳيون. هڪ ته اوڌر به ٻڏي ويئي. يوسف ٽٽي پيو. جميل ڪيل ڪارخانو بيمار پوندو ويو. وڏو ڪارخانو ننڍي ۾ تبديل ٿي ويو، پر اُهو پئسي جي آڪسيجن کان سواءِ زنده رهي نه سگهيو. نيٺ ڪارخانو بند ٿي ويو. برقت ويئي ته وري واپس نه وريا هنڌين تي کنيل پئسن مان ڪجهه رقم مونکي چڪائڻي پيئي.

پوءِ يوسف هڪ ٽئنڪر خريد ڪيو جنهن لاءِ بئنڪ مان قرض کنيائين. اُهو ٽئنڪر بمبئيءَ مان گجرات ۽ گجرات مان بمبئيءَ تيل پري آڻڻ لڳو. هڪ ڏينهن اُن ٽئنڪر سان روڊ حادثو ٿيو. بئنڪ جون قسطون نه ڀريون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويئون تہ بئنڪ اُهو نئنڪر ڪٽائي ويئي. اُن بعد هو ڪنسٽرڪشن لائن ۾ گهڙيو ۽ ڏيري ڏيري مٿي اُسرندو آيو. هڪ ڏينهن سندس مائيلو ڀاءُ اختر سندس منو لک رپيا ڪٽي ڀڄي ويو ۽ وڃي پنهنجو ڪنسٽرڪشن جو ڪم شروع ڪيائين. ڏسندي ڏسندي اُهو اختر، اختر حسين رضوي بڻجي ويو ۽ رهيجا بلڊرس وارن سان ڪلهو هڻڻ لڳو.

يوسف ڪنسٽرڪشن لائن مان سٺو ڪمائڻ لڳو هو ليڪن سندس نيت ۾ خلل اچي ويو هو. مون واري رهيل رقم واپس ڪرڻ جي وائي ئي ڪانہ ٿي وارڀائين. صرف ٺلها واعدا پئي ڪندو آيو. ٻئي طرف پنهنجي ڀاءُ ٻبن کي مدد پئي ڪيائين جنهن جانثار اختر سان گڏجي 'ٻهو بيگم' شروع ڪئي هئي جنهنجي شوٽنگ ڏيڪارڻ شيخ اياز ۽ رشيد ڀٽيءَ کي وٺي ويو هوس، جڏهن هو ٻهريون دفعو پارت آيا هئا. فلم جي هيروئن مينا ڪماري هئي جنهنجي سونهن ڏسي اياز مٿس مشتاق ٿي پيو هو. هن ڪيس اُردوءَ ۾ ترجمو ڪيل شاهہ جو رسالو ڀيٽ طور ڏنو هو.

باندرا نئشنل ڪاليج ڀليان هڪ ڪمرو پئي مليو جنهن لاءِ يوسف وٽ پئسا ڪونہ هئا. اُهي پئسا مون ڪيس پنهنجي زال ڪان وٺي ڏنا ۽ هن اُهو روم ورتو. اڳتي هلي هن پنهنجي جاءِ نهرائي ۽ اُهو ڪمرو وڪڻي ڇڏيو تہ بہ مون وارا ڏنل پئسا واپس نہ ڪيائين.

جڏهن منهنجيءَ وڏيءَ ڌيءُ جي شادي طئہ ٿي تہ مون وٽ پئسا ئي ڪونہ هئا. تہ مان يوسف وٽس ويس ۽ ڪيس ليلائي چيم تہ منهنجي ڌيءُ جي شادي آهي، مون کي منهنجا پئسا واپس ڏي. پر منهنجو اُهو ليلائڻ ڇڻ اونڌي گهڙي تي پاڻي هو ! اُن وقت مان سخت پريشان هوس. ڌيءُ کي ڏيڻ لاءِ مون وٽ ڪجهہ ڪونہ هو. ڀاءُ مان اصل اُميد ڪانہ هئي. جيتوڻيڪ پنهنجي وڏي پٽ جي شادي وچ پول مان ڪئي هئائين ۽ واڌو ڪنيل رقم بابا جي کاتي لکي هئائين.

. منهنجي ڌيءُ جي شاديءَ وقت بہ ماڻهو ڪم آيا. هڪ منهنجو ننڍو سوٽ موهن، جنهن شاديءَ واري ڏينهن بہ هزار هٿ ۾ ڏيئي چيو : 'ڪجهہ نہ چئيج. تون مون وٽ آيو هئين پر شرم کان گهري نہ سگهيو هئين. ڪڏهن ٿيني تہ ڏجانءِ نہ تہ ڀلجي وڃجانءِ ....! مان اندرئي اندر ڳوڙها پي ويو هوس.

ٻيو ماڻهو هو نارائڻ پارتي جنهن منهنجي ناٺيءَ لاءِ فل سوٽ جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪپڙو اوڏر تي وٺي ڏنو هو، پنهنجيءَ واقفيت تي ....!

ماڻهوءَ جو من ڪڏهن ۽ ڪيڏيءَ مهل ڦيرو کائي، ڪيئن ٿو کائي، ڪجهه چئي نٿو سگهجي ....

هڪ ڏينهن يوسف جي بيگم، يوسف کي چيو، ’مون کي خبر آهي ته پائي صاحب جا تو ڏانهن پئسا رهيل آهن پر تون ڪيس ڏين ڪونه ٿو. توکي خبر آهي. الله تعليٰ اُن جي اسانکي ڪيتري سزا ڏني آهي!‘

يوسف زال جو مطلب نه سمجهيو. هو بيگم جو منهن تڪڻ لڳو.

بيگم سمجهائيندي چيس، ’اسان جو هڪ پٽ لولو آهي ۽ ٻئي کي به وِڏ آهي .... اِهو ڇا آهي؟ اِها الله طرفان سزا آهي جيڪا اسان بجاءِ اسان جان پٽ ڀوڳي رهيا آهن. مهرباني ڪري پائي صاحب کي پاڻ وٽ گهرائي، منهنجي سامهون، ڪيس پئسا ڏي ته جيئن مان ڪانئس معافي وٺي سگهان .....!‘

يوسف ائين ئي ڪيو جيئن ڪيس بيگم چيو. مونکي گهر گهرائي ڏهه هزار ڏيئي چيائين، ’تنهنجا اسان مٿان وڏا احسان آهن. مون توکي هيترو عرصو رقم لاءِ ترسايو تنهن لاءِ شرمسار آهيان.‘ بيگم دروازي پنيان بيٺي سڀ ٻڌي رهي هئي. چيائين، ’هوءَ توکان معافي ٿي گهري. مهرباني ڪري تون اسان کي معاف ڪر .....!‘

مون اندرين دروازي طرف نهاريو جتان بيٺي بيٺي بيگم مونکي سلام ڪيو.

منهنجو حق پنجويهه هزار هو ليڪن مون کي هنن صرف ڏهه هزار ڏنا جي يوسف جي بيگم ڏيارِيا هئا. مونکي ٻيا ڏهه هزار راڄن چاولا وٽان مليا جي سندس زال گيتا پنهنجي ميڙي چونڊي مان ڏنا هئا ....

ليڪن مون وٽ ٻنهي جا کاتا اُجان چالو آهن. اُهي تڏهن بند ٿيندا جڏهن مونکي منهنجو پورو حق ۽ حساب ملندو .....!

مان هميشه انساني قدرن جو قائل رهيو آهيان. اُن ۾ ڌرم — مذهب جي ملاوٽ کان پري رهندو آهيو آهيان. اهوئي سبب آهي جو مون هر مذهب، هر ڌرم وارن سان دوستي نباهي آهي، نباهيندو اچان ٿو، نباهيندو ايندس .....

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چاولا فئمليءَ کي مان ڪڏهن به وساري نه سگهندس. منهنجي جيون ۾ چاولا پائرن جو اثر - دخل نه هجي ها ته مان شايد آدب جي راهه تي ڪڏهن گامزن نه ٿيان ها. جيوت چاولا جي صحبت سبب مان هنن جي ڪتنب جو هڪ انگ بڻجي ويو هوس. ڊاڪٽر چاولا سنڌيءَ جو مجيل ليکڪ هو. سهڻي مخزن ۾ سندس ڪهاڻيون ڇپبيون هيون ۽ سهڻي ٻين رسالن کان بلڪل علهدي هئي. اُها نج ادبي مخزن هئي جنهن ۾ سنڌيءَ جي وڏن اديبن ۽ شاعرن جون رچنائون ڇپبيون هيون. ٻنهي پائرن جي مزاج ۽ سڀاوَ ۾ وڏو فرق هو. ڊاڪٽر چاولا خوش مزاج، ملنسار ۽ عاشقي طبعت جو نوجوان هو. پارو چاولا سان پريم - وواهه ڪيو هئائين. سندن ٻه ڏيئر شوڀا ۽ سنڌو منهنجي گود ۾ کيڏيون آهن. ڊاڪٽر جي پيٽ ۾ جيوت بلڪل مائيٽو ۽ گهٽ ڳالهائو هو. سنڌي ٻوليءَ ۽ ساهت سان عشق هوس جنهن سبب اُن جي بي حرمتي برداشت نه ڪري سگهندو هو. غلط ٻولي لکڻ وارن کي معاف نه ڪندو هو. اِن معاملي ۾ هو عزيز جيان سخت هو جيڪو ٻوليءَ جو شهنشاهه هو. جيوت لکيو تمام گهٽ ليڪن جيڪي به لکيو، اُهو وزندار لکيو آهي. واسديو نرمل جي ڪتاب تي لکيل سندس عالماڻو مهاڳ اُن جو ثبوت آهي. جيڪي ڪتاب ترجمو ڪيائين، اُنهن جي ٻولي پڙهڻ وٽان آهي. شاديءَ بعد هو ڪملا ۽ ٻن ڏيئرن - انو ۽ پونم سان بلڪل خوش هو. انوءَ جي شاديءَ بعد پونم ۾ سندس ساهه هو. مون چاولا پائرن جي سنگت مان گهڻو ڪجهه پرايو. پارو جهڙي سڀاجهي ۽ شاعراڻي دل رکندڙ اِستريءَ جو اوترو ئي سنيهه پاتم جيترو هن پنهنجي ڪتنب جي پاتين کي ڏنو ۽ ڏيندي اچي پيئي...!

منهنجن ٿورن دوستن مان وشنو پڻ آهي. هو اگر ديهه کان ڏُدستو آهي ته ادب ۾ به سہل آهي، خاص طور جديد ادب جي کيتر ۾...! هو نوڪريءَ جي ڊيوٽي ڏيئي، رات جو مون وٽ ايندو هو. دڪان بند ڪرڻ بعد اسين ٻئي چڪر تي نڪرندا هياسين. آخري بيلڪ پاٿيا باغ ۾ ٿيندي هئي جتي ادب کان وٺي ٻين ڪيترن مسئلن تي بحث مباحثو ڪندا هئاسين. هوجمالو جي جهنجهٽ سبب ڪجهه عرصو ڪونج جي سمپادڪي جوابداري کنئي هيائين جنهن ۾ موهن ديپ سندس سهيوگي هو.

وشنوءَ جي صحبت ۾ مون جيڪي ڪهاڻيون لکيون آهي آهن : 'رستي جو تاج محل' 'جت مان نپڪيل هڪ بوند'، 'گونگو' ۽ 'عدد واحد' ڪهاڻيون.

ٽن ڪهاڻين ۾ رستي جو تاج محل، عدد واحد ۽ پوءِ لکيل لغڙ ڪاٽا، ڪهاڻين ۾ وشنو ڀاٽيا جو ڪردار آهي. ۽ گهڻو پوءِ لکيل منهنجي چوٿين ناول ’ٻاهر نڪرڻ جو رستو‘ جي نائڪ ۾ جن ٻن سنڌي ليکڪن جي ملاوت ٿيل آهي، ٽن مان هڪ وشنو ڀاٽيا ۽ ٻيو موهن ڪلپنا آهي. اهڙيءَ طرح ’خوددار‘ ڪهاڻيءَ جا پرش ڪردار موهن ڪلپنا ۽ لعل پشپ آهن.

منهنجون ڪيتريون ڪهاڻيون ڏلل واٽلل ۽ جيئرن جاڳندڙن ڪردارن تي ٺي لکيل آهن. اُنهن ڪردارن جو بيان ڪرڻ ويهندس ته هيءَ منهنجي آتم ڪٿا وڏو گرنٿ بڻجي پوندي ...

اُنهن ئي ڏينهن هريش واسواڻي بمبئيءَ اچي رهيو هو. ڪيس ’ڏرم يگ‘ ۾ ڪم ڪرڻ جو وجهه مليو هو جنهنجو سمپادڪ ڌرم وير ڀارتي هو.

وشنو ڀاٽيا جيان هريش واسواڻي پڻ رات جو ئي ايندو هو. هو ڪولابا ۾ پيئنگ گيسٽ طور رهندو هو ۽ رات جي ماني هوٽل تان کائي ايندو هو. اسان ٽنهي جي ڀاراٽي ٿي ويئي ۽ پاڻ ۾ ڪليل ڪچهريون ڪندا هئاسين. مون ڪونج ۾ هريش واسواڻيءَ جي هڪ ڪهاڻي ڇپي هئي. پر هو سنڌي ادب ۾ مشهور ٿيو ڪويءَ ۽ نقاد جي روپ ۾. هن موهن ڪلپنا جي ڪهاڻي سنگره ’چاندني ۽ زهر‘ تي جديد نڪته نظر کان تنقيد ڪئي جيڪا ڪونج ۾ ڇپي هئي. اُن نئي نموني جي تنقيد هريش کي مشهوريءَ جي بلندين تي پهچائي ڇڏيو.

هريش جي اسٽڊي بيحد اوُنهي آهي. ادبي بحث ۾ هو پنهنجن دليلن سان قائل ڪري وٺندو آهي. سندس حافظو بيحد تيز آهي. ڪويتا پڙهندي ٻڌندڙن کي پرڀاوت ڪري وٺندو آهي. اڄ هو نئي ڪويتا جو باني ليکيو وڃي ٿو ...

هريش واسواڻي آديپور هليو ويو ۽ تولاڻي ڪاليج ۾ پروفيسري ڪرڻ لڳو. ليڪن اسان جي دوستي بدستور قائم آهي - ڪٿنب جي ڀاتين جيان ...

هريش واسواڻي آديپور ۾ اِندرا کي ڏٺو، ٻنهي هڪ ٻئي کي پسند ڪيو ۽ شاديءَ جي ٻنڌڻن ۾ ٻنڌجي ويا ... ليڪن شاديءَ کان اڳ هو ٻئي بمبئيءَ آيا، مون وٽ رهيا ۽ منهنجي پسندگي جاڻي، خريداري ڪري، آديپور وڃي لاٿون لڏاڻون. ڪين هڪ ڌيءَ ڄائي شيفالي، بيحد پياري ڌيءَ، جنهن وڏي ٿي پرديپ سان شادي ڪئي جنهن مان ڪيس هڪ پٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي — اڪليو ...!

هريش واسواڻيءَ جا مون ٽي ڪتاب ڇپاياجن جا نالا بہ عجيب رکيائين : چاليهہ چاهتر (ڪويتائون)، چاليهہ اسي (ڪهاڻيون) ۽ چاليهہ چوراسي (تنقيدون). پاڻ ۱۹۴۰ ۾ ڄائو آهي تنهنڪري پهريون انگ ڄم جو رکيائين – چاليهہ. ٻيو انگ، جنهن سال ڪتاب ظاهر ٿيو – چاهتر، اسي ۽ چوراسي. پوئين ڪتاب تي کيس ساهتيہ اڪادميءَ جو نئشنل اِنعام حاصل ٿيو ...!

اهڙيءَ طرح مون وشنو ڀاٽيا جي ڪهاڻين جا ٽي ڪتاب، موهن ديپ جا ٽي ڪتاب ۽ شيام جئسنگهاڻيءَ جا ٽي ڪتاب ڇپايا آهن. وشنوءَ ۽ شيام تي شخصيات پرچا پڻ ڪڍيا اٿم.

منهنجا دوست منهنجيءَ فئمليءَ ۾ بہ قبول پيل آهن جيئن مان چاولا فئمليءَ ۾ قبول پيل هوس، جيئن اڄ ڪالهہ نند جويري ۽ نند ڇٻاڻي فئملين ۾ قبول پيل آهيان.

جيوت ۽ ٺاڪر جي گهر ڪچهريون ڪندي رات جا ٻارهان وڄي ويندا هئا. ڪلياڻ ڪئمپ ۾ ڀڳوان امر جي گهر اڌ آرتوار گذري ويندو هو. جيونيءَ ۾ اِهو ذڪر اِن ڪري ڪيو اٿم جيئن خبر پوي تہ زندگيءَ جي ڪهڙي موڙ تي، ڪهڙي ۽ ڪهڙن دوستن جي صحبت حاصل ٿي.

ڪوشليا، منهنجي پتني، هريش، شيام ڇاهي طارق اشرف کي منهنجو ننڍو ڀاءُ سمجهي سندن آدر ڀاءُ ڪندي هئي. منهنجاپٽ، ڌيئر ۽ نهرون اڄ تائين سندن اهڙو ئي مانُ ۽ ستڪار ڪندا آهن. ساڳيءَ طرح نند جويري ۽ نند ڇٻاڻيءَ جون ڌرمپتنيون، جن ٻنهي جو نالو چندا ۽ چندرا آهي، مون کي پنهنجو وڏو ڏير سمجهنديون آهن ۽ گهر اچڻ تي رسوئي کارائڻ کان سواءِ وڃڻ نہ ڏينديون آهن.

سچ پڇو تہ قرب جي ڪابہ ذات ڪانهي. ننڍي وڏائيءَ جو خيال نہ ڪجي تہ دوستيون سدائين قائم دائم رهي سگهن ٿيون. مان نند ۽ نند سان گڏجي، ۱۹۸۷ع، ۾ سنڌ ياترا ڪرڻ ويو هوس. اسان ٽنهي گڏجي سنڌ جي پرڪرما ڏني هئي - ڪار ۾. اُهو آنند ڀريو سفر ۽ ساٿيهن وٽان مليل سِڪ مور وسرجندڙ نہ آهي. نند ڇٻاڻي ورور چوي : هري موٽوانيءَ جي پوکي اسين لڻي آياسين! اِهي دوستيون، اهي سنٻنڌ ڪڏهن بہ نہ جڙن اگر اِنهن پليان ڪو سوارٿ هجي، ڪا ائمبيشن هجي ...!

طارق اشرف مسلمان هوندي ڀارت ۾ منهنجو مهمان ٿي رهيو. منهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيءُ، ماءُ، زال، ڀاجائي ۽ سيني ٻارن جو سنيهي پاتر بڻجي ويو. پنهنجي ذات جي ڇوڪريءَ سان شادي ڪيائين ته مان سندس چاچو ۽ موهن ڪلپنا مامو بڻيو. ٻين اديبن پڻ ساڻس ڪو نه ڪو رشتو جوڙيو. طارق اشرف جڏهن پنهنجيءَ زال صغرا کي طلاق ڏيئي واپس هندستان اماڻيو ته مونکي ڏاڍو ڏک ٿيو. صغرا بيحد نيڪ خاتون هئي. طارق جڏهن ٻيون دفعو ڀارت آيو ته هڪ ڏينهن مونکي نيزاري ڪندي چيائين : 'صغرا کي جن حالتن ۾ هيٺ مون ڇڏيو، اُن جو مونکي بيحد ڏک آهي. هر وقت ضمير جي ملامت پيئي پوي. واقعي مون اِهو سلو ڪم نه ڪيو هو. تون منهنجو وڏو ڀاءُ آهين، تون مونکي صغرا بي بيءَ کان معافي وٺي ڏي. هوءَ مونکي معاف ڪندي تڏهن مونکي سک آرام نصيب ٿيندو ...'

'ليڪن طارق، هيترن سالن بعد هوءَ مونکي سڃاڻيندي ڪيئن؟'

'هوءَ توکي سڃاڻيندي. هوءَ تنهنجي گهڻي عزت ڪندي آهي.'

مون صغرا جو پتو هٿ ڪيو. هوءَ پنهنجي نئين مڙس سان گڏ ممبرا ۾ رهندي هئي. طارق کي پنهنجو اولاد نه هو. هن ۽ صغرا گڏجي هڪ ٻار پاليو هو - دانيال، جيڪو طارق اشرف سان گڏ آيو هو ۽ پنهنجي ڌرم - ماتا کي ڏاڍو ياد ڪري رهيو هو.

هڪ ڏينهن دانيال ۽ مان ممبرا ۾ ڳولهيندا ڳولهيندا صغرا جي مڙس وٽ پهتاسين. هو مڪئنيڪ هو ۽ ملڻسار به هو. دانيال کي ڀاڪر پاتائين ۽ مون سان هٿ ملايائين. اُنهيءَ ئي وقت اسان کي پنهنجي گهر وٺي ويو. هيترن سالن بعد به مون صغرا کي سڃاتو. رنگ ٿورو ميرانجهڙو ٿي ويو هوس ليڪن سندس ڳلن ۾ ڊمپل ساڳيا هئا. جڏهن گهوٽس ٻڌايس ته هيءُ هري موٽواڻي ۽ هيءُ دانيال آهي ته حيرت وچان دانيال جو منهن تڪڻ لڳي. هيڏڙو دانيال، هيڏو وڏو دانيال ٿي ويو هوا اُمالڪ چنبڙي پيس ۽ هنياءُ ڦاڙي روئڻ لڳي. دانيال بلڪل چپ هو. هن جي منهن مان اکر به نڪي نڪتو.

چپ ڪرڻ بعد صغرا مون ڏانهن مخاطب ٿي، 'ڀائي صاحب، اوهان هڪ ڏينهن به مونکي ياد نه ڪيو؟'

'هڪ ڏينهن نه، سڀ ڏينهن ياد ڪيم. جنهن کان به تنهنجو ڏس پتو پڇيم، لاعلمي ڏيکاري ويئي. دانيال تنهنجي لاءِ وڳو موڪليو هو، اُهو به تو تائين نه پهتو.'

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ پوءِ ڳالهين جو سلسلو شروع ٿيو تہ اُن ڪٽڻ جو نالو ئي نئي ورتو. اِن وچهہ صفرا جا هٿي هار - ڏيءَ پٽ، اندر گهڙيا تہ صفراَ ٻڌاين :'هيءَ توهان جو وڏو پاءُ دانيال آهي جيڪو حيدر آباد سنڌ ۾ رهندو آهي. ۽ هيءَ اوهان جو چاچو آهي.'

پلس دانيال کي وچي چنبڙيو ۽ ڏيڻس منهنجيءَ هنج ۾ اچي ويلي.

صفرا جي مڙس چيو،'هري صاحب، صفرا بي بي اڪثر توهان جو ذڪر ڪندي رهندي هئي. وٽس توهان جي ائڊريس ڪانہ هئي، صرف نالو ياد هوس!'

اسان ماني اُتي ئي گڏجي کاڌي ...

دانيال ۽ مان هڪ دفعو وري صفرا جي گهر وياسين. دانيال ٻارن لاءِ ڪجهہ سوکڙيون ۽ مٺائي وٺي هليو هو. اڪيلائي ڏسي مون صفرا کي چيو، 'تون منهنجي هڪڙي ڳالهہ مڃيندينءَ؟'

'ڪهڙي ڳالهہ؟' صفرا ورندو سوال پڇيو، حيرانيءَ وچان.

'طارق ڏاڍو پشيمان آهي. اندر ئي اندر پيڙا ڀوڳي رهيو آهي. چوي ٿو تہ جيستائين صفرا بي بي معاف نہ ڪندي، مونکي آرام نصيب نہ ٿيندو!'

صفرا جي نيڻن مان چند قطرا ڳڙي پيا. اُهي ڳوڙها نہ هئا، اُهي دانهون هيون جيڪي سندس نيڻن مان، هنن قطرن جي روپ ۾ ظاهر ٿيون هيون. هن رئي جي ڪنڊ سان ڳوڙها اُگهيا ۽ اندر وڃي، ٽرنڪ ۾ ڪپڙن هيٺيان لڪائي رکيل طارق اشرف جو لکيل هڪ خط کڻي آئي.

'هن خط کي مون لڪائي رکيو هو جنهن ۾ هن مون سان نفرت جو اظهار ڪيو آهي ... مان هن خط جي مضمون کي ڪڏهن بہ پلجي ڪانہ سگهنديس!'

مان ۽ هوءَ، ٻئي ڪي پل چپ رهياسين. پوءِ چيم،'اِن جي سزا هو ڀوڳي چڪو آهي. تون ڪيس معاف نہ ڪنديئن تہ سڄي عمر ڀوڳيندو رهندو. تون سکي آهين، هو دکي آهي ... توکي پيار ڪندڙ مڙس ۽ ٻہ پيارا ٻار آهن ... تون طارق کي معاف ڪر ... منهنجي چوڻ تي ڪيس معاف ڪر. مان توکي دل سان دعا ٿو ڪريان تہ تون هميشه سکي رهنديئن.'

اُهي چند پل، ڪي پل، صفرا چپ رهي. سندس سيني اندر ڪهڙي هلچل هئي، مان پورو اندازو لڳائي نٿو سگهان ...

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساگر منهن مان امرت ٿي نڪتو. وش ڪلش اونڌو ٿي هارجي پيو ... طارق اشرف جي لکيل اُن ميري ۽ مروٽيل سروٽيل خط کي چيهون چيهون ڪندي، مرڪندي، صغرا چيو، 'مون ڪيس معاف ڪيو، دل سان معاف ڪيو ...! هيءَ چيهون چيهون ٿيل خط گواه آهي ته مون ماضيءَ کي صفا وساري ڇڏيو ...!! توهان جي چوڻ، پٽ دانيال جي صدقي ۽ اُن دُکي اِنسان جي حال تي ...!!!'

تڏهن ته بار بار چوان ٿو ته اِستري مهان آهي! طارق اشرف کي معاف ڪري سچ ته صغرا بي بي بلند ڪردار جي عورت بڻجي ويئي — منهنجين نگاهن ۾ ...

شيام جئسنگهاڻيءَ به شاديءَ کان اڳ هريش واسواڻيءَ جيان پنهنجي مڱ کي مون سان ملايو. هريش اندرا کي بمبئيءَ وٺي آيو هو ۽ شيام مونکي ڪِرن سان ملارائڻ لبرٽي سئنيما ۾ وٺي ويو هو. ڪرن سان منهنجي واقفيت ڪرائيندي چيائين،'هيءَ منهنجي وڏي ڀاڱ سمان آهي. ڀرين هن کان آشيرواد وٺ ...!'

ڪرن سچ پچ پنهنجي مٿي تي پوتي رکي، مونکي پيرين پوڻ لڳي. مون ڪيس ائين ڪرڻ کان روڪيو ۽ کلي چيم،'سدائين سکي رهو ...!'

. ڪرن جي چپن تي سدائين مرڪ ڏٺم - لازوال مرڪ ! هن شيام کي ڀرپور پيار ڏنو ... هن ڪيس جاني چيو ۽ جيءَ جان سان چاهيو ... ۽ شيام؟ شيامُ ڪِرن کان سواءِ اڌورو آهي ...! روشنيءَ جو گم ٿيل هڪ ٽڪرو آهي ...! بيابان ۾ اڪيلو وڻ آهي ...! ليڪن اُن اڪيلي وڻ تي ڪِرن جي يادن جا پن سدا ساوا ۽ تازا آهن ... اُهي ڪڏهن به اُن وڻ تان ڇڻڻا نه آهن ... ۽ شيام يادن جي اُن ڇانوَ هيٺ ويلو آهي ... ويٺو ئي رهندو .. زندگيءَ جي آخري سواس تائين ...!

تڏهن ئي ته چيم منهنجي هيءَ آتم ڪٿا اِنساني رشتن جو هڪ دستاويز آهي جنهن ۾ منهنجي پنهنجي ڪٿا ته آهي ئي، ٻين ڪيترن جا 'آتم ڪٿن' پڻ شامل آهن ...

مونکي دوست برابر ٿورا آهن ليڪن اُهي ٿورا دوست مونکي بيحد عزيز آهن. هو مونکي ڀائيندا آهن ۽ مان هنن جي عزت ڪندو آهيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نند ڇڳاڻي يا نارائڻ پارتيءَ جي گهر وڃان ته سندن زالون مانيءَ کارائڻ کان سواءِ وڃڻ نه ڏين. چندرا، نند ڇڳاڻيءَ جي سگهڙ پتني، منهنجي پسنديءَ جي ٿِڏالي دال ٺاهي کارائيندي؛ پارتيءَ جي زال ڏوڊو ۽ لسيءَ جو گلاس ڏيندي؛ نند جويريءَ جي ڪنوار چندرا پاڻ ٽِ پاڻ جا طعام ٽيبل تي پرچي رکندي ...!

نند جويريءَ جو گهر ڄڻ ته ٿاهوڙو گهر آهي. سنڌ جو ڪو اديب يا ڪو هيو بمبئيءَ ۾ ايندو ته نند جي گهر دعوت ضرور ٿئي. پارت جو ڪو سنڌي ليڪ اچي ته اُن جي عزت ۾ به مجلس ٿئي. سندس گهر ساهتڪار ۽ سياستدان لاءِ ڄڻ ته اوطاق آهي ... ڪچهريون به ٿين ته پيئڻ - کائڻ به ٿئي ... مونکي هارمني اوارڊ مليو ته پنهنجي طرفان دوستن کي پارٽي ڏنائين. ساڳيءَ طرح ساهتيه اڪاڊميءَ جي اصلوڪي ۽ ترجمي جي انعامن ملڻ تي مونکي ۽ شيام کي ڪلب ۾ پارٽي ڏنائين جنهن ۾ سنڌيءَ جا ناميارا اديب شامل ٿيا هئا.

اِهائي اُها ڪسوٽي آهي جنهن سان دوست ۽ دشمن کي پرکي سگهبو آهي. منهنجا دوست بلڪل کرا آهن. اُنهن ۾ کوٽ يا ملاوٽ اصل ڪانهي. هو کرا آهن تڏهن ئي ته مان هنن سان ڪڏهن وڙهندو به آهيان ... تکو به پوندو آهيان ... پر اُهو پنهنجپائيءَ وچان هوندو آهي ... هو اُهو برداشت ڪندا آهن ... ڪندا ايندا آهن — هريش به، شيام به، وشنو به، پارتي به، ته هئي نند پڻ ...!

منهنجن دوستن جو سُک منهنجو سک آهي ... اُنهن جو ڏک منهنجو ڏک آهي ...!

اِنساني حياتيءَ تي بقاءُ ڪونهي. اُها اڄ هڏ ماس جي ڪايا آهي ته سڀاڻي نرجيؤ ديهي، جيڪا اگنيءَ ۾ جلي ته به رک ٿئي ۽ جي دفن ٿئي ته به مٽيءَ سان ملي مٽي ٿئي. ليڪن ڪنهن ڪنهن مٽيءَ سان موهه ٿيندو آهي. اُن مٽيءَ کي مستڪ سان لڳائبو آهي؛ نديءَ ۾ پرواهه ڪبي آهي؛ سماڌي جوڙي آراڌنا ڪبي آهي؛ مزار ٺهي ته سِر نوائبو آهي ...

منهنجا ماءُ پيءُ ۽ پتني، منهنجا سنبنڌي هئا. اُهي هميشه منهنجي يادن سان جڙيل رهندا جيئن منهنجا ليڪ دوست سڀئي آهوڄا، ديوداس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موٽواڻي، جيوت چاولا، موهن ڪلپنا ۽ طارق اشرف مونکي هميشه ياد آهن ۽ ياد رهندا ...

منهنجي پتني ڪوشليا جتي منهنجن دوستن جو خيال رکندي هئي، اُتي مون مان ناراض به رهندي هئي. اسان جي شاديءَ کي چاليهه سال گذري چڪا هئا پوءِ به کيس شڪايت هئي ته مون کيس پيار نه ڪيو. هن جي اِها شڪايت درست هئي. مون کيس ڪيترا دفعا ذهن نشين ڪرايو هو ته پيار ڪرڻ واري اُها دل مون وٽ ڪانه هئي، اُها دل مون ڪمسن عمر ۾ ڪنهن کي ڏيئي ڇڏي هئي ... ۽ ته هينئر دل جي اُن حصي ۾ صرف هڪ خال هو جيڪو ڪڏهن پرجڻو نه هو ! پر هوءَ اِهي ڳالهيون سمجهي ڪانه سگهندي هئي، ۽ منهنجن دوستن سان شڪايت ڪندي رهندي هئي.

اهڙي ئي هڪ شڪايت تي طارق اشرف مون تي هڪ ڪهاڻي لکي هئي جنهنکي مهاشيه اُتم (ا) اڄ تائين اُڇاليندو رهندو آهي. ليڪن مان جهڙس ڪم صرف نه آهيان جو ديوداس موٽواڻيءَ ۽ لکمي ڪلاڻيءَ جون مٽن (ليڪ جوڙي) تي لکيل ڪهاڻيون پڙهي بوڪلائجي وڃان يا هنبوشيون هڻڻ شروع ڪريان!

هڪ دفعي ڪوشليا گل ٽالپر سان به شڪايت ڪئي. کيس چيائين، 'پنهنجي هن ياءَ کي سمجهاءِ، مونکي گهمائڻ ڦيرائڻ ولي وڃي ... مان اهڙي بدصورت ته نه آهيان جو مونکي ساڻ ولي وڃڻ کان ڇرڪي ٿو؟'

گل مونکي ورجايو هو ۽ مون کيس ٻڌايو هو ته، 'زال سان وهنوارڪ ناتو نباهڻ هڪ ڳالهه آهي ۽ پريم جو ناتو نباهڻ صفا ٻي ڳالهه آهي! ۽ مون زال کي پهرين ناتي کان ڪڏهن به نراس نه ڪيو آهي.'

'ليڪن ادا، ڪنهن زال لاءِ صرف ايترو ئي ته ڪافي ناهي نه ... هوءَ پنهنجي مڙس مان ٻيو به گهڻو ڪجهه چاهي ٿي!'

'جيڪڏهن اُهو ٻيو ڪجهه مڙس وٽ هجي ئي نه ته؟ مون اُهو ٻيو ڪجهه ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ته ڏٺم مان ناٽڪ ڪري رهيو هوس ... ڏيکاءُ ڪري رهيو هوس ...! اُن سان مونکي تڪليف پئي ٿي ...'

هڪ ڏينهن ٽي. وي. تي هڪ هندستاني فلم ويلي ڏٺيسون. اُن

۾ جڏهن پريم جا درشيه آيا ته ڪوشليا مون طرف حسرت ڀريل نگاهن سان نهارڻ لڳي. منهنجي من ۾ هڪ مذاق سُجهي آيو. چيومانس، 'ڪوشليا، پيار ڪرڻ جي ڪا عمر ڪانه ٿيندي آهي. تون به هن عمر ۾ ڪنهن سان عشق ڪر ... مونکي اعتراض ڪونه ٿيندو ...!'

ڪاوڙجي پيئي. چيائين،'اِهي ڪم توهان ليکڪن جا آهن. هِت هُتِ پيا واجهه وجهندا آهيو ... مان ته چوان ڪنهن ليکڪ سان شادي ڪجي ئي نه ...!'

مون کلندي چيو،'شاديءَ کان اڳ مان ليکڪ ٿوروئي هوس. توسان پرڻايو ويس پوءِ ئي ته مان ليکڪ بڻيس ...!'

'منهنجو نصيب خراب هو جو توسان پلؤ انڪيو ...!' ڪوشليا ڪوڙي منهن سان چيو.

مون ساڳيءَ طرح کلندي چيو،'توسان پلؤ اٽڪيو تڏهن ئي ته هن جو پلئه ڇڏائڻجي ويو ...'

شوڪيندي پڇيائين،'هن جو ڪنهنجو؟'

مرڪندي چيم،'نالو پتو ٻڌائڻو هجي ها ته هن کان اڳ توکي ٻڌائي نه ڇڏيان ها ...! اِهو منهنجي دل جو راز آهي، راز ئي رهندو ...'

ڪوشليا پنهنجن ٻارن، خاص ڪري ڏيئرن کي ڏاڍو پيائيندي هئي. سندس ڇهئي ٻار - ٽي پٽ، ٽي ڌيئر، ماءُ کي ڏاڍو پيار ڪندا هئا ...

ڪوشليا کي ڊائبٽيز به هئي ته دل جي بيماري به هئي. چوندي هئي اِهي بيماريون تو ڏنيون آهن! اسان جو فئملي ڊاڪٽر جوشي ڪيس مُمي ڪوٺيندو هو. هن کي خبر هئي ته ڪوشليا جي بيمارين جو ڪهڙو علاج هو. اُنهن بيمارين جون دوائون ۽ اِنجيڪشنون هميشه پنهنجي دوائن جي باڪس ۾ رکندو هو.

١٩٨٦ع جو جون مهنو هو. مون سان گڏ هڪ گهر ۾ منهنجا ٻه پرڻيل پٽ، اُنهن جا ٻار، ريڪا ڌيءُ ۽ بابا رهندو هو. اُن ڏينهن ريڪا ڪاليج ويئي هئي. ٻئي نهر - ايڪتا ۽ نرملا، مارڪيٽ مان ڪجهه وٺڻ ويون هيون. پٽ دڪان تي ويا هئا. مان ٻاهر نڪرڻ لاءِ تيار ٿي رهيو هوس جو سنڌ کان هڪ نوجوان آيو هو جنهن سان ملڻ جو ٽائيم رکيو هوم.

ڪوشليا کي ڏينهن کان ٺيڪ ڪانه پئي رهي. هوءَ پنهنجي ڪمري ۾ سمهي پيئي هئي. مان تيار ٿي، بريف ڪيس هٿ ۾ کڻي، ٻاهر وڃڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳس تہ منهنجو هٿ جهلي چيائين، ’اڄ تون ڪيڏانهن نہ وڃ. مون سان ويهي ڳالهيون ڪر.‘

مان ڪوشليا جو منهن تڪڻ لڳس. خفي ٿي، چڙ مان چيم،’ڇري تہ نہ ٿي آهين؟ مون ڪنهنکي ملڻ جو وقت ڏنو آهي. هو منهنجو انتظار ڪندو هوندو!‘

’تون ڇا منهنجو ڪڏهن بہ، ڪوبہ چوڻ نہ منڃيندين؟ تنهنجو اُهو ماڻهو توکي پيارو آهي باقي مان تنهنجي زال، تنهنجي لاءِ ڪجهہ بہ نہ آهيان ...!‘

اِهو گفتو هن اهڙي انداز ۾ چيو گويا اُهو ڪنهن ڏکويل دل مان نڪتو هو. مان چپ ڪري بيلو رهيس. منهنجي هڪ هٿ کي جهلي زور ڏيئي چيائين، ’اڄ منهنجي ڳالهہ ضرور مڃ ...!‘

مون کي الائي ڇا ٿي ويو. مان جو زال کي ڀڃو اٿيڏو ڪري هليو وڃان، سندس ڪا ڳالهہ نہ مڃيان، اُن ڏينهن سندس چوڻ مڃي، سندس پر ۾ ويهي رهيس. ويلو ئي رهيس. ساڻس ڳالهيون ڪندو رهيس. پٽن جون ڳالهيون، ڌيئرن جون ڳالهيون، نهرن جون ڳالهيون، ڳالهيون ئي ڳالهيون ...

چوڻ لڳي،’تون ڇا ٻاڻ کي اڄا جوان پيو سمجهين جو ايتري هل هلان پيو ڪرين؟ خبر اٿيئي رات جو ننڊ ۾ ڪنجهندو ڪرڪندو آهين ...! مان اُٿي زور ڏيندي آهيانءِ ...!‘

’اُهو تڪ سبب هوندو.‘

’پوءِ ٻاڻ کي ايترو ٿڪائين ڇو ٿو؟‘ ...

هيترو جو گهڻو ڳالهايائين تہ ٿڪجي پيئي. ڪنگهڻ لڳي - مون پاڻي آڻي ڏنس. بہ ڍڪ پي، گلاس واپس ڏنائين. ڪنگهہ بند نہ ٿيس. ڪمري مان ٻاهر نڪري، ٻاهر بالڪنيءَ ۾ وڃي ويلي. اُتي بہ ڪنگهہ بند نہ ٿيس. مان سندس پٺي سهائڻ لڳس. جٺہ هند ڪاليج شايد سويل ئي بند ٿيو هو. ريڪا واپس موٽي آئي. ماءُ کي ڪنگهندو ڏسي مون ڏانهن ڇوڪي نهارڻ لڳي. ڄڻ جي ليکي مون ڪوشليا سان تڪو ڳالهايو هوندو جنهن تان هوءَ بہ تکي ٿي هوندي، جنهن سبب هوءَ ڪنگهي رهي هئي.

’ٻاپيءَ سان وڙهيا آهيو نہ؟‘ ريڪا مونکي پري ڪري، ٻاڻ ماءُ جي پٺي مهٽڻ لڳي.

’بلڪل نہ، ماءُ ڪان پڇي ڏس.‘

ڪوشليا جي ڪنگھہ بند نہ ٿي. اُها وڏندي ئي ويئي. ريڪا فون تي چندر کي چيو،’پاپيءَ جي طبعيت خراب آهي، ڊاڪٽر کي وٺي جلد اچ ...‘

چندر ليکي پاپس جي اِها رنجھہ ڪنجھہ پيئي هلي. ڪجھہ ڏينهن اڳہ پڻ ائين ٿيو هو. ڊاڪٽر آيو هو، سئي هڻي ويو هو ۽ پاپي ٺيڪ ٿي ويئي هئي. هن سوچيو گراهڪ جيڪو گجرات مان آيو آهي، اُهو وڃي تہ ڊاڪٽر کي گھر وٺي ويندو ...

اُنهيءَ مهل ايڪتا ۽ نرملا بہ اچي پهتيون. هو ٻئي پڻ سس جي تيمانداريءَ کي لڳي ويئون. ڪوشليا کي بالڪنيءَ مان اُٿاري، سندس ڪمري ۾ آڻي سمهاريائون. سندس هٿن پيرن جي ترين کي تيل جي مالش ڪرڻ لڳيون.

ريڪا بدحواس ٿيندي پئي ويئي. پاءُ کي ٻيهر فون ڪيائين،’چندر، جلدي اچ، پاپيءَ جي طبعيت وڌيڪ خراب ٿي ويئي آهي!‘

چندر چيو،’پرڪاش ڊاڪٽر کي وٺڻ ويو آهي. هو جاڻ گھر پهتو. مان بہ اچان ٿو ...‘

پر ڪير بہ نہ پهتو. نہ چندر، نہ پرڪاش ۽ نہ ڊاڪٽر ...!

ڪوشليا جي چهري جو رنگ بدلبو ويو. مان پاڻ گھبرائجي ويس. ڪوشليا جو هٿ پنهنجن هٿن ۾ سوگھو جهلي ويٺس. ريڪا وري ڊوڙ پاتي. فون تي رڙيون ڪندي چيائين، ’تون نياڻو آئين، پاپي وڃيئي ٿي ...!‘

چندر جا حواس خطا ٿي ويا. اُن وقت هو ڪار ڪڍي پهچو تہ اِها خبر ڪانہ پيس تہ هو گھر تائين ڪيئن پهتو ...

پرڪاش پريشان هو تہ ڊاڪٽر ايتري دير ڇو پيو ڪري ...؟ ڊاڪٽر حيران هو تہ اڄ سندس بئگ ۾ اُها انجيڪشن ڇو ڪانہ هئي ...!

گھر هيٺان وارو دوافروش سوچي رهيو هو تہ اِها انجيڪشن ڪڏهن خلاص ٿي ويئي؟!

ڊاڪٽر دواخاني ڏانهن موٽر پهچائي. انجيڪشن کنيائين ۽ پرڪاش سان گڏجي گھر پهتو.

ڪوشليا جي چهري جو رنگ بدلجندو ڪارسرو ٿيندو ويو. متي جا وار اُڀا ٿي بيهي رهيا هئا. مان حيرت ۽ ڏپ وچان اُهو بدلاءُ ڏسندو رهيس. ڪوشليا جون اکيون ٻوٽجي رهيون هيون. هوءَ شايد اندرين سنسار ۾ پهچي ويئي هئي. شايد ملائڪن سان دوبدو هئي ...!

مون اُمالڪ ڪوشليا جي هٿ کي زور ڏيئي رڙ ڪئي، 'ڪوشليا، متان ائين ڪرين ...! تون مونکي اڪيلو ڇڏي نہ ٿي وڃي سگهين ...! اڄ مون تنهنجو ڇيو ڇيو آهي ... مان توکي ڇڏي ڪيڏانهن بہ نہ ويو آهيان. تون بہ مونکي ڇڏي نہ وڃ ... ڏس، مان تنهنجي سامهون بيٺو آهيان ...!'

ڪوشليا شايد منهنجو آواز ٻڌي ورتو هو. منهنجي رڙ هن جي ذهن ۾ گونجي هئي. هنَ ڏيري ڏيري پنهنجون وڏيون اکيون کوليون ... ۽ وري بند ڪيون.

منهنجي منهن مان هلڪي ڪيڪرات نڪتي،'هيءَ ڇا ٿيو؟ ڪوشليا هلي ويئي! چاليهن سالن جو ناتو هڪ پل ۾ ٽوڙي هلي ويئي ... سو بہ منهنجي سامهون، منهنجي روبرو ...؟ ملائڪ هن کي ايترو پيارو لڳو جو مون کان هٿ ڇڏائي، هن جو هٿ پڪڙي هلي ويئي ... مون ئي ڪيس چرچي ۾ چيو هو تہ ڪنهن سان عشق ڪري! ملائڪ سان عشق ...؟

شايد ڀارت جي پرٽيتا ناري صرف ملائڪ سان ئي عشق ڪري سگهي ٿي، مرٽو اُپرانت ڪري سگهي ٿي، ڪندي آئي آهي، پنهنجي پرمپرا سان نباهيندي آئي آهي ...!

مون زندگيءَ ۾ پهريون دفعو ڪنهن جيوت اِنسان کي کي موٽ جي آغوش ۾ سمهندو ڏٺو. ۽ اُهو جيوت انسان ڪوشليا هئي جنهنکي شايد اڳوات اطلاع ملي چڪو هو تہ هن جهان ۽ هن گهر ۾، اڄ سندس پويون ڏينهن هو. شايد انڪري ئي هن مونکي وڃڻ کان روڪيو هو، منهنجي سامهون آخري سواس کنيو هئو ۽ اکيون ٻوٽيون هيون ...!

اُن وقت، هڪ ئي وقت، ڊاڪٽر، چندر ۽ پرڪاش گهر اچي پهتا. ليڪن رودن ٻڌي هو سمجهي ويا تہ هنن اچڻ ۾ دير ڪئي هئي ...

چندر ۽ پرڪاش 'پاپي - پاپي' چلائيندا، ماءُ جي سرير سان چنبڙي پيا. ريکا روئندي ڊاڪٽر جو ڪالر وڃي جهليو. رڙيون ڪري چوڻ لڳي، 'ڊاڪٽر تو اچڻ ۾ دير ڪئي! منهنجي ممي اسان کان کسي ورتي ...! تو اسان جي مميءَ کي ماريو آهي ...!'

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر جوشي چپ چاپ ٻيٺو رهيو. هو ريکا جي ڀاونائن کي سمجهي رهيو هو. جڏهن ريکا کي اُتان هٽايو ويو تڏهن هن اڳتي وڌي ڪوشليا کي تپاسيو. رپورٽ ۾ لکيائين - هارٽ اٽئڪ!
هن صرف ايترو چيو،'مونکي سخت افسوس آهي، مان مميءَ کي بچائي نہ سگهيس!'

ڪوشليا جي مارڪي تي عزيزن دوستن کان سواءِ ڪيترا ليکڪ ۽ اخبارنويس پڻ آيا هئا. اُن ڏينهن، ٻنهي اُن وقت، قدرت مينهن وسائي جڻ ڪوشليا کي شرڌانجلي ڏني هئي. اُن مارڪي ۾ سنڌ جو ليکڪ اشوڪ ڪمار پڻ شامل ٿيو هو جنهنکي اُتم اِئين چئي وڃڻ کان روڪيو هو تہ هري مونواٽي پنهنجيءَ زال کي پيار نہ ڪندو هو ...

زندگي ڪيتري نہ پيچيدي آهي. ڪيترا نہ انيڪ پرائيجن ٿا هڪ ئي زندگيءَ ۾؟ زندگي هڪ ئي هوندي آهي، ٻيءَ زندگيءَ جو فقط تصور هوندو آهي. تنهن ڪري سنسار جا ڪيترا لوڪ اُن هڪ ئي زندگيءَ کي ماڻڻ چوڙڻ چاهيندا آهن. اُهي 'اڄ' کي اڄ سمجهي جيئندا آهن ۽ 'سڀاڻي' کي سڀاڻي تي ڇڏي ڏيندا آهن. ڪيترا عقلپرست ائين بہ چوندا آهن تہ 'سڀاڻي' ڪنهن بہ نہ ڏٺي آهي! 'اڄ' حقيقت آهي، سڀاڻي 'ڪلپنا' آهي!

ادب اڄ ۽ سڀاڻ، ڪلپنا ۽ حقيقت، ٻنهي جو ميل آهي. اديب جيترو حقيقت پرست هوندو، اوترو وڌيڪ ڪلپناشيل هوندو ... ڇو تہ هو سمجهي ٿو تہ اڄ جي زندگي ڪوڙي گوريءَ مثل آهي جنهن تي ڪلپنا جو منو تہ چاڙهي اُن کي ڳهڻ لائق بڻائي سگهجي ٿو ...!
منهنجو اُدبي سفر اِن ئي تصور کي خيال ۾ رکي روان دوان آهي. مان راهہ ۾ گلن جي پتين ۽ ڪنڊن ٻنهي کي ڏسان ٿو. باغ جو ذڪر ڪندي، باغ ۾ ٽڙندڙ گل ۽ اُن سان گڏ خلر جو بہ ذڪر ڪريان ٿو. ٻنهي مان ڪنهنکي بہ الگ ڪري نٿو سگهجي. ٻنهي جو وجود حقيقت آهي، ٻنهي کي تسليم ڪرڻو آهي.
منهنجي ڪهاڻين جو پهريون ڪتاب ١٩٧٥ع ۾ ظاهر ٿيو. عنوان هو – 'هڪ لهر'. اُهي منهنجي آس پاس جي جيون جون ڪهاڻيون هيون

جن سان مان بہ جڙيل هوس. اُن ڪتاب مونکي اديب جي سڃاڻپ ڏني.

اُن بعد منهنجو ٻيو ڪهاڻي ڪتاب - ’ڌرتي‘ ۱۹۸۳ع ۾ شايع ٿيو. منهنجو ٽيون ڪهاڻي ڪتاب - ’خوددار‘ ۱۹۹۱ع ڇپرو ٿيو جنهن تي مهاراشٽرا راڄيہ سنڌي اڪادميءَ بهترين ڪتاب جو انعام ڏنو. ’اڇا وار ڪارا پنؤر‘ منهنجي ڪهاڻين جو چوٿون مجموعو آهي جيڪو نارائڻ پارتيءَ سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن پاران ڇپيو آهي. اِهو ڪتاب ۱۹۹۴ ۾ ظاهر ٿيو.

سڀِن آهوجا ڪهاڻي ڪلا ۽ ڪهاڻيءَ جي تاڃي پيٽي تي سهٽيون ۽ ڪارگر صلاحون ڏنيون هيون. مون پنهنجي سود پڻ ڪهاڻي ڪلا ۾ وشو ڪهاڻيءَ جو اڀياس ڪيو. ديوداس مونواٽيءَ جو اسٽائيل مونکي وڻندو هو، اُن کي مون اپنايو. جيوت چاولا اُردو افساني ۽ افساني نگارن جي واقفيت ڏني هئي. هن ڪن پرسڌ انگريزي ناولن جا سار بہ ٻڌايا هئا. جيترو سڪجي ٿورو آهي. مان بہ هميشه سکندو ئي رهيو آهيان. سنڌي ٻوليءَ جي زمين ايتري اُپجائو آهي جو اُن ۾ جيڪي بہ پوکجي، اُهو سِلو ڪڍي ٿو ...

منهنجين ڪهاڻين ۾ سماج جي الڳ الڳ طبقن ۽ اُنهن جي زندگيءَ طرف رد عمل ۽ اشارا آهن، منهنجي پنهنجي اِسٽائيل ۽ نوع ۾. مان ڪرافلمئن پل نہ هجان، جيئن ٻيا ڪيترا ڪهاڻي ڪار آهن، جي ڪهاڻين کي گهڙي تراشي پيش ڪندا آهن. مان سنئون سنڌو اِسٽوري ٽيلر آهيان، مان ڪهاڻي ٻڌايان ٿو پنهنجي انداز ۾، پنهنجي طرز سان ...

منهنجو پهريون ناول اَبو ۽ سنڌ جو سفرنامو ’جڙيل جن سان جند‘ ساڳئي سال - ۱۹۸۸ع ۾ ظاهر ٿيا. سفرنامو منهنجي دوست طارق اشرف ڇپايو هو جنهنجي مهاڳ ۾ لکيائين : هريءَ جيَ هن سفرنامي ۾ ڏاڍي بي ساختگي آهي، سڪ ۽ محبت صفحي صفحي تي نظر ايندي. هريءَ ڏاڍي سهڻي ۽ دلچسپ نموني سفر جو احوال لکيو آهي. مان سنڌ ۾ رهان ٿو، سنڌ جي شين کي سوين نہ بلڪ هزارين دفعا ڏٺو اٿم، پر ڪن ڪن شين ۽ نظارن جو ذڪر هريءَ اهڙي نموني ڪيو آهي، جڻ مان بہ سنڌ ۾ اُهي شيون پهريون ڀيرو ڏسي رهيو هجان. هن سفرنامي لکڻ کان پوءِ هريءَ جو ادبي قد بہ، ڀارت جي تمام وڏي سنڌي ليکڪ موهن ڪلپنا کان گهٽ نہ رهندو. هريءَ جا ڪي ڪي جملا اهڙا وڻندڙ ۽ متاثر ڪندڙ آهن، جڻ تہ اُهي هريءَ جا نہ، بلڪ ڪنهن وڏي شاعر جي رچنا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان ورتل هجن ...

'ابو' ناول پڙهي سنڌيءَ جي وڏي ليکڪ موهن ڪلپنا لکيو : 'ابو' صبوح هٿن ۾ کنيم ۽ انڪل ٽن ڪلاڪن ۾ پڙهي پورو ڪيم. جي نقاد ڪتاب کي اُچاترو پڙهندا تنکي اُهو اُچاترو ڏسڻ ۾ ايندو، نہ تہ ڪتاب ۾ ڪافي گهرائي آهي، درد جو درياهہ آهي. ابو سنڌ ۽ هند جي تاريخ آهي. صداقت سان لکيل قابل - اعتماد هڪ تاريخي انيڙ آهي. سڀاجهي سنڌ جا سادا ماڻهو، لاڙڪاڻو هڪ سمهيل شهر، پنهنجي مرڪب تمدن سبب ايڪتا جي ڏاڳي ۾ ٻڌل ۽ ڪيئن مذهب جي ڪئنچي اُن ڏاڳي کي ڪٽي ڇڏي. لاڙڪاڻي جي هڪ گهٽيءَ ۾ پوري سنڌ ۽ هندستان ڏسڻ ۾ ٿو اچي، حالانڪ سنڌ ۽ هندستان جي سياسي تصوير ڪشي بہ خوبصورت ڪئي ويئي آهي ۽ اُها سنڌي ادب ۾ پهرين ڪامياب ڪوشش آهي.

'ابو' ورهاڱي جي درد جو سنڌيءَ ۾ پهريون ۽ في الحال آخرين ناول آهي.

آخر ۾، مجبور حالتن ۾ نانڪ جو هندستان وڃڻ هنياءَ ۾ وڏو ٿو وجهي. هڪ وڏو گانڌي دهليءَ ۾ ٿو مري - هڪ ننڍو گانڌي سنڌ ۾ ٿو مري - مکي نارائڻ داس!

'ابو' پڙهي پورو ڪرڻ بعد اکين جي ڪُنڊن ۾ جا گرم پاڻيات جمع ٿي، اُهائي منهنجي هن ڪتاب لاءِ نجي، ذاتي، خانگي راءِ آهي.

۽ ڊاڪٽر موتيلعل جوتواڻيءَ لکيو :

ڪالهہ دسهڙي جي موڪل ڏينهن مون تنهنجو ناول 'ابو' هڪ ٻئڻڪ ۾ ئي پڙهي پورو ڪيو. تون ڪونج پبليڪيشن جي پرڪاشڪ يا 'ڪونج' مخزن جي سمپادڪ جي روپ ۾ آئينده ياد ڪيو وڃين يا نہ، ليڪن 'ابو' ناول جي ليکڪ جي روپ ۾ اوس ياد ڪيو ويندين. تنهنجو ناول سنڌيءَ جي مهان رچنائن ۾ شماريو ويندو.

پهرين ناول ۽ پهرين سفرنامي منهنجو حوصلو وڌائي ڇڏيو.

اُن بعد مون اجهو ناول لکڻ شروع ڪيو. 'ابو' ورهاڱي جي بنياد تي، لاڙڪاڻي جي پسمنظر ۾ لکيل آهي تہ 'اجهو' جو تاڃي پيٽو ورهاڱي کان پوءِ، ڀارت ۾ سنڌي جيوت بابت آهي. ٻنهي ناولن ۾ جيترا جاڳندا ڪردار آهن، منهنجا ڏٺل وائل آهن، ڪيترن سان اُٺيو وينو بہ هوس. مون صرف اُنترو ڪيو جو ڪهاڻيءَ جي فريم ۾ ڪين فٽ ڪري، مٿن ڪلپنا

جو روغن لڳايو آهي. اُن بعد ٽئين ناول ’پاٽيارا پکي‘ جا ڪردار چاهي ماحول ۽ پسمنظر منهنجا ناناڻا، ڏامراهه ڳوٺ ۽ مکيہ ڪردار شيوڪ ۽ يامني (راڌا)، منهنجو نانو ۽ ناني هئا !

اُن ناول ۾ مون ڳوناٽي ماحول کي چٽڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ٻولي پڻ ڳوناٽي استعمال ڪئي اٿم. مان جڏهن ڪلڪتي ويو هوس تہ بينگالي سماج جون ڪيتريون ڳالهيون نوٽ ڪري آيو هوس. اُهي مونکي ’پاٽيارا پکي‘ لکڻ وقت ڪم آيون. منهنجو نانو سنڌ جي ڳوٺ مان پڇي ڪلڪتي وڃي پهتو هو. جنهنکي ٻال وڌوا بينگالي ڇوڪري يامني پيار ڪرڻ لڳي هئي جنهنجو نالو راڌا رکيو ويو هو. بينگال ۾ وڌوا کي ’راڌا‘ ڪوٺيو ويندو هو. منهنجو نانو ڳوٺ جي هڪ مسلم ڇوڪريءَ زينب (ليکڪ جو ڏٺل نالو) کي پيار ڪندو هو جنهنجي ڪري کيس پنهنجو ڳوٺ ۽ وطن ڇڏڻو پيو هو. سندس ماءُ پيءُ ننڍپڻ ۾ ئي گذاري ويا هئا جيئن امان جا ماءُ پيءُ ننڍي ئي کيس ڇوري ڇني ڪري پرلوڪ سڌاري ويا هئا. نانو کيس ڪلڪتي مان سوڪڙيون پيو موڪليندو هو. اِهو تمام وڏو قصو آهي جنهنجو ذڪر هتي نٿو ڪريان.

مان اڪثر ناني ۽ نانيءَ جي زندگيءَ تي سوچيندو رهندو هوس. ليڪن ڪنهن وقت اِنهن تي ناول لکندس، اُن وقت خواب خيال ۾ بہ نہ هو.

مونکي پنهنجيءَ جنم ڀوميءَ سنڌ سان بيحد گهڻي اُلفت آهي. اُن ئي ڀوميءَ ۾ منهنجن پرکن جي پٽي مليل آهي. مان پڻ ان ئي ڀوميءَ تي پراڻ تياڳيان، اهڙي خواهش اٿم ليڪن جيئن اِنسان جي هرڪا خواهش پوري نٿي ٿئي، منهنجي هيءَ خواهش بہ شايد اڻ پوري رهجي وڃي. اِهو سوچي مون ’پاٽيارا پکي‘ ناول جي ڪردارن — شيوڪ ۽ يامنيءَ کي، گهاڙواه جي سپرد ڪيو، جل سماڌي وٺرائي آهي !

منهنجي چوٿين ناول ’ٻاهر نڪرڻ جو رستو‘ تي ڪن پاٺڪن سوال جي نشاني لڳائي آهي تہ ڪن وري عجب جي! جن منهنجا ڀهريان ٽي ناول پڙهيا آهن، اُنهن کي مون طرفان هن قسم جي ناول جي اُميد ڪانہ هئي. اُنهن ليکي هن ناول ۾ سيڪس جي اُپٽار آهي. منهنجي ليکي سيڪس زندگيءَ جو هڪ اهم حصو ۽ انگ آهي. تنهنڪري اُن کان ڇرڪڻ واجب نہ آهي. هن ناول ۾ هڪ اهڙي نوجوان جي مانسڪتا ڏيکاريل

آهي جيڪو شعوري طور اُسريل آهي، ذهين آهي، ليڪن هن لاءِ سيڪس جي پورتيءَ جي سمسيا آهي! هو هڪ اِستري ديهه چاهي ٿو، باقائدي شادي ڪرڻ چاهي ٿو، جيئن هو جائز نموني واسنا پورتي ڪري سگهي ... ليڪن پڇاڙيءَ تائين سندس اِها جائز خواهش پوري نٿي ٿئي ... جيتوڻيڪ هن ڪن اِسترين سان پريم ڪيو، واسنا جي پورتيءَ جو اظهار به ڪيو، ليڪن اُنهن مان ڪنهن به ڪيس ساٿ نه ڏنو؛ ايتري قدر جو هڪ شادي شده اِستريءَ، جنهن جو پتي پرديش ۾ هو، ٻن ٽن سالن کان پرديش ۾ هو، ڪيس ڊپليڪيٽ چاٻيءَ سان تالو کولڻ نه ڏنو ! اُها پرٽيتا اِستري پارتي ناريءَ جو پرتيڪ بڻجي، پر پرش کي سيما اورانگهڻ نه ٿي ڏي .... ۽ آخر ۾ اُهو پرش جيڪو بيحد ذهين ۽ بيحد شعوري آهي، جيڪو ڪيترن ئي مسئلن تي گهرائي سان سوچي سگهي ٿو، اُنهن جو سماڌان ڳولهي سگهي ٿو، پنهنجي ديهه جو، واسنائن جو، جائز سماڌان ڳولهي نٿو سگهي ۽ پوءِ هو ناجائز طريقي سان اُن جو سماڌان وئشيا جي ديهه مان ڳولهي وٺي ٿو ... !

ليک کان هلي ڪجهه نئون، ڪجهه الڳ لکڻ، جوکم جو ڪم آهي ۽ مون اُهو جوکم 'ٻاهر نڪرڻ جو رستو' ناول ۾ کنيو آهي !

منهنجي خيال کان، منهنجو هيءُ سلو ناول آهي ....

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب چوٿون

سنڌ منهنجو وطن .....

سنڌ منهنجي امان، توتي ڇا لکي ڇا لکان،
هڪ قلم هڪڙو مان ......

تاجل بيوس جو هيءُ افاني شعر پڙهي يا عابده پروين جي پُرسوز آواز ۾ ٻڌي، سوچ ۾ پئجي ويندو آهيان جيئن هينئر سوچ ۾ آهيان ته سنڌ بابت، اُتان جي ماروئڙن بابت ڇا لکي ڇا لکان .... !

مان سنڌ مان ٽي دفعا ٿي آيو آهيان. ٨٦، ٨٧ ۽ ٨٩ ۾ .... پهريون ۽ ٻيون دفعو مهنو مهنو ۽ ٽيون دفعو ٽي مهنا! پهرين دفعي جي ٽيهن ڏينهن جو احوال سفرنامي جي صورت ۾ لکيم جيڪو منهنجي دوست طارق اشراف ڇپايو. اُهو سفرنامو پڙهي موهن ڪلپنا لکيو :

تنهنجي سفرنامي جي خوبي اُن جي صداقت، سلاست ۽ باريڪ تفصيل آهن. هوائي جهاز مان ڏٺل سنڌو ندي ۽ آباد زمين جا چورس، سرسبز ٻارا، جن مان منظر من کي ڇهي ٿا وڃن.

آخر تو اُن ڌرتيءَ تي قدم رکيو. تو اُتي جو پاڻي پيتو، ماڻهن جي روحن ۾ ليئا پاتا. من کي ڇهي ويٺون اُهي تصويرون جي تون نقش ڪيون آهن.

شايد اِن ڪري ڪتاب ڏاڍو وڻيو جو اُهو سڀ تو ڏٺو، محسوس ڪيو ۽ لکيو آهي. 'ڪير ٻريا هڙڙا' پڙهي 'جوني ماءُ سندريءَ' جا هٿ چمڻ تي دل ٿي هئي — اِجهو تنهنجا هٿ تو ڇمان جو سچ لکين ٿو ۽ لکي سگهين ٿو.

— موهن ڪلپنا، جمع، ١٨ آگسٽ، ١٩٨٩

ٻئي دفعي مون سان گڏ منهنجا دوست نند جويري ۽ نند ڇڳاڻي به هئا. مان لاڙڪاڻي جو، نند جويري شڪارپور جو ۽ نند ڇڳاڻي حالائي ٻالائي جو آهي، پر ڌرتي ٽنهي جي ساڳي — سنڌ هئي ..... ندي ساڳي — سنڌو ندي هئي ......! اسان ٽنهي ڏري گهٽ سموريءَ سنڌ جي پرڪرما

ڏني. مون اُن سفر جون ڪجهہ قسطون لکيون هيون، اُهي ڇپيون ۽ پسند بہ ڪيون ويئون پر پوءِ ڪا مصلحت سمجهي اُهي وڌيڪ نہ لکيم.

ٽئين دفعي، تن مهنن تائين رهائش جو شرف مخدوم جميل الزمان کي آهي جنهن سهڻي جوان ۽ شاعر مونکي دلين ۾ جايون ڏنيون هيون. سندس همشيرڪه، پيارن پائرن ۽ مرحوم سائين طالب المولي جن شفقت سان نوازيو هو. مونکي ڪيترا ڏينهن سندن حويليءَ جي مهمان خاني ۾ رهڻ جو شرف عطا ٿيو هو.

اُن ٽئين سفر دؤران مون ڪيئي انيڀو حاصل ڪيا جن جو مختصر ۾ ذڪر ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان جيئن اُهو رڪارڊ تي هجي.

مان ڪراچيءَ ۾ جميل الزمان جو مهمان هوس. هو محفلن جو مور هو تنهن ڪري رات جو دير تائين جاڳڻ جو عادي هو. صبح جو نہ، بنپهرن جو ننڊ مان اُٿندو هو. رات جو مان پاڻ بہ اُنهن محفلن ۾ شريڪ هوندو هوس جي گهڻو ڪري فائيواسٽار هوٽلن ۾ ٿينديون هيون. سندس ڪونہ ڪو مريد، ايتري قدر جو سندس سهرو جو پڻ مريد هو، سمورو خرچ پاڻ تي هموار ڪندو هو. اُهي مريد سندس اڳيان اچڻ کان اڳ، جُتي ٻاهر لاهي، مٿو ڍڪي، سندس اڳيان اچي سجدو ڪندا هئا. مان جو سندس ويجهو ويلو هوندو هوس تہ هو منهنجي اڳيان بہ نِمندا هئا.

هڪ دفعي هو مونکي ۽ ٻين ڪن اديبن کي منهنجي چوڻ تي، پنهنجي ساهري ڳوٺ ڪِيري ولي ويو جتي رستي ۾ سندس مريد قطار ۾ بيهي، نعرا هڻي، سجدو ڪندا رهيا!

هڪ ڏينهن جميل کلندي چيو، ’ڪاڪا، ڪرامتن جا زمانا ويا. اُهي اسان جا وڏا بزرگ ڏيکاريندا هئا. هينئر اسين اُنهن وڏڙن جي پوڪي لٽي رهيا آهيون.‘

مخدومن جو ذري گهٽ سڄو خاندان شاعر آهي. سائين طالب المولي تہ ڇئي ڪٽي بس ڪر ....

رمضان شريف جو مهنو هو ۽ مان ڪجهہ ڏينهن کان هالا نوان ۾ رهيل هوس. روزا هوندي بہ روز صبح جو منهنجي لاءِ نيرن تيار ٿي ايندي هئي. مونکي هڪ خادم ڏنو ويو هو جيڪو شهر ۾ گهمائڻ وٺي ويندو هو. ڏينهن اٺين سٺر سپاٽو ڪندي گذري ويندو هو ۽ شام جو مخدوم جميل جي حاضريءَ ۾ ڪچهريون ٿينديون هيون. اُنهن ڪچهرين ۾ عبدالله

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ورياھ پڻ ھوندو ھو جيڪو سندن مريد ھو. ھڪ ڏينھن مون واري خادم ٻڌايو تہ بيگم صاحبا جي طبعت ناساز آھي، رات ڊاڪٽر کيس تپاسڻ آيو ھو. مونکي فڪر ٿي پيو. ھوءَ نھايت نيڪ عورت ھئي. شاديءَ بعد جميل سان گڏ بمبئيءَ آئي ھئي ۽ مونکي ڪاڪو ڪوٺيندي ھئي. نند جويريءَ جي زال چندرا کيس ساڙھي پھرائي ھئي ۽ ڳاڙھي بندي بہ لڳائي ھئي. ھن ٻڌايو ھو تہ ھوءَ ڪراچيءَ ۾ ھوندي تہ اسان سان گڏجي سگھندي. پر جي ھالا ۾ ھوندي تہ ڪنھن سان بہ گڏجي نہ سگھندي جو اِھو خانداني نيم ھو. ايتري قدر جو حويليءَ جون زالون پنھنجن سڳن ڀائرن ۽ پيءُ سان بہ گڏجي نٿي سگھيون .....

مان صبح جو سويل اُٿندو آھيان. سنان پاڻي ڪري پنج منٽ ڪن پرارٿنا ڪندو آھيان. مان پنھنجو اشٽ ديو شِوَ کي مڃيندو آھيان، اُن ڪان ئي ڪُلّ جو خير گھرندو آھيان. اگر گھر کان ٻاھر ھجان ۽ ويجھو مندر مڙھي ھجي تہ سجدو ڪري ايندو آھيان.

اُن ڏينھن صبح جو خادم سان گڏجي ھالا نوان جي حضرت نوح جي درگاھ ۾ وڃي بيگم صاحبا جي صحتيابيءَ لاءِ دعا گھري آيس. منھنجي اُھا دعا شايد قبول پيئي ھئي جو پوءِ ٻڌم تہ ھوءَ نياڻي صحتياب ٿي ھئي ۽ کيس سھڻو پٽ ڄائو ھو ! ھوءَ شايد ڳرڀوتي ھئي تڏھن ئي جميل مون کان ڪلا پرڪاش جو ’ممتا جون لھرون‘ ڪتاب گھريو ھو جيڪو مون کيس ڏنو ھو. ھن شايد اُھو ڪتاب پنھنجيءَ گھرواريءَ کي پڙھائڻ پئي چاھيو جيڪا ماءُ بڻجڻ واري ھئي ....!

ھالا ۾ رھندي ھڪ اھڙي واقعو ٿيو جيڪو مون کان ڪڏھن نہ وسرندو. جميل جو دير سان ايندو ھو تہ مون وارو خادم شھر گھمائڻ وٺي ويندو ھو. اُتي بزار ۾ ڪيترن ھندن جا دڪان ھئا جن کي ديوان ڪوٺيندا ھئا. اُنھن مان ھڪ پان واري جا پان تمام مشھور ھئا. وٽس ھميشھ گراھڪن جي پيڙ رھندي ھئي. ھرڪو پان ٻڌائي گھر کٽي ويندو ھو. ڪي اُتي ئي بيٺي بيٺي چٻاڙيندا ھئا. مون واري خادم کيس چيو، ’ديوان، پنھنجو ھيءُ ڪاڪو سائين جميل جن جو خاص مھمان آھي. ھن لاءِ ھڪ خاص سنو پان ٺاھي ڏي ...‘

مخدوم جميل جو نالو ٻڌي، اُن پان واري ديوان، ھين کان اڳ منھنجو پان ٺاھيو. مون پان وات ۾ وجھي، پئسن لاءِ کيسي ۾ ھٿ وڌو تہ چيائين،

’ڪاڪا، شرمندو نہ ڪريو. سائينءَ جا مهمان معنيٰ اسان جا مهمان! پنهنجن مهمانن کان پئسا ڪيئن وٺنداسين؟‘

هو هين گراهڪن جا پان ناهڻ لڳو تہ مون پان چٻاڙيندي ڪانئس پڇيو، ’تہ هتي ڪيئن ٽا رهو؟ ڊپ ڊاءُ ڪونہ ٿو ٿئيوَ؟‘

’ڇا جو ڊپ؟ مخدوم اسان کي پنهنجي رعيت سمجهندا آهن. ڪو اک ڏيکاري تہ هو سندس اک ئي ڪڍي ڇڏين! جيڪي اسان مان ڀارت ويا هئا، اُنهن مان ڪيترا واپس موٽي آيا آهن. اسين ڪڏهن ڪڏهن پنهنجن مائٽن سان ملڻ ڀارت ويندا آهيون؟‘

پان سوادي هو. مان اُهو چٻاڙيندي اُن جي رس پي ويو هوس. اُمالڪ مٿو ڦرڻ لڳو. چڪر اچڻ لڳا. مان ڪرڻ تي هوس تہ مون واري خادم ۽ ٻن ٻين همراهن ٻکي، جهلي ورتو. اوڏيءَ مهل بجلي بہ بند ٿي ويئي. اونده ۾ رڙورڙ مچي ويئي :

’اڙي ڪاڪي کي سنڀاليو، ڪريو ٿوا‘

خادم ۽ پان وارو ديوان ڏڄي ويا. مان مخدومن جو خاص مهمان ۽ هن ديوان پان ۾ الائي ڇا ملائي ڪارايو هو....!

هڪ همراه ڊوڙي لمليت وٺي آيو. بوتل کولي منهنجي منهن ۾ ڏنائين. مان گٽ گٽ ڪري بوتل پيئڻ لڳس. پوءِ جو اُلٽيون شروع ٿيون تہ سمورو ناشتو پاڻي ٻاهر نڪري آيو. پنجن منٽن کان بہ دير سان هوش جاءِ آيو. ديوان جي شڪل ڏسڻ وٽان هئي، جهڙي هئڊ ! هٿ ٻڌي چوڻ لڳو، ’مونکي خبر ڪانہ هئي تہ اوهين پان ۾ تماڪ نہ کائيندا آهيو. هتي گهڻو ڪري سڀ کائيندا آهن. هينئر جي هن ڳالهہ جي خبر سائينجن کي پئجي ويئي تہ منهنجا لاهہ نڪري ويندا! منهنجو حشر ڪري ڇڏيندا !‘

هو مون کان هٿ ٻڌي معافيون گهرندو رهيو. تڏهن مون آهستي ڀٽڪي ڇيو، ’تون فڪر نہ ڪر. هن واقعي جي خبر هنن تائين نہ پهچندي! ليڪن تون مون کان پڇين تہ ها تہ تماڪ وجهان يا نہ وجهان؟‘

’سائين اڳتي اهڙي غلطي نہ ٿيندي ....!‘

مون واري خادم بہ هن طرفان معافي گهري.

هالا اچڻ کان اڳ مان لاڙڪاڻي ويو هوس. اِن کان اڳ جڏهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻہ دفعا آيو هوس تہ ٻئي دفعا اُتي ڪرفيو لڳل هو. صرف نون تڪن مان ڦيرو ڏيئي، پنهنجيءَ جاءِ کي هٿ لڳائي، موهن جو دڙو گهمي موٽي آيو هوس. هن دفعي سک سانت هئي.

منهنجا ٻہ دوست جن مان هڪ جي هالي ڪاني ۽ ڏسڻ وائسڻ ۾ آنند کيماڻيءَ جهڙو هو، مون کي پاڻ سان گڏ ريل رستي لاڙڪاڻي وٺي وڃي رهيا هئا. اسان ڪوٺڙيءَ مان ٻولان ميل ۾ چڙهيا هئاسين جيڪا ڪوئٽيہ تائين ويندي هئي.

ٽرين جڏهن لڪي جبلن وٽان لنگهي تہ مون آسمان ۾ هڪ عجيب لقاءُ ڏٺو. سورج منڊل مان، ڪڪرن جي پلڀيان، جوڳين جي گيرو رنگ جهڙو پرڪاش، هيٺ چٽي رهيو هوا اُهو ڄڻ جوڳين جو جلوس هو .... اُهو درشيہ جڏهن پاڻ وارن دوستن کي ڏيکاريم تہ هو پڻ حيرت وچان اِهو ڪرشمو ڏسڻ لڳا. اهڙي قسم جو اديت منظر شايد شيخ اياز ٻہ ڏٺو هو جنهنجو ذڪر هن پنهنجي ڪنهن ڪتاب ۾ ڪيو آهي. ٽرين جڏهن موهن جو دڙو اُڪري، لاڙڪاڻي طرف وڌي تہ اوچتو ٻي منداڻتو مينهن وسڻ لڳو. مؤسوم اهڙي دلفيرب ٻڻجي پيئي جهڙوڪ ڪا محبوبا سامهون هئي، ڪا امڙ، پنهنجي لختي جگر جي اچڻ جو ٻڌي، خوش خورم ٿي پيئي هئي ....

هائو، مان ئي اُهو محبوب هوس، لخت - جگر هوس جيڪو تمام پري ڪان، ماءُ سان ملڻ آيو هو ڇو تہ هو اڌ صديءَ کان وڇڙيل هئا .... !

سک جون چند ساعتون جي مون پنهنجي اباڻي گهر ۾ گهاريون، اُهي مون کان مور نہ وسرنديون. جبل جيڏي اوچي ۽ اڏول سويي گيانچندداڻيءَ جي گهر جيتريون راتيون رهيس، اُهي هميشه ياد رهنديون. امرت سمان سنڌوءَ ۾ ڏنل ٽٻيون اڄ ٻہ ياد اٿم. شهيد پلي جي گهر سامهون، گهاڙواد جي ڪپر تان ميڙيل سپون ڪيترا سال سانڍي رکيم.

ورهاڱي کان چاليهن سالن بعد جڏهن پهريون دفعو سنڌ ويو هوس تہ اُتي اديبن جي ميڙ ۾ چيو هوم : 'چاليهن سالن جو اوجاڳو اٿم. هاڻ سنڌ ماتا وٽ پهتو آهيان تہ چاهيان ٿو ستو پيو هجان.'

اُن ادبي محفل ۾ منهنجي پياري دوست شوڪت حسين شوري مون بابت چيو، 'هري موٽواڻي سنڌي ادب جو راءِ ڏياچ آهي. هريءَ جي هاڪ

رڳو هند ۾ ڪونهي، هن سنڌ ۾ به پاڻ کي ميڙايو آهي.¹

سنڌ جي منهنجي اِها دوستاڻي ياترا ممڪن ئي نه هجي ها جيڪڏهن مون کي سنڌ وارن مدد نه ڪئي هجي ها. نه صرف اُنهن مدد ڪئي بلڪ مُونکي پنهنجو ڀاءُ، پٽ، پيءُ ڪاڪو سمجهي عزت ڏني - ڏياري ...

طارق اشرف ۽ غلام نبي مغل جي دوستيءَ مليءَ، ڪونج کي سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ ۽ شهر شهر مشهور ڪيو هو. مان جڏهن سنڌ پهتس ته ڪونج جي انهن پڙهندڙن، جن مان ڪيترا آفيسر، ڪامورا ۽ وڏيرا هئا، منهنجي مانَ ۾ دعوتون ڏنيون ۽ ڪچهريون ڪندي ٻڌايائون ته هنن شاگرديءَ واري زماني ۾ ڪونج رسالو پڙهيو هو.

اُن بعد جن ٻين مونکي دلين ۾ جايون ڏنيون اُهي تاجپور جا نواب آهن. امداد علي ٽالپر، منظور حسين ٽالپر، محمد خان ٽالپر ۽ بشير احمد خان لغاري. اِنهن ڇئني نوابن مون مٽان قربن جا مينهن وسايا آهن. سندن دلبرين مون لاءِ هميشه اُمنگ جو باعث رهنديون.

۽ قرب وارن اديبن ۽ شاعرن جو لڏو، جن مونکي هروقت پنهنجو سمجهيو، اُهي دلبر آهن : شوڪت شورو، مشتاق شورو، حميد سنڌي، اِمداد حسيني، مدد علي سنڌي، ظفر حسين، محبوب شيخ، تاج بلوچ، هدايت پريم، خانمحمد پنهور، شمشير الحيدري، تاجل بيوس، عبدالله قادر جوڻيجو، تاج جويو، آغا سليم، در محمد پٺاڻ، حليم بروهي، اياز قادري، طارق عالم ابڙو، پيارو محمد آچر پنهور ۽ ٻيا ننڍا وڏا ڪيترائي اديب ۽ شاعر جن جي فهرست تمام وڏي آهي.

گل ٽالپر مون کي پيءُ، پٽ ۽ ڀاءُ ڇئي، ٽئي رشتا جوڙي ڇڏيا هئا — جڙيل آهن؛ ماهتاب محبوب ڀينرن جيان ڳرانڊڙيون پاتيون؛ هوءَ ايتري سڪ واري آهي جو اُتي ئي رُسي، اُتي ئي پرچي؛ ادي مختيار شورو مونتي اِلاهي مهربانيون ڪيون. ادي گل ته مونکي رڪڙي به ٻڌي آهي. رڪڙيءَ جي ڪهڙي ۽ ڪيتري اهميت آهي، مونکي ڄاڻ آهي ....

۽ جن نياڻين مون کي ڪاڪو ۽ مامو سمجهيو. انهن ۾ گل جون ٽي نياڻيون عاشفه، افزا ۽ لبنيٰ، ماهتاب جون به ڌيئر اِرم ۽ ڏمر، ۽ وليرام وليءَ جون به ڌيئون : پشپا ۽ گوري آهن !

جن سنڌ جاين اديبائن سان منهنجون ڪچهريون ٿيون، تن ۾ خيرالنساء، جعفري، نورالهديٰ شاد، سحر امداد، قمرواحد، نذيرناز، نسرين جوڻيجو ۽ ادي

ماهتاب اڪبر راشدي مکيہ آهن.

هڪ ٻئي واقعي جو، جيڪو سنڌ ۾ درپيش آيو، اُن جو ذڪر نہ ڪندس تہ پاڻ سان ڌوهہ ڪندس. ڌوهہ اِن ڪري تہ چوان جو اُن ۾ جنهن شخص جو ذڪر ايندو ۽ صرف اُن جو ئي ذڪر ٿيندو، تہ اُهو واقعو پڙهي، مون جيان ٻيا پڙهندڙ پڻ هن سان نفرت ڪندا!

مون کي سنڌ لاءِ هڪ مهني جي ويزا ملي هئي. ليڪن مخدوم جميل مونکي واپس وڃڻ کان روڪيندو رهيو. اِهو هن جو قرب هو. هن منهنجو پاسپورٽ ڪراچيءَ موڪلي هڪ مهني جي ويزا وڌائي ورتي.

پارٽ ۾ منهنجو هڪ ئي دشمن ۽ حريف آهي — اُتم ...! هن کان اِها ڳالهہ برداشت نہ پئي ٿي تہ مان بار بار سنڌ وڃان ٿو، اُتي ادبي ڪچهريون ڪري، عزت پائي اچان ٿو ... ! هن جي من ۾ حسدُ تہ هوئي، مندي بہ اچي اُن سان شامل ٿي ... تعصب وچان هو هڪ اهڙو ڪم ڪري ويٺو جيڪو ڪهڙي بہ وويڪ شيل شخص جي شانَ وٽان نہ هو. پر هو، اِئين چوان تہ، منهنجي حق ۾، سڀ ليکا لنگهي ويو. مان اُن وقت سنڌ ۾ ئي هوس تہ هن دهلي آڪاشوائيءَ جي، ايڪسٽرنل سروس تان، جيڪا خاص سنڌ لاءِ شروع ڪيل هئي ۽ وينا شرنگي جنهنجي اِنچارج هئي، ڪتابي سمالوچنا جي بهاني، ڪائنس آرڊر وٺي، منهنجي ناول اَبو جي بنياد تي اناپ شناپ بڪواس ڪري آيو. جيئن ئي اِها براڊڪاسٽنگ سنڌ وارن منهنجن دوستن ۽ سڄڻن ٻڌي تہ هو ڏڄي ويا. بوڪ رويو بهاني اُتم مونتي بي بنياد اِلزام ڏريا هئا. مان ائنٽي پاڪستاني آهيان. سي - آءِ - ڊي وارن اُها نيوز رڪارڊ ڪئي هئي ۽ اُن ڏينهن کان منهنجي ڪڍ پئجي ويئي جنهنجي مونکي ڄاڻ نہ پيئي. اُتم اِها ڳالهہ ڳني سامتائيءَ کي ٻڌائيندي فخر سان چيو هو : هن کان پوءِ تنهنجو اِهو دوست سنڌ وڃي ڏيکاري ...!

پاڪستاني سي - آءِ - ڊي کهڙو بہ ظلم ڪرڻ کان ڪين هٻڪندي آهي. مون جڏهن بينظير ڀٽو جي آتم ڪهاڻي 'ڊاٽر آف ايسٽ' جو سنڌي ترجمو پڙهيو تہ اِلائي ڪيترا دفعا رُنو هوم. هن نياڻيءَ تي ڪيترا نہ ظلم ڪرايا هئا جنرل ضيا ...! ساڳيا ٽارچر هن شهيد ڀٽو کي بہ ڏياريا هئا ...! ٻنهي پيءُ ۽ ڌيءُ پاڪستاني جيلن اندر عقوبتون سٺيون جن مان ڀٽو شهيد ڪيو ويو ۽ بينظير اُنهن مڙان سوڀ حاصل ڪري، پاڪستان جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وزير اعظم بڻي ...!

سنڌ ۾، خاص طور حيدرآباد ۾، مان جتي به وڃان، سي - آءِ - ڊيءِ وارو هميشه پليان هجي. ماهتاب جي گهر وڃان ته اُتي به هجي، پٽ شاه تي وڃان ته اُتي به ڪڏ ... ريڊيو اسٽيشن تان آل پاڪستان مشاعرو هو. سائين جميل مونکي به اُن مشاعري ۾ وٺي ويو هو جيڪو سڌو پِرسارت ٿي رهيو هو. سچي پاڪستان اُهو مشاعرو ڏٺو جنهن ۾ سنڌي، پنجابي ۽ اُردوءِ جي شاعرن شرڪت ڪئي هئي. اُتي به هو پيڇو ڪندا پهچي ويا هئا. مطلب ته اُهو سڄو مهنو منهنجو پيڇو ڪيو ويو، رپورٽون سان فائيل پريندا ويا، ليڪن مونکي ڪا خبر ڪانه هجي ... سي - آءِ - ڊي وارن الڳ الڳ اديبن کان به پڇائون ڪيون مون بابت، ليڪن اُنهن مان ڪنهن هڪ به مون خلاف نه ڳالهايو. ڪونج جا پرچا هٿ ڪري پڙهيائون ۽ اُهي رڪارڊ تي رکيائون. ڪين اهڙو ڪجهه به هٿ نه لڳو جنهن جي آڌار تي هو مونکي جهلي سوگهو ڪن. وڏي ڳالهه ته منهنجي ويزا مخدومن جي نالي هئي جيڪو خاندان سياست ۾ پلو خاندان کان پوءِ ٻيو نمبر مڃيو ٿي ويو. اُهائي منهنجي بچاءَ ــ ڍال هئي ...

ٻئي مهني واري وڌايل ويزا پوري ٿيڻ تي هئي ته مون واپس ورڻ جون تياريون ڪيون. ويزا ۾ باقي ٻه - چار ڏينهن وڃي بچيا هئا. رمضان هئڻ سبب ٽڪيٽ ڪنفرم ڪانه پئي ٿي. ڪراچيءَ فون ڪيو ويو ته چيو ويو روبرو اچو ته ڪم ٿيندو نه ته نه ٿيندو. مان ٽڪيل هوس هالا نوان ۾ جميل جن وٽ ۽ رمضان سبب هو پاڻ ڪراچيءَ ڪونه پئي هليو. ٻيو ته سندس بيگم پڻ ناچاڪ هئي. هن مونکي پنهنجي هڪ خاص ماڻهوءَ سان ڪراچيءَ موڪلڻ جو بندوبست ڪيو. ويزا پوري ٿيڻ ۾ صرف هڪ ڏينهن بچيو هو. مان فڪر ۾ هوس. جميل سائينءَ پنهنجي ماڻهوءَ کي سمجهايو ته ٻهرين ويزا وڌرايان ۽ پوءِ کهڙي به ڏينهن جي ٽڪيٽ ڪنفرم ڪرائي، مون کي هتي واپس وٺي اچي.

ٻئي ڏينهن صبوح جو مان ۽ اُهو خادم، ڪار رستي ڪراچي وڃڻ لاءِ تيار ٿياسين. ويزا جو مدو اڄ ختم هو ۽ اڄ ئي نئي ويزا جو لپو هٿائڻ ضروري هو. حيدرآباد مان جميل لاءِ نذير ناز جو فون آيو. مان اوطاق تي هوس، فون مون ئي کنيو. ٻڌايومانس ته جميل سائين اڃا ننڊ مان اُٿيو ئي ڪونهي.

نذير ناز شاعرا ۽ ڪهاڻي نويس هئي. اِنڊيا بہ آئي هئي. منهنجي ساڻس چڱي ڏيٺ ويٺ هئي. حيدر آباد جي ريڊيو اِسٽيشن تي پڻ گڏجي هئي جتي مُشاعري ۾ شعر پڙهڻ آئي هئي. مون چيس، 'مان ٿوريءَ دير ۾ ڪار رستي ڪراچيءَ پيو وڃان. ڪراچيءَ ۾ ڪو ڪم هجيئي تہ بلاشڪ اسان ساڻ گڏجي هل. اسين ڪار ۾ صرف ٻہ آهيون، مان ۽ خادم، ٽيون ڊرائيور.'

چيائين، 'مان توکي اڌ ڪلاڪ ڪان پوءِ فون تي ٻڌايان ٿي. اگر منهنجي هڪ ساهڙي مون سان گڏ هلڻ چاهي تہ گنجائش آهي؟'

مون وراڻيس، 'گنجائش ڪڍي ولبي. تون ٿورو جلد ٻڌائج جو تہ مونکي ويزا وڌائڻ لاءِ وقت سِرِ پهچڻو آهي.'

اڌ ڪلاڪ ڪان پوءِ هن فون ڪئي. چيائين، 'مان ۽ منهنجي اُها ساهڙي تيار هونداسون، توهان اسان کي پِڪ اپ ڪندا وڃجو ...' هوءَ ٿورو رڪي ۽ پوءِ چيائين، 'توهان لاءِ هڪ سي - آءِ - ڊي وارو پڇڻ آيو هو. مون کان پڇيائين : هو ڪٿي هوندو؟ مون چيس : مونکي ڪا خبر ڪانهي ... خبر ناهي توهان لاءِ ايترو ڇو پئي پڇيائين!'

نذيرناز جي ڳالهہ ٻڌي مان فڪرمند ٿي ويس. هو ادي گلشن ڪان بہ پڇي آيا آهن، تنهنجي معنيٰ تہ هوءَ بہ پريشان هوندي. مون سوچيو ڪراچيءَ وڃڻ ڪان اڳہ مان حيدرآباد مان ٿيندو ويندس.

جميل سائين کي گهر فون ڪري، کيس حقيقت ٻڌايم. هو بہ فڪرمند ٿي ويو. اِلائي ڪهڙي ماجرا هئي، اِهو سوچي چيائين : آءٌ اِجهو اچان پيو.

هن جو اِجهو اچڻ معنيٰ هڪ ڪلاڪ. هو آيو تہ ويهي صلاح ڪئيسون. مون چيو : ڪراچي وڃڻ ڪان پهرين حيدرآباد وڃي، سي - آءِ - ڊي وارن ڪان دريافت ڪندس تہ هو مونکي ڇو پيا ڳولهين؟

جميل پنهنجي ماڻهوءَ کي سمجهائيندي چيو، 'اوهان ڪاڪي کي ٻئي ڪنهن هنڌ ويهاري پاڻ جاچ ڪري اچجو تہ معاملو ڪهڙو آهي. آءٌ بہ هتان ڪين فون ڪري ٿو ڇڏيان. اهڙي جهڙي ڳالهہ هجي تہ ڪاڪي کي اوڏانهن ولي نہ وڃجو، اسان کي هتي اِطلاح ڏجو.'

اسين هڪ بجي حيدرآباد پهتاسين. خادم مونکي هڪ دوست جي گهر ويهاري پاڻ صدر پوليس ٿاڻي ويو. هنن چيس : اِهو معاملو سي - آءِ - ڊي تحت آهي، اوهين اوڏانهن وڃو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسين اوڏانهن روانا ٿياسين ته اسان جي ڪار لطيف آباد ڪالونيءَ وٽان لنگهي. ادي گلشن جو گهر ويجهو ئي هو. اٽ ڏينهن ٿي ويا هئا جو مان هالا ۾ هوس. پاڻ واري همراه کي، جيڪو پناڻ هو، چيم، 'ٻه منٽ هتي ترس ته اديءَ کي منهن ڏيکاري، ٻارن سان ملي، هڪ گلاس پاڻيءَ جو پي، پوءِ هلون ٿا.'

گاڏي گهر کان ٻاهر بيهاري، مان ڊوڙندو بنگلي اندر داخل ٿيس ته اديءَ مونکي ڏسي وڏي اوڇنگار ڏني. سڀيءَ ماءُ جيان ڀاڪر پائي چيائين، 'ادا، اڄ خدا منهنجي ٻڌي آهي. صبح جو ٻه ۽ هينئر ٻنپهرن جو ٻه، نماز پڙهندي، تنهنجي هتي موٽي اچڻ جي دعا گهري اٿم، هينئر تون هتان ڪيڏانهن نٿو وڃي سگهين ...!'

منٽ ٻن کان پوءِ ڪيس سموري ڳالهه ٻڌايم. ادي پناڻ خادم کي اندر ڪوٺايو. ڪيس مهمانخاني ۾ ويهاري، پاڻ منهن چڱيءَ طرح ڏکي، چيائين،'ادا، منهنجو هيءُ ڀاءُ مون وٽ امانت آهي. هن کي ڪجهه ٿي پيو ته آءٌ خدا کي ۽ هن جي ٻارن کي منهن ڏيکاري نه سگهنديس. مون صبوح کان خدا کي ٻاڏايو ويلي ته منهنجو ڀاءُ، جنهنکي آءٌ پنهنجو پيءُ ٻه ته پٽ ٻه سمجهندي آهيان، مون وٽ موٽي اچي. هينئر خدا تعليٰ منهنجي ٻڌي آهي ۽ هن کي مون وٽ موٽائي موڪليو اٿس. هينئر آءٌ هن کي گهر کان ٻاهر ڪانه ڪيڏنديس، تون پاڻ اڪيلو وڃي هن جي ويزا ٻه وڏائي اچ ۽ ٽڪيٽ ٻه ڪنفرم ڪرائي اچ.'

پناڻ خادم هٿ ٻڌي چيو، 'امڙ، آءٌ ته خادم آهيان. جيئن سائين حڪم ڏنو آهي تيئن ڪرڻ لاءِ ٻڌل آهيان. نه ته توهان پاڻ اُنهن سان ڳالهيو. مونکي جيڪو حڪم ملندو، آءٌ تيئن ڪندس.'

ادي گلشن، منهنجي صدقي، مخدوم جميل الزمان کي فون ڪيو. جڏهن هن فون کنيو ۽ هيلو چيائين ته اديءَ چيس، 'ابا، تون منهنجي پٽ جيڏو آهين. اهو .هري بلڪل سادو ماڻهو آهي. هي جيڪڏهن منهنجو مهمان آهي ته تنهنجو ٻه مهمان آهي. هن کي هتي ڪجهه ٿي پيو ته خدا اسان کي ڪڏهن معاف نه ڪندو. تون ڪجهه ٻه ڪر، اڄ جو اڄ هن جي ويزا وڌرائي ڪيس ٽڪيٽ ڪنفرم ڪرائي ڏي ته هتان وڃي پنهنجن ٻچن سان سکي ٿئي. جيستائين سندس ويزا نه وڌي آهي، مان ڪيس گهر مان ڪانه ڪيڏندس.'

مان مشڪل سان پنهنجا ڳوڙها روڪي سگهيو هوس. ادي گلشن کي منهنجو ڪيترو نه اونو هو ...!

جميل سائين پناهہ خادم سان فون تي ڳالهائي ڪيس کي هدايتون ڏنيون، اُنهن موجب پهرين ڪيس اڪيلي سر سي-آءِ-ڊي آفيس ويٺو هو جتي جميل فون ڪري ڇڏيو هو. اُتان هن کي ڪراچيءَ وٺو هو جتي ويزا وڌرائي، ٽڪيٽ ڪنفرم ڪرائي، ٻئي ڏينهن حيدرآباد اچي، مونکي سي-آءِ-ڊي آفيس ۾ وٺي وڃڻو هو.

ٻنهي جا بہ اڳاٽي ٿي ويا هئا. سڀ بڪ ۾ هئاسين. نوڪر ڪنهن ڪم سان ويل هو. اديءَ پنهنجن هٿن سان مانيون پچائي، آمليٽ ٺاهي، اسان کي کارايا. اديءَ جي پنهنجي بک مري ويئي هئي. ماني کائي پناهہ ۽ ڊرائيور سي-آءِ-ڊي آفيس روانو ٿي ويا. اُتان ٿي، ڪراچي وڃڻ کان اڳ، پناهہ خادم وري گهر آيو ۽ ٻڌائي ويو تہ سي-آءِ-ڊي آفيسر سائينجن جو مريد ۽ پناهہ جو هم ڪلاسي هئو. هن اسان کي ٻئي ڏينهن پاڻ وٽ گهرايو هو.

اُهو سڄو ڏينهن مون ٻارن سان گڏ ويهي ٽي. وي. تي فلم ڏٺي. گلشن اڃا تائين پريشان هئي، ۽ هن جي پريشانيءَ جو ڪارڻ مان هوس ....!

ٻئي ڏينهن ويزا بہ وڌجي آئي تہ ٽڪيٽ پڻ ڪنفرم ٿي ملي. مخدومن کي ڪير ناڪار ڪري!

اسان کي هيڊڪوارٽر سي-آءِ-ڊي آفيس ۾ وٺو هو. مان گلشن کان موڪلائڻ سندس ڪمري اندر ويس تہ هوءَ چڻ مراقبي ۾ ويٺي هئي. مون پنهنجا هٿ سندس پيرن طرف وڌايا تہ هٿ جهلي ورتائين. چيائين، 'ادا، هيءَ ڇا پيا ڪريو؟ توهان تہ منهنجا وڏڙا آهيوا وڃو، اوهانکي ڪجهہ بہ نہ ٿيندو ...'

سي-آءِ-ڊي آفيس اڱين ٺي هئي جيئن ۽ جهڙين حالتن ۾ انگريز ڇڏي ويا هئا. گهٽي رش ڪانہ هئي جو جمع سبب آفيس بند هئي. اسين جڏهن ڪمري اندر پهتاسين تہ اُتي صرف هڪ ٺي شخص ويٺو هو جنهنکي اڇي سلوار ۽ خميص پيل هئي.

هن اُٿي بيهي مون سان هٿ ملايو. پناهہ خادم سان بہ ڪلي ڪيڪار ڪيائين. اسين جڏهن ڪرسين تي ٺهي ويناسين تہ آفيسر خوش مزاج

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موڙ ۾ چيو، ’اِهو ڇٽو ٿيو جو اوهين پاڻ ئي آيا!‘
مون مذاق ڪندي چيو، ’نہ تہ شايد هڏي ولي اچو ها؟‘
هن هلڪو ٽهڪ ڏنو. چيائين، ’ائين هجي ها تہ اوهان کي ڪڏهن جو ڪٽي ولون ها. پر ڏسو تہ سهين توهان مهمان ڪِنِ جا آهيو؟ شڪر جو ڪالهہ سائينءَ پاڻ فون ڪئي ۽ مون فورن ڪيس جو فائيل پاڻ وٽ گهرائي ورتو. نہ تہ پڪ توهان اندر هجو ها! توهان جو ڪيس هڪ پنجابي فوجي آفيسر جي سُپرد هو جنهن توهان مٿان ڪافي چارجس مڙهيون هيون ... ‘!
’مثال طور؟‘
’اُن ڳالهہ کي ڇڏيو. هينئر ڪيس منهنجي هٿن ۾ آهي. مون کي توهان ٿورن سوالن جا جواب ڏيو تہ مان ڪيس ڪمپليٽ ڪري، فائيل بند ڪري ڇڏيان ...‘
مان سوالن جا جواب ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ويلس. هن جيڪي سوال پڇيا، مون اُنهن جا صحيح ۽ سچا جواب ڏنا.
هن پهريون سوال پڇيو، ’توهان ڪهڙي فلاڻي شهر ڪيئن وڃي پهتا؟‘
مون جواب ڏنو، ’مان پاڻ اڪيلو تہ ڪيڏانهن بہ اچي وڃي نٿو سگهان. جيڪي هتان وارا انڊيا ايندا آهن، اُنهن کي ٿورو گهمائيندو ڦيرائيندو آهيان. خريداري وغيره ۾ بہ سندن مدد ڪندو آهيان تہ ڊاڪٽرن وٽ بہ ڪين ولي ويندو آهيان. اهڙيءَ طرح سندس سونهپ ڪندو آهيان جنهن مان مونکي خوشي حاصل ٿيندي آهي. اُن ڳوٺ جي رئيس چيو ؛ منهنجي دعوت جهليو. مون چيس ؛ مان اڪيلو نہ هلندس، فلاڻا فلاڻا اديب بہ دعوت ڏيئي گهرايو. اهڙيءَ طرح اسين سڀ اُتي گڏجي دعوت ۾ وياسين.‘
’توهان ڀِٽِ شاهہ جي ميلي تي بہ ويا هئا؟‘
’مون کي ولي ويا هئا. شاهہ لطيف لاءِ سڀني سنڌين کي عقيدت آهي.‘
’اُڏيري لعل تي بہ ويا؟‘
’اُتي بہ ولي ويا هئا. اُڏيرو لاءِ اسان جو اشٽ ديو آهي!‘
’اُتي توهان کي پترا ورهايا هئا؟‘
’پترا تہ ڪونہ ورهايا هئم. هڪ دوست گڏيو جنهنکي ڪونج جو هڪ پرچو ڏنم.‘

’توهان وٽ ڪونج جا ڀيا پرچا آهن؟‘

’هتي ڪنهن وٽ هجن تہ هجن، مون وٽ تہ ڪونهن. اڳي پوسٽ رستي موڪليندو هوس، اڄ ڪالهہ نٿو موڪليان، پوسٽ جا نرخ وڌي ويا آهن.‘

’مونکي هڪ بہ پرچو نموني طور هٿ ڪري ڏيندا؟‘

’ڪوشش ڪنديس، مليو تہ ضرور پهچائي ويندس.‘

مون کان اصل ڳوٺ، تعليم، بمبئيءَ ۾ ڏنڌي وغيره بابت پڇيائين جنهن جي ڪيس صحيح معلومات ڏنم.

’توهين ريڊيو اِسٽيشن تي ڪيئن پهتا؟‘

’مان پاڻ ڪيئن پهچندس. گيٽ تي تہ پاس ڏيڪارڻي پوندي آهي. مشاعرو هو، مخدوم صاحب وٺي ويو هو.‘

’توهان ڇام شورو بہ تہ ويا هئا؟‘

’ادبي بورڊ جي ميٽنگ هئي، وڏو سائين بہ وڃي رهيو هو. مون کي بہ پاڻ سان گڏ وٺي ويا. جڏهن ميٽنگ شروع ٿي تہ ڊرائيور کي چيائون : ڪاڪي کي سنڌالاجي گهمائي اچ. مان سنڌالا جي گهمي آيس. مون کي ڏک اِن ڳالهہ جو آهي تہ منهنجو جهونو سنگتي غلام رباني آگرو، جيڪو ادبي بورڊ جي ميٽنگ ۾ شرڪت ڪرڻ آيو هو، مون سان اِئين گڏيو ڄڻ مونکي سڃاڻيندو ئي نہ هو، حالانڪ مان هن سان ٻاڪر پائي سڪ سان گڏيو هوس .... عهدو ۽ ڪرسي ماڻهوءَ کان ديد ۽ لياقت کسيو وٺي ٿي!‘

آفيسر صرف هلڪو مشڪيو. فائيل تي نوٽ هڻي، فائيل بند ڪري رکي ڇڏيائين. پوءِ مرڪندي چيائين، ’ٻارت جي ڪنهن شخص توهان سان دشمني ڪئي آهي. اسين ريڊيو براڊ ڪاسٽنگ ٽيپ ڪندا آهيون.‘

مون بہ مرڪي چيو، ’هڪ ئي شخص آهي جيڪو نٿو چاهي تہ مان سنڌ اچان ۽ هتان عزت پائي وڃان.‘

’اُن لاءِ توهين ڇا ڪندا؟‘

’نرلڄ ماڻهوءَ لاءِ ڪري ئي ڇا ٿو سگهجي؟ هن تي جيڪي لعنتون پونديون، اُهائي سزا ڪافي آهي!‘

اسين ساڻس هٿ ملائي اُٿياسين. هن شريف ماڻهوءَ اسانکي چانهہ بہ پيئاري هئي ....

ادي گل خدا جو شڪر ادا ڪيو. پلاڻ خادم موٽي هالا ويو. هئي

ڏينهن جميل فون تي پڇيو، ’ڪاڪا، اهو ڪهڙو ماڻهو آهي، اسان کي اُن جو نالو ته ٻڌايو؟‘

مون وراڻي ڏنس، ’توهين هن جو نالو ڄاڻي ڇا ڪندا؟‘

’ڪاڪا، توهان ٻاڌ ڏسجو، اسين هن جي ڪهڙي ٿا حالت ڪريون!‘

مون کلندي چيو، ’قبلا، ڪنهن مئل کي مارڻ مان ڪهڙي فائدو؟‘

ڪا دير ماٺ رهي، هن موٽ ڏني، ’جيڪا توهان جي مرضي!‘

پارٽ اچي مون تصديق ڪرائي ته اُتم واقعي اِهو گهٽيا ڪم ڪيو هو .... مان چاهيان ها ته هوم منسٽريءَ ۾ شڪايت ڪري اُتم کي تڪليف ۾ وجهان ها ..... ليڪن اِن قدم کڻڻ سان وينا شرنگي مصيبت ۾ اچي وڃي ها جنهن اُتم کي اِها تقرير ڪرڻ ڏني هئي. هن جي نوڪري به خطري ۾ پئجي وڃي ها. ۽ مون اِهو نه ٿي چاهيو .....

اُتم جي حالت سچ پچ رحم جوڳي آهي. هو پٽڙيءَ تان لهي ويو آهي. خبر ڪانه ٿي پويس ته سندس ڪتاري ڪهڙي رخ وڃي رهي آهي.

پيو ٿو ڏڏڙِ اُڏائي .... اسين به ڇٽون پل پيو اُڏائي!

مان ١٩٥١ع کان بمبئيءَ ۾ آهيان، بمبئي شهر ۽ سندس پسگردائيءَ کي نهايت ويجهائيءَ تان ڏٺو اٿم. اميري ۽ غريبي - ٻنهي جو مشاهدو ڪيو اٿم. پوش علائقو ۽ سِلم علائقو ڏسندي بمبئي بابت ڪيئي علامتون ذهن ۾ تري ايندڀون اٿم. جيئن، هڪ تصوير ۾ صرف وستر ئي وستر آهن، ليڪن چهرا غائب آهن. ٻيءَ تصوير ۾ صرف چهرائي چهرا آهن، ليڪن وستر غائب آهن. يا، جي مونکي ڪير تصوير چٽڻ لاءِ چوي ته مان هڪ وڏي ڪئنواس تي ڪارو ڏامر هڻي، هڪ ڪنڊ ۾ پينٽ ۽ ٻيءَ ڪنڊُ ۾ لنگوٽ پئنٽ ڪريان ....!‘

جنهن وقت مون ادبي کيتر ۾ پرويش ڪيو هو ته ڪي به وڏيون اُميدون يا خوشفهميون ڪٿي ڪونه آيو هوس. مراد هئم ته ڪجهه سکان ۽ لکان. پوءِ ڏٺم ته جنهن ادبي کيتر کي چندن جي ڪاٺ جو وڻ سمجهيو هوم ۽ اُن وڻ جي خوشبوءِ طرف ڇڪجي ويو هوس، اُن تي ڪيئي نانگ ڇهتيل هئا. مون جڏهن به اُن وڻ جي ويجهو وڃڻ جي ڪوشش ڪئي ته اُنهن نانگن زهري ڦوڪون ڏنيون. اُهي ڦوڪون تڏهن اچا به وڏي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويئون جڏهن مون ادبي رسالو ڪونج ڪڍيو جيڪو هند ۽ سنڌ جي ادبي دنيا ۾ مقبول ٿي ويو. پوءِ ڪهاڻيون لکيم، ناول لکيم ۽ سنڌ جو سفرنامو لکيم ....

اهڙي زهريلي ماحول ۾ رهندي ساهتيه اڪاڊميءَ جو انعام حاصل ڪرڻ ائين هو ڄڻ مون نانگن جي ٻرن ۾ هٿ وجهي، 'نانگمڻي' حاصل ڪري ورتي هئي. اِها منهنجي ساهت ساڌنا جي سوڀ هئي. هڪ ئي سال ۾ ٻه ادبي انعام حاصل ڪرڻ، امرت ڦل مثل هو جيڪو مونکي هميشه تازو ۽ توانو رکندو ايندو ....

مان اُنهن ٿورن خوشنصيب اديبن مان آهيان جنهن وشو پرسڌ ليکڪن شاعرن، عالمن، دانشمندن ۽ قومي هيروز جي جنم آستانن، مزارن ۽ سماڌين جي ذيارت ڪئي آهي.

مون ٽئگور جي شانتي نڪيتن جو ڦيرو ڪيو ته شرت چندر جي ٽرافي پڻ کٽي اٿم. مون شاهه لطيف جي ڀِٽ، سچل جا درازا ۽ ساميءَ جي چؤنڪيءَ جو ديدار به ڪيو اٿم. اُڏيرولعل تي سيس نوايو اٿم ته شهيد بلاول جي درگاهه تي سجدو پڻ ڪيو اٿم. هوشوءَ جي قبر، اي-اي قاضيءَ جي مزار ۽ دولهدريا خان جي آخري آرام گاهه تي عقيدن جا گل چاڙهيا اٿم. سنڌ جي آخري مهاراجا ڏاهر سين جي برهمڻ آباد جا کنڊهر ۽ پنج هزار سال پراڻي سنڌو تهذيب جي عظمت — 'موهن جو دڙو' جي ياترا پڻ ڪئي اٿم.

منهنجي آتم ڪٿا منهنجو آتم ساڪياتڪار آهي. اهو سلسلو، منهنجو آتم پريچيه، منهنجي جنم ڪان شروع ٿي، عمر سان گڏ وڌندو، سنڌو ۽ گنگا جي سڀيتا کي اپنائيندو، عرب مهاساگر جي ڪنڌي تائين اچي پهتو آهي، جتي شهري زندگيءَ سان، بمبئيءَ جي لائيف سان، دوبدو ٿيڻو پيو. هيءَ اُها شهري زندگي آهي جتي پنهنجي ڇهري کي هر روز قلعي ڪرڻو پوندو آهي. اهو سلسلو ٩٦ع تائين هلندو آيو آهي.

هن بعد منهنجو جيون ڪيئن گذرندو، ڇا ڪندس، ڇا لکندس، اُن جي پوري ڄاڻ ڪانه اٿم. ليڪن منهنجو قلم رڪجي نه ويو آهي. مان ذهني طور خالي نه ٿيو آهيان. مان نِتِ پرجندو رهان ٿو ڇو ته زندگي هڪ هنڌ بيهي ڪانه رهي آهي. جيستائين زندگي روان آهي، مشهائد

جاري آهي، منهنجو قلم هلندو رهندو، نوٽ بوڪ ڀرجندا رهندا ....

۹۶ع تائين مون چا پاتو، چا وڃايو آهي، اُن جو پوتا ميل هن آتم ڪٿا ۾ درج آهي — اُهو ڪٿي ميلاچ ڀريو آهي ته ڪٿي کارو ۽ اُگرو پڻ ...

مونکي ۱۹۹۵ع ۾ ٻي ادبي اِنعام مليا. 'خوددار' ڪهاڻين جي ڪتاب تي مهاراشٽر راجيه سنڌي ساهت اڪاڊميءَ جو، جيڪو مانيور منسٽر شري پرمود نولڪر پنهنجن شڀ هٿن سان ڏنو. ٻيو انعام 'ابو' تي دهليءَ جي هڪ ادبي سنسٿا رام ڪرشن جئه ديال هارمني اوارڊ مدر ٽيرسيا هٿان مليو - دهلي ۾. ٻو ٽيون انعام، ليڪن لاءِ فخر جو باعث، ساهتيه اڪاڊميءَ جو انعام، 'اجهو' ناول تي مليو جيڪو اڪاڊميءَ جي پريزيڊنٽ شري يو. آر. اننت مورتيءَ پنهنجن مبارڪن هٿن سان ڏنو - بنگلور ۾. اِنهن ٽنهي اِنعامن ۾ نقد رقم کان سواءِ مومينٽو پڻ ڏنا ويا.

ساهتيه اڪاڊميءَ جي انعامي جلسي ۾، ليکڪن جي روبرو مونکي جڏهن تقرير ڪرڻ لاءِ چيو ويو ته مون ڇپيل تقرير پڙهڻ کان اڳ چيو، منهنجي ماتر ڀاشا سنڌي آهي. مان پنهنجي ڀاشا ۾ ئي لکندو پڙهندو آهيان. منهنجو انعامي ناول به سنڌيءَ ۾ ئي لکيل آهي. هندي اسان جي راشٽر ڀاشا آهي. اُها مان ڳالهائڻ - پڙهڻ ڄاڻان ٿو. ڀارت جون ٻيون ڀاشائون منهنجون سوٽيون ماسيون آهن جن سان مان ناتو نڀاهيندو آهيان. گجراتي، مرائي ۽ اُردو منهنجي ويجهو آهن ته اُهي ڪڏهن ڪڏهن مون وٽ اچي ٽڪنديون آهن. باقي وديشي ٻولين سان منهنجو ڪو به سٻنڌ ڪونهي.

مون جيڪا تقرير پڙهي اُن کي سنڌيءَ ۾ نالو ڏنو هوم ۽ روبرو. ليڪن مون اُها هنديءَ ۾ پڙهي جنهنجو تمام سٺو اثر ٿيو. جو ته تقرير ڪرڻ بعد، اِسٽيج ته وينلن مان ڪن ۽ چانهه وقت ڪيترن داد ڏنو.

ليڪن مون کي اِنهن اِنعامن کان به وڏو هڪ ٻيو انعام مليو جلهنجي ڪلپنا ڪرڻ سان ئي سواسن ۾ سرهاڻ ڀرجي ٿي وڃي.

بابا جي ديهانت بعد مون پنهنجي ڏاڙهي نه لاٿي هئي. سوچيو هوم ڏک جا ڏهاڙا گذرن ته پوءِ لهرائيندس. هڪ ڏينهن منهنجي پوٽيءَ رچنا رڙ ڪئي ۽ بابا! مان واڻڙو ٿي سندس منهن تڪڻ لڳس. سوچيم اڄ اُمالڪ پوٽيءَ کي پرڏاڏو ياد آيو آهي .....! منهنجي سامهون اچي چيائين

۽ ڏٺڏي، ڏاڙهيءَ ۾ توهان بابا وانگر پيا لڳو ! مان آئيني جي سامهون وڃي بيلس ۽ غور سان پنهنجو چهرو ڏسڻ لڳس. واقعي! ڏاڙهيءَ سان منهنجو منهن – مهانڊو بابا سان مِليو – جُهليو ٿي ....! سوچ ۾ پئجي ويس. پوءِ مشڪندي، پوٽيءَ ڏانهن نهاريندي چيم ۽ تنهنجيءَ نظر کي داڏُ ٿو ڏيان! اڄ کان پوءِ مان ڏاڙهي نہ لهرائيندس ۽ پنهنجي چهري ۾، پنهنجي پيءُ کي زنده رکندس!

ڏاڙهي رکائڻ ۾ ٻي فائدا ٿيا. پهريون ۽ اڇا داغ ڍڪجي ويا. ٻيو ۽ ڏاڙهيءَ پوٽتان بابا ليکو پائڻ لڳو. ۽ ٽيون ۽ ٽئي 'ادبي انعام' ڏاڙهي رکائڻ بعد مليا ....!

ڏاڙهي وڌائڻ تان هڪ ٻي ڳالهہ بہ ياد اچي ٿي. ڏهہ سال اڳ، ١٩٨٦ع ۾، جڏهن ڪوشليا پرلوڪ پڌاري تہ ڏک وچان مون ٻارهن ڏينهن ڏاڙهي نہ ڪوڙي. وار تہ اڳ ئي اڇا هئا، اچي ڏاڙهيءَ سان بلڪل بزرگ پئي لڳس.

اُنهن ئي ڏينهن بمبئيءَ ۾ پاڪستاني ويزا آفيس کلي. دل اُڇل ڏني تہ مان بہ ويزا فارم ڀريان. فارم ڀرائي، پاسپورٽ کڻي، صبح جو سويل وڃي لائين ۾ بيلس. ڏهين بجي دفتر جو گيٽ کليو تہ پوليس جي هوندي، منهنجي اڳيان، قطار ۾، ڪيئي ماڻهو گهسي بيلا. ماڻهن گهٽوٽي پئي چاليو پر ٻڌڻ وارا سڀ ٻوڙا هئا.

جڏهن منهنجو وارو آيو تہ ڪلارڪ منهنجو نالو پڙهي، شوخ آواز ۾ پڇيو، 'تون پاڪستان ڇو ٿو وڃڻ چاهين؟'

مون لهر سان وراڻي ڏنس، 'سنڌ منهنجو وطن آهي، مان اُن جي سر زمين تي سجدو ڪرڻ ٿو چاهيان، جتي آءٌ ڄائو آهيان!'

هو سرخ اکين سان منهنجو منهن تڪڻ لڳو. مون وارو ويزا فارم ۽ پاسپورٽ پنهنجي آفيسر اڳيان رکندي چيائين، 'سر، هيءُ هندو آهي، پاڪستان وڃڻ ٿو چاهي.'

اُن آفيسر شايد منهنجي ڳالهہ ٻڌي ورتي هئي. اڇي ڏاڙهي، اڇا وار ۽ اُداس چهرو ڏسي چيائين، 'هندو آهي تہ ڇا ٿي پيو. ڇا هندوءَ کي پنهنجي وطن جي سار نٿي ٿي سگهي؟'

مونکي ياد آيو، مون ڪٿي پڙهيو هو تہ هڪ مهاجر جڏهن ويزا وٺي وطن وريو هو تہ پنهنجي پوکيل وڻن سان ڀاڪر پائي روئڻ لڳو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مونکي خاطري ٿي ويئي تہ هيءُ آفيسر پڪ ئي پڪ مهاجر هو ۽ ڪيس وطن جي وڇوڙي جي درد جي ڄاڻ هئي. مون سندس همدردانو رخ ڏسي، التجا ڪندي چيو، ’١٩٤٦ع بعد مون پنهنجي وطن جا وڻ ۽ وڻ ڪين ڏٺا آهن. مهرباني ڪري زندگيءَ جي پوئين پهر ۾ مونکي منهنجو وطن ڏسڻ ڏيو، پنهوارن کي پسڻ ڏيوا‘

هن نيڪدل اِنسان ويزا فارم تي لکيو هٿي، صحيح ڪندي چيو، ’شام جو پنجين بجي تائين ويزا ۽ پاسپورٽ وٺي وڃجو ...!‘

اهڙيءَ طرح ڏاڙهيءَ بدولت مونکي سنڌ وڃڻ جو پروانو حاصل ٿيو ...

۽ آخر ۾، اِنهن سڀني کان وڏو هڪ ٻيو انعام حاصل ٿيو، جيڪو انعام، منهنجي زندگيءَ جي اهم حاصلات، منهنجي هن آتم ڪٿا جي جان آهي، ايسنس آهي، منهنجي هن آتم ڪٿا جي ’دي ائنڊ‘ آهي.

مون اُن حاصلات کي نالو ڏنو آهي — آخري پنا، جيڪو منهنجي هن آتم ڪٿا جو عنوان پڻ آهي ...

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب پنجون

آخري پنا ....

مڏو، منهنجي نندپڻ جي سکا، منهنجي پريسي، جيڪا اڌ صدي اڳ، ۱۹۴۵ع ۾ شادي ڪري مون کان الڳ ٿي ويئي هئي، جنهن کي مون زندگيءَ جي ڪنهن به موڙ تي، هڪ ڏينهن لاءِ به نه وساريو هو، جنهن تي ئي چار ڪهاڻيون پڻ لکيون هئم، اُن مڏوءَ کي پنجاهه سالن بعد ڳولهي لڌو هو ...!

پريم جو ناتو سرير سان نه، آتما سان ٿيندو آهي. اُن جو عمر سان به واسطو نه هوندو آهي. ديهه ناسونت آهي. ڪن پنگر آهي. عمر وڌڻ سان ديهه ۾ پيار لوڀ گهٽجي ويندو آهي، رڳ گهٽجي ويندو آهي. اگر پريم سچو آهي، اُن جو سفر ديهه بجاءِ آتما طرف آهي ته اُن رڳ هيلان ضرور چٽنگ ڍهيل رهجي وڃي ٿي جيڪا ڪڏهن به پڙڪو ڪانه سگهي ٿي. منهنجو پريم رڳ نه ٿيو هو. اُن رڳ هيلان پريم جي چٽنگ هميشه دکندي رهي هئي ...

دل هڪ دفعو ڏبي آهي. اِها ڳالهه استرين سان لاڳو هوندي آهي. هو هڪ دفعو دل ڏينديون آهن ته اُن سان توڙ تائين نباهينديون آهن. پوءِ بلاشڪ ته سرير جو مالڪ ڪو بيو ئي بڻجي ويو هجي! منهنجي حق ۾ ليڪن اُلٽي ڳالهه هئي. مون پنهنجي دل، ڪشور اوستا ۾ ئي، هڪ دفعوئي، مڏوءَ کي ڏني هئي ۽ منهنجي سرير جا حق واسطا ڪوشليا وٽ محفوظ هئا. مون کي مڏوءَ بابت چاڻ ڪانه هئي ته مان ڪيس ياد به هوس يا نه ... ليڪن مون مڏوءَ بابت پوري چاڻ رکي هئي، رکندو آيو هوس ...

جيئن ئي ساهتيه اڪادميءَ جي انعام جي پڌرائي ٿي، مان ڳنگا ۾ ٽبي ڏيڻ هردوار هليو ويس. جڏهن دهليءَ آيس ته سوچيم، جيئن ته مان پنهنجي آتم ڪهاڻي لکي رهيو آهيان ته ڇو نه اُن جي پڇاڙيءَ ۾ مڏوءَ کي به شامل ڪريان. جيڪڏهن اُها انت ۾ نه هوندي ته آتم

ڪٿا اڌوري رهجي ويندي. اِن لاءِ هن سان ملڻ ضروري هو پوءِ پل تہ هن جو منهنجي باري ۾ ڪهڙو بہ ويچار هجي، مان ڪيس ياد هجان چاهي نہ هجان ...!

مون ڪوشش ڪري هن جي ائڊريس هٿ ڪئي. اُن پتي تي پهتس تہ خبر پيئي سندس پتي بيمار هو ۽ هڪ نويڪلي فليٽ ۾ آرام ڪري رهيو هو جتي سندس پتني مدو بہ ساڻ هئي. مون سوچيو مان هئي ڪم ڪندس. مدوءَ سان بہ گڏبس ۽ سندس پتيءَ ڪان صحت بابت پڇ پڇي ايندس. مون وٽ سندس نئي فليٽ جي ائڊريس ۽ فون نمبر موجود هو. مون اُهو فون نمبر پڪيءَ طرح ياد ڪري ڇڏيو. پهرين سوچيم ڪيس فون ڪريان، پر پوءِ فون ڪرڻ جو خيال لاهي ڇڏيم.

پني تي جيڪا ائڊريس لکيل هئي، اُها جاءِ، جتي مان رهيل هوس، اُن کان گهڻو پري نہ هئي. دل ۾ چيم سڀاڻي صبوح جو اِن پتي تي پهچي، مدوءَ سان ملي، پنجاهہ سالن کان سانڊيل آس پوري ڪري، مڪت ٿي ايندس. جنهنجي يادن سان جڪڙيل هوس، اُن مان آزاد ٿي ايندس ...!

اُها رات مون الائي ڪيئن گذاري ...

صبح جو جڏهن وڃڻ جون تياريون ڪرڻ لڳس تہ هيري نڪر چيو، ’مان گڏجي هلانءِ؟‘

مون چيو، ’نہ، اُتي مونکي اڪيلو وڃڻ ڏي. جيئن سسئيءَ پنهون لاءِ جبل ۽ برپٽ جهاڳيا هئا، مون کي دهليءَ جون سڙڪون ماپڻ ڏي، خاڪ ڇاڻڻ ڏي ... مونکي پنهنجو پرين پاڻ ڳولهڻ ڏي!‘

مون گهر پهچي جڏهن هيري نڪر ۽ گهر وارن کي حقيقت کان واقف ڪيو هو تہ سڀ کليا هئا، هو سڀ پيريءَ ۾ هڪ عاشق کي ديوانو ٿيندو ڏسي رهيا هئا ...

پوڇا نيرن تي مالپڙا ڪاهي ڪٺي آئي. چي، پائو منهن ملو ڪري پوءِ وڃو ...!

مان منهن ملو ڪري، ڌڙڪندڙ دل سان روانو ٿيس، پنهنجي وڇڙيل پريتما مدوءَ سان ملڻ، پورن پنجاهہ سالن بعد، سندس ئي گهر ...

اُن ملاقات جا مون جيڪي تاثرات لکيا ـــ ’آخري پنا‘ عنوان سان، اُهي، هتي هوبهو پيش ٿو ڪريان :ـــ

من ـ ساڳر منٿن سان امرت ۽ وش، ٻئي ظهور ۾ ايندا آهن. اِهي ٻئي انساني من جون پرسٽتيون آهن، پرورتيون آهن، جن سان ليکڪ کي پڻ منهان منهن ٿيڻو پوي ٿو، جوجهڻو پوي ٿو ۽ پنهنجين رچنائن ۾ اُنهن جو اِظهار ڪرڻو پوي ٿو.

ليکڪ کي ٻن ٻين پرورتين سان ٻہ دوبدو ٿيڻو پوي ٿو. هڪ آهي پريم پرورتي ۽ ٻي آهي رودر پرورتي. پريم وس هو رومانوي ڀاونائن کي اِظهاري ٿو ۽ رودر موڊ ۾ ڪاوڙ جو اظهار ڪري ٿو. اِهي ٻئي وشو وياپي پرورتيون آهن جن تي ساهتڪار ڪلڪراني ڪندا آيا آهن.

مان هن وقت پريم پرورتيءَ جي اثر هيٺ آهيان. اڄ مان اڌ صدي گذرڻ بعد پنهنجيءَ پريمڪا سان ملي آيو آهيان. ملڻ بعد، ڳالهائڻ وقت، هن جو مرم وچان ڪجهہ نہ ڪڇڻ، منهن جهڪائي صرف ٻڌندو ۽ مشڪندو رهڻ، منهنجي ذهني ڪئنواس تي لئنڊاسڪيپ جيان چٽجي ويو آهي.

اڄ مان بيحد جالي موڊ ۾ آهيان. پنجاهہ سالن کان جنهنجي ياد کي سيني اندر سانڍيندو آيو آهيان، ملڻ چاهيندي بہ ملڻ کان هٻڪندو رهيو آهيان، ڪنهن ووِاهتا ناريءَ سان، ڪنهن پر پُرش جو ملڻ سهائيندو ناهي، جڏهن تہ اُهو سندس پريمي آهي، اِهو سوچي اڳتي وڌڻ کان هچڪندو رهيو هوس، ليڪن اڄ همت ڪري، مان ساڻس گڏجي آيو آهيان.

اُهو سمورو وقت هن صرف ٻڌيو ۽ مشڪيو ويلي ۽ مون هن جي چهري ۾ نهاريو ويلي ....

’ٿورو تيز هل!‘ مون سائيڪل رڪشا واري کي چيو.

’تيز تہ هلان پيو صاحب!‘

’اڃا ٿورو تيز نٿو هلي سگهين؟ مان توکي دل گهريو دام ڏيندس!‘

سائيڪل رڪشا اڃا تيز هلڻ لڳي.

’ترس!‘ مون رڙ ڪئي.

رڪشا هلائيندڙ اوچتو بريڪ ڏيئي رڪشا بيهاري ڇڏي.

’پهرين هنن ٻارن ۽ سندن ماءُ کي رستو ڪراس ڪرڻ ڏي!‘

’توهان تہ مونکي ڊيڄاري ڇڏيو هو. مان سندن پاسي کان لنگهي وڃان ها ...‘

’تہ بہ سنڀال ڪرڻ ضروري هئي.‘

سائيڪل رڪشا ساڳيءَ رفتار سان هلڻ لڳي.

’توکي اُن سوسائٽيءَ جو پتو آهي نہ؟‘

’مان اُن ئي علائقي جو آهيان. ڪيترا دفعا اُتان لنگهيو آهيان. ڪيترا دفعا سواريون اُتي ڪٽي ويو آهيان. توهان ڪو فڪر نہ ڪريو.‘

’بلڊنگ سلي آهي؟‘

’هڪ بلڊنگ ناهي. ڪمپائونڊ اندر ڪيئي بلڊنگون آهن.‘

مان ائڊريس وارو پنو ڪڍي پڙهان ٿو : بلڊنگ نمبر ۸، فليٽ نمبر ۳، پهريون ماڙ ...

’تو هيءَ بلڊنگ ڏٺي آهي؟‘

’سوسائٽيءَ جي ڪمپائونڊ اندر اسان کي وڃڻ جي اِجازت ڪانهي. ڦاٽڪ وٽ سڪيورٽيءَ وارا بيلا هوندا آهن. اُهي توهان کان بہ پڇندا، پوءِ اندر وڃڻ ڏيندا.‘

مان سوچڻ لڳس مون کان اگر هو پڇندا تہ مان هنن جو ڪير لڳندو آهيان تہ مان ڪهڙو جواب ڏيندس؟ ـــ مان، ڪين جواب ڏيندس تہ مان هنن جو متر آهيان، شپ چنتڪ آهيان، بمبئيءَ مان ساڻن ملڻ لاءِ آيو آهيان! ڪين ائڊريس وارو پنو بہ ڏيکاريندس ...

ائڊريس وارو پنو هٿ ۾ جهلي مان اطمينان سان ويهي رهيس.

سائيڪل رڪشا هلندي رهي ۽ مان سرد هوا سان مقابلو ڪندو رهيس. ڪنن مٿان مفلر ويڙهي ڇڏيم. سردي وڌي ويئي هئي. رڪشا واري کان پڇيم، ’اڃا ڪيترو پري آهي؟‘

’بس، اچي پهتا آهيون. هيءُ رستو، جنهن تان اسين هلي رهيا آهيون، جتي پورو ٿيندو، اُن جي ڏائي طرف اُها سوسائٽي آهي.‘

مان هيري ٺڪر جي گهر رهيل هوس. سندس گهر پيتم پُرا ۾ آهي. ائڊريس پڙهي هيري چيو، ’هيءُ پتو تہ پرم ابيچنداڻي جي ڪالونيءَ جو آهي! تو پرم جو گهر تہ ڏٺو آهي نہ؟‘

’اُهو رات جو سمو هو جڏهن توسان گڏجي هليو هوس. هينئر مان سندس گهر ڳولهي نہ سگهندس.‘

’تہ پوءِ مان ٿو گڏجي هلان.‘

’نہ هيرا، مان اُتي اڪيلو ويندس. مان پنجاهہ سالن بعد هن جي

سامهون وچي رهيو آهيان. مان اڪيلوئي اُن اسٽيٽيءَ کي پوڳڻ ۽ ماڻڻ چاهيان ٿو ا'

هيري لڪر پياري مرڪ مرڪندي چيو، 'تہ پوءِ منهنجون شپ ڪامنائون قبول ڪرا'

'ٿئنڪيو ...ا' مون مرڪي وراڻيو.

'ٻائو، منهن ملو ڪري وڃجو.' پوجا لڪر رنڌٽي مان ياد ڏياريو.

سائيڪل رڪشا هڪ وڏي ڦاٽڪ ٻاهران اچي بيٺي. رڪشا ڊرائيور هيٺ لهي چيو، 'توهان جي منزل اچي ويئي صاحب!'

منهنجي منزل ...؟ من ۾ چيم : ڪڏهن تہ منزل جي ويجهو پهچي بہ نہ پهچي سگهبو آهي ... رهجي وڃبو آهي ... جيئن مان رهجي ويو هوس ...!

مان رڪشا مان هيٺ لهي بيهي رهيس.

'ائڊريس پڙهي پڪ ڪريو، توهان کي هتي ئي اچڻو هو نہ؟'

'ها، مونکي هتي ئي اچڻو هو. مان صحيح جاءِ تي پهچي ويو آهيان.' من ۾ چيم : ڇا ٿي پيو جي هن جاءِ تائين پهچڻ ۾ مونکي وڏو عرصو - پنجاهہ سال لڳو آهي.

'واپس هلندا يا مونکي هتي ئي ڇڏيو ٿا؟'

'تون هتي ترسين تہ مان توسان گڏجي واپس هلندس، جتان تون وٺي آيو هئين.'

'ٺيڪ آهي. مان هتي ئي ترسان ٿو. پر ٿورو جلدي اچجو نہ تہ سوسائٽيءَ جو چوڪيدار حيران ڪندو.'

مان ڦاٽڪ ٽپي اندر داخل ٿيس. خاڪي وردي پيل واچمئن پڇيو، 'ڪنهن وٽ وڃڻو اٿو؟'

مون هٿ وارو پنو ڏانهنس وڌايو.

ائڊريس پڙهي، سامهون نهاري چيائين، 'هوءَ جيڪا سامهون بلڊنگ ڏسو ٿا، اُها ستون نمبر آهي. ائون نمبر اُن جي پليان آهي. پهرين ماڙي تي سندن فليٽ آهي. پر وڃڻ کان پهرين رجسٽر ۾ پنهنجو نالو ۽ پتو نوٽ ڪري وڃو.' بال پين ڏيئي، هن ڪائونٽر تي رکيل رجسٽر طرف اِشارو ڪيو.

مون پنهنجي بال پين ڪڍي رجسٽر ۾ نالو ۽ پتو نوٽ ڪيو. ائڊريس وارو پنو ورائي مان سامهون اڳتي وڌيس.

ڪمپائونڊ اندر، هرهڪ بلڊنگ جي اڳيان سائي چهر ۽ سياري جا موسمي گل نڙيل هئا. صبوح جي پهر سبب چهر کي پاڻي ڏنو ويو هو جنهن مان ٿورو پاڻي ٻاهرين راهداريءَ تي وهي آيو هو.
مان اُنهن جهومندڙ گلن طرف نهاريندو، سلوار جي پائنچن کي گپ چڪ کان بچائيندو، اڳتي وڌندو ويس.
ننڍي هوندي ڪئنال ۽ گنگا ۾ غوطا کاڌا هئم. هينئر به غوطا کائي رهيو هوس، سُڪيءَ تي! وڃان نه وڃان، دل من هٽندو، اڳتي وِکَ وڌائيندو پئي ويس. مونجهارن جي ڪُنَ ۾ ڦيرائيون پئي کاڌم. نه سُڃاتائين تہ؟ مان سائنس جو ۽ ڪهڙيءَ مراد سان ملڻ آيو هوس، جاڻڻ چاهي تہ؟ مان ڇا سندس ڪنهن به سوال جو جواب ڏيئي سگهندس؟ مان ڇا اهڙيءَ اِسٽيءَ ۾ هوس جو بنا ڪنهن اُلڪي چئي سگهان تہ مان اڃا تائين ڪيس چاهيان ٿو ... ياد ڪريان ٿو ... هيتري عرصي گذرڻ بعد به مون ڪيس نہ وساريو هو ...! هر پل، هر گهڙيءَ ياد ڪيو هو ...! هوءَ مُنهنجو پهريون ۽ پويون پيار هو ...! پر هوءَ يقين ڪندي؟ مورک سمجهي من ئي من ئي من ٺٺولي نہ ڪندي؟
مان اِنهن سوالن ۽ انديشن جا ڏک سهندو، سهسائيندو، اڳتي وڌندو رهيس ... ستون نمبر بلڊنگ اورانگهي، اٺون نمبر بلڊنگ جي مهڙ وٽ پهچي بيهي رهيس.
سامهون ڏاڪڻ هئي. مون کي صرف هڪ ئي فلور مٿي چڙهڻو هو. پهرين ماڙي تي ئي اُهو فليٽ هو جنهنجي دروازي تي دستڪ ڏيڻ جو ساهس ڪٺو ڪندو آيو هوس ...
پهرين ماڙي تي پهچي بيهي رهيس. آمهون سامهون به فليٽ هئا. مون وارو گهربل فليٽ کاٻي طرف هو. فليٽ جي ٻاهران نمبر لڳل هو. هٿ وڌائي، ڪال بيل جو بٽڻ دٻائي، مان ٿورو پريان هٽي بيهِس. منٽ کن جي انترال بعد دروازو کليو. دروازي تي ٻارهن تيرهن سالن جو هڪ ڇوڪرو بيٺو هو.
’صاحب گهر ۾ آهي؟‘ مون ڇوڪري طرف نهاري پڇيو.

’توهين ڪير آهيو؟‘ ڇوڪري بيلي بيلي پڇيو.

’مان هردوار مان آيو آهيان. صاحب بيمار آهي، مان ڪائنس حال چال پڇڻ آيو آهيان.‘

ڇوڪري کي اطمينان ٿي ويو. دروازي تان هٽي، مونکي اندر اچڻ ڏنائين. دروازو بند ڪري هو اڳيان وڌيو. مان سندس پويان هلڻ لڳس. هو مونکي هڪ ڪمري ۾ وٺي ويو جنهن ۾ بسترو پٽ تي وڇايل هو، اُن تي هڪ شخص چادر اوڙهي سمهيو پيو هو. اُهو شايد مڌوءَ جو پتي هو. مون کيس اڳ، ڪڏهن نہ ڏٺو هو. مان اُن ڪمري ۾ هڪ منٽ مس ترسيس. ڇوڪري طرف نهاري چيم، ’صاحب جي پتني مڌو ڪٿي آهي؟‘

’پاپي؟ اُها سنان جاءِ ۾ آهي.‘

’ٺيڪ آهي. جيستائين هوءَ اچي، مان ڊرائنگ روم ۾ سندس اِنتظار ڪريان ٿو.‘

ڇوڪري مونکي ڊرائنگ روم ۾ هلي ويهاريو.

’چانهہ ٺاهي ڪٿي اچان؟‘ ڇوڪري فضيلت سان پڇيو.

’تنهنجي پاپي اچي پوءِ ...‘

سنان جاءِ مان زنانو آواز آيو، ’مُنا، ڪير آهي؟‘

ڇوڪري اُتان ئي وراڻيو،’هردوار مان ڪو صاحب بابوجيءَ لاءِ پڇڻ آيو آهي.‘

’ڇگو، ويهارينس، مان اچي ٿي.‘

ساڳيو آواز وري ٻڌم. ڪافي عرصي بعد اُهو آواز ٻڌو هوم. مان اُن آوازي ڇهري کي ساڪيات ڏسڻ لاءِ بيتاب هوس. اُن ڇهري لاءِ سوچيندي سوچيندي، غوطا کائيندي کائيندي، مس وڃي ڪنارو نظر آيو هو ... درياهہ ۾ ڪُنن جا ڪڙڪات ٻڌندي، ٻچندي، هُن پر ڪان هِن پر اچي پهتو هوس ... وچ ۾ ڪيترو نہ پاڻي وهي ويو هو؟ ... ڪيترو نہ چاليو هوم : تون ڪٿي آهين، تون ڪٿي آهين مڌو؛ تو تائين منهنجي دل جي صدا ڇو نٿي پهچي؟ مان وچ سير مان ترندو ترندو تو تائين پهتو آهيان ... تون منهنجي سامهون اچ، مڌو، تون منهنجي سامهون اچ ... مونکي پنهنجو مکڙو پساءِ ... مونکي وڌيڪ بي تاب نہ ڪر ... مونکي مکتي ڏي ... پنجاهہ سالن جي پوڳنا کان ڇوٽڪارو ڏي ... نہ، مڌو، تنهنجي ۽ منهنجي عمر ڪا معنيٰ نٿي رکي ... بلاشڪ نہ تون هن وقت پنجهٺ جي آهين ڇو

تہ مان ستهڻ جو آهيان ۽ تون مونکان ٻہ سال ننڍي هئينءَ ... ليڪن مون پنهنجي ذهن ۾، من ۾، تنهنجي ۽ منهنجي عمر جو انگ لکيو ئي نہ آهي ... انگن کان منهنجي سليٽ خالي آهي ... منهنجي ليکي، اسان جي عمر اوتري ئي آهي جنهن عمر ۾ اسين هڪ ٻئي کان جدا ٿيا هئاسين ... تون پنڌرهن ڏيڍهن واري آهين تہ مان ٻہ تو وانگر نئين وارو آهيان ... پوءِ بہ تو طرف منهنجي پريم جي گرمائش گهٽ نہ ٿي آهي ... اُها هميشه دکندڙ ڪاٺيءَ جيان دکندي، دونهون ڪيندي رهي آهي ... اُن ڪڏهن بہ پنهنجي جو روپ نہ ورتو ... پنهنجي ٻٽجي ها تہ مان گهٽو اڀ اُن اڳنيءَ ۾ جلي خاڪ ٿي ويو هجان ها ...! اُن بجاءِ، تو طرف منهنجو پيار جهيڻي باهہ ۾ تپندو، گرم ٿيندو، ڪندن ٻڻجندو رهيو آهي ... منهنجو پريم سرير کان آتما طرف سفر ڪندو رهيو آهي ... اُهو پريم منهنجي جيءَ کي جلائڻ بجاءِ، جرڪائيندو رهيو آهي ... روشني بخشيندو رهيو آهي ...!

تون، مڌو، اِهو سچ ڄاڻج تہ تنهنجي پيار ۾ مون ڪنهنکي بہ حسيدار نہ بڻايو آهي. اُهو صرف تو لاءِ هو، تو لاءِ آهي، تو لاءِ ئي رهندو ... تو هڪ لهر ٻڻجي منهنجي جيون ۾ پرويش ڪيو هو ۽ مون اُن لهر کي پنهنجي وجود ۾ سمائي ڇڏيو هو ... اُن لهر سان گڏ پاڻ کي لوڙهي ڇڏيو هوم ...!

تو، ها مڌو، "تو، تو هرمَ ۽ حياءُ وچان پنهنجي مکَ مان هڪ بہ اکر نہ اُچاريو هو، صرف مونکي ڀڏو هو؛ ۽ مون، تنهنجي اُن ڪجهہ بہ نہ چوڻ ۾، سڀ ڪجهہ ڀڏي ورتو هو. جڏهن مون دروازي طرف رخ ڪيو هو تہ تو اُمالڪ ٻڪيو هو : اُن بعد مان وري ڪڏهن هردوار ڪانہ ويس ...!!

دروازي تائين پهچي، تنهنجو ڀُڪي ۾ چيل جملو ٻڌي، سچ تہ مڌو، مان دنيہ ٿي ويو هوس ... منهنجو سينو ڦوندڄي ويو هو ... مونکي تو طرف نهارڻ جي ضرورت ڪانہ پيئي هئي ... اُهو جملو منهنجي حياتيءَ جي پونجي ٿي رهندو ... اُهو منهنجي زندگيءَ جو، هن آتم ڪٿا جو، 'آخري پنو' هوندو ...!

۽ پوءِ مون هيءَ ڪويتا لکي :

تون شڪي آهين،
شڪي رهج.
منهنجو ڇاهي
منهنجو وقت
لوڪل ۾
بس ۾
ٽئڪسيءَ ۾
سفر ڪندي
پنڌ ڪندي
ڪنجي پيو
ڪنجي ويندو —
باقي سفر ئي ڪيترو ...!

۽ مڙو،
مان توکي هميشه
اُپ نالي سان ئي پڪاريندس
ياد ڪندس؛
تنهنجو نالو —
سچو نالو
ڪڏهن نہ اُچاريندس
لکندس —
ڪهاڻيءَ ۾
ناول ۾
خواه جيونيءَ ۾ ...!

منهنجي آتم ڪهاڻيءَ جا ’آخري پنا‘ — ١٢-١٢-١٩٩٦

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙ، ياڙي، ڪائو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني ۾ چان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻڻ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَ نَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَ نَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ بيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃِن.

شيخ اَيازَ علمَ، جانڻ، سمجهَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٺين، جيڪي بہ ڪٺين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪچي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چوءِ چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياکي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book